# هوسيع

## هوسيع نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

"هوسيع" نالي هي مقدس ڪتاب انهيءَ نبيءَ جي نالي سان منسوب آهي، جنهن عاموس نبيءَ کان پوءِ اترينءَ بادشاهت اسرائيل ۾ تبليغ ڪئي. حضرت هوسيع انهيءَ ڏکئي وقت ۾ تبليغ ڪئي، جيڪو سامريہ شهر جي تباهيءَ کان اڳ ۾ هو. سامريہ جو خاتمو سن 721 قبل مسيح ۾ ٿيو. هوسيع نبيءَ جو گهڻو زور ماڻهن جي بت‌پرستيءَ ۽ خدا سان سندن بي‌وفائيءَ خلاف هو. بي‌وفائيءَ جي باري ۾ سمجهائيندي حضرت هوسيع پنهنجو مثال ڏنو تہ ڪيئن هن گمر نالي هڪ اهڙيءَ عورت سان شادي ڪئي، جنهن ساڻس زال جي حيثيت ۾ بي‌وفائي ڪئي. ساڳيءَ طرح خدا جي ماڻهن خداوند کي وساري ساڻس بي‌وفائي ڪئي. انهيءَ سبب ئي خدا بني اسرائيل کي سزا ڏيندو. تنهن هوندي بہ آخر تائين خدا جي دائمي شفقت پنهنجي ماڻهن تي رهندي ۽ هو پنهنجي قوم کي پنهنجو تابعدار بڻائي ساڻس وري لاڳاپا بحال ڪندو. خداوند پنهنجو اهو پيار هنن لفظن ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ "اي اسرائيل وارؤ! آءٌ ڪيئن اوهان کي ڇڏي ڏيان، آءٌ ڪيئن اوهان کي ٻين جي حوالي ڪريان! ... منهنجي دل اندر ۾ وٽ تي ڪائي. منهنجي رحمت جوش ۾ ٿي اچي" (11:8).

### سِٽاءُ

حضرت هوسيع جي شادي ۽ سندس ڪٽنب 1:1–3:5
اترينءَ بادشاهت اسرائيل جي خلاف پيغام 1:4–13:16
توبہ‌تائب ٿيڻ جو سڏ ۽ واعدي جو پيغام 1:14–9

---

1 (1) انهن ڏينهن ۾ جڏهن اسرائيل تي يربعام ثاني ولد يهوآس
جي بادشاهي هئي ۽ يهوداہ تي عُزياہ، يوتام، آخز ۽ حزقياہ جون
بادشاهتون هيون، تن ڏينهن ۾ هوسيع ولد بيريءَ جي معرفت خداوند
جو اهو پيغام ڏنو ويو.

### هوسيع جو ڪٽنب

(2) خداوند شروع ۾ هوسيع کي فرمايو تہ "اي هوسيع! جيئن تہ
اسرائيل وارا هڪ بي‌وفا زال وانگر مون خداوند کان ڦري ويا آهن.
سو تون وڃي هڪڙي بي‌وفا عورت سان شادي ڪر ۽ سندس ئي جهڙا
ٻار پيدا ڪر." (3) سو هوسيع وڃي ڊبلائم جي ڌيءَ گمر سان شادي
ڪئي، جنهن مان کيس هڪ پٽ ڄائو. (4) تڏهن خداوند هوسيع کي
فرمايو تہ "انهيءَ ٻار جو نالو يزرعيل رک، ڇالاءِ جو ٿوري ئي عرصي
۾ آءٌ ييهوءَ جي شاهي گهراڻي ۾ اهڙو قتلام وجهندس، جهڙو هن
*يزرعيل شهر ۾ وڌو هو. اهڙيءَ طرح آءٌ اسرائيل تان سندس گهراڻي
جي بادشاهي ختم ڪري ڇڏيندس. (5) انهيءَ ڏينهن آءٌ يزرعيل جي
ماٿريءَ ۾ اسرائيل جي لشڪر جو زور بہ ٽوڙي ڇڏيندس."
(6) گمر وري پيٽ سان ٿي ۽ کيس هڪ ڌيءَ ڄائي. تڏهن خداوند
هوسيع کي فرمايو تہ "انهيءَ جو نالو †لورحامہ رک، ڇالاءِجو آءٌ
اسرائيل وارن تي اڳتي وري رحم نہ ڪندس، نڪي ڪين ڪنهن طرح
معافي ڏيندس. (7) پر يهوداہ وارن تي آءٌ رحم ڪري ڪين بچائيندس.
اهي نڪي تيرڪمان، تلوار، گهوڙن يا گهوڙي سوارن جي وسيلي،
نہ وري ڪنهن ٻئي جنگي هٿيار جي وسيلي بچي نڪرندا، بلڪ آءٌ
خداوند سندن خدا پنهنجي قدرت جي ئي وسيلي ڪين بچائيندس."

---

*يزرعيل شهر: هن شهر ۾ ييهوءَ اسرائيل ملڪ جي بادشاهہ ۽ سندس سڄي ڪٽنب کي قتل ڪري ڇڏيو هو ۽ اسرائيل ۾ نئين شاهي گهراڻي جو بنياد وڌو هو. ڏسو 2.بادشاهہ 9 ۽ 10 باب.

†لورحامہ: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي "رحم جوڳي نہ آهي".

1:1 2.با 14:23–15:7، 15:32–16:20، 18:1–20:21، 2.توا 26:1–27:8، 28:1–32:33 4:1 2.با 10:11

8 هاڻي جڏهن لورحامہ جو ٿڃ ڇڏايو ويو، تڏهن گمر وري پيٽ
سان ٿي ۽ کيس پٽ ڄائو. 9 تڏهن خداوند وري هوسيع کي فرمايو تہ
”انهيءَ جو نالو *لوعمي رک، ڇالاءِجو هاڻي اسرائيل وارا منهنجي
قوم نہ آهن، نڪي آءٌ هنن جو خدا آهيان.“

## اسرائيل ملڪ جي بحاليءَ لاءِ خداوند جو واعدو

10 انهيءَ هوندي بہ اسرائيل وارن جو تعداد سمنڊ جي واريءَ جيترو
گهڻو هوندو، جيڪا نہ ماپي ٿي سگهجي ۽ نہ ڳڻي ٿي سگهجي.
پوءِ جنهن هنڌ کين ائين چيو ويندو هو تہ ”†اوهين خداوند جي قوم
نہ آهيو،“ انهيءَ هنڌ کين هيئن چيو ويندو تہ ”اوهين زنده خدا جا
ٻار آهيو.“ 11 تڏهن اسرائيل وارا ۽ يهوداہ وارا وري گڏ ٿي ويندا ۽
پنهنجي لاءِ هڪڙو ئي سردار چونڊيندا. پوءِ هو پنهنجي ملڪ ۾ وڌندا
ويجهندا ۽ خوشحال ٿيندا ۽ اهو هڪ عظيم وقت ٿيندو جڏهن ‡يزرعيل
جو نالو سچو ثابت ٿي ويندو.

2

1 سو اهي پنهنجي همقوم ڀائرن
کي ¶عمي سڏين ۽ پنهنجي همقوم ڀينرن کي §رحامہ سڏين.

## اسرائيل وارا هڪ بي‌وفا زال مثل

2 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي منهنجا ٻارؤ! اوهين پنهنجي ماءُ سان حجت ڪريو،
توڙي جو هن سان هاڻي منهنجا زال مڙس وارا تعلقات نہ آهن،
تہ بہ اوهين ساڻس حجت ڪريو،
تانتہ هوءَ زنا ۽ بدڪاري ڇڏي ڏئي.
3 ائين نہ ٿئي جو سندس ڄمڻ جي وقت وانگر
آءٌ کيس بلڪل اگهاڙو ڪري ڇڏيان،
يا ائين نہ ٿئي جو آءٌ کيس بيابان جهڙو ويران ڪري ڇڏيان.
هائو، آءٌ کيس ٺوٺ زمين جهڙو ڪري ڇڏيانس،
۽ پياسو ڪري ماريانس.
4 تڏهن آءٌ سندس اولاد تي ڪو رحم نہ ڪندس،
ڇوجو اهي زناڪاريءَ مان پيدا ٿيا آهن.
5 سندن زناڪار ماءُ جنهن مان اهي ٻار پيدا ٿيا،
تنهن هڪ تہ زناڪاري ڪري بي‌حيائيءَ جو ڪم ڪيو،
ٻيو وري چوي ٿي تہ
’آءٌ پنهنجي انهن زناڪار يارن جي پٺيان لڳي وينديس،
جيڪي مون کي کاڌو توڙي پاڻي،
بلڪ اُن، سٽي، زيتون جو تيل ۽ مئي پڻ ڏين ٿا.‘
6 تنهنڪري هاڻ آءٌ لوڙهو ڏيئي سندس رستو بند ڪندس،
هائو، هن جي آڏو ڀت ڪيندس، تانتہ کيس ڪو رستو نہ ملي.
7 هوءَ پنهنجي عاشقن جي پٺيان لڳندي،
پر کين پهچي ڪين سگهندي.
هائو، هوءَ انهن کي ڳولهيندي رهندي پر لهي نہ سگهندي.
تڏهن هوءَ چوندي تہ
’آءٌ پنهنجي پهرين مڙس ڏانهن موٽي وينديس،
ڇوتہ هاڻي جي ڀيٽ ۾ منهنجي ان وقت واري حالت بهتر هئي.‘
8 هن اهو بلڪل نہ ٿي مڃيو تہ آءٌ ئي اهو خدا آهيان،
جنهن کيس اناج، مئي ۽ زيتون جو تيل ڏنو،
۽ مون ئي کيس اهو جهجهو سون ۽ چاندي عطا ڪيو،
جيڪو هن بعل ديوتا جي پوڄا تي خرچ ڪيو.
9 سو هاڻ فصل لهڻ تي
آءٌ ڪانئس پنهنجو اناج ۽ مئي موٽائي وٺندس.
آءٌ ڪانئس اها اُن ۽ سٽي بہ کسي وٺندس،
جنهن مان ٺهيل ڪپڙي سان هوءَ پنهنجي اوگهڙ ٿي ڍڪي.
10 هاڻي آءٌ هن جي يارن آڏو
کيس اگهاڙو ڪري خوار خراب ڪندس،
۽ ڪوبہ کيس منهنجي هٿان ڇڏائي نہ سگهندو.
11 آءٌ هن جون سموريون خوشيون ختم ڪري ڇڏيندس.
هائو، نئين چنڊ، سبت ۽ سندس عيدن جا ڏينهن،
مطلب تہ سندس سڀ پاڪ گڏجاڻين جا ڏينهن
آءٌ کيس ملهائڻ نہ ڏيندس.
12 آءٌ سندس اهي انگورن جا باغ،
۽ انجير جا وڻ برباد ڪري ڇڏيندس،
جن بابت هن چيو آهي تہ
’هي منهنجي يارن جو ڏنل عيوضو آهن.‘
آءٌ انهن باغن کي جهنگ بڻائي ڇڏيندس،
جن کي جهنگلي جانور برباد ڪري ڇڏيندا.
13 آءٌ انهيءَ کي سندس انهن ڏينهن جي سزا ڏيندس،
جڏهن هوءَ مون کي وساري بعل ديوتائن جي پوڄا ڪندي هئي،

---

*لوعمي: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”منهنجي قوم نہ آهي“.
†اوهين خداوند جي قوم نہ آهيو: يعني عبراني ٻوليءَ ۾ ”لوعمي“.
‡يزرعيل: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”خدا پوکي ٿو،“ جنهن مان مراد وڌڻ ويجهڻ ۽ خوشحالي آهي.
¶عمي: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”منهنجي قوم“.
§رحامہ: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”رحم جوڳي“.

10:1 رو 26:9

۽ انهن جي آڏو لوبان ساڙيندي هئي.
هائو، آءٌ انهيءَ کي سندس انهن ڏينهن جي سزا ضرور ڏيندس،
جڏهن هوءَ زيور پائي سينگار ڪري
پنهنجي يارن جي پٺيان ويندي هئي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## پنهنجي قوم لاءِ خداوند جي محبت

14 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو ته
”پر هاڻي ڏسو، آءٌ هن کي سمجهائيندس،
۽ ڏتاري بيابان ڏانهن وٺي وڃي ساڻس پيار سان ڳالهائيندس.
15 پوءِ آءٌ سندس انگورن جا باغ کيس موٽائي ڏيندس،
۽ *ڏک جي ماٿريءَ کي پڻ هن لاءِ اميد جو گذرگاهه بڻائيندس.
تڏهن هوءَ اتي جوانيءَ جي ڏينهن وانگر مون کي موٽ ڏيندي،
جيئن مصر جي ملڪ منجهان نڪرڻ وقت
هن مون سان پيار ڪيو هو.
16 پوءِ انهيءَ ڏينهن هوءَ مون کي وري پنهنجو مڙس سڏيندي،
۽ اڳتي مون کي پنهنجو †بعل نه سڏيندي،
17 جيئن ته آءٌ سندس ذهن مان
بعل ديوتائن جا نالا ڪڍي ڇڏيندس،
تنهنڪري هوءَ وري ڪڏهن به انهن جو نالو ڪين وٺندي.

18 انهيءَ ڏينهن آءٌ جهنگلي جانورن،
پکين ۽ سرندڙ جيتن کي حڪم ڪندس ته
اهي منهنجي قوم کي ڪوبه نقصان نه پهچائين.
آءٌ سڄي اسرائيل ملڪ مان
جنگ جا هٿيار نيست وَ نابود ڪري ڇڏيندس.
هائو، تيرڪمان توڙي تلوارون سڀيئي ناس ڪري ڇڏيندس.
اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي قوم کي
سندن ملڪ ۾ امن امان سان رهڻ ڏيندس.
19 اي بني اسرائيل قوم!
آءٌ تو سان هميشه زال مڙس وارو اهڙو لاڳاپو جوڙيندس،
جيڪو سچائيءَ، عدل، رحمت ۽ دائمي شفقت وارو هوندو.
20 بيشڪ آءٌ تو سان اهو لاڳاپو هميشه لاءِ جوڙيندس،
تڏهن تون چاڻي وٺندينءَ ته آءٌ ئي خداوند آهيان.
21-22 انهيءَ ڏينهن آءٌ تو ‡يزرعيل جون گهريل دعائون ٻڌندس،
هائو، آءٌ آسمان کي حڪم ڪندس،
ته اهو زمين تي برسات جو وسڪارو ڪري.
تڏهن زمين اناج، انگورن ۽ زيتونن جو جهجهو فصل اُپائيندي.
23 آءٌ تو پنهنجي قوم کي
تنهنجي ملڪ ۾ قائم ڪري خوشحالي عطا ڪندس.
آءٌ تو تي رحم ڪندس،
جنهن کي ¶ ’رحم جوڳي نه آهي‘ سڏيو وڃي ٿو،
آءٌ تو کي پنهنجي قوم پڻ سڏيندس،
جنهن کي § ’منهنجي قوم نه آهي‘ سڏيو وڃي ٿو.
تڏهن تون مون کي وراڻي ڏيندينءَ ته
’تون ئي منهنجو خدا آهين.‘“

## هوسيع ۽ بيوفا زال

3 1 خداوند مون هوسيع کي وري فرمايو ته ”اي هوسيع! وڃ،
تنهنجي اها زال جيڪا تو کي ڇڏي ٻين کان زناڪاري ٿي
ڪرائي، تنهن سان تون رابطو ڪري وري محبت رک. اهو مون
خداوند جو مثال ٿيندو، جهڙيءَ طرح آءٌ اسرائيل وارن سان محبت ٿو
رکان، توڙي جو اهي ڌري ٻين معبودن جي اڳيان جهڪيا آهن ۽ بتن
آڏو ڪشمش جون ٽڪيون خوشيءَ سان نذراني طور پيش ڪن ٿا.“
2 سو مون **چانديءَ جي پندرهن سڪن ۽ هڪ سؤ پنجاهه
ڪلوگرام جَون جي عيوض اها عورت پنهنجي لاءِ خريد ڪئي.
3 تنهن هوندي به مون کيس چيو ته ”تون هاڻي گهڻي وقت تائين رڳو
منهنجي انتظار ۾ رهه ۽ آءٌ به تنهنجي ويجهو ڪونه ايندس بلڪ
تنهنجي انتظار ۾ رهندس. ان وقت تائين تون ڪنهن ٻئي سان وڃي
نه سمهج. هائو، تون ڪسب هرگز نه ڪرائج.“ 4 بلڪل ساڳيءَ
طرح اسرائيل وارا به گهڻي عرصي تائين بادشاهه، حاڪم، قربانيءَ،
ڪوڙيل بتن، فال وجهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ بتن ۽ مذهبي وڳي کان
سواءِ رهندا. 5 پوءِ اهو وقت ايندو جڏهن اسرائيل وارا خداوند جو
خوف ڪندي وري سندس آڏو توبهه‌تائب ٿيندا ۽ خداوند پنهنجي خدا

*ڏک جي ماٿريءَ: انهيءَ ماٿريءَ جو نالو عڪور يعني ڏک جي ماٿري انهيءَ ڪري رکيو ويو هو جو اتي بني اسرائيل خدا جي نافرماني ڪرڻ ڪري دشمنن کان شڪست کاڌي هئي. ڏسو يشوع 7:24.

†بعل: بعل هڪ ڪنعاني ديوتا جو نالو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ”مالڪ“ يا ”مڙس“.

‡يزرعيل: خداوند پنهنجي قوم کي يزرعيل ٿو سڏي جنهن جو اشارو هوسيع نبيءَ جي پهريتي پٽ ڏانهن آهي. ڏسو 1:11،4.

¶”رحم جوڳي نه آهي“: عبرانيءَ ۾ ”لورحامه“ لکيل آهي، جيڪو هوسيع جي ڌيءَ جو نالو آهي. ڏسو 1:6.

§”منهنجي قوم نه آهي“: عبرانيءَ ۾ ”لوعمي“ لکيل آهي، جيڪو هوسيع جي ٻئي پٽ جو نالو آهي. ڏسو 1:9.

**چانديءَ جي پندرهن سڪن: اٽڪل هڪ سؤ ستر گرام.

15:2 يش 7:24–26     23:2 رو 9:25، 1.پط 2:10

۽ پنهنجي بادشاهه دائود جي گهراڻي جا طالبو ٿي رهندا، تڏهن مٿن
خداوند جو فضل ٿيندو.

## بي‌وفا اسرائيل وارا

4 1 اي اسرائيل وارؤ!
خداوند کي اوهان جي خلاف شڪايت آهي،
سو ٻڌو، خداوند اوهان جي باري ۾ هيئن ٿو فرمائي ته
”هن ملڪ ۾ نڪي سچائي آهي،
۽ نه وري ڪو ڪنهن جي ڀلائي چاهي ٿو،
نڪي وري هتي مون خدا جي ڪا سڃاڻ ئي آهي.
2 اٺلندو هتي ڦٽ لعنت آهي،
۽ ڪو ڪنهن سان سچو نه آهي.
هائو، هتي خونريزي، چوري ۽ زناڪاريءَ جو راڄ آهي.
ڏوهه ايترا ته وڌي ويا آهن جو خونن مٿان خون پيا ٿين.
3 تنهنڪري هي سڄو ملڪ خشڪ بيابان بڻجي ويندو،
۽ ان ۾ رهندڙ هر ساهوارو،
پوءِ اهو ماڻهو هجي توڙي پکي،
جانور هجي توڙي ڪٽي سمنڊ جون مڇيون،
سڀ مري کپي ويندا.“

## خداوند جو ڪاهنن کي ڏوهي ٺهرائڻ

4 خداوند فرمائي ٿو ته
”تنهن هوندي به
حقيقت ۾ منهنجي شڪايت اسرائيل وارن سان نه،
بلڪ اتان جي ڪاهنن سان ئي آهي.
5 سو اي ڪاهنؤ!
اوهين ۽ اوهان سان گڏ نبي سڏائيندڙ پڻ
رات ڏينهن ٿاٻا پيا کائيندا.
آءٌ اوهان کي دهشت ۾ وجهي ناس ڪري ڇڏيندس،
6 ۽ منهنجي قوم مون بابت ڄاڻ نه رکڻ ڪري
تباهه وَ برباد ٿي ويندي.
جيئن ته اوهان ڪاهنن مون بابت ڄاڻ ڏيڻ کي
ڄاڻيواڻي وساري ڇڏيو آهي،
تنهنڪري آءٌ به اوهان کي وساري ڇڏيندس،
هاڻي اوهين منهنجا ڪاهن نه رهندا.
هائو، جيئن ته اوهان
مون پنهنجي خدا جي شريعت کي وساري ڇڏيو آهي،
سو آءٌ به اوهان جي اولاد کي بلڪل ئي وساري ڇڏيندس.
7 اوهين ڪاهن تعداد ۾ جيئن جيئن وڌندا ويا،
تيئن تيئن منهنجي خلاف وڌيڪ گناهه ٿيندا ويا.
اوهان کي جنهن مرتبي جي ڪري عزت ڏني ٿي وڃي،
سو خواريءَ ۾ تبديل ٿي ويندو.
8 اوهين منهنجي قوم جي گناهن تي گذران ڪريو ٿا،
تنهنڪري ئي اوهين سندن بدڪاريءَ جا آرزومند ٿا رهو.
9 سو اوهين به اها ئي سزا ڀوڳيندا جيڪا ٻيا ماڻهو ڀوڳيندا،
جهڙا اوهان جا افعال آهن، تهڙي ئي آءٌ اوهان کي سزا ڏيندس.
هائو، آءٌ اوهان کي اوهان جي ڪيل ڪمن جو بدلو ڏيندس.
10 اوهين قربانين وارو پنهنجو حصو کائڻ کان پوءِ به
بکايل ئي رهندا،
اوهين پنهنجي اولاد ۾ واڌاري لاءِ بتن جي پوڄا ته ڪندا،
پر ٻارن ۾ واڌارو ڪين ٿيندو.
اوهان بتن جي ڪڍ لڳي
مون خداوند کان منهن موڙي ڇڏيو آهي.“

## خدا جو بت‌پرستيءَ کي ننديڻ

11 خداوند فرمائي ٿو ته
”ائين لڳي ٿو ته منهنجي قوم نئين توڙي پراڻي مئي پيئي پيئي
پنهنجو هوش وڃائي ويٺي آهي،
12 ڇالاءِجو منهنجي قوم
پنهنجن هٿن سان ٺاهيل ڪاٺيءَ جي پتلي کي ڪوڙي
ان کان ئي سوال ٿي ڪري.
هائو، ڪاٺيءَ مان ٺهيل ڪن ٻين شين کان پڻ
اهي صلاح مشورو گهرن ٿا.
جيئن ڪا عورت پنهنجي مڙس کي ڇڏي
ڪسٻياڻي بڻجي ٻين وٽ وڃي ٿي،
تيئن ئي اهي مون پنهنجي خدا کي ڇڏي بتن جي ڪڍ لڳا آهن.
13 اهي جبلن جي چوٽين تي رکيل بتن جي آڏو
وڃي نذرانا ٿا پيش ڪن.
ٽڪرين تي جيڪي شاهه‌بلوط،
ديال ۽ تاريين جا ڇانويري وارا وڻ آهن،
تن جي هيٺان وڃي اهي قربانيون ٿا ڪن.

اي اسرائيل وارؤ!
اوهان جون نوجوان ڌيئرون،
۽ ننهرون پوڄا ڪندي زنا ٿيون ڪرائين.
14 پر آءٌ انهن کي سندن زناڪاريءَ جي سزا ڪين ڏيندس،
ڇوجو انهيءَ بدڪاريءَ لاءِ اوهين خود مرد ڏوهدار آهيو.
اوهين پاڻ پوڄا ڪندي انهن عورتن سان زنا ٿا ڪريو،
۽ انهن عورتن سان گڏ بتن آڏو قربانيون ٿا ڪريو.
جيئن چوڻي آهي ته
’جيڪا قوم بي‌سمجهه آهي، سا تباهه ٿي ويندي.‘

15 اي يهوداہ وارؤ!
اسرائيل وارا مون خدا سان بيوفائي ٿا ڪن،
پر ائين نہ ٿئي جو انهن جي بيوفائيءَ جي ڪري
اوهين يهوداہ وارا بہ گنهگار ٿيو.
اوهين پوڄا لاءِ
اسرائيل جي شهرن گلگال توڙي *بيت‌ايل ڏانهن نہ وڃو،
۽ نہ وري اتي ڪڏهن مون جيئري خدا جو قسم کڻو.
16 جيئن تہ اسرائيل وارن
سرڪش ڏاند وانگر سرڪشي ڪئي آهي،
سو آءٌ خداوند ڪيئن انهن کي
رڍن وانگر کليل چراگاهہ ۾ چاريان؟
17 اسرائيل وارا بتن جي پوڄا گهرن ۾ ڦاسي ويا آهن،
ڪين ڇڏي ڏيو تہ ڀلي هو پنهنجي رستي سان هلن.
18 اهي مئي خوريءَ ۾ مست ٿي
زناڪاريءَ ۾ مشغول ٿي ويا آهن،
اهي پنهنجي عزت بدران خواريءَ کي پسند ٿا ڪن.
19 پر جيئن طوفان ڪنهن کي ويڙهي سيڙهي
پنهنجي وڪڙ ۾ کڻي ويندو آهي،
تيئن اهي بہ ويڙهجي سيڙهجي ڪڇي ويندا،
۽ بت‌پرستيءَ جي ڪري اهي ذليل ۽ خوار ٿيندا."

5
1 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي ڪاهنؤ! ٻڌو،
اي اسرائيل جا اڳواڻؤ! اوهين ڌيان ڏيو.
اي شاهي گهراڻي وارؤ! اوهين ڪن ڏيو،
اوهين جيڪي ٻين جي خلاف فتويٰ جاري ڪريو ٿا،
هاڻي اوهان جي خلاف فتويٰ جاري ٿي چڪي آهي.
ڇالاءِجو اوهين مصفاہ ۾ ڦندو وڇهي،
تبور جبل تي ڄار پکيڙي،
2 ۽ شطيم شهر واري اونهي کوٽيل کڏ ٻڌجي
منهنجي قوم کي گمراهہ ٿا ڪريو.
سو آءٌ اوهان سڀني کي سيکت ڏيندس.
3 آءٌ اسرائيل وارن کي ڄاڻان ٿو، اهي مون کان ڳجها ناهن.
انهن مون سان بيوفائي ڪئي آهي،
۽ بت‌پرستي ڪندي پاڻ کي پليت ڪيو اٿائون."

4 اسرائيل وارا بڇڙاين ۾ اهڙا تہ ڦاسي ويا آهن،
جو پنهنجي خدا آڏو توبہ‌تائب ٿيڻ لاءِ
هو سوچي ئي نہ ٿا سگهن،
ڇالاءِجو خداوند سان بيوفائي
سندن وجود ۾ گهر ڪري ويئي آهي،
تڏهن تہ ڪيس ڪين سڃاتو اٿائون.
5 اسرائيل وارا مغروريءَ جي ڪري بدڪار ٿي ويا آهن،
۽ اها مغروري سندن منهن مان پئي ظاهر ٿئي.
پر هاڻي افرائيم قبيلي بلڪ سڄي اسرائيل وارا
انهيءَ بدڪاريءَ جي ڪري منهن ڀر ڪرندا.
هائو، انهن سان گڏ يهوداہ وارا پڻ ٿاٻڙجي وڃي هيٺ ڪرندا.
6 هو پنهنجي رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن ڍڳن جون قربانيون ڪري،
مون خداوند کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا،
پر آءٌ ساڻن راضي نہ ٿيندس،
ڇالاءِجو مون ڪانئن منهن موڙي ڇڏيو آهي.
7 هنن مون خداوند سان بيوفائي ڪئي آهي،
جنهن جي ڪري هنن جو اولاد منهنجو نہ آهي،
۽ اهي ناجائز اولاد آهن.
هاڻ اهي ۽ سندن اولاد هڪڙي مهيني جي اندر
سندن ملڪيت سميت نيست ۽ نابود ٿي ويندا.

## يهوداہ جي اسرائيل سان جنگ

8 †گبعت ۾ جنگ جون نفيلون وڄايو،
۽ رامہ ۾ پڻ توتارا وڄايو،
‡بيت‌ايل ۾ هيئن اعلان ڪريو تہ
"اي بنيامين وارؤ! اوهين خبردار ٿيو."
9 خداوند جي غضب جو ڏينهن ويجهو آهي،
جنهن جي ڪري اسرائيل ويران ٿي ويندو.
جيڪو ڪجهہ بہ يقيناً ٿيڻو آهي،
سو اسرائيل وارن آڏو اڳ ۾ ئي پڌرو ٿي چڪو آهي.

10 خداوند فرمائي ٿو تہ
"يهوداہ جي اڳواڻن اسرائيل جي علائقي تي
ائين قبضو ڪيو آهي،
جيئن ڪو پنهنجي پاڙيسريءَ جي حد جي نشان کان
اڳتي وڌي وڃي.

*بيت‌ايل: عبرانيءَ ۾ انهي شهر کي بيت‌آون يعني "بت‌پرستيءَ جو گهر" سڏيو ويو آهي، جڏهن تہ انهيءَ شهر جو اصلي نالو بيت‌ايل يعني "خدا جو گهر" آهي.
†گبعت، رامہ ۽ بيت‌ايل: اهي يهوداہ ۽ اسرائيل جا سرحدي شهر هئا جتي بنيامين قبيلي وارا رهندڙ هئا.
‡بيت‌ايل: ڏسو 4:15.

5:10 شر 19:14

سو آءٌ انهن جي مٿان پنهنجو قهر ٻوڏ وانگر چاڙهي آڻيندس.
11 اسرائيل وارن تي جيڪو ظلم ٿيو آهي،
سو سندن لاءِ هڪ سزا آهي،
ڇالاءِجو انهن سرڪشي ڪري مون خداوند جي بجاءِ
ٻين کان مدد گهُري، جيڪي سندن مدد ڪري نہ ٿا سگهن.
12 سو آءٌ اسرائيل وارن تي بربادي آڻيندس،
اها بربادي اهڙي هوندي،
جيئن ڪينئان ماس کائي ڪنهن کي ڇٽ ڪري ڇڏيندا آهن.
ساڳيءَ طرح آءٌ يهوداه وارن کي بہ ڳاري ساڙي ڇڏيندس.

13 يهوداه وارن پنهنجو زخم ڏٺو،
۽ اسرائيل وارن جي جڏهن پنهنجي مرض تي نظر پئي،
تڏهن هو اشور ملڪ ڏانهن ويا،
تانتہ اتان جي عظيم شهنشاهہ کان علاج ڪرائين.
پر هو انهن کي شفا ڏيئي نہ سگهيو،
نڪي هو يهوداه وارن جو زخم ڇٽائي سگهندو.
14 آءٌ خداوند اسرائيل ۽ يهوداه وارن مٿان
شينهن وانگر اچي ڪڙڪندس.
آءٌ کين چيري ڦاڙي ڇڏيندس ۽ ڪنهن کي ڪين بخشيندس.
جڏهن آءٌ کين چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ کڻي ويندس،
تڏهن کين ڪوبہ ڇڏائڻ وارو نہ هوندو.
15 پوءِ آءٌ انهن کي ڇڏي پنهنجي جاءِ ڏانهن روانو ٿي ويندس،
ايستائين جو هو پنهنجا ڏوهہ نہ قبولين ۽ منهنجا طالبو نہ ٿين،
۽ مصيبت واري انهيءَ وقت ۾
دل وَ جان سان مون کان ئي مدد طلب نہ ڪن.“

## پڇتاءَ لاءِ سڏ

6 1 اچو تہ خداوند آڏو توبهہتائب ٿيون،
ڇالاءِجو هن ئي چيريو ڦاڙيو آهي،
۽ هو ئي ڇٽائي ڇڱو ڀلو ڪندو،
هائو، هن ئي ڏک رسايا آهن ۽ هو ئي مرهم پٽي ڪندو.
2 ٻن ڏينهن کان پوءِ هو اسان کي ڇڱو ڀلو ڪندو،
۽ ٽئين ڏينهن هو اسان کي وري اٿاري کڙو ڪندو،
تانتہ اسين سندس آڏو زنده رهون.
3 اچو تہ خداوند سان رابطو رکي سندس وڌ کان وڌ طالبو ٿيون،
هائو، هو يقيناً اسان وٽ ايندو،
جيئن روزانو صبح جو سج نڪري ٿو.
هو برسات وانگر اسان وٽ اچي ڪڙڪندو،
هائو، بهار جي برسات وانگر، جيڪا زمين کي ريج ڏيو ڇڏي.

## خداوند جو پنهنجي قوم کي ننڊڻ

4 خداوند فرمائي ٿو تہ
“اي اسرائيل وارؤ! آءٌ اوهان سان ڇا ڪريان؟
۽ اي يهوداه وارؤ! آءٌ اوهان سان ڪيئن هلان؟
اوهان جي وفاداري صبح جي ڪڪر جيان گم ٿيو وڃي
هائو، جيئن صبح ٿيڻ سان ماڪ گم ٿي ويندي آهي.
5 انهيءَ سبب مون اوهان ڏانهن پنهنجا نبي موڪليا،
جن اوهان کي منهنجي ڪلام مطابق سزا ۽ بربادِيءَ بابت ٻڌايو،
ڇالاءِجو منهنجو عدل سدائين نور جيان پيو چمڪندو رهندو.
6 آءٌ رسمي قربانيون نہ ٿو چاهيان،
بلڪ اوهين مون سان دلي طرح وفادار هجو.
هائو، مون کي رسمي ساڙڻ واريون قربانيون پسند نہ آهن،
بلڪ مون کي سچيءَ دل سان سڃاڻو.

7 پر اي اسرائيل وارؤ! اوهان منهنجي قوم هوندي
*آدم واري هنڌ پهچڻ کان وٺي
مون سان ڪيل عهد اقرار ٽوڙيندا رهيا آهيو.
هائو، انهيءَ وقت کان وٺي
اوهين مون سان بيوفائي ڪندا رهيا آهيو.
8 هاڻي بہ گلعاد بدڪارن جو شهر آهي،
جتي مظلومن جو رت وهايو وڃي ٿو.
9 اوهان جي ڪاهنن جي جماعت
لٽيرن جي انهن ٽولن وانگر آهي،
جيڪي ماڻهن جي تاڙ ۾ رستن تي لڪي ٿا ويهن.
بلڪ اهي مقدس شهر سڪم ڏانهن ويندڙن کي بہ
رستي ۾ قتل ٿا ڪن.
بيشڪ هنن جا ڪم تمام بڇڙا آهن.
10 مون اوهان اسرائيل وارن ۾
هڪڙي ڪراهت جهڙي ڳالهہ ڏٺي آهي،
يعني اوهان ڏاڍي بتپرستي ڪندي
پنهنجو پاڻ کي پليت ڪيو آهي.
11 اهڙيءَ طرح اي يهوداه وارؤ!
مون اوهان جي لاءِ بہ سزا جو وقت مقرر ڪيو آهي.

*آدم واري هنڌ: ٿي سگهي ٿو تہ هي انهيءَ جاءِ ڏانهن اشارو آهي، جيڪا بني اسرائيل جي مصر ملڪ مان نڪري واعدي ڪيل ڪنعان ملڪ ۾ پهريائين پهچڻ واري جاءِ جي ويجهو آهي.

6:6 مت 9:13، 12:7

7 1 جڏهن به آءٌ خداوند چاهيان ٿو ته
پنهنجي قوم کي ٻيهر بحال ڪري خوشحال ڪريان،
تڏهن سامريه بلڪ سڄي اسرائيل وارن جي بدڪرداري
۽ بڇڙائي سامهون ٿي اچي.
چالاڪِجو اهي هڪ ٻئي سان ٺڳي ٿا ڪن،
انهن مان ڪي گهرن ۾ ڪاٽ هڻي چوري ٿا ڪن،
ته ڪي وري ڦورن جو ٽولو ٺهجي ٻاهر رستن تي لٽين ڦرين ٿا.
2 هو اهو نه ٿا سوچين ته
آءٌ سندن سڀ بڇڙايون ڏسي رهيو آهيان،
بلڪ اهي ايترو ته بڇڙاين ۾ وڌي ويا آهن،
جو انهن کي ڏسڻ سان
مون کي رڳو گناهه ئي گناهه نظر اچن ٿا.

3 هو پنهنجن ڪُوڙن ۽ بڇڙاين سان
پنهنجن اميرن بلڪ بادشاهه کي به ٺڳي ٿا وٺن.
4 اهي سڀ جو سڀ بي‌وفا آهن.
اهي نانوائيءَ جي اهڙي تنور جيان آهن،
جيڪو هميشه تپيل رهي ٿو،
۽ جنهن ۾ اٽي ڳوهڻ کان وٺي ماني پچائڻ تائين،
باهه کي چورڻ پورڻ جي ڪابه ضرورت ڪين ٿي رهي.
5 اهي پنهنجن اميرن بلڪ بادشاهه کي
جشن واري ڏينهن مئي پيئاري مدهوش ٿا ڪن،
ايتري قدر جو امير ۽ بادشاهه مئي جي نشي ۾ هجڻ ڪري
پنهنجي خلاف سازشون ڪندڙن سان رلي ملي ويا آهن.
6 انهن ٺڳن جي دلين ۾
ٺڳيءَ جي باهه ساري رات دکندي رهي ٿي،
۽ صبح جو ڀڙڪي اٿي ٿي.
7 انهن سڀني جي دلين ۾ سازش تنور جي باهه جيان ڀڙڪي ٿي،
۽ پنهنجي سازشن وسيلي حاڪمن کي ساڙيو ٿا ڇڏين.
وقتاً فوقتاً هنن جا سڀ حاڪم
۽ بادشاهه سازشن وسيلي ماريا ويا آهن،
۽ ملڪ ۾ اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪو نه رهيو آهي
جيڪو مون خداوند کي مدد لاءِ پڪاري.”

## اسرائيل وارا ۽ غير قومون

8 خداوند فرمائي ٿو ته
“اسرائيل وارا غير قومن جي ڪِڌ لڳا آهي،
جنهن ڪري هو اهڙي مانيءَ جيان بيڪار ٿي ويا آهن،
جيڪا نه اٿلائڻ جي ڪري هڪ پاسي ڪچي
۽ ٻئي پاسي سڙيل هجي.
9 هنن کي ڪو ڏيان ڪونهي،
جو سندن دولت ڌاريا ڦٻائي ويا آهن،
هو سندن مٿي ۾ اڇا وار هئڻ مثل،
ڪمزور ٿيندا پيا وڃن، پر ڪين اها خبر ئي ڪانهي.
10 اسرائيل وارا مغروريءَ جي ڪري بدڪار ٿي ويا آهن،
۽ اها مغروري سندن منهن مان پئي ظاهر ٿئي.
تنهن هوندي به
هو مون خداوند پنهنجي خدا آڏو توبهه‌تائب ڪين ٿا ٿين،
۽ ڪنهن به صورت ۾ هو منهنجا طالبو نه ٿا ٿين.
11 اسرائيل وارا بي‌عقل ۽ بي‌سمجهه ڪبوتر جيان
هيڏانهن هوڏانهن ٿا اُڏرن.
اهي مدد لاءِ مصرين کي ٿا ٻاڏائين،
۽ اشور ملڪ ڏانهن پڻ وڃڻ ٿا چاهين.
12 پر جڏهن هو اوڏانهن ويندا ته آءٌ مٿن ڄار اڇلائيندس،
آءٌ انهن کي پکين جيان هيٺ لاهي ڦاسائيندس،
۽ ڪين بار بار سزا ڏيندو رهندس.

13 ويل آهي انهن جي لاءِ! جن مون کي ڇڏي ڏنو آهي،
موت آهي انهن جي لاءِ! جيڪي مون کان باغي ٿي ويا آهن،
توڙي جو مون ڪين بچائڻ ٿي گهريو،
ته به هنن مون سان بي‌وفائي ڪئي آهي.
14 هو مون کي دل سان نه ٿا پڪارين،
بلڪ بتن آڏو به روئن رڙن ٿا،
اناج ۽ مئي جي لاءِ بتن کان دعا گهرندي
هو پنهنجي بدن کي زخم به رسائين ٿا.
هائو، اهي مون کان صفا باغي ٿي ويا آهن.
15 توڙي جو مون ئي انهن جي صحيح تربيت ڪئي آهي،
انهيءَ لاءِ ته هو جوان ۽ مضبوط ٿين،
تڏهن به هو منهنجي خلاف برا منصوبا ٿا رٿين.
16 مون کي ڇڏي هو انهن ڏانهن ٿا وڃن،
جيڪي سندن ڪابه مدد ڪري نه ٿا سگهن.
اهي غير معبود اهڙي تيرڪمان مثل آهن،
جيڪو مهل تي دوکو ڏيو وڃهي.
سندن مغرور اڳواڻن جي بڪواس ئي ڪين جنگ ۾ مارائيندي،
انهيءَ سبب سڀني اسرائيل وارن تي
مصر ملڪ ۾ کل ٺٺولي ٿيندي.”

## بت‌پرستيءَ ڪري خدا جو اسرائيل وارن کي ننڌڻ

8 1 خداوند فرمائي ٿو ته
“نفيل وڄائي اعلان ڪيو وڃي،
ڇوجو اسرائيل جو دشمن مون خداوند جي چونڊيل ملڪ مٿان
باز جيان لامارا ٿو ڏئي.

انهيءَ لاءِ جو منهنجي قوم منهنجو عهد ٽوڙيو آهي،
۽ منهنجي شريعت جي خلاف هليا آهن.
2 جنگ وقت اهي مون کي پڪاري چوندا تہ
’اي خدا! اسين تنهنجي قوم بني اسرائيل آهيون،
۽ تون ئي اسان جو خداوند آهين.‘
3 پر اسرائيل وارن نيڪيءَ کي ڇڏي ڏنو آهي،
تنهنڪري انهن جو دشمن سندن پٺيان پيل رهندو.

4 هنن پنهنجا بادشاهہ مقرر ڪيا آهن،
جيڪي منهنجي طرفان ناهن،
هنن جيڪي پنهنجا اڳواڻ بڻايا آهن،
تن لاءِ منهنجي رضامندي ڪانهي،
هنن سون ۽ چانديءَ جا جيڪي بت ٺاهيا آهن،
تن جي ئي ڪري هو تباهہ ٿي ويندا.
5 آءٌ اسرائيل واري سامريہ علائقي جي
سوني گابي واري بت جي خلاف آهيان،
منهنجو غضب اتان جي رهاڪن خلاف ڀڙڪندو رهي ٿو،
اهي ڪڏهن بت‌پرستيءَ کي ڇڏي ڏيندا؟
6 اهي آهن اسرائيل وارن جا ڪرتوت جو
انهن منجهان ڪنهن ڪاريگر
پنهنجي هٿن سان اهو گابو جوڙيو آهي،
۽ اهي انهيءَ کي ئي پنهنجو خدا سمجهن ٿا.
سامريہ جي انهيءَ سوني گابي کي ڀڃي پورا پورا ڪيو ويندو.

7 جڏهن هو واءُ پوکيندا تہ لڻندا بہ طوفان،
سندن فصل ۾ ڪو سنگ نہ بچندو،
نڪي انهيءَ مان ڪو اناج نڪرندو،
پر جي ڪٿي انهيءَ مان اناج نڪري بہ
تہ اهو ڌاريا لٽي ڦري کائي ويندا.
8 بلڪ اسرائيل ملڪ کي دشمن اڳي ئي ڳهي ويا آهن،
۽ اهو ٻين قومن جي اڳو ڪنهن بيڪار ڀڳل ٿانوَ وانگر آهي.
9 اسرائيل وارا اشور ڏانهن ائين ويا آهن،
جيئن ڪو اڪيلو رولو گڏهہ وڃي،
اتي وڃي هنن پنهنجي مدد لاءِ اشورين کي ڀاڙي تي سڏيو آهي.
10 ٽوڙي جو اهي ڀاڙي تي ڪرڻ لاءِ
ٻين قومن ڏانهن ٽڙي پکڙي ويا آهن،
تہ بہ هاڻي آءٌ پڪڙي کين گڏ ڪندس،
آءٌ کين جلد ئي اشور جي شهنشاهہ جي هٿن ۾ ڏيئي
تڪليفن ۾ وجهي ڇڏيندس.

11 اسرائيل وارن پنهنجن گناهن جي ڪفاري لاءِ
گهڻا ئي قربان‌گاهہ جوڙايا،
پر اهي ئي قربان‌گاهہ وڌيڪ گناهن جو سبب بڻيا.
12 ٽوڙي جو منهنجي شريعت جا حڪم بيشمار بيان ڪيل آهن،
تہ بہ انهن کي ڌاريو سمجهي مٿن ڪوبہ ڌيان نہ ٿو ڏنو وڃي.
13 اهي منهنجي لاءِ قربانيون پيش ڪري
انهن جو گوشت کائين ٿا،
پر آءٌ خداوند اهڙيون قربانيون قبول ئي نہ ٿو ڪريان.
هاڻي آءٌ سندن بدڪاريءَ جي ڪري،
کين ڪيل گناهن جي سزا ڏيندس.
هائو، آءٌ کين وري مصر ڏانهن موٽائيندس.
14 اسرائيل ۽ يهوداہ وارن پنهنجي خالق کي وساري ڇڏيو آهي،
انهيءَ بجاءِ هنن ڪيترائي ڪوٽن وارا شهر
۽ محلات بڻائي ڇڏيا آهن،
پر آءٌ باهہ موڪلي سندن انهن شهرن
۽ محلاتن کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندس.“

## اسرائيل وارن لاءِ سزا جو اعلان

9 1 اي اسرائيل وارؤ!
اوهين ٻين قومن جيان خوشي ۽ شادمانو نہ ڪريو،
ڇالاءِجو اوهين خدا سان بي‌وفائي ڪري
کانئس پري ٿي ويا آهيو.
هائو، اوهان بعل ديوتائن اڳيان
پاڻ کي ڪسبياڻيءَ جيان پيش ڪيو آهي،
ائين اوهان کي جيڪو اناج مليو ٿو،
تنهن کي اوهين پنهنجي ڪسب جو عيوضو ٿا سمجهو.
2 پر اناج هجي يا زيتون جو تيل يا مئي
اهي سڀيئي اڳتي هلي اوهان جي خوراڪ لاءِ ڪافي نہ هوندا.
3 اوهين خداوند جي چونڊيل ملڪ ۾ رهي نہ سگهندا،
اوهان مان ڪي مصر ڏانهن واپس هليا ويندا،
تہ ڪن کي وري اشور ملڪ ۾ حرام ڪاڌو کائڻو پوندو.
4 اوهين ڌارين ملڪن ۾ هئڻ ڪري خداوند کي راضي ڪرڻ لاءِ
خداوند جي هيڪل ۾ قربانيون پيش ڪري نہ سگهندا.
هائو، اوهين مئي جون قربانيون نہ اوتي سگهندا،
۽ نڪي وري جانورن جون قربانيون پيش ڪري سگهندا.
اتي پيش ڪيل اوهان جون سڀيئي قربانيون پليت هونديون،
جيئن اهو ڪاڌو پليت ٿي پوندو آهي،
جنهن ڪاڌي کي ميت کي غسل ڏيڻ واري ڇهيو هجي.
جيڪي بہ اهي قربانيون کائيندا سي سڀيئي پليت ٿي پوندا،
اهو ڪاڌو رڳو اوهان جي پيٽ ڀرڻ لاءِ هوندو.
5 اوهين خداوند جا مقرر ڪيل عيد جا ڏينهن ملهائي نہ سگهندا.
هائو، اوهين اهڙيون پاڪ گڏجاڻيون ڪري نہ سگهندا.

6 اوهين تباهيءَ جي وقت پري پري تائين ٽڙي پکڙي ويندا،
پر پوءِ اوهين مصر ۾ اچي گڏ ڪيا ويندا،
جتي اوهين مري ويندا ۽ نوف شهر ۾ دفن ڪيا ويندا.
اوهين جيڪي چانديءَ جا خزانا ڇڏي ويندا،
تن کي ڪنڊن وارا ٻوٽا وڪوڙي ويندا.
هائو، اوهان جي ويران گهرن ۾ ڪک ڪانا ۽ ڪنڊا اپري ايندا.

7 هاڻي سزا جا ڏينهن اچي پهتا آهن.
هائو، بدلي جا ڏينهن اچي ويجها ٿيا آهن.
تڏهن اسرائيل وارا ڄاڻي وٺندا ته
اهو سڀ ڪجهہ سندن بدڪاريءَ جي گهڻائيءَ
۽ خداوند جي خلاف بغض جي ڪري آهي.
ڇالاءِجو هو چون ٿا ته ”هي نبي بيعقل آهي،“
اهي هيئن بہ چون ٿا ته
”جنهن ۾ روح آهي سو ماڻهو چريو آهي.“
8 خداوند مون هوسيع کي اسرائيل وارن جي سڌاري لاءِ
نبي بڻائي موڪليو آهي.
پر هو جتي ڪٿي مون کي پکيءَ جيان
ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا،
بلڪ خدا جي هيڪل ۾ بہ مون کان ڏاڍي نفرت ڪئي ٿي وڃي.
9 اي اسرائيل وارؤ! اوهين گناهن ۾ غرق ٿي ويا آهيو،
جيئن گهڻو وقت اڳ ۾ *گبعت شهر ۾ ٿيا هئا،
اوهان جا ڪيل گناهہ خدا کان وسري نہ ويا آهن،
هو اوهان کي انهن جي سزا ضرور ڏيندو.

## اسرائيل وارن جا گناهہ ۽ سندن سزا

10 خداوند فرمائي ٿو ته
”مون خداوند بني اسرائيل کي ائين ڏٺو،
جيئن بيابان ۾ ڪا انگورن جي ول هجي،
مون انهن کي اهڙو پسند ڪيو،
جيئن وڻ جو ڪو پهريون ڦل هجي.
هائو، انجير جو اهو پهريون ڦل،
جيڪو موسم جي شروعات ۾ لهي.
پر هنن مون کي ڇڏي پعور جبل واري بعل ديوتا جي پوڄا ڪئي،
جيڪو ڪراهت جوڳو بت هو،
ائين ڪرڻ سان اُهي پنهنجي انهيءَ پياري بت جيان
بيحد ڪراهت جوڳا ٿي پيا.
11 بني اسرائيل جا پويان بہ
پنهنجن ابن ڏاڏن وارين عادتن تي قائم رهيا،
سو هاڻي اسرائيل وارن جي وڏائي ۽ گهڻائي
پکيءَ جيان اُڏامي ويندي،
سندن عورتن کي حمل نہ ٿيندو،
هائو، منجهن ڪوبہ ٻار ڪين ڄمندو.
12 توڙي هنن ٻار پالي وڏا ڪيا هوندا،
تہ بہ آءٌ انهن کي ماري ڇڏيندس،
تان‌تہ بني آدم منجهان اهي بلڪل نابود ٿي وڃن.
اهو ڏينهن انهن لاءِ ويل جو ڏينهن هوندو،
جڏهن آءٌ ڪائڻ پري هليو ويندس.“

13 اي خداوند! جيئن تو فرمايو،
تيئن آءٌ انهن جي ٻارن کي شڪار ٿيندي ڏسان پيو،
هائو، آءٌ ڪين شڪاريءَ جي هٿان ڪُسندي ڏسان پيو.
14 هاڻي آءٌ تو کي انهن ماڻهن جي لاءِ وڌيڪ ڇا چوان؟
بس، سندن ٻار پيٽ اندر ئي مري وڃن
۽ انهن جي مائرن جو ٿڃ سڪي وڃي!

15 خداوند فرمائي ٿو ته
”اسرائيل وارن جي بڇڙائي گلگال کان ئي شروع ٿي،
هائو، آءٌ اتي ئي ساڻن ڏاڍي نفرت ڪرڻ لڳو هوس.
هاڻي آءٌ سندن بدڪاريءَ وارن ڪمن جي ڪري
ڪين پنهنجي چونڊيل ملڪ مان پڇائي ڪڍندس.
آءٌ انهن سان وري محبت نہ رکندس،
ڇالاءِجو سندن سڀ اڳواڻ مون کان باغي آهن.
16 اسرائيل وارن کي هنڌائتو ڌڪ لڳو آهي،
جو انهن جي پاڙ سڪي ويئي آهي،
هاڻي هو ڦر ڪين جهلي سگهندا، هائو، هو بياولاد ئي رهندا.
پر جيڪڏهن ڪين ڪو اولاد ٿيو بہ ته
آءٌ سندن انهيءَ پياري اولاد کي ڪهي ڇڏيندس.“

## هوسيع جو اسرائيل وارن کي چتاءُ ڏيڻ

17 منهنجو خدا اسرائيل وارن کي ڌڪاريندو،
ڇالاءِجو هنن انهيءَ ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو.
اهي نافرماني ڪرڻ ڪري غير قومن ۾ دربدر ٿيندا.

---

*گبعت شهر: هن شهر ۾ بنيامين قبيلي وارن مان ڪن ماڻهن هڪ لاويءَ جي سُريت سان زوري زنا ڪئي هئي، جنهن جي نتيجيءَ ۾ سڄي ملڪ اندر قبائلي جهيڙا شروع ٿي ويا هئا ۽ بنيامين قبيلي جا ذري گهٽ سڀ ماڻهو مارجي ويا هئا. ڏسو رهبر باب 19–21.

7:9 لو 22:21   9:9 رهہ 19:1–30   10:9 گا 25:1–5

10 ① اسرائيل وارا اهڙي سرسبز انگوري وڻ جيان هئا،
جنهن ۾ جهجهو ڦر لڳندو هو.
پر جيئن جيئن سندن جهجهو ميوو پچندو ويو،
تيئن تيئن هو گهڻي کان گهڻيون
غير معبودن جون قربان‌گاهون اڏيندا ويا.
جيتري سندن زمين ڦلدار هئي،
اوترا ئي هنن سهڻا سهڻا ٿنڀن وارا بت جوڙيا.
② جيئن ته هو دغاباز ۽ بي‌وفا ٿي ويا آهن،
تنهنڪري هو انهيءَ جي سزا ڀوڳيندا،
خدا سندن اهي قربان‌گاهون ڊاهي ڇڏيندو،
۽ سندن بتن جا ٿنڀا ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندو.

③ بيشڪ ٿوري وقت کان پوءِ هو ائين چوندا ته
”اسان جو ڪوبه بادشاهه ڪونهي رهيو،
ڇالاءِجو اسين خداوند کان نه ڊناسون.
پر جيڪڏهن بادشاهه هجي به ها
ته به هو اسان جي لاءِ ڇا ڪري ها؟
④ اسان جا اهي بادشاهه اجايون ڳالهيون ڪندا هئا،
عهد اقرار ڪرڻ وقت ڪوڙا قسم کڻندا هئا،
۽ سندن عدالتون غلط فيصلا ڏينديون هيون.
اهي فيصلا اسان لاءِ ائين ٿيندا رهيا،
جيئن زمين مان نڪرندڙ زهريلا ٻوٽا.“

⑤ اسرائيل جي گاديءَ واري شهر
سامريه جا سمورا رهاڪو ڏکي ويندا،
*بيت‌ايل جي سوني گابي جي وڃائجڻ ڪري هو ماتم پيا ڪندا،
انهن پوڄارين جا اڳواڻ
گابي جي اڳئين شان وَ شوڪت تي روئندا رڙندا.
⑥ اشور جي عظيم شهنشاهه وٽ نذراني طور
اهو گابي وارو بت پيش ڪيو ويندو.
اسرائيل وارا پنهنجي نافرمانيءَ جي ڪري خوار خراب ٿيندا.

⑦ باقي رهيو سامريه جو بادشاهه،
تنهن کي ائين قيد ڪري نيو ويندو،
جيئن ڪنهن وڻ جا ڇوڏا پاڻيءَ ۾ لڙهندا آهن.
⑧ †بيت‌ايل جي ٽڪرين تي ٺهيل غير معبودن جا پوڄا گهر،
جتي اسرائيل وارا گناهه ڪندا آهن،
سي بلڪل ناس ڪيا ويندا.
هائو، سندن قربان‌گاهون ويران ٿي وينديون،
۽ اتي ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا اپري ايندا.
تڏهن اسرائيل وارا جبلن کي چوندا ته
”اسان جي مٿان ڪري پئو،“
۽ ٽڪرن کي چوندا ته ”اسان کي پوري ڇڏيو.“

## خداوند جو اسرائيل وارن کي سزا ڀڌائڻ

⑨ خداوند فرمائي ٿو ته
”‡گبعت جي واقعي واري ڏينهن کان وٺي
اسرائيل وارا گناهه ڪندا آيا آهن.
هو اڃا تائين انهن گناهن کان باز نه آيا آهن،
تنهنڪري گبعت ۾ ئي انهن سان جنگ ڪئي ويندي.
⑩ آءٌ ڪاهي ايندس ۽ اچي انهن بدڪارن کي سيکت ڏيندس،
هائو، آءٌ ٻين قومن کي سندن خلاف گڏ ڪندس،
۽ کين گهڻن ئي گناهن جي سزا ڏني ويندي.

⑪ اسرائيل وارا هڪ سيکاريل وهڙي مثل هئا،
جيڪو وهڙو اَن ڳاهڻ لاءِ بلڪل تيار هو،
سو مون ان جي مضبوط ڳچيءَ ۾ هڪڙي پاڃاري وڌي،
ته جيئن اسرائيل وارا هر هلائين،
۽ يهوداه وارا ساهر گهمائي پٽر پڃن.
⑫ مون کين چيو ته
’اوهان جي سوچ جيڪا غير آباد پنيءَ مثل آهي،
تنهن کي اوهين هر ڏيئي کيڙيو،
اوهين انهيءَ ۾ پنهنجي لاءِ سچائي پوکيو ۽ وفاداري لڻو.
اهڙيءَ طرح اوهين مون خدا جا طالبو ٿيو،
ته پوءِ آءٌ اچي اوهان تي حق سچ جي برسات وسائيندس.‘
⑬ پر اوهان بدڪاري پوکي ۽ ناانصافي لڻي اٿوَ،
اوهان ڪوڙ جي ميوي سان پنهنجو پيٽ ڀريو آهي.

اوهان پنهنجي گهوڙي گاڏين،
۽ بهادرن جي گهڻائيءَ تي ڀروسو رکيو.
⑭ سو هاڻي اوهان جي قوم تي جنگ اچي ڪڙڪندي،
۽ اوهان جا سڀ قلعا ڊاهي ناس ڪيا ويندا،

---

*بيت‌ايل: اصلي بيت‌آون، ڏسو 15:4.

†بيت‌ايل: اصلي بيت‌آون، ڏسو 15:4.

‡گبعت: ڏسو 9:9 جو پيرايو.

8:10 لو 30:23، مڪا 16:6    9:10 رهه 1:19–30    12:10 ير 3:4

جهڙيءَ طرح بادشاهہ شلمن جي ڏينهن ۾
بيت‌اربيل کي جنگ ۾ برباد ڪيو ويو هو.
انهيءَ جنگ ۾ مائرن کي ٻارن سميت اڇلائي ماريو ويو هو.
15 ساڳيءَ طرح اي اسرائيل جي بيت‌ايل شهر جا رهاڪؤ!
اوهان جي گهڻي بڇڙائيءَ سبب اوهان سان بہ ائين ئي ٿيندو.
اي اسرائيل وارؤ!
اوهان جو بادشاهہ جنگ جي شروع ۾ ئي ماريو ويندو.“

## خداوند جو پنهنجي باغي قوم سان پيار

11
1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”جڏهن بني اسرائيل قوم جي اڃا شروعات ئي هئي،
تڏهن کان مون ساڻس پيار رکيو هو،
۽ کيس پنهنجو پٽ بڻائي مصر ملڪ مان سڏي ورتو هوم.
2 جيترو قدر مون هنن کي پاڻ ڏانهن سڏيو،
اوترو قدر هو مون کان پري ٿيندا ويا.
هو بعل ديوتائن جي پوڄا لاءِ قربانيون ڪندا رهيا،
۽ اُڪريل مورتين لاءِ لوبان ساڙيندا رهيا.
3 تڏهن بہ مون پنهنجي قوم کي پنهنجو پٽ سمجهي
هنج کنيو ۽ هلڻ سيکاريو،
پر هنن اهو بہ نہ ڄاتو تہ
مون ئي هر وقت سندن سار سنڀال لڌي آهي.
4 انساني رشتن ۽ محبت جي ڏورين سان
مون انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو.
مون هنن سان اهڙو پيار ڪيو،
جيئن ڪو ننڍي ٻار کي ڳل سان لائيندو هجي.
آءٌ انهن ڏانهن جهڪي سندن کاڌي پيتي جو خيال رکندو رهيس.

5 هاڻي هو وري مصر ملڪ ڏانهن موٽايا ويندا،
بلڪ اشور وارا مٿن حڪمراني ڪندا،
ڇالاءِجو هنن مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيڻ کان انڪار ڪيو آهي.
6 سندن شهرن تي جنگ مڙهي ويندي،
۽ سندن پوڄارين جا اڳواڻ ماريا ويندا.
سندن نافرمانين جي ڪري
تلوار منهنجي قوم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي.
7 منهنجي قوم مون کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ پنهنجي هوڏ تي قائم آهي.
اهي بعل ديوتا کي پڪاريندا آهن،
۽ سندس ئي پوڄا ڪندا آهن.

8 اي اسرائيل وارؤ! آءٌ ڪيئن اوهان کي ڇڏي ڏيان،
آءٌ ڪيئن اوهان کي ٻين جي حوالي ڪريان!
آءٌ ڪيئن اوهان کي تباهہ وَ برباد ڪريان،
جيئن ادمہ ۽ ضبويم شهرن وارا ٿيا هئا!
منهنجي دل اندر ۾ وٺَ ٿي کائي،
منهنجي رحمت جوش ۾ ٿي اچي.
9 هاڻي آءٌ پنهنجي سخت غضب کي عمل ۾ ڪين آڻيندس.
آءٌ اوهان کي ٻيهر هرگز برباد نہ ڪندس،
ڇالاءِجو آءٌ انسان ناهيان، بلڪ خدا آهيان.
آءٌ پاڪ خدا اوهان سان گڏ آهيان،
۽ اوهان تي قهر نازل نہ ڪندس.

10 جڏهن آءٌ
پنهنجي قوم جي دشمنن مٿان شينهن جيان گجندس،
تڏهن منهنجي قوم
هڪدم الهندي وارن ملڪن کان ڊوڙندي ايندي،
هائو، جڏهن آءٌ پنهنجي قوم کي سڏيندس،
تڏهن اهي مون ڏانهن هليا ايندا.
11 اهي مصر مان بہ ائين ڊوڙندا ايندا،
جيئن پکي اڏامندا ايندا آهن،
هائو، اهي اشور ملڪ مان پڻ پنهنجن گهرن ڏانهن ائين ايندا،
جيئن ڪبوتر پنهنجن کُڏن ڏانهن ايندا آهن،
پوءِ آءٌ کين سندن گهرن ۾ وري آباد ڪندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## اسرائيل ۽ يهوداه وارن جي خداوند سان بي‌وفائي

12 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اسرائيل وارن مون سان هر طرف کان ڪوڙ ۽ ٺڳي ڪئي آهي،
۽ يهوداه وارن بہ مون سچي ۽ پاڪ خدا کي ڇڏي ڏنو آهي.

12
1 اسرائيل وارا چرين جيان
هوا کي جهلڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.
هائو، اهي جهولي جي پٺيان ڊوڙندا ٿا وتن.
اهي هڪ ٻئي سان ڪوڙن مٿان ڪوڙ ٿا ڳالهائين،
۽ ظلم ڪندا ٿا رهن.
اهي اشور وارن سان عهد اقرار ڪن ٿا،
۽ مصر وارن سان ڏيتي ليتي ٿا ڪن.
2 بيشڪ يهوداه وارا پڻ مون خداوند جا ڏوهاري آهن.
سو آءٌ يعقوب جي سچي اولاد کي
سندن روش موجب سزا ڏيندس.
هائو، آءٌ کين سندن عملن مطابق بدلو ڏيندس.

---

11:1 خر 22:4، مت 2:15   11:8 شر 29:23

3 يعقوب ماءُ جي پيٽ ۾ ئي
پنهنجي ڀاءُ عيسوءَ کي کُڙيءَ کان ورتو هو،
۽ پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ مون خدا سان ملهہ وڙهيو هو.
4 هائو، هو منهنجي ملائڪ سان ملهہ وڙهيو هو،
۽ ڏاڍيءَ مشڪل کان پوءِ هو انهيءَ ملائڪ کان کٽي ويو هو.
پوءِ هن روئندي روئندي مون خداوند کان برڪت گهري هئي.
تنهن هوندي بہ
مون خداوند بيت‌ايل ۾ اچي يعقوب سان ڳالهايو هو.
5 آءٌ اهو ئي خدا آهيان، جنهن جو نالو خداوند آهي.
هائو، آءٌ اهو ئي قادرِمطلق خدا آهيان،
جنهن کي خداوند جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.
6 سو اي يعقوب جو اولاد!
اوهين پنهنجي خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿيو،
وفاداريءَ ۽ سچائيءَ تي قائم رهو،
۽ پنهنجي خدا تي هميشہ ڀروسو رکو.

7 اسرائيل وارا هڪ اهڙي واپاريءَ جيان آهن،
جنهن جي هٿ ۾ ٺڳيءَ واري تارازي هجي،
هائو، اهي سدائين ڪنهن جو حق ڪسڻ کي پسند ٿا ڪن.
8 اسرائيل وارا چون ٿا تہ
’اسين دولتمند آهيون ۽ جهجهو مال گڏ ڪيو اٿئون.
انهيءَ ڳالهہ ۾ اسان ڪنهن جو بہ حق نہ کسيو آهي،
جنهن کي اسان جو گناهہ ليکيو وڃي.‘
9 پر ياد رکو، آءٌ مصر ملڪ کان وٺي
خداوند اوهان جو خدا آهيان،
هاڻي بہ آءٌ ئي وري اوهان کي خيمن ۾ رهڻ تي مجبور ڪندس،
جيئن اوهين اڳ بيابان ۾ رهندا هئا.

10 آءٌ نبين سان ڳالهائيندو رهيس،
۽ کين رويا مٿان رويا ڏيکاريندو رهيس،
۽ انهن نبين جي ئي وسيلي مثال ڏيئي
اوهان کي سمجهائيندو رهيس.
11 پر گلعاد جي علائقي ۾
اڃا تائين بدڪاري ۽ نسوري بيهودگي آهي،
هائو، گلگال شهر ۾ ڪراهت جهڙن بتن جي لاءِ
اوهين ڏڳن کي قربان ٿا ڪريو.
اوهان جون قربان‌گاهون ايتريون تہ گهڻيون آهن،
جيئن ڀنين ۾ پٽرن جا ڍڳ هجن.
12 يعقوب *ارام ملڪ ڏانهن ڀڳو،
هائو، اسرائيل اتي پنهنجي زالَ جي خاطر ٻانهو ٿيو،
۽ سهري جون رڍون چارڻ لڳو.
13 پوءِ مون خداوند موسيٰ نبيءَ جي وسيلي
اوهان يعقوب جي اولاد کي مصر مان ڪڍي آندو،
هائو، انهيءَ نبيءَ جي ئي وسيلي مون اوهان جي سنڀال ڪئي.
14 پر اوهان اسرائيل وارن پنهنجن بڇڙن ڪمن ڪري
مون کي سخت غصو ڏياريو آهي.
تنهنڪري اوهين پنهنجين بڇڙاين سبب موت جي لائق آهيو.
اوهان جيڪي بہ ڪراهت جهڙا ڪم ڪيا آهن،
سي آءٌ خداوند موٽائي اوهان تي آڻيندس.“

## اسرائيل وارن کي بي‌وفائي جي سزا

13 1 بيشڪ خداوند ڀوائتيون ڳالهيون ڪري
اسرائيل وارن کي ڏيڄاريو.
هن انهن جي خلاف سخت لهجي ۾ ڳالهايو تہ
”بعل ديوتا جي پوڄا ڪري اهي گنهگار ٿيا آهن،
سو هو ضرور ماريا ويندا.“
2 پر اڃا تائين هو گناهن مٿان گناهہ ڪندا آيا،
۽ پوڄا لاءِ چانديءَ جون ٺهيل مورتيون ۽ پلتيل بت ٺاهيائون.
هو پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي هٿن سان بت جوڙيندا رهيا،
پوءِ هو انهن بتن بابت چوڻ لڳا تہ
”سندن آڏو قربانيون پيش ڪيون وڃن.“
ڇا اها چڱي ڳالهہ آهي،
جو انسان ڳابن جي ٺهيل بتن کي معبود ٺاهي چمي ڏئي؟
3 تنهنڪري هو صبح جي ڪڪر جيان گم ٿي ويندا،
يا جيئن صبح ٿيڻ سان ماڪ گم ٿي ويندي آهي.
اهي ائين ڪجهي ويندا
جيئن واچوڙو ڳاهہ جي پڙ تان ٻُهہ اڏائي کڻي ويندو آهي،
يا هو دونهين مثل جلدي ختم ٿي ويندا.

4 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي اسرائيل وارؤ!
آءٌ اهو ئي خداوند اوهان جو بچائيندڙ خدا آهيان،
جنهن اوهان کي مصر ملڪ مان ڪڍي آندو.

---

*ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

12:3 پيد 25:26 12:3–4 پيد 32:24–26 12:4 پيد 28:10–22 12:5 خر 3:15 12:9 لاو 23:42–43 12:12 پيد 29:1–20
12:13 خر 12:50–51

تنهنڪري اوهان کي مون کان سواءِ
ڪنهن ٻئي کي معبود بڻائڻ نه گهرجي ها.
5 مون ئي رڻپٽ ۾ اوهان جي سار لڌي.
هائو، بيحد ويران علائقي ۾ مون ئي اوهان کي سنڀاليو.
6 پر جڏهن اوهين سرسبز ملڪ ۾ داخل ٿيا،
۽ اوهان ڪائي پي ڍءُ ڪيو،
هائو، جڏهن اوهان جو پيٽ ڀريو،
تڏهن اوهين مغرور ٿي ويا ۽ اوهان مون کي وساري ڇڏيو.
7 تنهنڪري هاڻي آءٌ اوهان جي خلاف ٻبر شينهن جيان ٿيندس.
هائو، آءٌ چيتي جيان اوهان جي رستي ۾ چپ هڻي
اوهان کي تاڙي ويهندس.
8 آءٌ اهڙي رڇڻيءَ جيان اچي اوهان تي ڪڙڪندس،
جنهن جا ٻچا کسيا ويا هجن.
جيئن جهنگلي جانور پنهنجي شڪار کي
اتي ئي چيري ڦاڙي ڇڏيندا آهن،
تيئن آءٌ به شينهن جيان اوهان جو پيٽ ڦاڙي
اوهان کي ڳڙڪائي ڇڏيندس.

9 ٻڌو اي اسرائيل وارؤ! اوهين ٻڌو،
آءٌ اوهان کي ناس ڪري ڇڏيندس.
اهڙو ڪوبه نه هوندو جيڪو اچي اوهان جي مدد ڪري.
10 هاڻي اوهان جو اهو بادشاهه ڪٿي آهي،
جيڪو دشمنن کان اوهان ۽ اوهان جي شهرن کي بچائي؟
ڪٿي آهن اوهان جا اهي حاڪم جن بابت اوهان چيو ٿي ته
’اسان جي مٿان بادشاهه ۽ حاڪم مقرر ڪيا وڃن.‘
11 تڏهن مون غصي ۾ اچي اوهان کي بادشاهه ڏنا،
۽ پوءِ پنهنجي غضب وچان انهن کي به هٽائي ڇڏيو.

12 اسرائيل وارن جيڪا بدڪاري ڪئي،
سا لکي رکي ويئي آهي.
هائو، هنن جيڪي گناهه ڪيا تن کي گڏ ڪيو ويو آهي.
13 ڪوبه ٻار ويم جي وقت
پيٽ مان ٻاهر نڪرڻ کان انڪار نه ٿو ڪري،
پر اسرائيل وارا ايترا ته نادان آهن،
جو هو گناهن کان ٻاهر نڪري زندهه رهڻ نه ٿا چاهين.
14 تنهنڪري آءٌ خداوند انهن کي پاتال مان ڪو نه ڪڍندس،
نه وري کين موت کان بچائيندس.
اي موت! تنهنجي وبا ڇو دير ڪئي آهي؟
اي قبر! تنهنجي تباهي اچا ڇو نه آئي آهي؟

هاڻي آءٌ مٿن ڪوبه رحم نه ڪندس.

15 توڙي جو اوهين ڦلدار وڻن وانگر
ٻين کان وڌيڪ ميوو جهليندا،
تڏهن به سخت جهولو اوهان کي سَٽي وجهندو.
هائو، مون خداوند جو جهولو بيابان مان اُٿندو،
تڏهن اوهان جا پاڻيءَ جا چشما ۽ کوهه سڪي ويندا،
۽ اوهان جو هر قيمتي خزانو لٽجي ويندو.
16 اسرائيل جي سامريه شهر وارن کان بدلو ورتو ويندو،
ڇالاءِجو اهي پنهنجي خدا کان باغي ٿي ويا آهن،
اهي جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا،
سندن ٻارن کي اڇلائي ماريو ويندو،
۽ سندن حمل وارين عورتن جا پيٽ ڦاڙيا ويندا.“

## هوسيع جي اسرائيل وارن سان حجت

14 1 اي اسرائيل وارؤ!
اوهان جي بدڪاريءَ ئي اوهان کي ٿابو ڏيئي ڪيرايو آهي،
تنهنڪري اوهين خداوند پنهنجي خدا آڏو توبهه‌تائب ٿيو.
2 هائو، اوهين خداوند آڏو توبهه ڪندي ڪيس هيئن چئو ته
”اي خداوند! اسان جون سڀ خطائون معاف ڪر،
۽ اڳتي هلي اسين جيڪي نيڪيون ڪريون سي تون قبول ڪر.
هاڻ اسين رڳو تنهنجي ئي واکاڻ ڪنداسون.
3 اشور جو لشڪر اسان کي بچائي نه سگهندو،
نڪي جنگي گهوڙا اسان کي بچائي سگهندا.
هاڻي اسين پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن کي
وري نه چونداسين ته ’اوهين اسان جا خدا آهيو،‘
بيشڪ اي خداوند! تون ئي آهين،
جيڪو اسان يتيمن تي رحم ڪري سگهين ٿو.“

## خداوند جو اسرائيل وارن کي معاف ڪرڻ جو واعدو

4 خداوند فرمائي ٿو ته
”اسرائيل وارن جيڪا سرڪشي ڪئي آهي،
سا آءٌ کين معاف ڪري ڇڏيندس.
آءٌ کُليءَ دل سان ساڻن پيار ڪندس،
ڇالاءِجو هاڻي هنن مٿان منهنجو غصو ٽري ويو آهي.
5 سو جيئن ڪنهن ويران زمين تي برسات وسي،
تيئن ئي آءٌ اسرائيل وارن تي رحم ڪندس.
پوءِ هو سوسن جي ٻوٽي جيان گهڻا گل جهليندا،
اهي اهڙيون مضبوط پاڙون هڻندا،

---

5:13 6-5 شر 8:11-17  10:13 1.سمـ 8:5-6  11:13 1.سمـ 10:17-24، 15:26  14:13 1.ڪر 15:55

جيئن لبنان جو ديال پاڙون هڻي ٿو.
6 هنن جون ٽاريون اهڙيون پکڙبيون،
جو منجهائن زيتون جي وڻن جهڙي سونهن نظر ايندي،
۽ لبنان جي وڻن جهڙي خوشبوءَ ايندي.
7 ڪٽڪ جي سلي جيان هو تازا توانا رهندا.
اهي انگورن جي ول جيان جهجهو ڦر ڏيندا،
۽ لبنان جي مئي وانگر مشهور ٿيندا.
ڇالاءِجو اهي وري منهنجي ڇانوَ هيٺ رهندا.

8 تڏهن اسرائيل وارا هيئن چوندا تہ
’هاڻي اسان جو بتن سان ڪهڙو واسطو؟‘
آءٌ خداوند انهن جون دعائون ٻڌندس،
۽ سندن حفاظت ڪندس.
آءٌ هنن لاءِ هميشہ سرسبز وڻ جهڙو ٿيندس،
۽ هو مون مان هر وقت جهجهو ڦل حاصل ڪندا.“

## ڏاها ۽ سچار ماڻهو

9 ڏاها ماڻهو انهن ڳالهين کي سمجهي ٿا سگهن،
هائو، سمجهہ وارا انهن ڳالهين کي چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿا.
خداوند جون راهون سنئيون سڌيون آهن،
سو سچار ماڻهو انهن تي ئي هلندا رهندا،
پر گنهگار ماڻهو انهن راهن تي نہ هلي سگهندا،
۽ ٿاٻڙجي ڪري پوندا.

# يوايل

## يوايل نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”يوايل“ نالي هي مقدس ڪتاب ائين لڳي ٿو تہ فارس جي شهنشاهت جي ڏينهن ۾ پنجين يا چوٿين صدي قبل مسيح ۾ منظر عام تي آيو. پر اهو واضح نہ آهي تہ يوايل نبي ڪهڙي دور ۾ هو. هن ڪتاب ۾ يوايل نبي يهوداہ ملڪ ۾ ماڪڙ جي آنڌل تباهيءَ ۽ وڏي ڏڪار جو بيان ڪري ٿو. انهن واقعن مان هن کي اهو اشارو نظر اچي ٿو تہ خدا جي عدالت جو ڏينهن اچڻ وارو آهي. انهيءَ ڏينهن خداوند انهن ماڻهن کي سزا ڏيندو جيڪي سندس قاعدن قانونن جا مخالف آهن. يوايل نبي ماڻهن کي خداوند جو پيغام ٻڌائي توبهہ‌تائب ٿيڻ لاءِ چوي ٿو. ان کان علاوہ هو پنهنجي قوم جي بحاليءَ لاءِ خدا جو واعدو ۽ سندس برڪتون پڻ ياد ڏياري ٿو. خاص ڳالهہ اها آهي تہ خدا اهو واعدو فرمايو تہ هو پنهنجي سڄيءَ قوم تي پنهنجو روح نازل ڪندو، پوءِ اهي مرد هجن توڙي عورتون، جوان هجن توڙي پوڙها (2:28–29). يوايل نبيءَ جي هن ڪتاب جون هي آيتون ۽ ڪجهہ ٻيون آيتون نئين عهدنامي ۾ پڻ بيان ڪيل آهن.

#### سِٽاءُ

ماڪڙ جي آفت 1:1–2:17
بحاليءَ جو واعدو 2:18–27
خداوند جي عدالت جو ڏينهن 2:28–3:21

---

1 (1) هي خداوند جو اهو پيغام آهي جيڪو يوايل ولد فتوايل جي معرفت ڏنو ويو.

#### فصلن جي تباهيءَ تي مرثيو

(2) ٻڌو، اي عمر رسيدؤ!
بلڪ هن ملڪ يهوداہ جا سڀ رهاڪؤ! اوهين ڪن ڏيئي ٻڌو.
ڇا اوهان جي يا اوهان جي ابن ڏاڏن جي ڏينهن ۾
ڪڏهن ڪا ههڙي ڳالهہ ٿي آهي؟
(3) اوهين اها پنهنجي اولاد کي ٻڌايو،
اوهان جو اولاد وري پنهنجي اولاد کي
۽ انهن جو اولاد وري بعد ۾ ايندڙ پيڙهيءَ سان
انهيءَ جو ذڪر ڪري تہ
(4) ماڪڙ جي ڪٽڪن مٿان ڪٽڪن
اچي فصلن تي حملو ڪيو.
پهرين ڪٽڪ کان جيڪي ڪجهہ بچيو بہ هو
تہ اهو وري ٻئي ڪٽڪ اچي ڳڙڪائي ڇڏيو.

(5) اي مئي پيئڻ سان مدهوش رهڻ وارؤ! جاڳو ۽ روئو رڙو.
هاڻو، اي مئيخوارؤ! اوهين رڙيون ڪري روئو،
ڇالاءِجو اها مٺي مئي اوهان جي وات تان کسي ويئي آهي.
(6) جيئن تہ *ماڪڙ جو هڪڙو ڪٽڪ
اسان جي ملڪ تي چڙهائي ڪري آيو،
جيڪو ڏاڍو طاقتور ۽ قوم جي وڏي لشڪر جيان هو.
انهن جا ڏند ۽ ڄاڙيون شينهن جهڙا هئا.
(7) انهيءَ ڪٽڪ اسان جي انگورن جا باغ اجاڙي ڇڏيا آهن،
۽ اسان جي انجيرن جا وڻ ڀڃي وڌا آهن.
وڻن جا ڇوڏا بہ لاهي اڇلايا اٿن،
ايتري قدر جو ٽاريون بلڪل اڇيون نظر اچن ٿيون.

---

*ماڪڙ جو هڪڙو ڪٽڪ ... قوم جي وڏي لشڪر جيان: اصلي متن ۾ اهو واضح نہ آهي تہ هي حقيقي ماڪڙ آهي يا ڪا قوم. پر سڄو زور تباهي ۽ بربادي تي آهي.

6:1 مڪا 8:9

8 سو اي منهنجي قوم وارؤ! اوهين ائين روئو رڙو،
جيئن ڪا ڪنوار پنهنجي گھوٽ جي مرڻ تي
ڪٿو ڍڪي روئندي رڙندي آهي.
9 اناج توڙي مئي ختم ٿي ويئي آهي،
سو اهي قربانين لاءِ هيڪل ۾ نہ ٿا آندا وڃن.
خداوند جي آڏو قربانيون پيش نہ ٿيڻ ڪري
ڪاهن روڄ راڙي ۾ پيا گذارين.
10 پنيون ويران ٿي ويون آهن،
بلڪ سڄو ملڪ تباهه وَ برباد ٿي ويو آهي.
ڇالاءِجو اناج، انگور ۽ زيتون سڪي سڙي ويا آهن.

11 اي ڪڙميؤ! اوهين ڏاڍا غمگين ٿي وڃو،
اي انگورن جا باغبانؤ! اوهين واءِويلا مچايو،
ڇالاءِجو ڪڻڪ، جَوَ، بلڪ پنيءَ جو هر فصل چٽ ٿي ويو آهي.
12 انگورن جون وليون ۽ انجير جا وڻ سڪي رهيا آهن.
انهيءَ ڪان علاوه ڏاڙهون، ڪجيءَ ۽ صوف جا وڻ،
بلڪ باغ جو هر وڻ ڪومائجي ويو آهي.
سو ان آفت جي ڪري بني آدم وٽان خوشي گم ٿي ويئي آهي.

13 اي قربانگاهه جا خدمتگار ڪاهنؤ!
ڪٿا چيلهه سان ٻڌي واءِويلا ڪريو.
هائو، اي خدا جا خادمؤ! سڄي رات ڪٿو ويڙهي ويٺا رهو،
ڇالاءِجو اناج توڙي مئي آهي ئي ڪانه،
جو اوهين خدا جي گھر ۾ اهي قربانين طور پيش ڪريو.
14 اوهين ملڪ جي اڳواڻن بلڪ سڀني رهاڪن کي
خداوند پنهنجي خدا جي هيڪل وٽ گڏ ڪريو.
سڀني کي خاص روزي رکڻ جي هدايت ڪريو،
۽ خداوند آڏو اوهين سڀيئي عاجزيءَ سان ٻاڏايو.

15 اهو ڏينهن اچي پهتو آهي،
۽ قادرِمطلق ڪيڏي نہ وڏي مصيبت نازل ڪري رهيو آهي.
آه! اهو خداوند جو ڏينهن ڪيڏو نہ خوفناڪ آهي!
16 اسان جو رزق اسان جي اکين اڳيان ناس ڪيو ويو آهي،
جنهن ڪري خوشي ۽ سرهائي
اسان جي خدا جي گھر ڪان هلي ويئي آهي.
17 ٻج پنيءَ جي پترن هينان سڙي ڪنو ٿي ويو آهي،
بلڪ سڀيئي فصل سڪي سڙي ويا آهن.
تنهنڪري اناج جا گدام ۽ پاندا ويران پيا آهن.
18 اسان جو چوپايو مال ڪيڏو نہ رڙي رهيو آهي!
ڍور ڍڳا بک ۾ پاهه پيا ٿين،
۽ رڍن ٻڪرين جا ڌڻ چٽ ٿي ويا آهن،
ڇالاءِجو انهن لاءِ چارو ڪونهي.

19 اي خداوند! آءٌ تنهنجي اڳيان فرياد ٿو ڪريان،
ڇالاءِجو ساڙيندڙ گرميءَ پنيءَ جا وڻ توڙي چراگاهه،
بلڪ سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏيو آهي.
20 جهنگلي جانور بہ تو آڏو پيا اچ مرن،
ڇالاءِجو پاڻيءَ جون نديون سڪي ٺوٺ ٿي ويون آهن.
آه! سڀ ڪجهه سخت گرميءَ ۾ سڙي رک ٿي ويو آهي.

## خداوند جي عدالت جي ڏينهن جو بيان

2 1 اي پهريدارؤ! اوهين خدا جي پاڪ جبل صيئون ۾
جنگ جي نفيل وڄائي خوف جي خبر ٻڌايو.
هائو، يهوداه ملڪ جي سڀني رهاڪن کي ڊيڄاري ڇڏيو،
ڇالاءِجو خداوند جي عدالت وارو ڏينهن
بلڪل ويجهو اچي پهتو آهي.
2 اهو ڏينهن اونداهيءَ ۽ انڌاري وارو هوندو،
هائو، جهڙالو ۽ ڪُھُڪُھُہ اونداهيءَ وارو ڏينهن.
جيئن پرهه ڦٽڻ مهل روشني جبلن تي پکڙجي ٿي،
تيئن ئي انهيءَ ڏينهن هڪڙو وڏو ڪٽڪ پکڙجي ويندو.
اهڙو طاقتور ڪٽڪ نہ اڳي ڪڏهن آيو آهي،
۽ نہ وري ڪيترين ئي پيڙهين تائين ڪڏهن ايندو.
هائو، انهن ڪان ڪا بہ شيءِ بچي نہ سگھندي.

3 اهي باهه وانگر هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيندا،
هنن جي اڳيان جيڪي عدن جي باغ جهڙيون سرسبز پنيون آهن،
تن سڀني کي اهي اهڙو برباد ڪري ڇڏيندا،
جو سندن پٺيان اهي ويران ۽ بيابان نظر اينديون.
هائو، انهن ڪان ڪا بہ شيءِ بچي نہ ٿي سگھي.
4 اهي گھوڙن وانگر ڏسڻ ۾ ايندا،
۽ ائين ڊڪندا ڊوڙندا جيئن جنگي گھوڙا.
5 اهي جبلن جي چوٽين تي ائين گجگوڙ ڪندا،
جيئن جنگي گھوڙي گاڏيون کڙڪاٽ ڪنديون آهن،
يا جيئن ڪو طاقتور لشڪر
جنگ ڪرڻ لاءِ صفون ٻڌي تيار هجي.
اهي جهنگ جي انهيءَ باهه وانگر آهن،
جيڪا ڪک ڪانا ساڙي چٽ ڪري ٿي ڇڏي.
6 انهن جي آڏو خوف وچان ماڻهو ڏڪڻ لڳندا.

1:15 يس 13:6    2:4–5 مڪا 9:7–9

هائو، انهن کي ڏسي ماڻهن جا منهن پيلا ٿي ويندا.
7 اهي بهادرن وانگر ڪاهه ڪري ايندا،
۽ جنگي جوڌن وانگر ڪوٽن تي چڙهي ويندا.
اهي سڀ بلڪل سڌو اڳتي وڌندا ويندا،
۽ پنهنجون صفون بلڪل نه ٽوڙيندا.
8 اهي هڪ ٻئي کي ڌڪا نه ڏيندا،
بلڪ هر ڪو پنهنجي پنهنجي رستي سان پيو هلندو.
تير تلوارون پالا به کين سندن رستي کان هٽائي نه سگهندا.
9 اهي يروشلم شهر مٿان ڌوڪيندا ايندا،
۽ انهيءَ جي ڪوٽ جي ڀتين تي چڙهي گهرن ۾ گهڙي ويندا.
هائو، اهي چورن وانگر درين منجهان گهرن ۾ داخل ٿي ويندا.

10 انهن جي اچڻ سان ڌرتي ڏُڏي ويندي،
۽ آسمان ڏڪي ويندو.
هنن آڏو سج توڙي چنڊ اونداها ٿي ويندا،
۽ تارن مان چمڪ ختم ٿي ويندي.
11 خداوند پاڻ پنهنجي انهن بي‌شمار ڪٽڪن جي اڳواڻي ڪندو،
هائو، انهن لشڪرن جي
جيڪي سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪن ٿا.
بيشڪ خداوند جي عدالت جو ڏينهن ايڏو ته هيبتناڪ آهي،
جو ڪوبه انهيءَ ڏينهن بيهي نه سگهندو.

## توبهه‌تائب ٿيڻ لاءِ سڏ

12 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم! تنهن هوندي به اجا وقت آهي،
جو اوهين پنهنجي پوريءَ دل سان،
روزا رکندي، روئندي رڙندي
۽ پڇتائيندي مون آڏو توبهه‌تائب ٿيو.“

13 سو اي بني اسرائيل!
پنهنجي ڏک جي اظهار لاءِ پنهنجا ڪپڙا نه ڦاڙيو،
بلڪ پنهنجين دلين جي گهراين سان
خداوند پنهنجي خدا آڏو توبهه‌تائب ٿيو،
ڇالاءِجو هو رحيم ۽ مهربان آهي.
هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ شفقت ڪرڻ ۾ تڪڙو آهي،
۽ عذاب نازل ڪرڻ کان مڙي وڃي ٿو.
14 شايد خداوند پنهنجو ارادو بدلائي
اوهان سان رحم وارو سلوڪ ڪري.
پوءِ هو اوهان تي جهجهي اناج ۽ مئي جون برڪتون نازل ڪندو،
جن مان اوهين خداوند پنهنجي خدا لاءِ
قربانيون ۽ نذرانا پيش ڪندا.

15 اي خداوند جا خدمتگار ڪاهنؤ!
صيئون جبل تي سڀني ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ نفيل وڄايو،
ته جيئن اهي اچي ڏک جي اظهار لاءِ خاص روزو رکن.
16 هائو، سڀني ماڻهن کي آڻي گڏ ڪري
کين پاڪ گڏجاڻيءَ لاءِ تيار ڪريو.
وڏي عمر وارن کان وٺي
کير پياڪ معصومن تائين سڀني کي آڻي گڏ ڪريو.
ايتري قدر جو نوان گهوٽ ڪنوار به
پنهنجي ڪوٺيءَ کي ڇڏي ضرور اچي حاضر ٿين.
17 اي ڪاهنؤ! اوهين هيڪل جي اڱڻ ۾ روئو رڙو،
۽ قربانگاهه ۽ مقدس جاءِ جي وچ ۾ بيهي هيءَ دعا گهرو ته
”اي خداوند! پنهنجيءَ قوم تي رحم ڪر.
هائو، پنهنجي انهيءَ ميراث جي توهين ٿيڻ نه ڏي.
ڇو غير قومون اسان تي ٺٺوليون ڪندي چون ته
’ڪٿي آهي اوهان جو خدا؟‘“

## خداوند جو ملڪ کي وري زرخيز بنائڻ

18 تڏهن خداوند پنهنجي ملڪ بابت ڏاڍو جوش ۾ اچي ويو،
۽ هن پنهنجي قوم تي رحم ڪري
19 سندن گهريل دعائن جي جواب ۾ فرمايو ته
”ڏسو، آءٌ جهجهو اناج، مئي ۽ زيتون جو تيل عطا ڪري
اوهان کي خوشحال بڻائيندس.
آئينده لاءِ آءٌ غير قومن هٿان اوهان جي توهين ٿيڻ نه ڏيندس.
20 آءٌ اتر کان حملي لاءِ ايندڙ وڏي لشڪر کي
اوهان کان پري تڙي ڇڏيندس.
آءٌ کين خشڪ بيابان ڏانهن پڇائي ڪيندس.
لشڪر جو اڳ وارو حصو ڪاري سمنڊ ۾،
۽ انهيءَ جو پٺ وارو حصو پونوچ سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيندس.
انهن جي لاشن مان ڌپ ۽ بدبوءِ ڦهلجي ويندي.
آءٌ انهن کي اهڙيءَ طرح تباهه ڪري ڇڏيندس،
ڇالاءِجو هنن اوهان کي وڏو نقصان ڏنو آهي.

21 سو اي بني اسرائيل جي زمين! ڊڄ نه،
بلڪ سرهي ٿيءُ ۽ خوشيون ملهاءِ،
ڇالاءِجو هاڻ آءٌ خداوند تو تي وڏيون وڏيون مهربانيون ڪندس.
22 اي جهنگ جا جانورؤ! ڪو خوف نه ڪريو،
اوهان جا چراگاهه وري سرسبز ٿي ويندا.
انجير جا وڻ ۽ انگورن جون وليون ميوي سان ڍڪجي وينديون،
بلڪ سڀيئي ميويدار وڻ جهجهو ڦر جهليندا.

23 اي *صيئون جا رهاڪؤ! اوهين سرها ٿيو ۽ خوشيون ملهايو.
ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا
اوهان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪندس.
آءٌ اوهان تي مندائتا مينهن وسائيندس.
هائو، آءٌ اوهان جي لاءِ اڳاٽا توڙي پاڇاٽا مينهن
هميشه وانگر پوريءَ مند تي وسائيندس.
24 ايتري قدر جو اوهان جا ڳاهڻ وارا پڙ اناج سان پرجي ويندا،
۽ حوض مئي ۽ زيتون جي تيل سان ٽمٽار ٿي اُٿلي پوندا.
25 آءٌ گذريل سالن ۾ فصلن جو ٿيل نقصان
اوهان کي موٽائي ڏيندس.
هائو، اهي فصل جن کي ماڪڙ جي ڪٽڪن
کائي چٽ ڪري ڇڏيو هو.
اهي ماڪڙ جا ڪٽڪ مون ئي
اوهان ڏانهن لشڪر جيان موڪليا هئا.
26 پوءِ اوهين جهجهو کائيندا پيئندا ۽ ڍءُ ڪري
مون خداوند پنهنجي خدا جي نالي جي واکاڻ ڪندا،
جنهن اوهان تي هيڏيون ساريون مهربانيون ڪيون آهن.
هاڻي اي منهنجي قوم! اڳتي اوهين ڪڏهن به شرمندا نه ٿيندا.
27 بلڪ اوهين ڄاڻي وٺندا ته آءٌ اوهان سان گڏ آهيان،
۽ آءٌ ئي خداوند اوهان جو خدا آهيان.
اوهان جو ٻيو ڪوبه معبود ڪونه هوندو.
پوءِ اوهين اڳتي ڪڏهن به شرمندا نه ٿيندا.“

## خداوند جي روح جو نازل ٿيڻ

28 خداوند فرمائي ٿو ته
”انهيءَ کان پوءِ آءٌ سڀني ماڻهن تي پنهنجو روح نازل ڪندس،
تڏهن اوهان جا پٽ ۽ ڌيئرون منهنجو پيغام ٻڌائڻ لڳندا.
اوهان جا جوان توڙي پوڙها سچا خواب ۽ رويائون ڏسڻ لڳندا،
29 بلڪ انهن ڏينهن ۾ آءٌ پنهنجو روح
ٻانهن توڙي ٻانهين تي به نازل ڪندس.

30 آءٌ مٿي آسمان ۾ توڙي هيٺ زمين تي
پنهنجا عجيب ڪم ظاهر ڪندس.
اهي خونريزي، باهه ۽ دونهين جي ڪڪرن جي صورت ۾ هوندا.
31 سج ڦري اونداهو ٿي پوندو،
۽ چنڊ ڦري رت جيان ڳاڙهو ٿي پوندو.
اهو سڀ ڪجهه مون خداوند جي ظاهر ٿيڻ واري
عظيم ۽ خوفناڪ ڏينهن جي پهچڻ سان ٿيندو.
32 تڏهن جيڪو به مون خداوند جو نالو وٺي پڪاريندو،
سو بچي ويندو.
جيئن مون اڳ واعدو ڪيو آهي ته
صيئون جبل تي يروشلم ۾ جن کي مون چونڊي ڪڍيو آهي،
سي سڀ بچي ويندا.“

## خداوند جو قومن جي عدالت ڪرڻ

3 1 خداوند فرمائي ٿو ته ”ڏسو، انهن ڏينهن ۾ آءٌ يروشلم بلڪ
سڄي يهوداه ۾ وري خوشحالي آڻيندس. 2 تڏهن آءٌ سڀني قومن
کي عدالت واري ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ڪندس. اتي آءٌ سندن عدالت
ڪندس ۽ جيڪي ڪجهه هنن منهنجي قوم سان ڪيو آهي تنهن جو
کائنس حساب ڪتاب وٺندس. هنن منهنجي قوم بني اسرائيل کي
ڌارين قومن ۾ ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن ملڪ کي ورهائي
ڇڏيو اٿائون. 3 هنن منهنجي قوم جي قيدين کي پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ
ڪٿا وڌا آهن. هنن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي ڪنجرين کي ڪيريون گهرائڻ ۽
شراب خوريءَ جي عيوض وڪڻي ڇڏيو آهي.
4 سو اي صور، صيدا ۽ فلستيه جي سڀني علائقن جا رهاڪؤ!
اوهان جي حيثيت آهي ئي ڇا؟ اوهان ائين ڪرڻ سان مون کان ڪو
بدلو ورتو آهي ڇا؟ جي ائين آهي ته هاڻي آءٌ وري اوهان کان هڪدم
بدلو وٺندس. 5 اوهين منهنجو سون چاندي ڪٽي ويا آهيو ۽ منهنجون
عمديون شيون ڪٽي وڃي پنهنجي پوڄا گهرن ۾ رکيون اٿوَ. 6 اوهين
يروشلم بلڪ سڄي يهوداه مان ماڻهن کي گهلي سندن وطن کان
پري وٺي ويا ۽ کين يونانين وٽ وڪڻي ڇڏيو آهي. 7 پر هاڻي جن
هنڌن تي اوهان هنن کي وڪڻي ڇڏيو هو، تن هنڌن تان آءٌ يهوداه
وارن کي موٽائي پنهنجي وطن ۾ آڻيندس. اوهان جيڪي ڪجهه هنن
سان ڪيو آهي، سو ئي آءٌ اوهان سان به ڪندس. 8 آءٌ اوهان جا پٽ
توڙي ڌيئرون بني يهوداه وارن جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيڪي
کين هڪڙي ڏورانهين قوم يعني شبا ملڪ وارن جي هٿ وڪڻي
ڇڏيندا. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
9 خداوند جي طرفان قومن منجهه هي اعلان ڪرايو وڃي ته
”جنگ جي تياري ڪري
پنهنجي بهادرن کي اٿي گڏ ڪريو.
هائو، سڀني جنگي جوڌن جون جنگ لاءِ صفون ٻڌايو،
۽ کين حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪريو.
10 اوهين پنهنجي هرن جي ڦرن مان تلوارون ٺاهيو،
۽ پنهنجي ڏاٽن مان نيزا ٺاهيو.

*صيئون: يعني يروشلم شهر.

2:28–32 رس 2:17–21    2:31 مت 24:29، مر 13:24–25، لو 21:25، مڪا 6:12–13    2:32 رو 10:13    3:4–8 يس 14:29–31، 23:1–18، ير 47:1–7، حز 25:15–28:26، عا 1:6–10، صف 2:4–7، زڪ 9:1–7، مت 11:21–22، لو 10:13–14    3:10 يس 2:4، ميڪ 4:3

اھڙيءَ طرح اوھين ھر ڪمزور کي
ھٿيارن سان طاقتور بڻائي ڇڏيو.
11 اي آس‌پاس واريون سڀيئي قومون!
اوھين جلدي اچو ۽ عدالت واري ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿيو."
اي خداوند! جڏھن اھي ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿين،
تڏھن ھنن تي حملي ڪرڻ لاءِ پنھنجي بھادرن کي موڪلي ڏي.

12 خداوند فرمائي ٿو تہ
"جڏھن سڀيئي آس‌پاس واريون قومون تيار ٿي
عدالت واري ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿينديون،
تڏھن آءٌ خداوند انھن سڀني قومن جي عدالت ڪندس.
13 اھي تمام بدڪار آھن.
سو جيئن پڪل فصل ۾ ڏاٽو وجھي لابارو ڪيو وڃي ٿو،
تيئن ئي کين قتل ڪيو ويندو.
ھائو، جيئن انگورن کي لتاڙي حوض رس سان ڀري
ٽمٽار ڪيو ويندو آھي، بلڪ اٿلي وھي پوندو آھي،
تيئن ئي کين لتاڙي چٽ ڪيو ويندو."

14 جڏھن عدالت واري انھيءَ ماٿريءَ ۾
ھزارين بلڪ لکين ماڻھو اچي گڏ ٿيندا.
بيشڪ تڏھن خداوند انھن جي عدالت ڪندو.
15 انھيءَ ڏينھن سج توڙي چنڊ اونداھا ٿي ويندا،
۽ تارن مان چمڪ ڇڏائي ويندي.
16 خداوند صيئون جبل تان شينھن وانگر گجندو.
ھائو، سندس آواز سڄي يروشلم ۾ گونجندو،
ايتري قدر جو زمين وَ آسمان ڏڪي ويندا.
پر تنھن ھوندي بہ خداوند پنھنجي قوم بني اسرائيل لاءِ
مضبوط قلعو ۽ پناھہ جي جاءِ ھوندو.

## قوم جي بحالي

17 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي بني اسرائيل وارؤ!
پوءِ اوھين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند اوھان جو خدا آھيان،
جيڪو پنھنجي پاڪ جبل صيئون منجھہ رھان ٿو.
بيشڪ يروشلم وري پاڪ شھر بڻجي ويندو،
۽ ڪوبہ ڌاريو لشڪر انھيءَ کي ڀيھر فتح ڪري نہ سگھندو.

18 انھن ڏينھن ۾ تمام گھڻي خوشحالي ٿيندي
جو يھوداہ ملڪ جون سڀيئي نديون پاڻيءَ سان ڀريل وھنديون
۽ ڪڏھن نہ سڪنديون.
بلڪ انگورن جون وليون ايترا تہ انگور جھلينديون
جو جبلن تان انھن جي مئي وھندي نظر ايندي،
۽ چوپايو مال ايترو تہ خوش ھوندو جو انھن جي کير جون
ٽڪرن تان نديون وھنديون نظر اينديون،
انھن ڏينھن ۾ مون خداوند جي گھر مان
ھڪڙو چشمو وھي نڪرندو،
جيڪو شطيم جي ماٿريءَ کي ريج ڏيندو.

19–21 مصرين ۽ ادومين يھوداہ ملڪ تي حملو ڪري
بي‌گناھہ ماڻھن جو خون وھايو آھي.
سو آءٌ يھوداہ وارن جي خون جو بدلو وٺي
مصر ۽ ادوم ملڪن کي ويران ۽ اجڙيل بيابان بڻائي ڇڏيندس.
ھائو، آءٌ ڪڏھن بہ درگذر نہ ڪندس.
پر يروشلم پيڙھي بہ پيڙھي قائم رھندو،
بلڪ سڄو يھوداہ ملڪ ھميشہ آباد رھندو،
۽ آءٌ خداوند ساڻن گڏ صيئون جبل تي رھندس."

---

3:13 مڪا 14:14–16، 19:19–20، 15:19    3:16 عا 1:2    3:18 حز 47:1–12، مڪا 22:1–2

# عاموس

## عاموس نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”عاموس“ نالي هن مقدس ڪتاب جو ليکڪ حضرت عاموس اهو پهريون نبي آهي، جنهن جي پيغامن کي *نبين جي صحيفن ۾ سڀ کان پهريائين هڪ مقدس ڪتاب جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ هو ڏاکڻي بادشاهت يهوداه جو رهاڪو هو، پر هن اترينءَ بادشاهت اسرائيل ۾ اچي اتان جي ماڻهن ۾ تبليغ ڪئي. اهو عرصو اٺين صدي قبل مسيح جي وچ وارو عرصو هو. اهو زمانو وڏي خوشحالي، شان وَ شوڪت، مذهبي شرافت ۽ ظاهري امن امان جو هو. پر عاموس ڏٺو تہ خوشحالي رڳو اميرن تائين محدود هئي ۽ غريبن سان ناانصافي پئي ٿي ۽ ڪين دٻايو پئي ويو. مذهبي ڳالهين تي دليءَ طور عمل ڪونہ ٿي ڪيو ويو ۽ امن امان بہ صحيح طرح ڪونہ هو. هن جوش ۽ همت سان تبليغ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ خدا اترينءَ بادشاهت اسرائيل جي ماڻهن کي سندن عملن جي سزا ضرور ڏيندو. پوءِ هن اميد ڏيکاريندي چيو تہ ”شايد خداوند قادرِمطلق خدا، اسرائيل ملڪ تي اچڻ واري سزا کان پوءِ اوهان مان باقي بچي ويلن تي مهربان ٿئي“ (15:5). هن انصاف لاءِ ائين چيو تہ ”انصاف کي پاڻيءَ وانگر ۽ سچائيءَ کي سدا وهندڙ نديءَ وانگر وهائيندا رهو“ (24:5).

سِٽاءُ

آس‌پاس وارين قومن خلاف پيغام 1:1–5:2
اترينءَ بادشاهت اسرائيل خلاف پيغام 6:2–14:6
پنجن رويائن جو بيان 1:7–15:9

---

1 ① هي ڳالهيون تقوع شهر جي ڌنار عاموس جون آهن. اسرائيل
وارن بابت اهي ڳالهيون يهوداه ملڪ جي بادشاهہ عُزياہ ۽
اسرائيل ملڪ جي بادشاهہ يربعام ثاني ولد يهوآس جي ڏينهن ۾
زلزلي کان بہ سال اڳ خدا عاموس کي رويا ۾ ڏيکاريون. ② عاموس
چيو تہ

”صيئون جبل تان خداوند گجي ٿو،
هائو، انهيءَ جبل واري شهر يروشلم مان سندس آواز ٻڌجي ٿو.
ان آواز جي ڪري ڪرمل جبل جي چوٽي ڪومائجي ٿي وڃي،
ريڍارن جو هر چراگاهہ سُڪي ٿو وڃي.“

### اسرائيل ملڪ جي آس‌پاس وارين قومن لاءِ سزا
(1:3–2:5)

(†ارام لاءِ سزا)

③ ارام وارن بابت خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
”دمشق شهر وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ ڪين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاءِجو هنن گلعاد شهر وارن کي
ڳاهڻ وارن لوهي اوزارن سان ڳاهي ڇڏيو آهي.
④ تنهنڪري آءٌ اهڙي باهہ موڪليندس،
جيڪا بن‌هدد بادشاهہ جي نهرايل قلعي

---

†ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

1:1 2.با 1:15–7، 2.توا 1:26–23، 2.با 23:14–29 2:1 يوا 16:3 1:3–5 يس 1:17–3، ير 23:49–27، زڪ 1:9

۽ انهيءَ ۾ حزائيل بادشاهہ جي محل کي
ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
5 آءٌ انهيءَ قلعي واري شهر دمشق جا دروازا ڀڃي ڇڏيندس،
۽ *آون ماٿريءَ ۽ †بيت‌عدن جي حڪمرانن توڙي رهاڪن کي
نابود ڪري ڇڏيندس.
پوءِ ارامين مان باقي بچيل قيد ٿي قير ملڪ ڏانهن نيا ويندا."
اهو خداوند جو فرمان آهي.

(فلستي لاءِ سزا)

6 فلستيءَ وارن بابت خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
"غزه شهر وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاءِ‌جو هو ڪن ڳوٺن جي سڀني ماڻھن کي قيد ڪري وٺي ويا،
۽ کين ادوم ملڪ ۾ وڪڻي ڇڏيائون.
7 تنهنڪري آءٌ غزه شهر جي ڪوٽ تي باهہ موڪليندس،
جيڪا انهيءَ جي محلاتن سميت سڀني کي
ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
8 آءٌ عقرون شهر کي سزا ڏيندس،
بلڪ اشدود ۽ اسقلون شهرن جي
حڪمرانن توڙي رهاڪن کي بہ نابود ڪري ڇڏيندس.
هائو، اهڙيءَ طرح فلستين جا باقي بچيل سڀيئي ماڻھو
چٽ ٿي ويندا."
اهو خداوند خدا جو فرمان آهي.

(صور لاءِ سزا)

9 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
"صور شهر وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاءِ‌جو هنن ڳوٺن جا ڳوٺ قيد ڪري
ادوم ملڪ جي غلاميءَ ۾ ڏيئي ڇڏيا آهن،
۽ برادريءَ واري عهد اقرار جو احترام نہ ڪيو اٿائون.
10 تنهنڪري آءٌ صور شهر جي ڪوٽ تي باهہ موڪليندس،
جيڪا ان جي محلاتن سميت سڀني رهاڪن کي
ساڙي رک ڪري ڇڏيندي."

(‡ادوم لاءِ سزا)

11 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
"ادوم ملڪ وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاءِ‌جو هو تلوار کڻي
پنهنجي بني اسرائيل جي ڀائرن جي پٺيان پوندا هئا،
۽ کين ڪو رحم نہ ٿي آيو.
انهن جي ڪاوڙ جاري رهي ۽ سندن غصو ڍرو نہ ٿيو.
12 تنهنڪري آءٌ تيمان شهر تي باهہ موڪليندس،
جيڪا ان سان گڏ بُصراه جي محلاتن سميت
سڀني کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي."

(¶عمون لاءِ سزا)

13 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
"عمون علائقي وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاءِ‌جو هنن پنهنجي سرحدن کي وڌائڻ جي اند ۾
گلعاد علائقي جي حامله عورتن جا بہ پيٽ ڦاڙي ڇڏيا.
14 تنهنڪري آءٌ ربہ شهر جي ڪوٽ تي باهہ ڀڙڪائيندس،
جيڪا ان جي محلاتن سميت سڀني کي جنگ جي ڏينهن تي
طوفاني واچوڙن وانگر للڪار ڪندي برباد ڪري ڇڏيندي.
15 انهن جو بادشاهہ پنهنجي عملدارن سميت
جلاوطن ڪيو ويندو."
اهو خداوند جو فرمان آهي.

(§موآب لاءِ سزا)

2

1 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
"موآب ملڪ وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،

*آون ماٿري: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "بدڪاريءَ جي ماٿري".
†بيت‌عدن: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "عياشيءَ جو گهر".
‡ادوم: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.
¶عمون: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.
§موآب: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

8–6:1 يس 14:29–31، ير 47:1–7، حز 25:15–17، يوا 3:4–8، صف 2:4–7، زڪ 9:5–7 10–9:1 يس 23:1–18، حز 26:1–28:19، يوا 3:4–8،
زڪ 9:1–4، مت 11:21–22، لو 10:13–14 12–11:1 يس 34:5–17، 63:1–6، ير 49:7–22، حز 25:12–14، 35:1–15، عبد 1–14، ملا 1:2–4
15–13:1 ير 49:1–6، خز 21:28–32، 25:1–7، صف 2:8–11 3–1:2 يس 15:1–16:14، 25:10–12، ير 48:1–47، حز 25:8–11، صف 2:8–11

ڇالاڪِجو هنن ادوم جي بادشاهہ جا بہ
هڏا ساڙي چونو بڻائي ڇڏيا آهن.
2 تنهنڪري آءٌ موآب ملڪ تي باهہ موڪليندس،
جيڪا قريوت جي محلاتن سميت سيني کي
ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
اهڙيءَ طرح موآب وارا جنگ جي للڪار، نفيلن جي آواز،
۽ گوڙ گهمسان سان ختم ٿي ويندا.
3 موآب جي حڪمران کي بہ
سندس سيني عملدارن سميت آءٌ قتل ڪرائي ڇڏيندس.“
اهو خداوند جو فرمان آهي.

(يهوداہ لاءِ سزا)

4 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
”يهوداہ وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاڪِجو هنن مون خداوند جي شريعت کي رد ڪري ڇڏيو آهي،
۽ منهنجي حڪمن تي عمل نہ ڪيو اٿائون.
انهن ڪوڙن معبودن کين گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي،
جن جي سندن ابن ڏاڏن پوڄا ڪئي هئي.
5 تنهنڪري آءٌ يهوداہ ملڪ تي باهہ موڪليندس،
جيڪا يروشلم جي محلاتن سميت
سيني کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.“

## اسرائيل ملڪ لاءِ سزا

6 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
”اسرائيل ملڪ وارن جي بار بار گناهہ ڪرڻ جي ڪري
آءٌ کين سزا ڏيڻ جي ارادي کان بلڪل نہ ڦرندس،
ڇالاڪِجو مسڪين قرضدار جنهن جو ٿورو ئي ڏوهہ ڪونهي،
تنهن کي هو چانديءَ جي چند سڪن جي عيوض،
بلڪ خسيس جتيءَ جي جوڙي جي عيوض وڪڻن ٿا.
7 اهي مسڪينن کي انصاف نہ ٿا ڏين،
بلڪ سندن مٿا ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ پيا لتاڙين.
منجهن پيءُ ۽ پٽ ٻئي ساڳيءَ ٻانهيءَ وٽ وڃي
منهنجي پاڪ نالي جي بي‌ادبي پيا ڪن.
8 اهي هر قربان‌گاهہ وٽ
گروي رکيل ڪپڙن مٿان ليٽي ٿا پون،
۽ منهنجي هيڪل ۾
غريبن کان ڏنڊ طور وصول ڪيل مئي پيئن ٿا.

9-10 اي اسرائيل وارؤ! حالانڪ مون ئي اوهان جي وڏن کي
مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو،
۽ چاليهن سالن تائين بيابان ۾ سندن رهنمائي ڪيم.
اوهان جي وڏن ڏٺو تہ
مون ڪيئن انهن امورين کي ناس ڪري ڇڏيو،
جيڪي ديال جي وڻ جيڏا قداور،
۽ شاهہ‌بلوط جي وڻ جهڙا مضبوط هئا.
هائو، مون مٿان کان سندن ميوو،
۽ هيٺان سندن پاڙون ناس ڪري ڇڏيون،
انهيءَ لاءِ تہ اوهين امورين جي ملڪ جا وارث ٿيو.
11 مون اوهان مان ڪي نبي ۽ ڪي *ناذيري بڻايم.
پوءِ اي اسرائيل وارؤ! مون کي ٻڌايو تہ ڇا اهو سچ ناهي؟
12 پر اوهان ناذيرين کي مئي پياريو،
۽ نبين کي منهنجي پيغام ٻڌائڻ کان منع ڪئي.

13 ڏسو، آءٌ اوهان کي ائين چيپاٽي ڇڏيندس،
جيئن اناج سان ڀريل ڪا گاڏي ڪنهن کي چيپاٽي ڇڏيندي آهي.
14 تڏهن تکي ڊوڙڻ واري کان ڀڄڻ جي طاقت هلي ويندي،
۽ زورآور پنهنجو زور لڳائي نہ سگهندو،
نڪي ڪو جوڌو ئي پاڻ کي بچائي سگهندو.
15 ڪوبہ تيرانداز بيهي نہ سگهندو،
نڪي ڪو پيرن جو تکو،
يا وري ڪو گهوڙي سوار ئي پاڻ کي بچائي سگهندو.
16 بهادرن ۾ بهادر بہ انهيءَ ڏينهن تي
هٿيار ڦٽا ڪري ڀڄي نڪرندو.“
اهو خداوند جو فرمان آهي.

3 1 سو اي اسرائيل وارؤ! خداوند جو هي ڪلام ٻڌو، جنهن اوهان
يعني سڄي بني اسرائيل قوم کي مصر ملڪ مان ڪڍي آندو
هو، سو فرمائي ٿو تہ
2 ”مون دنيا جي سيني قومن مان
رڳو اوهان کي ئي چونڊيو آهي.
تنهنڪري آءٌ ئي اوهان کي
اوهان جي سيني گناهن جي سزا ڏيندس.“

## نبي خدا جي ڳجهہ جا امين

3 ڀلا بہ ماڻهو پاڻ ۾ گڏيل بندوبست کان سواءِ
گڏ سفر تي نڪري سگهندا ڇا؟
4 ببر شينهن کي ٻيلي ۾ جيستائين ڪو شڪار نہ ملي،

*ناذيري: يعني خدا لاءِ وقف ٿيل. اهي نہ پنهنجا وار ڪوڙائيندا هئا، نڪي وري ڪنهن ناپاڪ شيءِ يا ڪنهن لاش جي ويجهو ويندا هئا ۽ نہ وري مئي پيئندا هئا.

2:9–10 شر 3:8–11   2:11 ڳا 6:1–8

تڏهن به هو گجندو ڇا؟
يا جوان شينهن جيستائين ڪجهه نه پڪڙيو هجي،
ته به هو پنهنجي غار مان گرڪندو ڇا؟
5 جيڪڏهن ڪا ڪوڙڪي ئي نه اڏي ويئي هجي،
ته ڪو پکي زمين تي ڦندي ۾ ڦاسندو ڇا؟
جڏهن ڪوڙڪيءَ ۾ ڪا شيءِ ڦاسندي ئي نه،
ته اها ڪا متي اچل ڪائيندي ڇا؟
6 پلا ڪنهن شهر ۾ جنگ جي نفيل وڄائي وڃي،
ته ماڻهو ڊڄي نه ويندا ڇا؟
يا ڪنهن شهر تي ڪا مصيبت اچي پوي،
ته اها خداوند جي موڪليل نه هوندي ڇا؟

7 بيشڪ خداوند خدا تيستائين ڪجهه نه ٿو ڪري،
جيستائين هو پنهنجو ڳجهه
پنهنجي بندن نبين تي ظاهر نه ٿو ڪري.

8 ببر شينهن گجيو آهي سو ڪير نه ڊڄندو؟
خداوند خدا فرمايو آهي،
سو ڪير آهي جو سندس پيغام ظاهر نه ڪندو؟

## سامريه شهر جو حشر

9 خداوند ٿو فرمائي ته
”فلستين جي اشدود شهر جي محلاتن ۾
بلڪ مصر ملڪ جي محلاتن ۾ اهو اعلان ڪيو وڃي ته
’اوهين اسرائيل ملڪ جي سامريه شهر جي
چوڌاري جبلن تي گڏ ٿيو.
هائو، اچي ڏسو ته سامريه اندر ڪيڏا نه هنگاما ۽ ظلم آهن.‘
10 انهن ماڻهن کان نيڪيءَ جا ڪم ڪرڻ وسري ويا آهن،
بلڪ اهي ظلم ۽ ڦر ڪري پنهنجن محلاتن کي ڀرين ٿا.
11 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا چوان ٿو ته
انهيءَ ملڪ کي هڪڙو دشمن گهيري هيٺ آڻيندو،
۽ شهرن جا ڪوٽ ڪيرائي وجهندو ۽ محلات لٽيا ويندا.“

12 خداوند وڌيڪ ٿو فرمائي ته
”جيئن ڪو ڌنار شينهن جي وات مان ڪاڌل رڍ جا
رڳو ٻه پاوا يا هڪ ڪن جو ٽڪرو ٿو ڇڏائي وٺي،
تيئن سامريه ۾ رهندڙ بني اسرائيل مان ايترا ته وڃي بچندا،
جيئن پلنگ جي رڳو ٻانهين يا کٽ جو ڪو پائو وڃي بچي.

13 هائو، آءٌ خداوند قادرِمطلق خدا فرمايان ٿو ته
اوهين ٻڌو ۽ يعقوب جي اولاد کي چتاءُ ڏيو.
14 ڇالاءِجو جنهن ڏينهن آءٌ اسرائيل وارن کي
سندن گناهن جي سزا ڏيندس،
انهيءَ ڏينهن آءٌ بيت‌ايل جي قربان‌گاهن کي به
تباهه ڪري ڇڏيندس.
هائو، *قربان‌گاهن جي ڪنارن وارا سڱ ڀڄي پوندا
۽ زمين تي وڃي ڪرندا.
15 آءٌ سياري توڙي اونهاري وارا گهر برباد ڪري ڇڏيندس.
عاج سان سينگاريل گهر ڊٽ ٿي ويندا،
۽ ٻيا به گهڻا ئي گهر ناس ٿي ويندا.“
اهو خداوند جو فرمان آهي.

4

1 ٻڌو، اي سامريه جون عورتون!
اوهين جيڪي بسن جي ڳئن جيان ڪائي ڪائي متاريون ٿيون آهيو،
هائو، اوهين جيڪي غريبن ۽ مسڪينن تي ظلم ڪري
کين چيپاٽيو ٿيون ڇڏيو،
۽ پنهنجي مڙسن کي چئو ٿيون ته
”شراب آڻيو ته اسين پيئون،“
اوهين هي ڪلام ٻڌو.
2 خداوند خدا پنهنجي پاڪيزگيءَ جو قسم کنيو آهي ته
اوهان تي اُهي ڏينهن ضرور ايندا،
جڏهن اوهان کي ڪُنڊا وجهي گهليو ويندو.
هائو، اوهان مان هر هڪ
ڪنڊين ۾ ڦاٿل مڇيءَ وانگر پئي ڦٿڪندي.
3 اوهان مان هر ڪا ڪوٽ جي سامهون واري ڏرڙ منجهان
ڇڪي ٻاهر ڪڍي ويندي،
۽ اوهان کي حرمون جبل ڏانهن هڪاليو ويندو.
اهو خداوند جو فرمان آهي.

## اسرائيل وارن جو نافرمانيءَ تي ضد

4 خداوند ٿو فرمائي ته
”اي اسرائيل وارؤ! ڀلي ته اوهين بيت‌ايل ۽ گلگال
جي عبادت‌گاهن ۾ وڃي گناهه ڪندا رهو،
ڀلي ته اتي هر صبح جو قربانيون کڻي وڃي پيش ڪندا رهو،

*قربان‌گاهن جي ڪنارن وارا سڱ: قربان‌گاهه جي چئني ڪنڊن ۾ سڱ ٺهيل هئا ۽ جيڪي به ماڻهو جيستائين سڱن کي وڃي جهليو بيٺا هوندا هئا، تيستائين کين جان جي امان هوندي هئي. ڏسو ا.بادشاهه 1:50 ۽ 2:28.

3:14 2.با 23:15

۽ هر ٽئين ڏينهن تي
اوڏانهن پنهنجي پيداوار جا ڏهان حصا کڻي ويندا رهو.
5 ڀلي تہ پنهنجي شڪرگذاريءَ جي قرباني
روٽ سان باهہ تي ادا ڪندا رهو.
ڀلي تہ خوشيءَ جي قربانين ڪرڻ جون پٽاڪون هڻندا رهو.
اي اسرائيل وارؤ!
ائين آءٌ خداوند خدا انهيءَ ڪري چوان ٿو
ڇالاءِجو اهي سڀ ڳالهيون اوهان کي پسند آهن.

6 پر آءٌ خداوند چوان ٿو تہ
جيتوڻيڪ مون اوهان جي سيني شهرن ۾ ڏڪار آندو،
تڏهن بہ اوهين مون خداوند آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا.
7 جڏهن اڃا فصل جي لهڻ ۾ ٽي مهينا پيا هئا،
تہ مون اوهان کان مينهن کي بہ روڪي ڇڏيو.
مون هڪ شهر تي تہ مينهن وسايو پئي پر ٻئي تي ڪين وسايم.
هڪڙي ٻنيءَ تي تہ مينهن پيو،
پر ٻي ٻني مينهن نہ پوڻ ڪري سُڪي ٺوٺ ٿي ويئي.
8 ڪيترن ئي شهرن جا ماڻهو اڃ کان بي‌حال ٿي
پاڻيءَ واسطي شهر شهر ڀٽڪندا رهيا،
پر پيئي ڪري ڪڏهن بہ ڍءُ نہ ڪيائون.
تڏهن بہ اوهين مون خداوند آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا.

9 مون ڪيترائي دفعا اوهان جي فصلن کي
سينوَر ۽ رتيءَ جي بيمارين سان سَٽيو.
اوهان جا گهڻا ئي باغ،
مثلاً انگورن، انجيرن ۽ زيتونن جا باغ،
ماڪڙ ڪائي چٽ ڪري ڇڏيا.
تڏهن بہ اوهين مون خداوند آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا.

10 مون اوهان ۾ وبا موڪلي،
جهڙيءَ طرح مصر ۾ موڪلي هيم.
اوهان جي جوانن کي جنگ ۾ تلوار سان قتل ڪرايم،
اوهان جا گهوڙا اوهان کان کسيم،
۽ اوهان جي لشڪرگاهہ ۾ لاشن جي بدبوءِ
اوهان جي ناسن تائين آندم.
تڏهن بہ اوهين مون خداوند آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا.

11 مون اوهان مان ڪن کي ناس ڪري ڇڏيو،
جيئن اڳي سدوم ۽ عموراه شهرن سان ڪيو هوم،
۽ اوهين انهيءَ اُماڙيءَ وانگر آهيو،
جيڪا ٻرندڙ باهہ منجهان ڇڪي ڪڍي وڃي.
تڏهن بہ اوهين مون خداوند آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.

12 تنهنڪري اي اسرائيل وارؤ!
آءٌ اوهان کي انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ سزا ڏيندس.
سو اوهين منهنجي فيصلي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو.

13 ياد رکو! جيڪو جبلن جو جوڙيندڙ ۽ واءُ کي گهلائيندڙ آهي،
جيڪو انسانن کي پنهنجي ارادي کان خبردار ڪري ٿو،
جيڪو صبح جي سوجهري کي رات جي اونداهيءَ ۾ ٿو ڦيرائي،
جنهن جي پيرن هيٺان ساري ڌرتي آهي،
انهيءَ جو ئي نالو خداوند قادرِمطلق خدا آهي."

## اسرائيل ملڪ تي مرثيو

5 1 اي اسرائيل وارؤ! مون عاموس جو هي مرثيو اوهان لاءِ آهي،
سو ٻڌو.

2 اي اسرائيل جي وسندي! تون هڪ اهڙيءَ ڪنواريءَ مثل آهين،
جيڪا ڪري پيئي آهي ۽ وري ڪڏهن ڪين اٿندي.
هائو، تون ڌرتيءَ تي لاچار ٿي پيئي آهين،
۽ ڪوبہ ڪونهي جيڪو تو کي اچي اٿاري.

3 انهيءَ ڪري ئي خداوند خدا ٿو فرمائي تہ
"اسرائيل ملڪ جي جنهن شهر مان
جيڪڏهن هڪ هزار جو لشڪر نڪرندو،
تہ انهيءَ مان باقي هڪ سؤ جيئرا موٽي ايندا،
۽ جنهن شهر مان هڪ سؤ جو لشڪر نڪرندو،
تہ انهيءَ مان باقي ڏهہ جيئرا موٽندا."

## جيئري رهڻ جو سڏ

4 خداوند اسرائيل وارن کي ٿو فرمائي تہ
"اوهين منهنجا طالبو ٿيو تہ جيئن جيئرا رهي سگهو.
5 بيت‌ايل، گلگال ۽ بيرسبع ڏانهن نہ وڃو.
هائو، اوهين هرگز انهن جي عبادت‌گاهن جا پيروڪار نہ ٿيو،
ڇالاءِجو يقيناً انهن جا سڀيئي رهاڪو جلاوطن ڪيا ويندا،
۽ انهن شهرن کي نابود ڪيو ويندو."

11:4 پيد 24:19

6 سو اي اسرائيل وارؤ!
اوهين خداوند جا طالبو ٿيو تہ جيئن جيئرا رهي سگهو.
جيڪڏهن اوهين ائين نہ ڪندا تہ هو بيت‌ايل
بلڪ اوهان جي سڄي ملڪ ۾ باهہ وانگر ڪاهي پوندو،
۽ اوهان کي ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندو.
ڪوبہ انهيءَ باهہ کي وسائي نہ سگهندو.

## گنهگارن کي چتاءُ

7 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي انصاف کي توڙي مروڙي ٿا ڇڏيو،
۽ سچائيءَ کي پيرن هيٺان لتاڙي ٿا ڇڏيو.

8 ياد رکو، جنهن ڪتيون ۽ ٽيڙو جوڙيا آهن،
جيڪو سمنڊ جي پاڻيءَ کي سڏي روءِزمين تي اُٿلائي ٿو،
جيڪو گهُگهُہ اونداهيءَ کي ڦيرائي
صبح جو سوجهرو ڪري ٿو،
هائو، اهو ئي جيڪو ڏينهن کي رات جي اوندهہ ۾ ڦيرائي ٿو،
انهيءَ جو ئي نالو خداوند آهي.
9 هو ڏاڍن تي اوچتو ئي اوچتو موت آڻي ٿو،
هائو، هو ئي انهن جي قلعن تي تباهي نازل ڪري ٿو.

10 سو خبردار اي اوهين!
جيڪي عدالت ۾ ناانصافيءَ خلاف آواز اٿاريندڙن،
توڙي سچ ڳالهائيندڙن کان نفرت ڪري ڪين ڌڪاريو ٿا.
11 هائو، اوهين جيئن تہ غريبن کي لتاڙيو ٿا،
۽ ظلم ڪري کانئن اناج ٿا ڦريو،
سو اوهين توڙي جو مضبوط ۽ پُر آسائش گهر جوڙيندا،
پر انهن ۾ رهڻ نصيب نہ ٿيندءَ.
اوهين انگورن جا خوبصورت باغ تہ پوکيندا،
پر انهن جي مئي پيئڻ اوهان کي نصيب نہ ٿيندي.
12 ڇالاءِجو آءٌ ڄاڻان ٿو تہ اوهان جا گناهہ ڪيترا نہ وڏا آهن،
۽ اوهان جون بدڪاريون ڪيتريون نہ گهڻيون آهن.
اوهين سچارن کي ڏکويو ٿا، رشوت وٺو ٿا،
۽ عدالت مان انصاف گهرڻ وارن غريبن کي هڪالي ٿا ڪڍو.
13 تنهنڪري جيڪو سياڻو آهي سو اهڙي وقت ماٺ ۾ گذاري ٿو،
ڇالاءِجو اهو خراب وقت آهي.

## خداوند جو ڏينهن

14 سو اوهين بديءَ جا نہ، بلڪ نيڪيءَ جا طالبو ٿيو،
انهيءَ لاءِ تہ جيئرا رهي سگهو.
پوءِ اوهين جيڪا دعويٰ ڪريو ٿا تہ
”خداوند قادرِمطلق خدا اسان سان آهي،“
سا سچي ثابت ٿيندي.
15 بديءَ کان نفرت ڪريو، نيڪيءَ سان محبت رکو،
۽ عدالت ۾ انصاف قائم ڪريو.
ائين ڪرڻ سان شايد خداوند قادرِمطلق خدا،
اسرائيل ملڪ تي اچڻ واري سزا کان پوءِ
اوهان مان باقي بچي ويلن تي مهربان ٿئي.

16 خداوند قادرِمطلق خدا ٿو فرمائي تہ
”سيني چونڪن تي بلڪ سيني گهٽين ۾
’واءِويلا! واءِويلا!‘ پڪاريو ويندو.
انهيءَ کان علاوه نہ رڳو معاوضو وٺندڙ ماهر مرثياخوانن کي
بلڪ هارين کي بہ ماتم ڪرڻ لاءِ سڏيو ويندو.
17 سيني انگورن جي باغن ۾ واءِويلا پئجي ويندي.
آءٌ خداوند فرمايان ٿو تہ اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿيندو،
جو آءٌ اوهان کي سزا ڏيڻ اچي رهيو آهيان.“

18 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي خداوند جي ڏينهن جي خواهش ٿا ڪريو.
اوهين ڇو خداوند جي ڏينهن جي خواهش ٿا ڪريو؟
اهو تہ اونداهيءَ جو ڏينهن آهي، نہ روشنيءَ جو.
19 اهو تہ اهڙو آهي،
جيئن ڪو ماڻهو شينهن کان ڀڄي تہ رڇ منهن ۾ پويس،
يا وري جيئن ڪو گهر ۾ وڃي ڀت تي هٿ رکي
تہ نانگ ڏنگي وجهيس.
20 ڇا خداوند جي ڏينهن تي انڌارو نہ هوندو؟
بيشڪ اهو اونداهو،
بلڪ بنا ڪنهن روشني جي اوندهہ انڌوڪار هوندو.

21 خداوند ٿو فرمائي تہ
”آءٌ اوهان جي عيدن کي مڪروه ٿو ڄاڻان،
۽ مون کي انهن کان نفرت آهي.
اوهان جي پاڪ گڏجاڻين مان مون کي حقارت ٿي اچي.
22 هائو، جيتوڻيڪ اوهين پنهنجون ساڙڻ واريون قربانيون،
۽ اناج جون قربانيون منهنجي لاءِ پيش ڪندا،
تہ آءٌ اُهي بہ قبول نہ ڪندس.
نڪي آءٌ اوهان جي ٿلهن متارن جانورن جي

---

8:5 ايو 9:9، 38:31

سلامتيءَ واري قربانيءَ تي ئي ڪو ڌيان ڏيندس.
23 پنهنجي راڳن جو هُل مون کان پري ڪريو،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان جي سارنگين جو سُر نہ ٻڌندس.
24 انهيءَ جي بدران انصاف کي پاڻيءَ وانگر،
۽ سچائيءَ کي سدا وهندڙ نديءَ وانگر وهائيندا رهو.

25 ڀلا اي اسرائيل وارؤ! چاليهن سالن تائين بيابان ۾ مون اوهان
کان ڪي قربانيون يا نذرانا گهريا هئا ڇا؟ 26 پر اوهين پنهنجي ديوتا
سڪوت بادشاهہ جون ۽ ڪيوان ستاري ديوتا جون مورتيون ٺاهي
انهن جي پوڄا ڪريو ٿا. سو هاڻي اوهين انهن مورتين سوڌو تڙيا
ويندا. 27 هائو، آءٌ خداوند جنهن جو نالو قادرِمطلق خدا آهي، سو
فرمايان ٿو تہ آءٌ اوهان کي جلاوطن ڪري دمشق کان بہ پري تڙي
ڇڏيندس.”

## اسرائيل ملڪ جي بربادي

6
1 ويل آهي اوهان لاءِ، اي *صيئون وارؤ!
بلڪ ويل آهي اوهان لاءِ،
اي سامريہ جي جبلن تي آرام ۽ اطمينان سان رهڻ وارؤ!
هائو، اوهين جي پنهنجي ملڪ اسرائيل جا عظيم اڳواڻ آهيو،
۽ سڄي ملڪ وارا اوهان جا سلامي آهن.
2 اوهين مغروريءَ سان چئو ٿا تہ
“ڪلنہ شهر تائين وڃي ڏسو،
۽ اتان وري وڏي شهر حمات ڏانهن وڃو.
پوءِ فلستيہ ۾ گات شهر ڏانهن لهي وڃو،
۽ ڏسو تہ اُهي اسان جي بادشاهت کان بهتر آهن ڇا؟
يا هنن جي سرحد اسان جي سرحد کان وڏي آهي ڇا؟”
3 ائين چوڻ سان اوهين مصيبت جي ڏينهن کي نظرانداز ڪري
ظالم جي حڪمراني قائم ڪرڻ جو سبب ٿا بڻجو.
4 اوهين عاج جي پلنگن تي ليٽندي
بلڪ پنهنجن طول ويهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي
پنهنجي ڌڻن مان پسند جي گهيٽن
۽ ٿلهن متارن گابن جو گوشت کائو ٿا.
5 اوهين سارنگيءَ جي سُر تي اجايو سجايو ڳايو ٿا،
۽ دائود وانگر ڳائڻ وڄائڻ جي سازن تي
پنهنجي لاءِ گيت ٺاهيو ٿا.
6 اوهين وڏا وڏا پيالا ڀري مئي پيئو ٿا،
۽ پاڻ کي عمدا عطر لڳايو ٿا.
پر پنهنجي ملڪ اسرائيل تي اچڻ واري مصيبت کان
اوهين لاپرواه آهيو.
7 تنهنڪري هاڻي جلاوطن ٿيندڙن ۾ پهريان اوهين هوندا.
اهڙيءَ طرح اوهان جا عيش آرام ختم ٿي ويندا.

8 خداوند قادرِمطلق خدا، هائو، خداوند خدا پنهنجي ذات جو قسم
کڻي ٿو فرمائي تہ
“آءٌ اسرائيل وارن جي وڏائيءَ کي ڌڪاريان ٿو،
۽ سندن محلاتن کان نفرت ٿو ڪريان.
تنهنڪري آءٌ سندن گاديءَ وارو شهر،
۽ جيڪي ڪجهہ منجهس آهي،
سو دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيندس.”

9 بلڪ ٿيندو ائين جو جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ڏهہ ماڻهو بہ انهيءَ
مصيبت مان باقي بچي ويا هوندا تہ اُهي بہ مري ويندا. 10 جڏهن
مئل ماڻهوءَ جا ڪي مائٽ سندس لاش گهر مان ڪڍڻ لاءِ ايندا، تڏهن
جيڪو گهر جي اندرين حصي ۾ مرڻ کان بچي ويل هوندو، تنهن کان
پڇندا تہ “ڪو ٻيو بہ تو سان گڏ آهي ڇا؟” جڏهن ورندي ملندن تہ
“نہ،” تڏهن ڪيس چوندا تہ “خاموش رهجانءِ. خداوند جو نالو بہ
نہ وٺجانءِ متان مصيبت وري موٽي اچي.”

11 ڏسو، جڏهن خداوند حڪم ڏيندو تڏهن
وڏن وڏن گهرن ۾ ڦاٽ ۽ ننڍن گهرن ۾ ڏار پئجي ويندا،
اهڙيءَ طرح اهي سڀيئي برباد ڪيا ويندا.

12 اي اسرائيل وارؤ!
ڀلا، ٽڪرن تي ڪو گهوڙا ڊوڙائي سگهي ٿو ڇا؟
يا ڪو ڍڳن سان سمنڊ تي هرُ ڪاهي سگهي ٿو ڇا؟
پر اوهان انصاف جهڙي مٺي شيءِ کي
ڦيرائي زهر ڪري ڇڏيو آهي،
بلڪ سچائيءَ جي ميوي کي ڦيرائي ٽوهہ ڪري ڇڏيو اٿوَ.
13 اوهين †لودبار شهر هٿ ڪرڻ تي بہ فخر ٿا ڪريو،
۽ ٻٽاڪ هڻندي چئو ٿا تہ “اسان پنهنجي طاقت سان
‡ڪرنائيم شهر هٿ نہ ڪيو آهي ڇا؟”

14 تنهنڪري خداوند قادرِمطلق خدا ٿو فرمائي تہ
“اي اسرائيل وارؤ!

*صيئون: يعني يروشلم شهر جيڪو يهوداه ملڪ ۾ هو.
†لودبار: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي “خسيس”.
‡ڪرنائيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي “سِڱَ”. “سِڱُ” مضبوطيءَ جو نشان آهي.

ڏسو، آءٌ اوهان جي ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ
هڪ اهڙي قوم چاڙهي آڻيندس،
جيڪا اتر ۾ حمات جي لنگهه کان وٺي
ڏکڻ ۾ بيابان واري برساتي نهر تائين
اوهان کي آزاريندي رهندي.“

## ماڪڙ واري رويا

7 1 خداوند خدا مون عاموس کي رويا ڏيکاري، جنهن ۾ مون ڏٺو
ته انهيءَ وقت جڏهن فصل مان بادشاهه جو حصو لڻجي چڪو
هو ۽ انهيءَ لڻيل فصل مان پيو لوب ڦٽي نڪتو هو، تڏهن خداوند
انهن لڻيل فصل جي گونچن مٿان ماڪڙ جا ڪٽڪ موڪليا. 2 جڏهن
ڏٺم ته ماڪڙ زمين جي سموري ساوڪ کائي چٽ ڪري ڇڏيندي،
تڏهن مون پڪاري چيو ته
”اي خداوند خدا! آءٌ منٿ ٿو ڪريان ته
پنهنجيءَ قوم کي معافي ڏي.
اها ڪيئن قائم رهي سگهندي؟
جڏهن ته اها بلڪل ڪمزور آهي.“
3 تڏهن خداوند پنهنجو ارادو بدلايو ۽ فرمايائين ته
”چڱو ڀلا، ائين نه ٿيندو.“

## باهه واري رويا

4 پوءِ خداوند خدا مون کي ٻي رويا ڏيکاري، جنهن ۾ مون ڏٺو
ته خداوند خدا پنهنجيءَ قوم کي سزا ڏيڻ لاءِ باهه کي موڪليو.
جڏهن انهيءَ باهه وڏي سمنڊ کي ڳهي ڇڏيو ۽ زمين کي به کائڻ
لڳي 5 تڏهن مون پڪاري چيو ته
”اي خداوند خدا!
آءٌ منٿ ٿو ڪريان ته بس ڪر،
تنهنجي قوم ڪيئن قائم رهي سگهندي؟
جڏهن ته اها بلڪل ڪمزور آهي.“
6 تڏهن وري خداوند پنهنجو ارادو بدلايو ۽ فرمايائين ته
”ڀلا، ائين به نه ٿيندو.“

## شاهل واري رويا

7 خداوند وري مون کي ٽين رويا ڏيکاري، جنهن ۾ ڏٺم ته
پروردگار شاهل سان ناهيل هڪڙيءَ ڀت وٽ بيٺو آهي ۽ سندس هٿ
۾ شاهل آهي. 8 خداوند مون کان پڇيو ته ”اي عاموس! تون ڇا ٿو
ڏسين؟“ مون وراڻيو ته ”شاهل.“ تڏهن پروردگار فرمايو ته
”ڏس، آءٌ اسرائيل ملڪ واري پنهنجي قوم مٿان
شاهل لٽڪايان ٿو.
پوءِ منجهن ڏنگائي ڏسي
آءٌ کين سزا ڏيڻ کان بلڪل باز نه ايندس.
9 تڏهن اسحاق جي اولاد جون
جبلن تي ٺهيل عبادتگاهون تباهه ٿي وينديون.
هائو، اسرائيل ملڪ جون سڀيئي عبادت واريون جايون
ويران ٿي وينديون.
انهيءَ کان علاوه آءٌ يربعام بادشاهه جي گهراڻي خلاف
جنگ ڪڙي ڪندس.“

## عاموس نبيءَ ۽ امصياه ڪاهن جي وچ ۾ بحث

10 تڏهن بيت‌ايل جي ڪاهن امصياه اسرائيل جي بادشاهه يربعام
ثانيءَ ڏانهن چوائي موڪليو ته ”عاموس تنهنجي خلاف تنهنجي
ملڪ جي رهاڪن ۾ فتنو ڪڙو ڪيو آهي، سندس ڳالهيون ملڪ کي
تباهه ڪري ڇڏينديون. 11 ڇالاءِ جو عاموس چوي ٿو ته
’يربعام ثاني جنگ ۾ ماريو ويندو،
۽ اسرائيل وارن کي ضرور قيد ڪري
پنهنجي ملڪ مان جلاوطن ڪيو ويندو.‘“

12 تنهن کان پوءِ امصياه پاڻ عاموس کي چيو ته ”اي غيب ڏسندڙ!
هاڻي هليو وڃ. تون پنهنجي يهوداه ملڪ ڏانهن موٽي وڃ. اُتي وڃي
اڳڪٿيون ڪري پنهنجو پيٽ پال. 13 پر هتي بيت‌ايل ۾ وري ڪڏهن
به اڳڪٿي نه ڪجانءِ، ڇالاءِ جو هيءَ بادشاهه توڙي ملڪ جي سيني
رهاڪن جي عبادت جي مقدس جاءِ آهي.“
14 تنهن تي عاموس ورندي ڏيئي امصياه کي چيو ته ”نڪي آءٌ ڪو
نبي هوس ۽ نه وري ڪنهن نبيءَ جو پٽ، بلڪ آءٌ ته هڪڙو ڌنار ۽
انجير جي وڻن جو رکوالو آهيان. 15 پر خداوند مون کي ڌڻ چارڻ کان
ڇڏائي فرمايو ته ’اسرائيل ملڪ واري منهنجي قوم ۾ وڃي منهنجو
پيغام ٻڌاءِ.‘

16 اي امصياه! تون مون کي چوين ٿو ته
’اسرائيل وارن جي خلاف اڳڪٿي نه ڪر،
نه ئي سندن خلاف ڪا ٻي ڳالهه ڪر.‘
تنهنڪري هاڻي تون خداوند جو هي ڪلام ٻڌ.
17 خداوند فرمائي ٿو ته
’اي امصياه! تنهنجي زال شهر ۾ ڪيري ٻڻبي،
جنگي حملي‌آورن هٿان تنهنجا پٽ ۽ ڌيئرون ماريا ويندا،
تنهنجي زمين ڏور سان ورهائي ويندي،
۽ تون پاڻ ڪنهن ناپاڪ ملڪ ۾ وڃي مرندين.
جڏهن ته اسرائيل وارا ضرور
پنهنجي ملڪ مان جلاوطن ڪري ڪڍيا ويندا.‘“

## پڪل ميون جي ٽوڪريءَ واري رويا

8 1 ساڳيءَ طرح خداوند خدا مون کي هڪڙي ٻي رويا ڏيکاري،
جنهن ۾ مون پڪل ميون سان ڀريل هڪڙي ٽوڪري ڏٺي.
2 خداوند پڇيو تہ ”اي عاموس! تون ڇا ٿو ڏسين؟“ مون وراڻيو تہ
”آءٌ پڪل ميون سان ڀريل هڪڙي ٽوڪري ٿو ڏسان.“ تڏهن خداوند
مون کي فرمايو تہ
”اسرائيل ملڪ واري منهنجي قوم جو پڪل ميوي جيان
پٽڻ جو وقت اچي پهتو آهي.
هاڻي آءٌ کين سزا ڏيڻ کان بلڪل باز نہ ايندس.“
3 ”ان ڏينهن محلاتن ۾ ڳائڻ واريون عورتون روئنديون رڙنديون،
هر هنڌ لاشن جا ڍير لڳي ويندا جيڪي ٻاهر اڇلايا ويندا.
پوءِ هر هنڌ بلڪل خاموشي ڇانئجي ويندي.“

## اسرائيل ملڪ جو حشر

4 اي اوهين! جيڪي محتاجن کي لتاڙيو ٿا،
۽ ملڪ جي غريبن کي ناس ٿا ڪريو، سي ٻڌو.
5 اوهين دل ۾ چئو ٿا تہ ”ڪڏهن ٿا پاڪ ڏينهن پورا ٿين،
تہ جيئن اسين اناج وڪڻون؟“
يا وري هيئن چئو ٿا تہ ”ڪڏهن ٿو سبت جو ڏينهن پورو ٿئي،
تہ جيئن اسين ڪڻڪ ٻاهر ڪڍي ڪوڙن وٽن ۽ تارازين ذريعي
ٺڳي ڪري وڌايل قيمتن تي وڪڻون؟“
6 اوهين چاهيو ٿا تہ ”ڪڻڪ کي گندگار سميت وڪڻون،
۽ غريب کي چانديءَ جي چند سڪن تي،
۽ مسڪين کي جتيءَ جي جوڙي تي خريد ڪريون.“

7 سو خداوند، بني اسرائيل جو خدا قسم کڻي ٿو فرمائي تہ
”آءٌ سندن بدڪارين مان ڪا هڪڙي بہ کين وساريندس.
8 پوءِ انهيءَ سبب زمين نہ ڏڪندي ڇا؟
۽ انهيءَ تي رهندڙ سڀيئي ماتم نہ ڪندا ڇا؟
هائو، اها زمين مصر جي نيل نديءَ جي پاڻيءَ وانگر
هيٺ مٿي ٿيندي.
9 آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ انهيءَ ڏينهن هيئن ٿيندو جو
آءٌ سج کي منجهند جو ئي لاهي ڇڏيندس،
۽ ڏينهن ڏٺي جو آءٌ زمين تي اوندهہ ڪري ڇڏيندس.
10 آءٌ اوهان جي عيدن کي ڦيرائي ماتم،
۽ سيني راڳن کي ڦيرائي مرثيا ڪري ڇڏيندس.
آءٌ اوهان سيني کي ڪٿا ڍڪرائيندس،
۽ اوهان جا مٿا ڪوڙائيندس.
آءٌ اوهان ۾ اهڙو تہ ماتم وجهندس،
جهڙو سڪيلڌي پٽ جي مرڻ تي ٿيندو آهي،
اهو ماتم پڇاڙي تائين تمام سخت هوندو.

11 آءٌ خداوند خدا ٿو چوان تہ ڏس، اهي ڏينهن اچي رهيا آهن،
جڏهن آءٌ هن ملڪ ۾ ڏڪار آڻيندس.
پر انهيءَ ڏڪار ۾ مانيءَ يا پاڻيءَ جي اهميت نہ هوندي،
بلڪ انهيءَ ۾ مون خداوند جي ڪلام ٻڌڻ کي اهميت هوندي.
12 تڏهن اهي کاري سمنڊ کان ڀونوچ سمنڊ تائين،
بلڪ اتر کان ڏکڻ تائين رلندا وتندا.
هو مون خداوند جو ڪلام ڳولهڻ لاءِ
هيڏي هوڏي ڊوڙندا وتندا پر ڪاٿئن ڪين لهندو.

13 انهيءَ ڏينهن نوجوان عورتون ۽ مرد بہ
اڃ جي ڪري ماندا ٿي پوندا.
14 اُهي جيڪي سامريہ جي ڪراهت جهڙي بتن
جو قسم کڻي چون ٿا تہ
‘اي دان شهر! تنهنجي معبود جو قسم،’
يا وري ‘اي بيرسبع شهر! تنهنجي معبود جو قسم،’
سي سڀيئي ڪري پوندا ۽ وري ڪڏهن نہ اٿندا.“

## خداوند جو اسرائيل وارن خلاف فيصلو

9 1 پوءِ مون پروردگار کي قربان‌گاهہ جي پاسي ۾ بيٺل ڏٺو. هن
حڪم ڏنو تہ
”عبادت‌گاهہ جي ٿنڀن جي چوٽين کي
ڌڪ هڻيو وڃي تہ جيئن چائنٺيون لُڏي وڃن،
۽ اتي موجود سيني ماڻهن جي مٿان
ڪيرائي سندن مٿا ڀڃي پورا پورا ڪيو وڃي.
پر جيڪي ماڻهو اتان بچي ويندا،
تن کي آءٌ جنگ ۾ قتل ڪرائي ڇڏيندس.
اهڙيءَ طرح انهن مان هڪڙو بہ ڀڄي ڪين سگهندو.
2 جيڪڏهن هو هيٺ پاتال ۾ بہ لهي ويندا
تڏهن بہ منهنجو هٿ کين اتان ڪڍي وٺندو.
جيڪڏهن هو مٿي آسمان تي بہ چڙهي ويندا
تڏهن بہ آءٌ کين اتان هيٺ لاهي آڻيندس.
3 جيڪڏهن هو پاڻ کي
ڪرمل جبل جي چوٽيءَ تي وڃي لڪائيندا،
تڏهن بہ آءٌ اتان کين ڳولهي ڪڍندس.
جيڪڏهن هو سمنڊ جي تري ۾ بہ وڃي پاڻ کي لڪائيندا،
تڏهن بہ آءٌ اتان جي سامونديءَ بلا کي حڪم ڏيندس تہ
هوءَ کين ڏنگي وجهي.
4 جيڪڏهن سندن دشمن کين جلاوطن ڪري وٺي وڃن،
تڏهن بہ اُتي آءٌ کين قتل ڪرائي ڇڏيندس.

مون انهن جي مدد ڪرڻ جو نہ،
بلڪ کين برباد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.“

5 خداوند ئي قادرِمطلق خدا آهي،
جنهن جي ڇُهڻ سان ڌرتي پگهرجي پاڻي ٿي وڃي ٿي،
۽ سڀني ماڻهن ۾ روڄ راڙو پئجي وڃي ٿو.
ڌرتي نيل نديءَ وانگر اُٿل کائي مٿي چڙهي ٿي،
۽ پوءِ وري هيٺ لهي اچي ٿي.
6 اهو ئي آهي جنهن جو محلات عرش عظيم ۾ آهي.
هن ئي ڌرتيءَ جي مٿان آسمان کي گنبذ بڻايو آهي.
هو ئي سمنڊ جي پاڻيءَ کي سڏي روءِزمين تي اُٿلائي ٿو.
انهيءَ جو نالو خداوند ئي آهي.

7 خداوند ٿو فرمائي تہ
”اي اسرائيل وارؤ! اوهين *سوڊانين کي ڪمذات سمجهو ٿا،
پر منهنجي نظر ۾ اوهين ڪو انهن کان مٿي آهيو ڇا؟
جيئن مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي مصر ملڪ مان ڪڍي آندو،
تيئن ئي مون فلستين کي ڪريت مان،
۽ ارامين کي قير مان نہ ڪڍي آندو آهي ڇا؟
8 ڏسو، مون خداوند خدا جون اکيون
اوهان جي گنهگار بادشاهت تي آهن.
آءٌ انهيءَ کي روءِزمين تان مٽائي ڇڏيندس.
انهيءَ هوندي بہ آءٌ يعقوب جي اولاد کي
بلڪل ئي نابود نہ ڪندس.
9 ڇالاءِجو آءٌ اسرائيل ملڪ وارن کي سيڪت واري ڇاڻيءَ مان
ڇاڻي سڀني قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندس.
پوءِ ڪو هڪڙو بہ بدڪار بچي نہ سگهندو.
10 منهنجي قوم جا گنهگار جيڪي ٻڏاڪ هڻي چون ٿا تہ
‘ڪابہ آفت اسان تائين نہ پهچندي،
۽ نہ اسان کي ڪو نقصان رسائيندي،’
سي سڀيئي جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا.“

## بني اسرائيل قوم جي بحالي

11 خداوند ٿو فرمائي تہ
”هڪڙو ڏينهن ايندو جڏهن آءٌ دائود جي بادشاهت
جيڪا هڪ ڪري پيل تنبوءَ مثل آهي،
تنهن کي وري کڙو ڪندس،
انهيءَ جا ڦاٽ بند ڪندس،
۽ ڪِري ويل هنڌن جي مرمت ڪندس.
آءٌ انهيءَ کي وري اهڙو ئي ٺاهيندس جهڙو اڳ ٺهيل هو.
12 انهيءَ لاءِ تہ اڳ جيان بني اسرائيل
ادوم جي باقي بچي ويلن کي بلڪ انهن قومن کي
جيڪي منهنجي نالي سان سڏيا ويندا هئا،
تن سڀني کي وري پنهنجي حڪمرانيءَ هيٺ آڻين.
آءٌ خداوند ئي اهو سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريندس.

13 ڏسو، اُهي ڏينهن اچي رهيا آهن،
جڏهن هَرُ ڪاهڻ وارو ٻج ڇٽي اجا پورو ئي نہ ڪندو تہ
فصل هڪدم لاباري لاءِ تيار ٿي ويندو.
انگورن کي پيڙڻ وارو اجا اهي پيڙيندو ئي هوندو تہ
ٻيا جهجها انگور راس ٿي پيڙجڻ لاءِ تيار هوندا.
ايتري تہ برڪت اچي پوندي جو جڻ تہ جبلن تان
مٺي مئي پئي ٽمي ۽ سڀني ٽڪرين تان اها وهندي نظر ايندي.
14 آءٌ پنهنجي قوم بني اسرائيل جي خوشحالي وري بحال ڪندس.
اهي پنهنجي برباد ٿيل شهرن کي وري اڏيندا ۽ انهن ۾ رهندا.
هو انگورن جا باغ وري لڳائيندا ۽ انهن جي مئي پيئندا.
اهي ٻين ميون جا باغ بہ لڳائيندا ۽ انهن جا ميوا بہ کائيندا.
15 مطلب تہ آءٌ انهن کي وري سندن ملڪ ۾ آباد ڪندس،
۽ جيڪو ملڪ مون کين ڏنو آهي،
تنهن مان هو اڳتي ڪڏهن بہ ڪڍيا نہ ويندا.“

خداوند اسان جي خدا جو اهو ئي فرمان آهي.

---

*سوڊاني: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوشي“ لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

9:11–12 رس 15:16–18

# عبدياه

## عبدياه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”عبدياه“ نالي هي ننڍڙو مقدس ڪتاب سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم شهر جي بربادي‌ءَ کان پوءِ لکيو ويو، پر واضح نہ آهي تہ اهو ڪيترو دور هو. انهيءَ وقت ڏکڻ اوڀر ۾ يهوداه وارن جا پراڻا دشمن ادومي يروشلم جي بربادي‌ءَ تي نہ رڳو خوش ٿيا، بلڪ يهوداه وارن جي بري حال مان فائدو وٺندي هنن يروشلم شهر کي لٽيو ڦريو ۽ ملڪ تي قبضو ڪرڻ وارن بابلين جي بہ مدد ڪيائون. عبدياه نبيءَ پيشنگوئي ڪندي چيو تہ ادوم وارن کي شڪست ڏيئي سزا ڏني ويندي ۽ انهيءَ سان گڏ ٻين قومن کي بہ سزا ڏني ويندي. پوءِ بني اسرائيل پنهنجي ڪسيل ميراث وارا ملڪ پنهنجن دشمنن کان واپس وٺندا.

سِٽاءُ

ادوم جي سزا 1–14
خداوند جي عدالت جو ڏينهن 15–21

---

### ادوم وارن جي مغروري ۽ سزا

1 خداوند خدا ادوم جي قوم بابت عبدياه نبيءَ جي معرفت هي پيغام ڏنو.

قومن ڏانهن جيڪو ايلچي موڪليو ويو،
تنهن جو اعلان خداوند جي طرفان هو.
اهو اعلان اسان يهوداه وارن بہ ٻڌو تہ
”اٿي کڙا ٿيو ۽ ادوم وارن تي حملو ڪريو!“

2 هوڏانهن خداوند ادوم جي قوم کي فرمائي ٿو تہ
”ياد رک، آءٌ تو کي تمام ڪمزور قوم بڻائي ڇڏيندس.
هائو، تون هر ڪنهن جي اکين ڏٺاريل قوم ڄاتي ويندينءَ.
3 تون مٿاهين جبل تي مضبوط قلعي ۾ ٿي رهين،
جنهن سبب تون پنهنجيءَ دل ۾ چوين ٿي تہ
’ڪير آهي جيڪو مون کي هيٺ زمين تي ڪيرائي سگهي؟‘
پر اي جبلن ۾ رهندڙ قوم!
تنهنجي مغروري ئي تو کي دوکو ڏيندي.
4 توڙي جو تون عقاب وانگر تمام بلندين تي ٿي اُڏامين،
۽ پنهنجو آکيرو تارن منجهہ ٺاهيو اٿيئي،
تڏهن بہ آءٌ خداوند تو کي اتان ڪيرائي هيٺ اڇلائي ڇڏيندس.

5 جڏهن بہ ڪي ڌاڙيل
يا رات جو ڪي چور ڪنهن گهر ۾ گهڙي اچن،
تہ اهي رڳو اوترو ئي ڪٺي ويندا جيترو کين هٿ اچي سگهي،
يا جڏهن انگورن جو چونڊو ڪندڙ باغ مان چونڊو ڪري وڃن
تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ چڱا وڻ ۾ رهجي وڃن.
پر اي ادوم جي قوم!
تنهنجا دشمن تو سان ائين سلوڪ نہ ڪندا،
چالاڪيءَ اهي تو کي پوريءَ طرح نيست وَ نابود ڪري ڇڏيندا.
6 هائو، اي عيسوءَ جو اولاد!
اوهان جي لڪل خزاني جي هر شيءِ لٽي ڦري ويندي.
7 اوهان جا سڀيئي اتحادي اوهان کي دوکو ڏيندا.
اهي اوهان کي اوهان جي وطن مان پڇائي ڪيندا.
جيڪي ماڻهو اوهان جا خير خواهہ آهن،
سي دوکي سان اوهان تي غالب ٿي ويندا.
هائو، اوهان جا سڻا سڻا دوست
جيڪي روزانو اوهان سان گڏ کائين پيئن ٿا،
سي ئي اوهان سان ٺڳي ڪندا.
پوءِ اهڙيءَ طرح اوهان جي سمجهہ
اوهان کان موڪلائي ويندي.

8 سو جنهن ڏينهن آءٌ خداوند ادوم جي قوم کي سزا ڏيندس،

---

1–14 يس 5:34–17، 1:63–6، ير 7:49–22، حز 12:25–14، 1:35–15، عا 11:1–12، ملا 2:1–5   6 پيد 18:36، 19

تنهن ڏينهن آءٌ منجهائن دانائيءَ کي ناس ڪري ڇڏيندس.
هائو، آءٌ سندن جابلو علائقي مان ڏاهپ کي مِٽائي ڇڏيندس.
9 ادوم ملڪ مٿان آءٌ اهڙي مصيبت آڻيندس
جو تيمان شهر جا جنگي جوڌا بہ ڊڄي ويندا.
تڏهن سڄي ملڪ جي ماڻهن کي نيست وَ نابود ڪيو ويندو.“

## ادوم وارن جي سزا جا سبب

10 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي ادوم وارؤ! جيئن تہ اوهان پنهنجي *همقوم پائرن،
يعني يعقوب جي اولاد کي لٽيو ڦريو ۽ کين قتل ڪيو آهي،
تنهنڪري اوهين هميشہ جي لاءِ برباد ۽ خوار خراب ڪيا ويندا.
11 جنهن ڏينهن بابلي دشمنن يروشلم جا دروازا ٽي پڳا،
۽ شهر جي مال ملڪيت کي لٽي ڦري
پاڻ ۾ ٿي ورهايائون،
تنهن ڏينهن اوهان هڪ پاسي خاموشيءَ سان بيٺي تماشو ڏٺو.
سو اوهين بہ انهن بڇڙن ڌارين وانگر ئي بڇڙا آهيو.
12 اوهان کي ائين نہ ڪرڻ گهربو هو
جو اوهان انهيءَ ڏينهن پنهنجي بني اسرائيل وارن پائرن کي
مصيبت ۾ ڏسي بيٺي ڪڳيون هيون.
انهن جي تباهيءَ واري ڏينهن تي
اوهان کي خوش ٿي ائين ڪڳيون هڻڻ نہ ڪپندو هو.
13 اوهان کي منهنجي قوم جي مصيبت مان
ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ
سندن شهر اندر داخل ٿيڻ نہ گهربو هو،
نڪي اتي سندن ڏکيءَ مهل ڏسي مٿن کلڻ گهربو هو،
۽ نہ وري سندن مال ملڪيت ڏانهن هٿ وڌائڻ گهربو هو.
14 منهنجي قوم جي مصيبت واري ڏينهن
اوهان کي چوواٽي تي بيهي
جان بچائي پڄڻ وارن ماڻهن کي پڪڙي
دشمنن جي حوالي ڪرڻ نہ گهربو هو.“

## خداوند قومن کي سزا ڏيندو

15 خداوند فرمائي ٿو تہ
”بيشڪ اهو ڏينهن ويجهو آهي،
جڏهن آءٌ خداوند سڀني قومن جي عدالت ڪندس.
اي ادوم وارؤ! جيڪي ڪجهہ اوهان ٻين سان ڪيو آهي،
سو ئي اوهان سان بہ ڪيو ويندو.
هائو، اوهان جي انهيءَ عمل جو اوهان کان بدلو ورتو ويندو.
16 منهنجيءَ قوم منهنجي پاڪ جبل صيئون تي
منهنجي غضب جو پيالو پيتو آهي.
پر جلد ئي سندن آس‌پاس واريون قومون
انهيءَ کان بہ وڌيڪ منهنجي غضب جو پيالو پيئنديون.
هائو، اهي اهو پيالو پيون پيئنديون ۽ ڳڙڪائينديون،
ايتري تائين جو دنيا ۾ سندن وجود ئي باقي نہ رهي.“

## بني اسرائيل جي فتح

17 خداوند فرمائي ٿو تہ
”پر صيئون جي جبل تي يروشلم وارن مان ڪي بچي ويندا،
۽ اهو جبل وري مون لاءِ مخصوص ڪيو ويندو.
بلڪ بني يعقوب وارا پيهر پنهنجي ملڪيت جا وارث ٿيندا.
18 تڏهن يهوداہ ۽ اسرائيل ملڪن وارا
باهہ جي شعلي مثل هوندا،
جيڪي عيسوءَ جي گهراڻي کي
ٻُهہ جيان ساڙي رک ڪري ڇڏيندا.
ايتري قدر جو ادوم وارن مان ڪوبہ بچي نہ نڪرندو.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.
19 يهوداہ ملڪ جي ڏکڻ پاسي رهندڙ بني اسرائيل
ادوم ملڪ تي قبضو ڪندا،
اولهہ طرف جبل جي دامن ۾ رهندڙ
فلستين جي هٿان کسيل پنهنجي علائقي تي
پيهر قبضو ڪري وٺندا.
اتر طرف بني اسرائيل سامريہ شهر،
بلڪ سڄو اسرائيل ملڪ هٿ ڪندا،
۽ اوڀر پاسي بني اسرائيل مان بنيامين قبيلي وارا
گلعاد علائقي تي قبضو ڪري وٺندا.
20 جيڪي اسرائيل ملڪ مان جلاوطن ڪيا ويا هئا،
سي لشڪر جي صورت ۾ موٽي اچي
اتر طرف صور شهر جي علائقي واري
صارپت ڳوٺ تائين قبضو ڪندا.
جڏهن تہ يروشلم وارا
جيڪي ڏورانهين شهر سفاراد تائين جلاوطن ڪيا ويا هئا،
سي واپس اچي يهوداہ ملڪ جي ڏکڻ وارا شهر هٿ ڪندا.
21 يروشلم وارا ماڻهو مختلف علائقا فتح ڪري
صيئون جبل تان ادوم تي بہ حڪمراني ڪندا.
تڏهن سڀني قومن تي
مون خداوند جي ئي بادشاهت قائم ٿي ويندي.“

---

*همقوم پائرن: بني اسرائيل يعقوب جو اولاد هئا، جيڪو عيسوءَ جو ڀاءُ هو جڏهن تہ ادوم وارا عيسوءَ جو اولاد هئا.

# يونس

## يونس نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”يونس“ نالي هي مقدس ڪتاب پراڻي عهدنامي ۾ ڏنل ٻين نبين جي ڪتابن کان مختلف آهي. هن ڪتاب ۾ هڪڙي اهڙي نبيءَ جو واقعو مثال طور بيان ڪيو ويو آهي، جنهن خدا جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

خدا حضرت يونس کي عظيم بادشاهت اشور جي گاديءَ واري شهر نينواه ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو. اشور وارا بني اسرائيل جا جاني دشمن هئا. تنهنڪري حضرت يونس خدا جو پيغام کڻي اوڏانهن وڃڻ نہ ٿي چاهيو، ڇالاءِجو هن کي شڪ هو تہ جيڪڏهن ماڻهو توبهہتائب ٿيا تہ خدا نينواه شهر کي تباهہ ڪرڻ واري ڌمڪيءَ تي عمل نہ ڪندو. ڪجهہ واقعن ٿيڻ کان پوءِ هن اهو حڪم بيدليءَ سان بجا آندو. آخر ۾ جڏهن نينواه تي سزا نازل نہ ٿي تہ هو ناراض ٿي ويو.

هي ڪتاب ساري مخلوق تي خدا جي بااختيار حڪمرانيءَ بابت ٻڌائي ٿو. پر ڪتاب جي اهم ڳالهہ اها آهي تہ خدا محبت ۽ رحم ڪرڻ وارو خدا آهي. خدا پنهنجي عبادت ڪندڙن جي دشمنن کي بہ سزا ڏيڻ ۽ تباهہ ڪرڻ نہ ٿو چاهي، بلڪ هنن کي پڻ معافي ڏيڻ ۽ بچائڻ چاهي ٿو.

### سِٽاءُ

خدا جو حضرت يونس کي سڏڻ ۽ سندس نافرماني 1:1–17
حضرت يونس جو توبهہ ڪرڻ ۽ خدا جو کيس بچائڻ 2:1–10
حضرت يونس جو نينواه جي خلاف پيغام 3:1–10
نينواه وارن تي خدا جو رحم 4:1–11

---

### يونس جي نافرماني

1 ① هڪڙي ڏينهن يونس بن اَمتيءَ کي خداوند فرمايو تہ ② ”اُٿ،
وڏي شهر نينواه ڏانهن وڃ ۽ اُتان جي ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ مون
کي خبر آهي تہ اوهين بدڪار ٿي ويا آهيو.“ ③ پر يونس اٿيو ۽
خداوند کان پري ڀڄي وڃڻ لاءِ ٻئي طرف واري شهر ترسيس ڏانهن
کڻي منهن ڪيائين. هو يافا بندر تي پهتو ۽ اُتي هڪ سامونڊي جهاز
ڏٺائين جيڪو ترسيس ڏانهن وڃڻ وارو هو. هو ڀاڙو ڏيئي ان ۾ وڃي
ويٺو، انهيءَ لاءِ تہ خداوند کان ڀڄي جهاز وارن سان گڏ ترسيس
ڏانهن هليو وڃي.
④ پر خداوند سمنڊ تي وڏي زور سان هڪ واءُ موڪليو ۽ ايترو تہ
طوفان آيو جو سامونڊي جهاز جي ڀڄي پوڻ جو امڪان هو. ⑤ تڏهن
ملاح ڊڄي ويا ۽ پنهنجي پنهنجي معبود کي پڪارڻ لڳا. ان سان
گڏ هو جهاز ۾ رکيل سامان کڻي سمنڊ ۾ اڇلائڻ لڳا تہ جيئن جهاز
هلڪو ٿئي. پر يونس ان کان اڳ ئي جهاز جي هيٺئين ڀاڱي ۾ لهي
ويو هو، جتي هو گهاٽيءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو. ⑥ ڪپتان يونس وٽ
آيو ۽ چيائينس تہ ”تون ڇو ننڊ پيو آهين؟ اُٿي پنهنجي معبود کي
پڪار تہ من انهيءَ کي اسان جو ڪو خيال پوي ۽ اسين برباد ٿيڻ
کان بچي پئون.“
⑦ انهيءَ کان پوءِ ملاحن هڪ ٻئي کي چيو تہ ”اچو تہ اسين ڪُڻا
وجهي ڏسون تہ ڪنهن جي ڪري هيءَ آفت اسان تي آئي آهي.“
تڏهن هنن ڪڻا وڌا ۽ ڪُڻي ۾ يونس جو نالو نڪتو. ⑧ تنهن تي هنن
پڇيس تہ ”اسان کي ٻڌاءِ تہ ڪنهن جي ڪري هيءَ آفت اسان تي
آئي آهي؟ تون ڇا ڪندو آهين؟ تون ڪٿان آيو آهين؟ تنهنجو ملڪ
ڪهڙو آهي؟ تون ڪهڙيءَ قوم مان آهين؟“ ⑨ يونس کين وراڻيو تہ

---

1:1 2.با 25:14 7:1 مت 40:12

"آءٌ *عبراني آهيان ۽ خداوند عرش عظيم جي خدا جي بندگي ڪندو
آهيان، جنهن سمنڊ ۽ زمين پيدا ڪئي آهي."
10 يونس کين وڌيڪ ٻڌايو تہ "آءٌ خداوند کان ڀڄي نڪتو آهيان."
تڏهن اهي ماڻهو ڏاڍا ڊڄي ويا ۽ چيائونس تہ "تو هي ڇا ڪيو آهي؟"
11 جيئن تہ سمنڊ تي طوفان زور وٺندو ٿي ويو تنهنڪري هنن
پڇيس تہ "اسين تو سان ڇا ڪريون جو سمنڊ اسان لاءِ ماٺو ٿئي؟"
12 يونس کين چيو تہ "مون کي کڻي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪريو تہ سمنڊ
اوهان لاءِ ماٺو ٿي ويندو، ڇالاءِجو مون کي يقين آهي تہ منهنجي
ئي ڪري هي وڏو طوفان اوهان تي آيو آهي."
13 انهيءَ هوندي بہ ساموندي جهاز وارن ڳن موڙي زمين ڏي موٽڻ
جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر پهچي نہ سگهيا، ڇالاءِجو طوفان زور
وٺندو ٿي ويو. 14 تڏهن هنن خداوند کي ٻاڏائي چيو تہ "اي خداوند!
اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ هن شخص جي جان جي بدلي ۾
اسان کي نہ مار. هن خون جو اسان کي ڏوهي نہ ٺهراءِ، ڇالاءِجو
اي خداوند! جيئن تو کي وڻيو تيئن تو ڪيو آهي." 15 تنهن کان پوءِ
هنن يونس کي کڻي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو، تہ سمنڊ جو زور شور
بس ٿي ويو. 16 اهو ڏسي جهاز وارن کي خداوند جو ڏاڍو ڊپ ٿيو.
هنن خداوند آڏو جانور قربان ڪيو ۽ نذرانا ڏيڻ جو واعدو ڪيو.
17 خداوند هڪڙي وڏي مڇيءَ کي مقرر ڪيو، جيڪا يونس کي
ڳهي ويئي. يونس ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون انهيءَ مڇيءَ جي پيٽ ۾
پيو هو.

## يونس جي دعا

2
1 تڏهن يونس مڇيءَ جي پيٽ ۾ ئي خداوند پنهنجي خدا کان
هيءَ دعا گهري تہ
2 "اي خداوند! مون مصيبت ۾ تو کان دُعا گهري آهي،
تو منهنجي دعا ٻڌي مون کي ورندي بہ ڏني آهي.
مون دوزخ جي پيٽ منجهان فرياد ڪيو آهي،
تڏهن بہ تو منهنجي اها دانهن ٻڌي آهي.

3 تو مون کي اونهي سمنڊ منجهہ اڇلائي ڇڏيو هو،
سمنڊ جا سيلاب مون کي ڪُنَ ۾ گهلِي ويا.
اي خدا! تنهنجون سڀ ڇوليون ۽ موجون مون مٿان گذريون.
4 اهو سڀ ڏسي مون پنهنجيءَ دل ۾ هي خيال ڪيو تہ
'شايد آءٌ تنهنجي اکين کان پري لوڌيو ويو آهيان،'
پر تڏهن بہ اي خدا!
آءٌ تنهنجي مقدس هيڪل کي هاڻي ڏسي سگهندس.
5 پاڻيءَ مون کي دڙڪا ڏيئي غرق ڪيو،
ڇوڏاري اونهي سمنڊ مون کي گهيري رکيو،
سمنڊ جا ڪک ڪانا منهنجي مٿي کي ويڙهجي ويا.
6 آءٌ سمنڊ ۾ جبلن جي ترن تائين غرق ٿي ويس،
ڌرتيءَ جا تالا مون مٿان هميشہ لاءِ بند ٿي ويا.

تڏهن بہ اي خداوند منهنجا خدا! تو منهنجي ٻڌي،
۽ منهنجيءَ جان کي پاتال مان ڪڍي ٻاهر آندو.
7 جڏهن منهنجو ساهُہ ماندو ٿيڻ لڳو،
تڏهن مون تو خداوند کي ياد ڪيو،
منهنجي دُعا تنهنجي مقدس هيڪل ۾ تو تائين پهتي.
8 جيڪي ماڻهو ڪُوڙن ديوتائن کي ٿا مڃن،
سي تنهنجي فضل کان محروم ٿي وڃن ٿا.
9 پر آءٌ تنهنجي اڳيان شڪراني سان قرباني ڪندس،
جيڪا مڃتا مون مَڃِي آهي سا ضرور پوري ڪندس.
اي خداوند! آءٌ مڃان ٿو تہ تون ئي بچائڻ وارو آهين."

10 پوءِ خداوند مڇيءَ کي حڪم ڏنو، جنهن اُلٽي ڪري يونس کي
سُڪيءَ زمين تي اڇلائي ڪڍيو.

## يونس جي فرمانبرداري

3
1 خداوند ٻيو ڀيرو يونس کي فرمايو تہ 2 "اُٿ، وڏي شهر
نينواہ ڏانهن وڃ ۽ جيڪي آءٌ تو کي چوان سو اتان جي ماڻهن
کي وڃي ٻڌاءِ."
3 تڏهن يونس خداوند جي حڪم موجب نينواہ شهر ڏانهن روانو
ٿيو. نينواہ ايڏو تہ وڏو شهر هو جو ان منجهان لنگهي وڃڻ ۾ ٽي
ڏينهن لڳي ٿي ويا. 4 يونس شهر ۾ گهڙيو ۽ هڪ ڏينهن جي پنڌ
ڪرڻ کان پوءِ اعلان ڪيائين تہ چاليهن ڏينهن کان پوءِ نينواہ شهر
برباد ڪيو ويندو.
5 اهو ٻڌي نينواہ جي ماڻهن خدا تي يقين ڪيو. هنن توبهہ ڪندي
هڪڙي روزي رکڻ جو اعلان ڪيو ۽ ادنيٰ کان اعليٰ تائين سڀني
ماڻهن ڪٿو ڍڪيو. 6 اها خبر جڏهن نينواہ جي بادشاهہ کي پهتي تہ
هو پنهنجي تخت تان اُٿي کڙو ٿيو. هن پنهنجي شاهي پوشاڪ لاهي
ڪٿو ڍڪيو ۽ خاڪ تي ويهي رهيو. 7 تنهن کان پوءِ حڪم جاري
ڪيائين تہ
"بادشاهہ ۽ سندس اميرن جي حڪم سان هي اعلان ڪيو وڃي
ٿو تہ ڪوبہ ماڻهو يا جانور، ڍور ڍڳا يا رڍون ٻڪريون نڪي کائن
نڪي پيئن. بلڪ ڪوبہ ماڻهو توڙي جانور ڪابہ شيءِ نہ چکي.
8 ماڻهو توڙي جانور ڪٿا ڍڪين ۽ خدا کي تمام گهڻو ٻاڏائين. هر

*عبراني: بني اسرائيل کي "عبراني" بہ سڏيو ويندو هو.

1:17 مت 12:40 3:4–5 مت 12:41، لو 11:32

ماڻهو پنهنجي بڇڙائيءَ واري هلت چلت ۽ پنهنجي هٿان ڪيل ظلم
ڪان توبهه ڪري. 9 شايد خدا پنهنجو ارادو بدلائي پنهنجي شديد
قهر ڪان باز اچي ۽ اسين بربادي‌ءَ ڪان بچي وڃون.”
10 جڏهن خدا ڏٺو تہ هو پنهنجي بڇڙائيءَ واري هلت چلت ڪان
توبهہ‌تائب ٿي ويا آهن، تڏهن خدا پنهنجو ارادو بدلايو ۽ انهن سان
ائين ڪونہ ڪيائين جيئن چيو هئائين.

## يونس جو ڪاوڙجڻ

4 1 پر اها ڳالهہ يونس کي اصل نہ وڻي ۽ هو ڪاوڙيو. 2 هن
خداوند کي عرض ڪري چيو تہ ”اي خداوند! ڇا مون ان وقت
ائين ئي نہ چيو هو جڏهن آءٌ اڃا پنهنجي ملڪ ۾ هوس؟ اهو ئي سبب
هو جو آءٌ جلدي ترسيس ڏانهن ڀڄي ويو هوس. ڇالاءِجو مون ڄاتو
ٿي تہ تون رحيم ۽ مهربان آهين. تون ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ شفقت
ڪرڻ ۾ تڪڙو آهين. تون پنهنجي غضب نازل ڪرڻ ڪان باز اچڻ وارو
آهين. 3 هاڻي اي خداوند! آءٌ توکي منٿ ٿو ڪريان تہ منهنجو ساهہ
ڪڍ، ڇوجو منهنجي لاءِ جيئڻ ڪان مرڻ بهتر آهي.“ 4 تڏهن خداوند
کيس فرمايو تہ ”ڇا تنهنجو ڪاوڙجڻ ڪو صحيح قدم آهي؟“
5 پوءِ يونس شهر ڪان ٻاهر اوڀر طرف نڪري ويو. اُتي پنهنجي
لاءِ هڪڙو ڇپر ٺاهي ان جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيو، انهيءَ لاءِ تہ ڏسي
تہ شهر جو ڪهڙو حال ٿو ٿئي. 6 خداوند خدا هڪڙو *ٻوٽو پيدا ڪيو
۽ انهيءَ کي يونس جي مٿان ڇانوَ ڪرڻ لاءِ پکيڙي ڇڏيائين تہ جيئن
هو تڪليف ڪان بچي. يونس انهيءَ ٻوٽي جي ڪري تمام گهڻو خوش
ٿيو. 7 پر ٻئي ڏينهن صبح جي وقت خدا هڪڙو ڪينئون موڪليو،
جنهن ٻوٽي کي ٽڪيو تہ اهو ڪومائجي ويو. 8 پوءِ جڏهن سج اڀري
مٿي ٿيو تڏهن خدا اوڀر پاسي ڪان جهولو گهلايو. يونس کي مٿي
تي اهڙي اُس لڳي جو هو ماندو ٿي ويو. هن پنهنجي لاءِ موت جي
خواهش ڪئي ۽ چيائين تہ ”منهنجي لاءِ جيئڻ ڪان مرڻ بهتر آهي.“
9 تنهن تي خداوند يونس کي چيو تہ ”ڇا ٻوٽي لاءِ تنهنجو
ڪاوڙجڻ ڪو صحيح قدم آهي؟“ يونس وراڻيو تہ ”منهنجو ڪاوڙجڻ
ايتري تائين صحيح قدم آهي تہ آءٌ موت چاهيان ٿو.“ 10 تڏهن خداوند
فرمايو تہ ”توکي انهيءَ ٻوٽي جي ايتري ڳڻتي آهي جنهن جي لاءِ تو
نہ تہ ڪا محنت ڪئي ۽ نڪي ان کي اُپاريو. اهو تہ هڪڙيءَ ئي رات
۾ پيدا ٿيو ۽ هڪڙيءَ ئي رات ۾ سُڪي سڙي ويو. 11 تڏهن ڇا مون کي
انهيءَ وڏي شهر نينواه جي ڳڻتي نہ هوندي جنهن ۾ بي‌شمار چوپايي
مال ڪان سواءِ هڪ لک ويهہ هزارن ڪان وڌيڪ معصوم ٻار آهن.“

*ٻوٽو: گهڻو ڪري اهو هيرڻ جو ٻوٽو خيال ڪيو وڃي ٿو.

2:4 خر 6:34 3:4 1.با 4:19

# ميڪاه

## ميڪاه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”ميڪاه“ نالي هن مقدس ڪتاب جو ليکڪ حضرت ميڪاه يسعياه نبيءَ جو همعصر هو ۽ ڏاکڻي بادشاهت يهوداه جي ٻهراڙيءَ جي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. هو انهيءَ ڳالهہ جو قائل هو تہ يهوداه تي بہ ساڳي قومي تباهي اچڻ واري آهي، جيڪا پيشنگوئي عاموس نبيءَ اترينءَ بادشاهت اسرائيل جي باري ۾ ڪئي هئي ۽ ساڳي ئي سبب جي ڪري خدا ماڻهن سان ناانصافي ڪندڙن کي سزا ڏيندو. تنهن هوندي بہ حضرت ميڪاه جي پيغام ۾ مستقبل جي باري ۾ واضح ۽ ڏيان جوڳين اميدن جون نشانيون آهن.

هن مقدس ڪتاب ۾ ڪي ڌيان ۾ رکڻ جهڙيون ڳالهيون هي آهن. خدا جي حاڪميت هيٺ سڄي جهان ۾ امن وَ امان هوندو (4:1–4). حضرت دائود جي خاندان مان هڪ عظيم بادشاهہ ايندو، جيڪو قوم کي امن وَ سلامتي ڏيندو (5:2–4). حضرت ميڪاه سڀني نبين جي ڳالهين جو نچوڙ ڪيندي چيو تہ خداوند چاهي ٿو تہ ”اسين هڪ ٻئي سان انصاف ڪريون، رحمدليءَ کي بيحد عزيز ڄاڻون، ۽ پنهنجي خدا آڏو نماڻا ٿي رهون“ (6:8).

### سِٽاءُ

اسرائيل ۽ يهوداه وارن خلاف پيغام 1:1–3:12

بحالي ۽ امن جا پيغام 4:1–5:15

تنبيهہ ۽ اميد جا پيغام 6:1–7:20

---

1 ① يهوداه جي ٽن بادشاهن يوتام، آخز ۽ حزقياه جي بادشاهتن
جي دوران خداوند مون ميڪاه مورشتيءَ کي اسرائيل ملڪ جي
گاديءَ واري هنڌ سامريہ ۽ يهوداه ملڪ جي گاديءَ واري هنڌ يروشلم
وارن بابت هي پيغام ڏنو.

### سامريہ ۽ يروشلم شهرن ۽ سندن رهاڪن لاءِ مرثيو

② اي سموريون قومون! ٻڌو،
هائو، اي ڌرتيءَ جا رهاڪؤ! اوهين سڀ ٻڌو.
خداوند خدا اوهان جا گناهہ ظاهر ڪندي
اوهان جي خلاف فيصلو ڏيڻ وارو آهي.
ٻڌو، هو پنهنجي عرش عظيم مان ڳالهائي رهيو آهي.
③ ڏسو، خداوند پنهنجي انهيءَ جاءِ مان نڪري هيٺ اچي
ٽڪر تي ٺهيل پوڄا گهرن کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي ڇڏيندو.
④ پوءِ سندس پيرن جي بار ڪري جبل ائين رجي ويندا،
جيئن باهہ ۾ ميڻ رجيو وڃي.
جبلن جي رجڻ سان ائين گهارا ٻڄي ويندا،
جيئن جبلن تان پاڻيءَ جي وهڻ ڪري ٻڻبا آهن.
⑤ اهو سڀ ڪجهہ يعقوب جي اولاد،
يعني بني اسرائيل جي گناهن جي ڪري ٿيندو.
ڇا سامريہ شهر ۾ اسرائيل وارن کي
بت‌پرستيءَ جي راهہ تي نہ آندو ويو آهي؟
ڇا يروشلم شهر ۾ غير معبودن جون قربان‌گاهون ٺاهي
يهوداه وارن کي گنهگار نہ بڻايو ويو آهي؟

⑥ تنهنڪري خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ سامريہ شهر کي برباد ڪري پٿرن جا ڍير بڻائي ڇڏيندس،
جتي رڳو انگورن جون وليون پوکي سگهجن.
آءٌ انهيءَ جا پٿر ماٿريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندس،
ايتري قدر جو شهر جي جاين جا بنياد ڏسڻ ۾ ايندا.
⑦ آءٌ سامريہ جي قيمتي بتن کي پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيندس.
هائو، انهيءَ جي سڀني بتن کي پڃي ڍير ڪيو ويندو،
۽ انهيءَ جي پوڄا گهرن جي ڪڃرين کي ڏنل هر شيءِ
ساڙي رک ڪئي ويندي.
سامريہ وارن پوڄا گهرن جي ڪڃرين جي اجرت مان

جيڪي سون ۽ چاندي گڏ ڪيا آهن،
سي سڀيئي ڌاريا ماڻهو ڪٽي
ٻين ڪڃرين کي اجرت طور ڏيڻ ۾ استعمال ڪندا.“

8 اهڙي دردناڪ واقعي سبب آءٌ ميڪاه روئندس ۽ رڙندس،
۽ پيرين اگهاڙو ۽ ننگو ٿي گهمندس.
جيئن گدڙ ڪوڪون ڪندا آهن،
۽ شتر مرغ روئڻ جهڙو آواز ڪيندا آهن،
تيئن ئي آءٌ سوڳ وچان رڙيون ڪندس.
9 سامريہ جا زخم لاعلاج آهن،
۽ ساڳي ئي حالت يهوداه سان بہ ٿيڻي آهي.
بيشڪ بربادي منهنجي قوم جي واپاري مرڪز مٿان
اچي پهچڻ واري آهي،
هائو، يروشلم مٿان ڪڙڪڻ واري آهي.

10 اي يهوداه وارؤ! اوهين گات شهر وارن اسان جي دشمنن کي
پنهنجي ملڪ تي اچڻ واري مصيبت بابت نہ ٻڌايو،
اهي اوهان کي روئندي پٽيندي نہ ڏسن.
تنهن هوندي بہ اوهين پنهنجي مصيبت جو اظهار
اهڙيءَ طرح ڪندا
جهڙا اوهان جي ڳوٺن جا نالا آهن، جهڙوڪ:
اي بيت‌افره وارؤ! اوهين مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندا.
11 اي سفير شهر جا رهاڪؤ!
اوهين اگهاڙا ۽ شرمندا ٿي جلاوطن ٿي ويندا.
اي ضانان شهر جا رهاڪؤ!
اوهين پنهنجي شهر مان نڪرڻ جي همت نہ ڌاري سگهندا.
جڏهن بيت‌ايضل وارن جي روئڻ رڙڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي،
تڏهن ڄاتو ويندو تہ اتي انهن لاءِ ڪا پناهہ ناهي.
12 جڏهن خداوند جي طرفان يروشلم تي آفت اچي نازل ٿيندي،
تڏهن ماروت شهر جا رهاڪو مدد لاءِ سخت انتظار ۾ هوندا.
13 اي لڪيس شهر جا رهاڪؤ!
اوهين جنگي گهوڙي گاڏيون تيار ڪري ڀڄي وڃو.
شروعات ۾ اوهان اسرائيل وارن جا گناهہ ڏسي ڪري
يروشلم وارن کي بہ گمراهہ ڪيو.
14 هاڻي، اي يهوداه وارؤ!
اوهين مورست‌گات شهر کي الوداع چئي هليا ويندا.
اسرائيل جا بادشاهہ
اڪزيب شهر وارن جي مدد کان مايوس ٿي ويندا.

15 اي مريسہ شهر جا رهاڪؤ!
خداوند اوهان کي اهڙي دشمن جي حوالي ڪندو،
جيڪو اوهان جي شهر تي قبضو ڪري وٺندو.
بني اسرائيل جا اڳواڻ عدلام جي غار ۾ وڃي لڪندا.

16 اي يروشلم جي پياري وسندي!
جيئن ماڻهو ڏک جو اظهار ڪرڻ خاطر پنهنجا مٿا ڪوڙائي
ڳجهہ وانگر بلڪل گنجا ٿين ٿا،
تيئن تون بہ پنهنجي ملڪ جي رهاڪن لاءِ روڄ راڙو ڪر،
ڇالاءِجو اهي تو کان ڪسي جلاوطن ڪيا ويندا.

## غريبن تي ظلم ڪندڙن لاءِ سزا

2 1 ويل آهي منهنجي قوم جي انهن اميرن لاءِ!
جيڪي بڇڙائيءَ جون رٿون ٿا رٿين.
اهي رات جو پنهنجي بستري تي ليٽندي بہ
بڇڙائيءَ جا منصوبا ٿا جوڙين.
پوءِ صبح ٿيندي ئي اهي انهن کي عمل ۾ ٿا آڻين،
ڇالاءِجو اهو سڀ ڪجهہ سندن هٿ وس ۾ آهي.
2 هو ماڻهن ۽ سندن گهراڻن تي ظلم ڪندي
سندن ميراث ڪسي ٿا وٺن.
هائو، اهي لالچ ڪندي ماڻهن جون ٻنيون ۽ گهر
زبردستيءَ سان هٿ ٿا ڪن.

3 اهو ئي سبب آهي جو خداوند پاڻ بہ انهن جي خلاف منصوبا
جوڙي فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، آءٌ اوهان اميرن تي آفت نازل ڪرڻ وارو آهيان،
جنهن مان اوهين بچي ڪين سگهندا.
هائو، اوهان تي اهڙو تہ برو وقت اچڻ وارو آهي،
جو اوهين اڳتي مغروريءَ سان هلي نہ سگهندا.
4 جڏهن اهو وقت ايندو،
تڏهن ماڻهو اوهان جي آيل آفت تي
ٺٺوليون ڪندي اوهان جي پاران
هي دردناڪ مرثيو ڳائيندي چوندا تہ
’افسوس! اسين امير برباد ٿي وياسين،
اسين بلڪل لٽجي وياسين.
خداوند اسان جو ملڪ اسان کان ڪسي ورتو آهي.
هائو، هن اسان جون ٻنيون
اسان تي قبضو ڪندڙن کي ورهائي ڏنيون آهن.‘“

1:10 2.سمو 1:20   1:15 1.سمو 22:1

5 پوءِ جڏهن خداوند جو پنهنجيءَ قوم کي
سندن ملڪيت موٽائي ڏيڻ جو وقت ايندو،
تڏهن انهن اميرن مان ڪنهن کي بہ حصو نہ ملندو.

## ميڪاه جي خلاف امير

6 اهي امير مون کي چيپيندي چون ٿا تہ
"اسان کي نہ ڊيڄار!
هائو، اڳڪٿيون ڪري اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر،
خداوند اسان کي خوار خراب نہ ڪندو.
7 اسان يعقوب جي اولاد بابت
تو کي اهڙي ڳالهہ نہ چوڻ گهرجي.
ڇا خداوند ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ناهي؟
ڇا اهڙو عمل خدا جي لائق آهي؟
ڇا هن سچارن کي
هميشہ پنهنجي برڪتن سان نہ نوازيو آهي؟"

8 پر خداوند انهن بني اسرائيل جي اميرن کي فرمائي ٿو تہ
"اوهين لهٽيدار منهنجي قوم جي غريبن تي
دشمن وانگر حملو ٿا ڪريو.
ڇالاءِجو جنگ تان موٽندڙ سپاهي
اهو سوچيندي پنهنجي گهر اچن ٿا تہ
اتي هو امن ۽ سلامتيءَ سان هوندا.
پر اوهين تاڙ ۾ ويٺا آهيو تہ
قرض ۾ انهن جا ڪپڙا بہ لاهي وٺو.
9 اوهين مردن جي غير موجودگيءَ ۾
منهنجي قوم جي عورتن کي
سندن پيارن گهرن مان تڙي ٿا ڇڏيو،
۽ سندن ننڍڙن ٻارن کان منهنجون ڏنل سهولتون کسي ٿا وٺو،
جنهن ڪري اهي ٻار اڳتي وڌي نہ ٿا سگهن.
10 سو اي ظالمؤ! نڪرو، هن ملڪ مان هليا وڃو!
ڇالاءِجو اوهان جي ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري
هن ملڪ ۾ سخت بربادي اچڻي آهي،
جنهن ڪري هتي ڪو امن وَ سڪون نہ رهندو."

11 هي ماڻهو اهڙا تہ پليل آهن جو
انهيءَ ماڻهوءَ کي نبي ڪري قبول ڪندا،
جيڪو ساڻن ڪوڙ ڳالهائي ۽ ٺڳي ڪندي کين چوي تہ
"آءٌ اڳڪٿي ڪري چوان ٿو تہ
اوهان لاءِ شراب ۽ نشي جون نديون وهنديون."

## بحاليءَ جو واعدو

12 خداوند بني اسرائيل سان واعدو ٿو ڪري تہ
"اي يعقوب جو اولاد! آءٌ اوهان جي باقي بچيلن کي
گڏ ڪري ضرور سندن وطن ڏانهن ائين موٽائي آڻيندس،
جيئن هڪ ڌنار پنهنجي رڍن جي ڌڻ کي هڪلي
آڻي سندن چراگاهہ ۾ گڏ ڪندو آهي.
پوءِ اوهان جو ملڪ وري رونقن سان ڀرجي ويندو.
13 هائو، آءٌ خداوند انهن باقي بچيلن جون رڪاوٽون
ٽوڙي ڇڏيندس ۽ کين جلاوطنيءَ مان موٽائي آڻيندس.
اهي قيد جا دروازا ڀڃي نڪري آزاد ٿيندا.
بلڪ آءٌ خداوند ئي کين ٻاهر ڪڍي ايندس،
۽ سندن بادشاهہ هوندس."

## ميڪاه جو بني اسرائيل جي اڳواڻن کي ننڊڻ

3 1 اي بني يعقوب جا اڳواڻؤ!
هائو، اي بني اسرائيل جا حڪمرانؤ! ٻڌو.
ڇا اوهان جو اهو فرض ناهي جو
اوهين انصاف قائم ڪريو؟
2-3 پر اوهين تہ نيڪيءَ کي ڌڪاريو ٿا،
۽ بڇڙائيءَ کي پسند ٿا ڪريو.
جيئن ڪاسائي ڪٺل ڍور جي کل لاهي
انهيءَ جي هڏين تان ماس رهڙي ٿو وٺي ۽ هڏا ڀڃي ٿو ڇڏي،
۽ پوءِ گوشت کي وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري
ديڳ ۾ رنڌڻ لاءِ ٿو وجهي،
تيئن ئي اوهين منهنجي قوم وارن سان سلوڪ ٿا ڪريو.
ڄڻ تہ اوهين انهن جو ماس کائي ڇٽ ٿا ڪريو.
4 سو اي اڳواڻؤ! اهو وقت اچڻ وارو آهي،
جڏهن اوهين خداوند آڏو مدد لاءِ ٻاڏائيندا،
پر هو اوهان کي ڪو جواب نہ ڏيندو.
اوهان جي بدڪارين جي ڪري
هو اوهان کان منهن موڙي ڇڏيندو.

5 نبي سڏائيندڙن کي خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي منهنجي قوم کي گمراهہ ڪرڻ وارؤ!
جيڪي اوهان کي ڪارائين پيارين ٿا،
تن سان منهنجي طرفان امن وَ سلامتيءَ جو واعدو ٿا ڪريو.
پر جيڪي اوهان جو وات نہ ٿا ڀرين،
تن کي اوهين منهنجو نالو وٺي آفتن اچڻ جا دڙڪا ٿا ڏيو.
6 سو هاڻي اڳتي اوهين اهڙيون رويائون نہ ڏسي سگهندا،
۽ نہ وري ڪا اڳڪٿي ڪري سگهندا.

هائو، جنهن کي اوهين روحاني روشني چئو ٿا
سا اوهان کي ڏسڻ ۾ نہ ايندي
۽ ڏينهن ۾ بہ اوهان کي رات واري اونداهي نظر ايندي.
7 سو اي غيبدانو ۽ فالون وجهندڙؤ!
هاڻ اوهين پنهنجي ناڪاميءَ سبب ذليل ۽ خوار خراب ٿيندا،
ڇالاءِجو منهنجي طرفان
اوهان جي منٿن جو ڪو جواب نہ ملندو.“

8 پر خداوند مون ميڪاه تي پنهنجو روح نازل ڪري
مون کي طاقت، عدل ۽ دليري عطا ڪري ڇڏي آهي،
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ يعقوب جي اولاد بني اسرائيل کي
سندن ڪيل گناهن کان آگاهہ ڪريان.

9 سو اي بني يعقوب جا اڳواڻؤ!
هائو، اي بني اسرائيل جا حڪمرانئ! ٻڌو.
اوهين جيڪي انصاف کان نفرت ٿا ڪريو،
۽ سچ کي توڙي مروڙي ٿا ڇڏيو،
سي هيءَ ڳالهہ ٻڌي ڇڏيو تہ
10 اوهين خداوند جي شهر يروشلم کي تہ اڏايو ٿا
پر انهيءَ اڏاوت ۾ خونريزي ۽ ناانصافي شامل آهي.
11 اوهان جا عملدار رشوت وٺي
ناانصافيءَ وارو فيصلو ٿا ڪن.
اوهان جا ڪاهن پيسن جي لالچ ۾ شريعت جي تعليم ٿا ڏين،
۽ اوهان جا نبي سڏائيندڙ دولت وٺي اڳڪٿيون ٿا ڪن.
انهيءَ هوندي بہ اوهين دعويٰ ٿا ڪريو تہ
”خداوند اسان سان گڏ آهي،
سو اسان تي ڪا آفت ڪا نہ ايندي.“
12 تنهنڪري اوهان جي انهن عملن جي ڪري ئي
صيئون جبل تي پنيءَ وانگر هر هلايو ويندو.
هائو، يروشلم مٽيءَ جو ڍير ٿي ويندو
۽ جتي هيڪل اڏيل آهي اُتي جهنگ ئي جهنگ ٿي ويندو.

## بحاليءَ ۽ امن جا پيغام

(1:4–15:5)

(خداوند پاران سلامتي ۽ برڪتون)
(يسعياہ 2:2–4)

4 1 ايندڙ ڏينهن ۾ هيئن ٿيندو جو
خداوند جي هيڪل وارو جبل صيئون،
سڀني جبلن کان مٿاهون ڪيو ويندو.
هائو، اهو سڀني جبلن کان بلند ڪيو ويندو،
۽ سڀني قومن جو وهڪرو انهيءَ ڏانهن هوندو.
2 اهي قومون ائين چونديون اينديون تہ
”هلو تہ خداوند جي جبل ڏانهن هلون،
يعني بني يعقوب جي خدا جي گهر ڏانهن.
هو اسان کي پنهنجي واٽ تي هلڻ سيکاريندو،
تانتہ اسين سندس انهيءَ ٻڌايل واٽ تي هلون،
ڇالاءِجو صيئون تان ئي خداوند جو فرمان جاري ڪيو ويندو.
هائو، ان تي اڏيل شهر يروشلم مان سندس ڪلام ظاهر ٿيندو.“
3 خداوند ويجهين توڙي پري وارين زورآور قومن جي وچ ۾
عدالت ڪري سندن جهڳڙا نبيري ڇڏيندو.
تڏهن اهي پنهنجون تلوارون ڀڃي انهن مان هر ٺار،
۽ پنهنجن نيزن مان ڏاٽا ٺاهيندا.
پوءِ ڪا بہ قوم ٻيءَ قوم تي تلوار نہ ڪڍندي،
۽ نہ وري اڳتي اهي ڪڏهن جنگ جي تربيت وٺندا.
4 تڏهن هر ڪو ماڻهو بيخوف ٿي
پنهنجي پنهنجي انگورن ۽ انجيرن جي باغن ۾
امن وَ سلامتيءَ سان زندگي گذاريندو.
اهو قادرمطلق خداوند جو پڪو واعدو آهي.

5 جيئن تہ ٻي هر ڪا قوم الڳ الڳ معبودن جي
پوڄا ۽ فرمانبرداري ڪري ٿي،
پر اسين هميشہ هميشہ تائين خداوند پنهنجي خدا جي
عبادت ۽ فرمانبرداري ڪندا رهنداسين.

(بني اسرائيل جلاوطنيءَ مان موٽي ايندا)

6 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اهو وقت ضرور ايندو جڏهن آءٌ
پنهنجيءَ قوم جي انهن ماڻهن کي موٽائي آڻي گڏ ڪندس،
جن کي مون سزا ڏيئي جلاوطن ڪري ڇڏيو آهي،
جتي هنن ڏک سٺا آهن.
7 اهي پنهنجي وطن کان پري ۽ بيوس آهن.
بلڪ جيڪي بہ بني اسرائيل جا باقي بچي ويل آهن،
تن سڀني کي آءٌ وري بحال ڪري هڪ زورآور قوم بڻائيندس.
ان وقت کان وٺي آءٌ خداوند صيئون جبل تان
هميشہ تائين مٿن حڪومت ڪندو رهندس.

---

12:3 يرميا 18:26 3:4 يوا 10:3 4:4 زڪ 10:3

8 هاڻ تون اي يروشلم!
جنهن ۾ آءٌ خدا پنهنجيءَ قوم جي ائين سنڀال ڪندس،
جيئن ريڍار ٽُلهه تي ويهي پنهنجي ڌڻ جو پهرو ڏيندو آهي،
تون ئي هڪ دفعو وري
بادشاهه جي گاديءَ جو شهر ٿيندين.“

(خداوند ڏکن کان بچائي ٿو)

9 اي يروشلم جي وسندي! تون ڇو ٿي رڙيون ڪري روئين؟
ڇا تو ۾ ڪو بادشاهه ڪونهي؟
ڇا تنهنجا صلاحڪار مري کپي ويا آهن؟
ڇو تون اهڙي تڪليف ۾ آهين،
جو ڄڻ تو کي ويم واري عورت جي سورن اچي ورايو هجي؟
10 تون ڀلي هڪ ويم واري عورت وانگر
تڙپندي لڇندي رڙيون ڪر،
ڇالاءِ جو هاڻي تنهنجا رهاڪو تو کي ڇڏي
کليل ميدان ۾ وڃي رهڻ وارا آهن،
بلڪ هو بابل ملڪ ڏانهن جلاوطن ٿيڻ وارا آهن.
پر تنهن هوندي به اتي خداوند اچي انهن کي بچائيندو.
هائو، اهو انهن کي سندن دشمنن جي هٿان ڇڏائيندو.

(يروشلم جي فتح)

11 اي يروشلم جي وسندي!
گهڻين ئي قومن وارن اچي تنهنجو گهيرو ڪيو آهي.
اهي چون ٿا ته ”اسين يروشلم جي عزت لٽينداسين،
۽ اسان جون اکيون انهيءَ کي خوار خراب ٿيندي ڏسنديون.“
12 پر اهي خداوند جي ارادن کي نه ٿا ڄاڻن،
اهي اها ڳالهه سمجهن ئي نه ٿا ته
خداوند کين اهڙي سزا ڏيڻ لاءِ هتي آڻي گڏ ڪيو آهي،
جيئن اناج جا گڏا ڳاهڻ لاءِ گڏ ڪبا آهن.

13 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي يروشلم جا رهاڪؤ!
اٿو ۽ پنهنجي دشمنن کي لتاڙي ڇڏيو.
آءٌ اوهان کي اهڙي ڏاند وانگر مضبوط بڻائيندس،
جنهن کي لوهه جا سڱ ۽ پتل جا کُر هجن.
اوهين گهڻين ئي قومن کي وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندا،
۽ انهن جو مالِ غنيمت مون خداوند لاءِ وقف ڪندا.
هائو، اوهين انهن جي دولت
مون ربالعالمين جي حضور ۾ آڻي پيش ڪندا.“

(خداوند پاران واعدي مطابق مقرر ڪيل حڪمران)

5
1 اي يروشلم جا رهاڪؤ!
پنهنجا لشڪر آڻي گڏ ڪري تيار ٿيو،
ڇالاءِ جو اوهان جي دشمن لشڪرن اچي
اوهان جو گهيرو ڪيو آهي.
اهي بني اسرائيل جي حڪمران جي بيعزتي ڪري
سندس ڳلن تي لڪڻ هڻندا.

2 پر هوڏانهن خداوند *بيتلحم اِفرات کي فرمائي ٿو ته
”جيتوڻيڪ تون يهوداه جي ننڍن ننڍن شهرن مان هڪ آهين،
تڏهن به تو منجهان هڪڙو اهڙو شخص پيدا ٿيندو،
جيڪو منهنجي طرفان بني اسرائيل جو حڪمران بڻبو.
انهيءَ حڪمران جو گهراڻو پراڻي زماني کان وٺي قائم آهي.“
3 خداوند پنهنجي قوم کي تيستائين
سندن دشمنن جي هٿ ۾ ڇڏي ڏيندو،
جيستائين اهو حڪمران پنهنجي ماءُ جي پيٽان نه ڄمي.
پوءِ حڪمران جي قوم وارا جيڪي جلاوطنيءَ ۾ آهن،
سي موٽي اچي پنهنجي ملڪ ۾ آباد ٿيندا،
۽ باقي اتي رهيل بني اسرائيل سان گڏ رهندا.
4 تڏهن هو خداوند پنهنجي خدا جي قدرت
۽ سندس نالي جي عظمت سان
هڪ ريڍار جيان پنهنجيءَ قوم جي سنڀال ڪندو.
پوءِ خداوند جي قوم سلامتيءَ سان رهندي،
ڇالاءِ جو انهيءَ وقت ساري ڌرتيءَ جا ماڻهو
انهيءَ حڪمران جي عظمت کي ڄاڻي وٺندا.
5 بيشڪ انهيءَ جي اچڻ سان خوشحالي ۽ سلامتي ملندي.

(اشور وارن کان آزادي)

جڏهن اشوري اسان بني اسرائيل جي ملڪ تي اچي حملو ڪندا
۽ اسان جي ڪوٽن وارن شهرن ۾ گهڙي ايندا،
تڏهن اسين پنهنجي گهڻن ئي طاقتور سالارن جي اڳواڻيءَ ۾
سندن مقابلو ڪنداسين.

---

*بيتلحم اِفرات: بيتلحم دائود بادشاهه جو اصلي شهر هو ۽ سندس خاندان افراتي گهراڻي مان هو.

2:5 مت 6:2، يو 42:7

6 انهن سالارن جو طاقتور لشڪر اشوري قوم کي،
بلڪ نمرود نالي سندن ملڪ کي شڪست ڏيندو.
هائو، جڏهن اشوري اسان جي ملڪ ۾ اچي
اسان جي سرحدن ۾ پير ڄمائيندا،
تڏهن خداوند انهن کان اسان کي ڇڏائيندو.

(جلاوطنيءَ ۾ بني اسرائيل کي طاقت ملڻ)

7 بني اسرائيل جا تباهيءَ کان باقي بچي ويل ماڻهو،
جيتوڻيڪ گهڻين ئي قومن ۾ ٽڙيل پکڙيل هوندا،
تنهن هوندي به خداوند انهن کي طاقت ڏيئي ائين قائم رکندو،
جيئن ماڪ ۽ مينهن ڌرتيءَ کي تازگي ڏيندا آهن.
ڇالاءِجو اهي خدا تي ئي توڪل رکندا،
نه ڪنهن انسان تي.
8 جيتوڻيڪ اهي مختلف قومن ۾ ٽڙيل پکڙيل هوندا،
تنهن هوندي به اهي ائين حملو ڪندا،
جيئن ڪو خوفناڪ شينهن جهنگلي جانورن
يا رڍن جي ڌڻ ۾ ڪاهي پوندو آهي.
جڏهن اهو ڌڻ ۾ گهڙي پوندو آهي تڏهن رڍن کي
چيري ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو آهي،
۽ ڪوبه انهن کي ڇڏائڻ وارو نه هوندو آهي.
9 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل پنهنجي دشمنن تي غالب پوندا،
۽ سڀني کي تباهه ۽َ برباد ڪري ڇڏيندا.

(بني اسرائيل مان پليتي ڪڍڻ)

10 خداوند فرمائي ٿو ته
”انهيءَ وقت آءٌ اوهان جا گهوڙا،
بلڪ اوهان جون جنگي گهوڙي گاڏيون ناس ڪري ڇڏيندس،
جن تي اوهين توڪل رکو ٿا.
11 اوهان جي ملڪ جا شهر ۽ مضبوط قلعا،
جن ۾ حفاظت جي لحاظ کان اوهان کي ڀروسو آهي،
تن سڀني کي آءٌ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندس.
12 آءٌ اوهان مان جادوگريءَ وارا ڪم ختم ڪري ڇڏيندس،
۽ نه وري اڳتي اوهان ۾ ڪو فال وجهندڙ ئي رهندو.
13-14 آءٌ اوهان جون تراشيل مورتيون،
ٿنڀي جيان کوڙيل پوڄا وارا پٿر،
۽ يسيره نالي اوهان جي ديويءَ جا کوڙيل بت
ڀڃي ڀورا ڪري ڇڏيندس.
بلڪ آءٌ اوهان جا بتپرستيءَ وارا شهر به ناس ڪري ڇڏيندس.
اوهين اڳتي وري ڪڏهن به پنهنجي هٿن سان
جوڙيل شين جي پوڄا نه ڪندا.
15 بلڪ آءٌ پنهنجو قهر ۽َ غضب نازل ڪري
انهن قومن کان بدلو وٺندس،
جن منهنجي نافرماني ڪئي آهي.“

## بني اسرائيل خلاف خداوند جو مقدمو

(16:6–1:6)

(خداوند کي عدالت ۾ سڏ)

6 1 اي دنيا جي مخلوق! خداوند جو مقدمو ٻڌو.
اي خداوند! اچي پنهنجي قوم خلاف شڪايت ائين ٻڌاءِ
جو جبل ۽ ٽڪر تنهنجو آواز ٻڌن.
2 اي دنيا جا بنياد جبلؤ! اچو ۽ ڪن ڏيئي ٻڌو،
ڇوته بني اسرائيل جي خلاف خداوند مقدمو داخل ڪري ٿو.
هائو، هو کين ڏوهي ٺهرائي ٿو.

3 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم!
آءٌ اوهان سان ڪهڙو غلط هليو آهيان؟
مون اوهان تي ڪهڙو بوجهه وڌو آهي؟
اوهين مون تي ثابت ڪريو.
4 آءٌ ته اوهان کي مصر ملڪ مان بچائي ڪڍي آيس،
جتي اوهين غلام هئا.
مون اوهان جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ موسيٰ،
هارون ۽ مريم کي اوهان لاءِ مقرر ڪيو.
5 اي منهنجي قوم! ياد ڪريو ته
موآب جي بادشاهه بلق
اوهان بابت ڪهڙا بڇڙائيءَ وارا منصوبا جوڙيا هئا،
۽ بلعام ولد بعور هن کي ڪهڙي ورندي ڏني هئي.
اهو به ياد ڪريو ته شطيم کان گلگال تائين
اوهان سفر ڪندي ڪهڙي نموني اردن درياهُ پار ڪيو.
پوءِ اوهين مڃيندا ته
اوهان کي بچائڻ لاءِ مون خداوند ڇا ڇا ڪيو.“

(بني اسرائيل جو سوال ۽ خداوند جو جواب)

6 پوءِ بني اسرائيل سوال ڪيو ته

---

6:5 پيد 8:10–11  4:6 خر 4:10–16، 12:50–51، 15:20  5:6 گا 22:2–25:24، يش 3:1–4:19

”جڏهن اسين خدا تعاليٰ جي آڏو سجدو ڪرڻ لاءِ اچون
ته ڪهڙا نذرانا کڻي آڻي سندس حضور ۾ پيش ڪريون؟
ڇا اسين ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ﭘﻼ ﭘﻼ وهڙا
ساڙڻ واري قربانيءَ طور سندس حضور ۾ آڻيون؟
7 ڇا خداوند هزارين گهيٽن
يا زيتون جي تيل جون نديون پيش ڪرڻ سان
اسان تي راضي ٿيندو؟
ڇا اسين پنهنجي گناهن جي عيوض
پنهنجا پهريتا ٻار سندس آڏو پيش ڪريون،
جيڪي اسان کي پنهنجيءَ جان کان به وڌيڪ پيارا آهن؟“

8 اي انسانؤ!
خداوند ته اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته
هو اسان کان ڇا ٿو چاهي.
خداوند اسان کان هنن چڱين ڳالهين کان علاوه
ٻيو ڪجهه نه ٿو چاهي ته
اسين هڪ ٻئي سان انصاف ڪريون،
رحمدليءَ کي بيحد عزيز ڄاڻون،
۽ پنهنجي خدا آڏو نماڻا ٿي رهون.

(خداوند جو بني اسرائيل کي ڏوهي ٺهرائڻ)

9 اها دانائي آهي ته خداوند کان ڊڄڻ گهرجي.
ڇالاءِجو خداوند يروشلم شهر وارن کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته
”ٻڌو، اي شهر ۾ گڏ ٿيڻ وارؤ!
منهنجو هي پيغام ٻڌو.
10 بدڪار ماڻهن پنهنجن گهرن ۾ بيايمانيءَ سان
حاصل ڪيل خزانا گڏ ڪري رکيا آهن.
هو ماپ تور جا کوٽا پئمانا استعمال ٿا ڪن،
جن کان مون کي نفرت آهي.
11 ڇا اهڙين ٺڳيءَ وارين تارازين
۽ کوٽن وٽن جا ٿيلها رکڻ وارن کي آءٌ خداوند وساري ڇڏيان؟
12 اوهان جي شاهوڪار ماڻهن
غريبن تي ظلم وَ زبردستي پئي ڪئي آهي.
اوهين سڀ ڪوڙا آهيو،
۽ ٺڳيءَ جون ڳالهيون پيا ڪريو.

13 تنهنڪري اوهان جي گناهن سبب
آءٌ به اوهان کي موتمار زخم رسائي
تباهه وَ برباد ڪري ڇڏيندس.
14 اوهين کائيندا، پر اوهان جو ڍءُ نه ٿيندو،
بلڪ اوهان جو پيٽ بکيو ئي رهندو.
اوهين ڪفايت ڪري ميڙيندا،
پر اوهان وٽ بچندو ڪجهه به ڪونه.
هائو، اوهان جي هر بچائي رکيل شيءِ
آءٌ جنگ ۾ تباهه ڪري ڇڏيندس.
15 اوهين پوکيندا، پر لڻندا ڪجهه به ڪين.
اوهين زيتون جو تيل ته لتاڙي ڪيندا،
پر اهو استعمال ڪري نه سگهندا.
اوهين انگورن مان مئي ته ناهيندا،
پر اها پيئي نه سگهندا.
16 اي يروشلم وارؤ!
اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيندو،
جو اوهان اسرائيل ملڪ جي بادشاهه عمري
۽ سندس پٽ بادشاهه اخيآب جي
گناهن وارن عملن جي پيروي ڪئي آهي.
جيئن ته اوهين انهن جي رستي تي هلندا رهيا آهيو،
تنهنڪري هاڻ آءٌ اوهان کي ۽ اوهان جي شهر يروشلم کي
تباهه وَ برباد ڪري ڇڏيندس.
پوءِ هر قوم جا ماڻهو اوهان تي ٺٺوليون ڪندا،
۽ اوهين خوار خراب ڪيا ويندا.“

## بني اسرائيل جي بڇڙاين تي مرثيو

7
1 حيف آهي منهنجي حال تي!
ڇالاءِجو آءٌ ميڪاه اهڙي بکايل وانگر آهيان،
جيڪو گرميءَ جا ميوا پٽجي وڃڻ،
يا انگور چونڊجي وڃڻ کان پوءِ انهن ميون جو بکايل رهي ٿو.
هائو، هن جي کائڻ لاءِ نه ڪو انگورن جو ڇڳو بچيو آهي،
۽ نه ئي پهريان پڪل دل کي وڻندڙ انجير ئي آهن.
2 ساڳيءَ طرح هن ملڪ ۾ ڪو نيڪ ماڻهو نظر ئي نه ٿو اچي.
هائو، ڪنهن کي به خدا جو خوف ڪونه آهي.
هر ڪو ماڻهو ٻئي جو خون ڪرڻ لاءِ تاڙ ۾ ويٺو آهي،
۽ پنهنجي هموطنن کي شڪار ڪرڻ لاءِ
هر ڪو ڄار وڇايو ويٺو آهي.
3 هنن جا هٿ بڇڙائي ڪرڻ ۾ مهارت ٿا رکن،
عملدار توڙي قاضي رشوت گهري ٿا وٺن،
۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن جون دليون حرص مان نه ٿيون پرجن.
انهيءَ کان علاوه اهي سڀ گڏجي سازشون به ڪن ٿا.

16:6 1. با 16:23–34، 21:25–26

4 بلڪ جيڪي بہ انهن مان نيڪ ۽ سچا سمجهيا وڃن ٿا،
سي بہ ڪنڊي ڪانڊيري جي ٻوٽي مثل خراب آهن.
انهيءَ ڪري اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي
جڏهن خدا انهن کي سزا ڏيندو،
جنهن بابت سندن نگهبانن يعني نبين جي معرفت
خدا کين اڳ ۾ ئي آگاهہ ڪري ڇڏيو هو.
سزا واري ڏينهن انهن کي حيراني وَ پريشاني وٺي ويندي.

5 سو اي بني اسرائيل! اوهين ڪنهن تي بہ اعتبار نہ ڪريو،
توڙي جو اهو اوهان جو بهترين دوست ئي ڇو نہ هجي.
اوهين هر ڳالهہ بيحد احتياط سان ڪريو،
توڙي جو پنهنجي پياري زال سان ئي ڇو نہ ڳالهايو.
6 ڇالاءِجو هنن ڏينهن ۾ پٽ پنهنجي پيءُ جي بيعزتي ٿو ڪري،
ڌيءَ پنهنجي ماءُ سان ۽ ننهن پنهنجي سس سان
وڙهڻ لاءِ تيار بيٺي آهي.
مطلب تہ ماڻهوءَ جا دشمن خود سندس گهر جا ئي ڀاتي آهن.

7 باقي رهيس آءٌ، سو منهنجي توڪل خداوند تي آهي،
هو ئي مون کي بچائيندو.
هائو، آءٌ خدا ڏانهن پيو واجهائيندو رهندس،
خدا جيڪو منهنجو معبود آهي سو منهنجي دعا ضرور ٻڌندو.

## بني اسرائيل جي بحالي

8 اي اسان جا دشمنؤ!
اسان جي مشڪلاتن تي خوشيون نہ ڪريو.
ڇالاءِجو جيتوڻيڪ اسين ڪري پيا آهيون،
تڏهن بہ خدا اسان کي وري اٿاري کڙو ڪندو.
ڀلي ڪٿي هن وقت اسين اونداهيءَ ۾ آهيون،
پر خداوند اسان کي روشني عطا ڪندو.
9 جيئن تہ اسان خداوند جو گناهہ ڪيو آهي،
سو اسين سندس ڪاوڙ سهندا رهنداسين،
ايستائين جو هو پاڻ اچي اسان کي بچائي.
هائو، نيٺ تہ هو اسان جي حق ۾ فيصلو ڏيندو،
۽ اسان کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻيندو.
بيشڪ هن جي ئي هٿان
اسين پاڻ کي بچندي ضرور ڏسنداسين.
10 تڏهن اي اسان جا دشمنؤ!
اوهين اهو ڏسندا ۽ خوار خراب ٿيندا.
هائو، اوهين اسان کي اهو طعنو هڻي چوندا آهيو تہ
”خداوند اوهان جو خدا ڪٿي آهي؟“
سو هاڻ اسين اوهان کي گهٽين جي ڌوڙ ۾ لتاڙبو ڏسنداسين.

11 اي يروشلم جا رهاڪؤ!
شهر جي ڀتين جي نئين سر تعمير جو وقت اچي رهيو آهي.
انهيءَ وقت اوهان جي علائقي جون حدون وڌايون وينديون.
12 انهن ڏينهن ۾ اوهان جي قوم جا جلاوطن ٿيل ماڻهو
هر طرف کان اوهان وٽ موٽي ايندا.
هائو، اهي اڀرندي طرف اشور مان،
ڏکڻ طرف مصر مان،
بلڪ مصر کان وٺي اشور جي فرات نديءَ تائين
سڄي علائقي کان ۽
ڏورانهن سمنڊن کان توڙي پري پري جي جابلو علائقن کان
اوهان وٽ موٽي ايندا.
13 پر انهن قومن جا ملڪ جتان اهي موٽي ايندا،
سي بڇڙن عملن جي ڪري ويران ٿي ويندا.

## ميڪاہ جي دعا

14 اي خداوند! پنهنجي چونڊيل قوم جي رهنمائي ڪر.
اچ، اسان جو اچي ريڍار ٿيءُ.
اسان جي چوڌاري سرسبز ٻنيون آهن،
پر اسين ڪرمل جي جهنگ ۾ اڪيلا پيا رهون.
تون اسان جي اڳواڻي ڪري اسان کي
بسن ۽ گلعاد جي علائقن ڏانهن وٺي هل.
هائو، اسان کي اڳي وانگر انهن سرسبز چراگاهن ۾ رهاءِ.
15 اي خداوند! اسان کي پنهنجا معجزا ڏيکار،
جيئن تو انهن ڏينهن ۾ ڏيکاريا هئا،
جڏهن تون اسان کي مصر ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آيو هئين.
16 ٻيون قومون تنهنجا اهي معجزا ڏسنديون،
۽ پنهنجي پوري طاقت جي باوجود هر ڳالهہ هارائي ويهنديون.
شرمندگيءَ ۽ دهشت وچان اهي گونگا ۽ ٻوڙا ٿي ويندا.
17 اهي پنهنجن مضبوط قلعن منجهان
مٽيءَ ۾ سرندڙ نانگن ۽ جيتن وانگر
ڏڪندي ۽ ڊڄندي ٻاهر نڪري ايندا.
هائو، اهي خوف وچان ڏڪندي
تو خداوند اسان جي خدا جا اچي تابعدار ٿيندا.

18 اي خداوند! تو جهڙو ڪو ٻيو معبود آهي ئي ڪو نہ.
تون پنهنجي قوم جون بدڪاريون معاف ٿو ڪرين.

6:7 مت 10:35–36، لو 12:53

هائو، تون انهن باقي بچي ويلن جا گناهه درگذر ٿو ڪرين.
تون سدائين ڪاوڙيل نہ ٿو رهين،
بلڪ اسان تي پنهنجي دائمي شفقت ڪري تون خوش ٿئين ٿو.
19 تون وري اسان تي رحمہ ڪري
اسان جا سمورا گناهه معاف ڪري ڇڏيندين.
بلڪ تون اسان جي گناهن کي پيرن هيٺان لتاڙي ڇڏيندين،
۽ اسان جي سمورين خطائن کي
سمنڊ جي تري ۾ اڇلائي ڇڏيندين.
20 تو پنهنجي قوم، جيڪي ابراهيم ۽ يعقوب جو اولاد آهن،
تن جي ابن ڏاڏن سان گهڻو اڳي
وفا ۽ دائمي شفقت جو واعدو فرمايو هو،
تن کي هاڻي تون انهيءَ واعدي موجب وري نئين سر نوازيندين.

# ناحوم

## ناحوم نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”ناحوم“ نالي هي مقدس ڪتاب هڪ گيت آهي، جيڪو نينواه جي تباهيءَ تي جشن ملهائڻ وقت ڳايو ويو هو. نينواه شهر اشورين جي گاديءَ جو هنڌ هو، جيڪي بني اسرائيل جا وڏا ۽ پراڻا دشمن هئا. ستينءَ صدي قبل مسيح جي آخر ۾ نينواه جي تباهي ٿي. هن ڪتاب ۾ انهيءَ تباهيءَ کي ظالم ۽ تڪبر ڪندڙ قوم جي خلاف خدا جو هڪ فيصلو سمجهيو وڃي ٿو.

### سِٽاءُ

نينواه جي خلاف پيغام 1:1–15
نينواه جي بربادي 2:1–3:19

---

1 (1) هي القوش ڳوٺ جي رهاڪو ناحوم جي ڏٺل رويا جو ڪتاب
آهي، جنهن ۾ نينواه شهر بابت پيغام ڏنل آهي.

### نينواه شهر تي خدا جي ڪاوڙ

(2) خداوند غيرت وارو ۽ انتقام وٺندڙ خدا آهي،
هائو، خداوند بدلو وٺندڙ ۽ قهار آهي.
خداوند پنهنجن مخالفن کان انتقام وٺي ٿو،
۽ پنهنجن دشمنن لاءِ قهر سانديو رکي ٿو.
(3) خداوند ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو پر طاقت ۾ عظيم آهي،
۽ ڏوهارين کي سزا ڏيڻ کان سواءِ ڪڏهن به ڪين ڇڏيندو.
خداوند جي گهمڻ سان واچوڙا ۽ طوفان پيدا ٿين ٿا،
۽ ڪڪر سندس پيرن جي دَز مان ٺهن ٿا.
(4) هن جي حڪم سان سڀ درياءَ سڪي ٿا وڃن،
بلڪ سمنڊ به خشڪ ٿي وڃن ٿا.
بسن علائقو ۽ ڪرمل جبل مرجهائجي وڃن ٿا،
۽ لبنان جا گل ڪومائجي ٿا وڃن.
(5) هن جي اڳيان جبل به ڏڪڻ لڳن ٿا،
۽ پهاڙ به پگهرجي وڃن ٿا.
زمين هن جي اڳيان ڪنبڻ لڳي ٿي،
هائو، سڄي دنيا پنهنجي رهاڪن سميت ٿڙڪڻ لڳي ٿي.
(6) ڪير آهي جيڪو هن جي ڪاوڙ اڳيان بيهي سگهي؟
ڪير آهي جيڪو هن جي غضب کان بچي سگهي؟
هن جو غضب باهه وانگر اچيو ڪڙڪي،
۽ ٽڪر به هن جي اڳيان پورا پورا ٿي پوندا آهن.

(7) بيشڪ، خداوند ڀلو آهي.
هو مصيبت جي وقت جاءِپناهه آهي.
جيڪي مٿس ڀروسو رکن ٿا تن جي هو سنڀال ڪري ٿو.
(8) پر هو اٿلندڙ ٻوڏ جيان پنهنجي مخالفن ۽ دشمنن کي
موت جي اونداهيءَ ڏانهن ڌڪي ناس ڪري ڇڏي ٿو.
(9) اي نينواه وارؤ!
توهين خداوند خلاف ڪهڙا به ڪٽي منصوبا رٿيو،
پر هو توهان کي اهڙو ناس ڪري ڇڏيندو،
جو وري اوهان ڪر ڪٽي نه سگهندا.
(10) جيتوڻيڪ اوهين ڪنڊن وانگر ڳتيل ۽ ڳنڍيل آهيو،
۽ مئي پيئندڙن وانگر مدهوش آهيو،
تڏهن به اوهين سڪل ٻُهه وانگر سڙي ناس ٿي ويندا.
(11) اي نينواه!
تو منجهان هڪڙو اهڙو شخص نڪري نروار ٿيو آهي،
جيڪو خداوند جي خلاف منصوبا ٿو رٿي،
۽ ماڻهن کي بڇڙائيءَ لاءِ اُڪسائي ٿو.

### خداوند جو ڪلام

(12) خداوند فرمائي ٿو ته

---

1:1–3:19 يس 10:5–34، 14:24–27، صف 2:13–15

"اي يھوداہ وارؤ! توڙي جو نينواہ وارا ڪيترا بہ زورآور
۽ تعداد ۾ گھڻا ڇو نہ ھجن،
تہ بہ ھو تباھہ ۽ ناس ٿي ويندا.
جيتوڻيڪ مون اوھان کي ڏک ڏنو آھي،
پر ھاڻي اوھان کي وڌيڪ ڏکي نہ ڪندس.
13 ھاڻ آءٌ ھنن جي پاڃاري
اوھان جي ڪِڇيءَ مان لاھي ڀڃي ڇڏيندس،
۽ اوھان جا بند ٽوڙي پورا پورا ڪري ڇڏيندس."

14 خداوند نينواہ جي باري ۾ فرمان جاري ڪري ٿو تہ
"اي نينواہ! تون بلڪل نيچ آھين،
تنھنجي رھاڪن مان ڪوبہ باقي نہ بچندو.
آءٌ تنھنجي معبودن جي گھرن ۾ رکيل اُڪريل مورتين
۽ پلٽيل بتن کي تباھہ ڪري ڇڏيندس.
آءٌ تنھنجي قبر تيار ڪريان ٿو."

15 ڏسو، ھنن جبلن ڏانھن نھاريو ۽ انھيءَ ڏانھن ڏسو،
جيڪو خوشخبري آڻي ٿو،
ھائو، جيڪو امن جي خوشخبري آڻي ٿو.
اي يھوداہ وارؤ!
توھين پنھنجون عيدون ملھايو ۽ باسون پوريون ڪريو،
ڇالاءِ جو آئينده اھي بڇڙا توھان تي حملو ڪري نہ سگھندا،
ڇوتہ ڪين ھميشہ جي لاءِ ناس ڪيو ويو آھي.

## نينواہ جي زوال جي اڳڪٿي

2 1 اي نينواہ! تون پنھنجي قلعي جي حفاظت ڪر،
۽ رستي ڏانھن نظر رک،
تون پنھنجو سنڌرو ٻڌي تيار ٿيءُ،
۽ پنھنجي سموري طاقت ھڪ ھنڌ جمع ڪر.
مگر تون بچي نہ سگھندين،
ڇوتہ تو کي تباھہ ڪندڙ تو ڏانھن وڌندو ٿو اچي.
2 پر يقيناً خداوند بني اسرائيل جون رونقون
اڳي وانگر وري بحال ڪندو،
توڙي جو تباھي ڪندڙن ڪين ويران ڪري ڇڏيو آھي،
۽ سندن شاخون وڍي ڇڏيون آھن.

3 اي نينواہ!
تنھنجي دشمنن جا لشڪر حملو ڪرڻ وارا آھن،
ھنن جون ڍالون ڳاڙھيون آھن،
۽ سندن جنگي جوانن کي ڳاڙھي پوشاڪ پھريل آھي.
سندن جنگي گھوڙي گاڏين تي لڳل فولاد
شعلي جيان چمڪندڙ آھي،
۽ ھنن جا نيزا اُڀا ٿيل آھن.
4 ھنن جون جنگي گھوڙي گاڏيون
چوھہ مان رستن تي ڊوڙن ٿيون،
چونڪن وٽان ھيڏانھن ھوڏانھن اچن وڃن ٿيون.
اھي گاڏيون ڏسڻ ۾ ٻرندڙ مشعل وانگر آھن،
۽ وڄ وانگر چمڪن ٿيون.
5 لشڪر جا چونڊ سالار حملي ڪرڻ لاءِ سڏايا وڃن ٿا،
اھي جوش وچان ڪاھيندي ٿاٻڙجيو ٿا پون.
اھي جلدي جلدي مٿي چڙھڻ لاءِ
ڪوٽ جي لڳولڳ دِڪا ناھين ٿا.
6 جڏھن دريائن جا بند ٽوڙيا ٿا وڃن،
تڏھن محلاتن ۾ ھيبت ۽ ڏھڪاءُ ٿو پکڙجي وڃي.
7 اتي جي راڻيءَ کي بي‌حرمتو ڪري ۽ قيدي بڻائي نيو وڃي ٿو.
راڻيءَ جون ٻانھيون ڪبرين وانگر روئندي ماتم ڪن ٿيون،
۽ پنھنجون ڇاتيون پٽين ٿيون.
8 نينواہ انھيءَ تلاءَ مثل آھي،
جنھن جو پاڻي ٻاھر وھندو ٿو وڃي.
ڪين پڪاري چيو وڃي ٿو تہ "بيھو! بيھو!"
تہ بہ ڀڄندا ٿا وڃن ۽ پوئتي ڪونہ ٿا ڏسن.
9 چيو وڃي ٿو تہ "چاندي لٽيو، سون لٽيو،
دولت جي ڪا ڪوٽ ڪونھي ۽ نہ خزانو ڪٿڻ جو آھي."
10 ھاڻي شھر لٽيو ڦريو ويو آھي ۽ خالي ڪيو ويو آھي!
شھر وارن جون دليون ھارجي ويون آھن ۽ ٽنگن ۾ ڏڪٽي اٿن،
جسم ۾ ڪنبٽي اٿن ۽ منھن ڦڪا ٿي ويا اٿن.

11 ھاڻ انھن شينھن جي غار ڪٿي آھي،
جتي ھو پنھنجن ٻچن سميت رھندا آھن؟
ھائو، اھا جاءِ ڪٿي آھي،
جتي ھو پنھنجن ٻچن کي کارائيندا آھن،
۽ جتي ڪين ڪوبہ خوف نہ ھوندو آھي؟
12 شينھن پنھنجن ٻچڙن جي کاڌي لاءِ گھڻن ئي کي ماريو آھي،
۽ پنھنجين مادين لاءِ گھڻو ئي شڪار ڪيو اٿن،
ھنن پنھنجي غار ۽ ڇُر شڪار سان ڀري ڇڏيون آھن.

13 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ "اي نينواہ! آءٌ تنھنجي خلاف
آھيان. آءٌ تنھنجون گھوڙي گاڏيون ساڙي رک ڪري ڇڏيندس ۽

---

1:15 يس 52:7

تنهنجا شينهن جهڙا جوان تلوار سان ماري ڇڏيندس. آءٌ تنهنجو
ڪيل شڪار تو کان کسيندس. تنهنجي پاران ڏمڪي ڏيندڙن جو آواز
اڳتي ٻڌڻ ۾ ئي نه ايندو.“

## نينواه تي مصيبت جي اڳڪٿي

3 1 مصيبت آهي ان خوني شهر لاءِ،
جيڪو ڪوڙ ۽ ڦر سان ٽمٽار آهي،
جيڪو ڦر ۽ خون خرابي کان باز نه ٿو اچي.
2 پر هاڻي سندس تباهي ڏسو:
ڦٽڪن جا زوڪاٽ، ڦيٿن جا چيڪاٽ،
گهوڙن جا هڻڪاٽ ۽ جنگي گهوڙي گاڏين جا کڙڪاٽ آهن،
3 سوارن جو گهوڙن تي چڙهڻ،
تلوارن جا چمڪاٽ ۽ نيزن جا تجلا،
مئلن جا ڍير، بيشمار لاش،
۽ لاشن جي ڍيرن مٿان ماڻهو ٿاٻڙندا ٿا وتن.
4 اهو سڀ ڪجهه
نينواه ڪيريءَ جي گهڻي زناڪاريءَ جي ڪري آهي،
جيڪا ماهر جادوگرياڻي پڻ آهي،
۽ جنهن قومن کي پنهنجي حسن ۽ بدپيشي سان،
۽ گهراڻن کي پنهنجي جادوءَ سان غلام بڻائي ڇڏيو آهي.

5 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو ته
”اي نينواه ڪيري! آءٌ تنهنجي خلاف آهيان.
آءٌ تنهنجو دامن تنهنجي ڳچيءَ تائين مٿي کڻي
قومن کي تنهنجي اوگهڙ
۽ بادشاهتن کي تنهنجو شرم ڏيکاريندس.
6 آءٌ تو تي گند ڪچرو اڇلائيندس
۽ تو کي خوار خراب ڪندس،
هائو، آءٌ تو کي ٻين لاءِ تماشو بڻائي ڇڏيندس.
7 پوءِ جيڪو به تو کي ڏسندو سو تو کان پري ڀڄي ويندو،
۽ چوندو ته ’ڏسو، نينواه ته کنڊر بڻجي ويو آهي.
ڪير ان تي ترس کائيندو؟
ڪير آهي جيڪو هن کي دلاسو ڏئي؟‘“

8 اي نينواه!
ڇا تون مصر جي گاديءَ جي شهر نوآمون کان به بهتر آهين،
جنهن جي چوڌاري به تو وانگر بچاءُ لاءِ پاڻي ڇڏيل هو؟
هائو، اهو نيل نديءَ جي ڪناري تي آباد هو،
۽ ندي ئي ان جو بچاءُ ۽ پاڻي ئي سندس ديوار هئي.
9 *سوڊان ۽ مصر ان جي بي‌انتها طاقت جا مظهر هئا،
۽ ان جي اتحادين مان لبيا به هڪ هو.
10 تنهن هوندي به اهو سڄو شهر قيد ڪري نيو ويو،
۽ ان جا ٻارڙا به هر گهٽيءَ جي چونڪ تي اڇلائي ماريا ويا.
ان جا سڀيئي وڏا ماڻهو زنجيرن سان جڪڙيا ويا،
۽ ڪين غلام بڻائڻ لاءِ ڪٽا وڌا ويا.

11 اي نينواه!
تون به ڪنهن نشئيءَ جيان سڪتي ۾ اچي ويندين،
۽ پوءِ دشمن جي ڊپ کان پناهه جون جايون ڳولهيندين.
12 تنهنجا سڀيئي قلعا انجيرن جي انهن وڻن وانگر آهن،
جن ۾ سڀ پڪل انجير هجن،
۽ جڏهن انهن وڻن کي لوڏيو وڃي ته
انهن جا انجير کائيندڙن جي وات ۾ اچي ڪرن.
13 پنهنجي لشڪر تي ته نگاهه ڪر،
اهي عورتن وانگر ٿي پيا اٿيئي.
تنهنجي ملڪ جون سرحدون دشمنن لاءِ کليون پيون اٿيئي،
ڇڻ ته تنهنجي دروازن جي ڳرن کي باهه ساڙي ڇڏيو آهي.
14 پلي دشمنن جي گهيري جي وقت پنهنجي لاءِ پاڻي ڪٺو ڪر.
پلي مٽي لتاڙي گارو ناهه ۽ سرون ناهڻ لاءِ ڪالب تيار ڪر،
ته جيئن تنهنجا قلعا مضبوط ٿين.
15 پر تڏهن به اُتي باهه تو کي ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندي،
۽ تلوار تو کي ڪپي ڇڏيندي.
تنهنجي لشڪر کي ائين کائي چٽ ڪيو ويندو،
جيئن ماڪڙ کائيندي آهي.

تون ته ماڪڙ وانگر وڌي ويو آهين.
16 تو پنهنجي سوداگرن جو انگ وڌائي ڇڏيو آهي،
ايستائين جو اهي ستارن کان به گهڻا ٿي ويا آهن،
پر اهي به ماڪڙ وانگر تنهنجو فصل کائي اڏامي ويندا.
17 تنهنجا محافظ ۽ عملدار به ماڪڙ جي ڪٽڪن وانگر آهن،
جيڪي ٿڌ جي وقت لوڙهن ۾ رهن ٿا،
پر جڏهن اس لڳين ٿي ته اڏامي ٿا وڃن
۽ ڪوبه نه ڄاڻندو آهي ته ڪيڏانهن ٿا وڃن.

18 اي اشور جا شهنشاهه! تنهنجا گورنر ماريا ويا آهن،
۽ تنهنجي اميرن کي موت جي ننڊ وٺي وئي آهي.
تنهنجي رعيت جبلن تي ڪٿو ڪٿو ٿي ويئي آهي،
۽ ڪوبه ڪونهي جيڪو انهن کي گڏ ڪري.

---

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجهه حصي تي مشتمل هو.

19 تنهنجي زخم جو ڪوبہ علاج ڪونهي،
چوجو تنهنجو زخم ناسور ٿي ويو آهي.
جيڪو بہ تنهنجي باري ۾ ٻڌي ٿو،
سو تنهنجي زوال تي خوشيءَ مان تاڙيون ٿو وڄائي،
ڇاڪاڻتہ اهڙو ڪوبہ ناهي،
جيڪو تنهنجي ظلم جو نشانو نہ بڻيو هجي.

# حبقُوق

## حبقُوق نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

“حبقُوق” نالي هي مقدس ڪتاب انهيءَ نبيءَ جي نالي سان منسوب آهي، جنهن جو پيغام ستين صدي قبل مسيح جي آخر ۾ ظاهر ٿيو، جڏهن بابل وارا اقتدار ۾ هئا. حبقُوق نبي انهن ظالم ماڻهن جي ظلمن جي ڪري ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ خداوند کي چيائين تہ “جڏهن بڇڙا ماڻهو پاڻ کان چڱن کي ماري ٿا ڇڏين، تڏهن ڇو تون ماٺ ڪري ويهي ٿو رهين؟” (13:1). خداوند کيس ورندي ڏني تہ هو انهن جي خلاف ڪنهن مقرر وقت تي قدم کڻندو ۽ انهيءَ وقت “سچار پنهنجي ايمانداريءَ سببان زنده رهندا” (4:2).

هن مقدس ڪتاب جو باقي حصو بڇڙن جي تباهيءَ جي باري ۾ پيشنگوئي آهي. آخر ۾ خدا جي عظمت جي باري ۾ هڪ گيت آهي، جنهن ۾ حضرت حبقُوق جو خدا تي لافاني ايمان بيان ڪيل آهي.

سِٽاءُ

حضرت حبقُوق جي شڪايت ۽ خداوند جو جواب 1:1–4:2
بڇڙن جي تباهي 5:2–20
حضرت حبقُوق جي دعا 1:3–19

---

1

1 هي حبقُوق نبيءَ جي ڏٺل رويا جو بيان آهي.

### حبقُوق نبيءَ جي شڪايت

2 اي خداوند! ڪيستائين آءٌ مدد لاءِ تو کي سڏيندو رهندس،
تون تہ ٻڌين ئي ڪونہ ٿو؟
ڪيستائين آءٌ تو آڏو “ظلم، ظلم” پڪاريندو رهندس،
تون تہ بچائين ئي ڪونہ ٿو؟
3 ڇو تون مون کي ناانصافي ٿو ڏيکارين؟
ڇو تون بڇڙائيءَ کي برداشت ٿو ڪرين؟
تباهي ۽ ڏاڍ منهنجي سامهون آهن،
فتنو ۽ فساد بہ خوب لڳو پيو آهي.
4 تنهنڪري شريعت لولي لنگڙي ٿي پيئي آهي
۽ انصاف جو تہ نالو ئي ڪونہ رهيو آهي.
شرير ماڻهو سچن کي وڪوڙي ٿا وڃن،
تان جو انصاف بگڙي ٿو وڃي.

### خداوند جو جواب

5 خداوند پنهنجي قوم کي فرمايو تہ
“ٻين قومن کي جاچي ڏسو ۽ انهن مان عبرت حاصل ڪريو،
ڇو جو اوهان جي ڏينهن ۾ آءٌ اهڙو ڪم ڪرڻ وارو آهيان،
جو جيڪڏهن اوهان کي ٻڌائجي
تہ اوهين هرگز اعتبار ڪين ڪندا.
6 ڏسو، آءٌ بابلين کي ڪڙو ڪرڻ وارو آهيان،
جيڪا هڪ ڇيڙاڪ ۽ بدمزاج قوم آهي،
جيڪا سڄي دنيا کي ٻهاريندي ٿي وتي
۽ پراين وسندين تي قبضا ڪندي ٿي وتي.
7 اها خوفناڪ ۽ هيبتناڪ قوم آهي.
اها جيڪا پاڻ ئي پنهنجي عدالت آهي،
۽ پاڻ ئي پنهنجي مان ۾ اضافو ڪندي آهي.
8 هنن جا گهوڙا چيتن کان بہ وڌيڪ تيز رفتار آهن،
اهي رات جو شڪار ڪندڙ بگهڙن کان بہ وڌيڪ خوفناڪ آهن.
سندن گهوڙيسوار ٽپندا ڪڏندا ٿا اچن.
هائو، اهي ڏورانهين پنڌ کان ٿا اچن.
اهي ائين ٿا اڏامندا اچن،
جيئن باز شڪار ڳڙڪائڻ لاءِ اڏامندو ايندو آهي.
9 اهي جيڪي اچن ٿا سي ڦرلُٽ لاءِ ٿا اچن.

---

5:1 رس 41:13   6:1 2.با 2:24

سندن ٽولا ائين ٿا وڌندا اچن جيئن اپرندي جو واءُ ايندو آهي،
اهي ماڻهن کي ائين قيد ڪري گڏ ٿا ڪن،
جيئن واريءَ جا ذرڙا گڏ ڪيا آهن.
10 هو بادشاهن تي ٺٺوليون ٿا ڪن ۽ حاڪمن جو مذاق ٿا اڏائين.
هو قلعي وارن سڀني شهرن تي کِلن ٿا،
هو مٽيءَ جي دڙن وارا مورچا اڏي
انهن قلعن کي قبضي هيٺ آڻين ٿا.
11 پوءِ هو واچوڙي وانگر سيڪجهه ٻهاريندا گذري ٿا وڃن،
اهي ڏوهاري پنهنجي قوت کي ئي پنهنجو خدا ٿا سمجهن.“

## حبقُوق جي ٻي شڪايت

12 اي خداوند، منهنجا خدا! اي منهنجا پاڪ خدا!
ڇا تون ازل کان ناهين؟ ڇا تون ابد تائين نہ رهندين؟
اي خداوند! تو انهن بابلين کي مقرر ڪيو آهي
تہ اهي اسان تي فتويٰ جاري ڪن.
اي اسان جا محافظ! تو ڪين مقرر ڪيو آهي
تہ هو اسان کي سزا ڏين.
13 پر تنهنجون اکيون اهڙيون تہ پاڪ آهن
جو بڇڙائيءَ کي ڏسڻ نہ ٿيون چاهين.
تون تہ ظلم کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهين
تہ پوءِ تون ڇو ٿو دغابازن کي برداشت ڪرين؟
جڏهن بڇڙا ماڻهو پاڻ کان چڱن کي ماري ٿا ڇڏين،
تڏهن ڇو تون ماٺ ڪري ويهي ٿو رهين؟

14 ڇو تو ماڻهن کي مڇين وانگر بيوس بڻائي ڇڏيو آهي؟
هائو، اهي انهن جيت جڻن جي هشام وانگر آهن،
جن جو ڪوبہ سنڀاليندڙ ڪونهي.
15 بڇڙا ماڻهو انهن کي ڪنڍيءَ يا ڄار ۾ ڦاسائي
مٿي ڇڪي ٻاهر ڪڍي ٿا وٺن.
هو انهن کي پنهنجي وڏي ڄار ۾ گڏ ٿا ڪن
۽ پوءِ هو انهيءَ تي خوش ۽ سرها ٿا ٿين.
16 انهيءَ ڪري هو پنهنجي ئي ڄار کي خدا ٿا سمجهن
۽ انهيءَ لاءِ ئي قرباني ٿا ڪن ۽ لوبان ٿا ساڙين،
ڇوتہ هو انهيءَ جي ئي وسيلي عيش واري زندگي ٿا گذارين
۽ لذيذ ۽ سٺيا طعام ٿا کائين.
17 ڇا هاڻ هو ائين ئي پنهنجي ڄار جي وسيلي ڪندا رهندا؟
۽ بيرحميءَ سان قومن کي تباهہ ڪندا رهندا؟

2 1 آءٌ پنهنجي پهري واري ٺُلهہ تي چڙهي بيهندس
۽ ڏسندس تہ خدا مون سان ڇا ٿو ڳالهائي
۽ مون کي منهنجي شڪايت جو ڪهڙو جواب ٿو ملي.

## خداوند جي ورندي

2 تڏهن خداوند مون کي وراڻيو تہ ”هيءَ رويا لک.
اها تختين تي اهڙن تہ صاف اکرن ۾ لک
جو ڊوڙندڙ ماڻهو بہ اها آسانيءَ سان پڙهي سگهي.
3 ڇالاءِجو هن رويا جي ظاهر ٿيڻ جو بہ
هڪڙو وقت مقرر ٿيل آهي،
۽ اهو وقت اچڻ وارو آهي،
۽ رويا ڪڏهن بہ غلط ثابت نہ ٿيندي.
جيتوڻيڪ تون دير سمجهندين، پر تون انهيءَ جو انتظار ڪر،
ڇاڪاڻتہ ائين ضرور ٿيندو ۽ گهڻي دير ڪانہ ٿيندي.
4 لک تہ ’بڇڙا پنهنجي بڇڙائيءَ سبب فنا ٿي ويندا.
ڇالاءِجو انهن جون خواهشون سچائيءَ تي ناهن.
پر سچار پنهنجي ايمانداريءَ سببان زنده رهندا.‘“

## بڇڙن جي سزا بابت حبقُوق جو پيغام

5 سچپچ بڇڙا ماڻهو مئي جيان نڳين ٿا،
اهي هٺيلا آهن ۽ ٽڪاڻو تہ اٽن ئي ڪونہ.
اهي ايترا ئي حريص آهن جيترو موت،
هائو، موت وانگر سندن ڍءُ ئي نہ ٿو ٿئي.
اهو ئي سبب آهي جو
هو سڀني قومن کي پنهنجي گهيري هيٺ ٿا آڻين،
۽ سڀني ماڻهن کي قيدي ٿا بڻائين.

6 پوءِ اهي سڀئي مظلوم انهن تي ٺٺوليون ڪندا
۽ نفرت وچان ملامت ڪري هيئن بہ چوندن تہ
”ويل آهي انهن لاءِ! جيڪي پرائو مال ميڙي مالدار ٿا بڻجن،
۽ جيڪي گروي ٿيل سامان رکي گهر ڀرين ٿا.
پر ائين آخر ڪيستائين ٿيندو رهندو؟“

7 اي بڇڙؤ! اوهان جا قرض خواه اوچتو نہ جاڳندا ڇا؟
اهي پنهنجو قرض اُڳاڙڻ لاءِ توهان کي نہ ڏيڄاريندا ڇا؟
۽ پوءِ توهان انهن جو شڪار ٿي نہ پوندءُ ڇا؟
8 جيئن تہ اوهان گهڻين ئي قومن کي لٽيو ڦريو آهي،
سو جيڪي ماڻهو باقي بچيا آهن سي وري توهان کي لٽيندا،
ڇالاءِجو توهان انساني رت وهايو آهي.

---

3:2 عبر 37:10   4:2 رو 17:1، گل 11:3، عبر 38:10

هائو، اوهان ملڪن جا ملڪ ۽ شهرن جا شهر ناس ڪيا آهن
۽ اتي جي رهاڪن تي ظلم ڪيا اٿوَ.

9 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي ناجائز ڪمائيءَ سان پنهنجا گهر ٿا ڀريو،
۽ پنهنجا آکيرا تمام اوچي هنڌ ٿا اڏيو،
تہ جيئن مصيبت جي چنبي کان بچي سگهو.
10 توهان گهڻين ئي قومن خلاف منصوبا رٿيا آهن،
جن سببان توهان پنهنجن گهرن کي لڄايو آهي،
۽ پنهنجو پاڻ کي برباد ڪيو اٿوَ.
11 اوهان جي ڀتين جا پٿر بہ اوهان جي خلاف شاهدي ڏيندا.
هائو، اوهان جي جاين جا شهتير بہ
اوهان جي خلاف واڪ ڪندا.

12 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي رت وهائي ڳوٺن جو بنياد ٿا وجهو،
۽ ڏوهہ ڪندي شهر ٿا اڏيو.
13 انهن مظلوم قومن خواہ مخواہ پاڻ کي ٿڪائي وڌو آهي
ڇالاءِجو انهن جو پورهيو باهہ ۾ ساڙي ڇٽ ڪيو ويو آهي.
ڇا اهو سڀ ڪجهہ قادرمطلق خداوند طرفان مقرر ناهي؟
14 ڌرتي خداوند جي جلال جي ڄاڻ سان ائين ڀرجي ويندي
جيئن سمنڊ پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي.

15 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي پنهنجي آس‌پاس وارن ملڪن جي
ائين بي‌حرمتي ٿا ڪريو،
جيئن ڪو پنهنجي پاڙيسريءَ کي مئي جي سانداريءَ مان
ايستائين پيئاريندو رهي
جيستائين هو نشي ۾ مدهوش ٿي وڃي،
تان‌تہ هو انهيءَ جي اوگهڙ ڏسي سگهي.
16 پر هاڻ، توهان بہ فخر بدران شرمسار ٿيندءُ،
توهان جو بہ وارو اچڻ وارو آهي،
جڏهن توهان کي بہ اهڙي مئي پياري
نشي ۾ بي‌حرمتو ڪيو ويندو.
خدواند جي طرفان غصي وارو پيالو
توهان ڏانهن ڦرڻ وارو آهي،
۽ خواري توهان جي فخر تي غالب ايندي.
17 جيڪو ظلم توهان لبنان جي ٻيلن سان ڪيو،
سو توهان تي ئي اچي ڪڙڪندو،
۽ جيڪو ڪوس توهان اتي جي جانورن ۾ وڌو،
جنهن سان هو ڊڄي ويا سو بہ توهان کي ئي ڌڪائي ڇڏيندو.
ڇالاءِجو توهان انساني رت وهايو آهي،
هائو، اوهان ملڪن جا ملڪ ۽ شهرن جا شهر ناس ڪيا آهن،
۽ اتي جي رهاڪن تي ظلم ڪيا اٿوَ.

18 تراشيل بت يا ڍلتيل مورتيءَ مان ڪهڙو فائدو؟
اهي تہ رڳو انساني هٿ جا ٺهيل آهن،
۽ ڪوڙ سان ڀريل آهن.
پنهنجي هٿ سان ٺاهيل شيءِ تي انسان ڪيئن ڀروسو ڪري ٿو،
جڏهن تہ اهي ڳالهائي بہ نہ ٿا سگهن؟
19 سو ويل آهي اوهان لاءِ! جيڪي ڪاٺيءَ کي چئو ٿا تہ ”جاڳ!“
يا وري بي‌جان پٿر کي ٿا چئو تہ ”اُٿ!“
انهن مان اوهان کي ڇا حاصل ٿيندو؟
ان بت تي سون ۽ چاندي تہ چاڙهي ويئي آهي
پر منجهس ساهہ تہ آهي ئي ڪونہ.

20 پر خداوند پنهنجي مقدس هيڪل ۾ موجود آهي،
سو سڄي جهان کي گهرجي تہ هن جي اڳيان خاموش رهي.

## حبقُوق نبيءَ جي دعا

3 1 حبقُوق نبيءَ جي دعا، جيڪا سازن تي ڳائبي آهي.
2 اي خداوند! مون تنهنجي هاڪ ٻڌي آهي.
اي خداوند! آءٌ تنهنجي عجيب ڪمن تي اچرج ۾ آهيان.
اسان جي حياتيءَ ۾ ئي اهي ڏينهن وري آڻ،
هن ئي زماني ۾ انهن کي وري پڌرو ڪر،
پنهنجي غضب جي وقت رحم ڪي بہ ياد ڪر.

3 خدا ادوم ملڪ جي پاسي کان اچي ٿو،
اها پاڪ هستي فاران جبلن تان اچي ٿي.
هن جو جلوو آسمانن کي ڍڪي ٿو
۽ ڌرتي هن جي واکاڻ سان ڀرجي وڃي ٿي.
4 هن جو نور سج جي روشنيءَ جيان آهي،
سندس هٿ مان تجلا پيا نڪرن،
جنهن ۾ هن جي قدرت لڪل آهي.
5 وبا هن جي اڳيان ٿي هلي
۽ موت هن جي پٺيان ٿو هلي.
6 هو بيهي ٿو تہ زمين ڪنبي ٿي وڃي،
هو نهاري ٿو تہ قومون ڏڪي ٿيون وڃن.

۽ اهي قديمي جبل ۽ ٽڪريون جن تي هو گهمندو هو،
سي سندس گهمڻ سان پورا پورا ٿي وينديون هيون.
7 آءٌ ڪوشن ملڪ جي گهراڻن کي مصيبت ۾ ڏسان ٿو،
مديان ملڪ جي رهاڪن کي ڏڪندي ڏسان ٿو.

8 اي خداوند! ڇا اڄي تون ندين کان ناراض هئين؟
تنهنجي ڪاوڙ نهرن تي هئي ڇا؟
تنهنجو غصو سمندن جي خلاف هو ڇا؟
جو تون پنهنجن گهوڙن،
۽ فتح ڪندڙ جنگي گهوڙي گاڏين تي سوار هئين.
9 تو پنهنجو تيرڪمان ڪڍي هٿ ۾ ڪيو هو،
تنهنجو ترڪش ڪيترين ئي ڪنوٽين وارن تيرن سان ڀريل هو.
تو زمين تي مينهن وسائي ان کي دريائن سان چيري ڇڏيو هو.
10 جبل تو کي ڏسندي ئي ڏڪي ويا هئا،
پاڻيءَ جا ريلا ٻوڏ جي صورت ۾ آيا هئا،
اونهي سمنڊ گجگوڙون ڪيون هيون
۽ پنهنجون ڇوليون اوچيون ڪيون هئائين.
11 تنهنجي اڏامندڙ تيرن جي چمڪ،
۽ تنهنجي چمڪندڙ نيزي جي تجليءَ جي ڪري،
سج ۽ چنڊ آسمانن ۾ ڄمي بيهي رهيا هئا.
12 پنهنجي غضب مان تون ڌرتيءَ وچان لنگهي ويو هئين،
۽ پنهنجي قهر وچان تو قومن کي ڳاهي ڇڏيو هو.
13 تون پنهنجي قوم کي ڇڏائڻ لاءِ نڪتو هئين،
هائو، پنهنجي مسح ڪري چونڊيل بادشاهه کي بچائڻ لاءِ.
تو بڇڙائيءَ جي ملڪ جي اڳواڻ کي چٿي ڇڏيو هو،
تو ڪيس پيرن کان وٺي مٿي تائين اگهاڙو ڪري ڇڏيو هو.
14 جڏهن انهيءَ جو لشڪر اسان کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ
واچوڙي جيان نڪري آيو هو،
هائو، اهي اهڙا سرها ٿي لڳا،
جو ڄڻ تہ لڪي ويل مسڪينن کي ڳهي وڃڻ وارا هجن،
تڏهن تو انهيءَ جي سپهہ‌سالار کي
سندس ئي تيرن سان چيري ڇڏيو هو.
15 تو پنهنجن گهوڙن سان سمنڊ کي لتاڙيو هو،
هيڏي وڏي پاڻيءَ کي ولوڙيندو لنگهي ويو هئين.

16 مون اهو ٻڌو ۽ منهنجي دل ڏڪي ويئي،
آواز ٻڌڻ سان منهنجا چپ ڪنبڻ لڳا،
منهنجا هڏا ڳرڻ لڳا ۽ منهنجون ٽنگون ٿڙڪڻ لڳيون.

آءٌ هاڻ ان بابلي قوم تي
اچڻ واري مصيبت جي انتظار ۾ آهيان،
جيڪا قوم اسان تي ڪاهيو پيئي اچي.
17 جيتوڻيڪ انجير جو وڻ ٻور نہ ڪندو،
نڪي انگورن جي ول ۾ ڪو انگور هوندو،
جيتوڻيڪ زيتون جو فصل نہ ٿيندو،
۽ ٻنيون اناج پيدا نہ ڪنديون،
جيتوڻيڪ واڙن ۾ ڌڻ نہ لڀندو،
۽ نہ وٿاڻن ۾ چوپايو مال ئي هوندو،
18 تنهن هوندي بہ آءٌ خداوند کي ياد ڪري خوش ٿيندس،
آءٌ پنهنجي بچائڻ واري خدا جي ڪري سرهو رهندس.
19 قادرمطلق خداوند خدا ئي منهنجي طاقت آهي.
اُهو منهنجا پير هرڻيءَ جي پيرن وانگر ٿو ڪري،
هو مون کي اوچاين تائين وڃڻ جي سگهہ ٿو بخشي.

استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي منهنجي تار وارن سازن تي ڳايو
وڃي.

19:3 2.سم 34:22، زب 33:18

# صفنياه

## صفنياه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”صفنياه“ نالي هن مقدس ڪتاب جو ليکڪ حضرت صفنياه ستين صدي قبل مسيح جي آخر ۾ تبليغ ڪئي. اهو وقت گهٽو ڪري سن 621 قبل مسيح ۾ يوسياه بادشاهہ جي مذهبي سڌارن کان اٽڪل ڏهہ سال اڳ جو هو. هن مقدس ڪتاب ۾ اهڙا ئي پيغام بيان ڪيل آهن جهڙا ٻين نبين ڏنا هئا تہ تباهي ۽ بربادِيءَ جو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن يهوداہ وارن کي غير معبودن جي پوڄا ڪرڻ جي سزا ملندي. خداوند ٻين قومن کي بہ سزا ڏيندو. جيتوڻيڪ يروشلم شهر برباد ڪيو ويندو، پر پوءِ اهو ڏينهن ايندو جڏهن ان کي بحال ڪيو ويندو ۽ اتي نماڻا ۽ سچار ماڻهو رهايا ويندا.

سِٽاءُ

خداوند جي عدالت جو ڏينهن 1:1–3:2
يهوداہ ملڪ جي آس‌پاس وارين قومن جي تباهي 2:4–15
يروشلم شهر جي تباهي ۽ بحالي 3:1–20

1 ① هي خداوند جو اهو ڪلام آهي، جيڪو يهوداہ جي بادشاهہ
يوسياہ ولد امُون جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾ صفنياہ ولد ڪُوشي
ولد گدلياہ ولد امرياہ ولد حزقياہ تي نازل ٿيو.

### خداوند جو سزا ڏيڻ وارو ڏينهن

② خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ روءِزمين تان هر ڪا شيءِ نابود ڪري ڇڏيندس.
③ آءٌ ماڻهو توڙي جانور فنا ڪري ڇڏيندس،
آءٌ پکي فنا ڪري ڇڏيندس ۽ سمنڊ جون مڇيون پڻ.
آءٌ بڇڙن ماڻهن کي ڪيرائي ڍير ڪندس.
هائو، آءٌ انسان کي روءِزمين تان فنا ڪري ڇڏيندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.

④ آءٌ خداوند پنهنجو هٿ يروشلم جي رهاڪن خلاف،
بلڪ سڀني يهوداہ وارن خلاف کڻندس.
آءٌ هن هنڌان بعل جي باقيات کي فنا ڪري ڇڏيندس،
بلڪ آءٌ انهن ڪاهنن جي نالن کي پڻ مٽائي ڇڏيندس
جيڪي بعل جي بت‌پرستي بہ ڪرائين ٿا.
⑤ آءٌ انهن کي بہ فنا ڪري ڇڏيندس،
جيڪي گهرن جي ڇتين تي
آسماني ستارن ۽ سيارن کي سجدا ٿا ڪن،
۽ انهن کي بہ جيڪي مون خداوند کي سجدو تہ ڪن ٿا،
۽ منهنجي تابعداريءَ جي دعوٰي ڪن ٿا،
پر ان سان گڏوگڏ هو مولڪ ديوتا جو بہ قسم کڻن ٿا.
⑥ آءٌ انهن کي بہ فنا ڪري ڇڏيندس،
جيڪي مون خداوند کي پٺ ٿا ڏين.
اُهي نہ تہ منهنجا طالبو آهن،
۽ نہ وري مون کان ڪا مدد ئي گهرن ٿا.“

⑦ خداوند خدا جي آڏو ماٺ ڪري ويهہ،
ڇاڪاڻ‌تہ خداوند جو سزا ڏيڻ وارو ڏينهن ويجهو آيو آهي.
هن يهوداہ وارن کي هڪڙي قربانيءَ طور تيار ڪيو آهي.
هو ڪين سندن دشمن جي اڳيان پيش ڪندو،
جيڪي ڪين ڪائي ڇٽ ڪري ڇڏيندا.

⑧ خداوند فرمائي ٿو تہ
”انهيءَ قربانيءَ واري ڏينهن تي
آءٌ حاڪمن توڙي شهزادن بلڪ انهن سڀني کي سزا ڏيندس،

1:1 2.با 22:1–23:30، 2.توا 34:1–35:27

جيڪي ٻين قومن جي ريتن رسمن تي هلن ٿا.
9 انهيءَ ڏينهن آءٌ انهن سڀني بت‌پرستن کي سزا ڏيندس،
جيڪي چائنٺ تي پير رکڻ کان لنوائين ٿا،
۽ انهن کي به جيڪي خون خرابو ۽ ٺڳيون ڪري
شاهي محل کي دولت سان ڀرين ٿا.“

10 خداوند فرمائي ٿو ته
”انهيءَ ڏينهن يروشلم جي مڇيءَ واري دروازي وٽان
هڪ وڏي رڙ اٿندي،
ته نئين آباديءَ واري علائقي مان ماتم جو آواز،
۽ ٽڪرين مان هڪ وڏي تباهيءَ وارو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو.
11 اي يروشلم جي هيٺاهين جا رهڻ وارؤ! واءِويلا مچايو،
ڇالاءِجو اوهان جا سڀ سوداگر ۽ واپاري وڍجي ويندا.
12 ان وقت آءٌ بتي کڻي يروشلم ۾ تلاشي وٺندس،
۽ انهن کي سزا ڏيندس،
جيڪي دولت سبب بي‌فڪرا ٿي دل ۾ چون ٿا ته
’خداوند وٽان نه چڱائي ٿيندي ۽ نه مندائي.‘
13 پر انهن جي دولت لٽجي ويندي،
۽ سندن گهر ويران ڪيا ويندا.
هائو، هو گهر ته ٺهرائين ٿا پر انهن منجهه رهندا ڪونه.
اهي انگورن جا باغ ته لڳائين ٿا،
پر انهن جو رس پيئندا ڪونه.“

14 خداوند جو عدالت وارو ڏينهن ويجهو اچي ويو آهي،
ويجهو هائو، تمام ويجهو، بلڪ اهو اچي پهتو آهي.
ڪن ڏيئي ٻڌو! خداوند جي ڏينهن وارو شور.
هائو، هڪ بهادر ماڻهو به زاروزار روئندو.
15 اهو ڏينهن غضب جو ڏينهن هوندو،
اهو ڏينهن مصيبت ۽ ڏک جو ڏينهن هوندو،
اهو ڏينهن برباديءَ ۽ تباهيءَ جو ڏينهن هوندو،
اهو ڏينهن اونداهيءَ ۽ انڌاريءَ جو ڏينهن هوندو،
اهو ڏينهن ڪڪرن ۽ گهُگهُه اونداهيءَ جو ڏينهن هوندو،
16 اهو ڏينهن قلعي وارن ۽ اوچن مورچن وارن شهرن جي خلاف
جنگ جي نفيلن ۽ نعرن جو ڏينهن هوندو.

17 خداوند فرمائي ٿو ته
”آءٌ بني آدم تي ايتري مصيبت آڻيندس،
جو هو انڌن وانگر ٿيڙ کائيندا،
ڇاڪاڻ‌ته هنن مون خداوند جو گناهه ڪيو آهي.
هنن جو رت پاڻيءَ وانگر وهايو ويندو،
۽ سندن لاش زمين تي ڳرندا ۽ سڙندا رهندا.
18 مون خداوند جي غضب واري ڏينهن
هنن جو سون ۽ چاندي به کين بچائي نه سگهندو.
هائو، منهنجي غيرت جي باهه
سڄيءَ دنيا کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي.
آءٌ ڌرتيءَ جي هر رهاڪوءَ جو اوچتو ئي خاتمو آڻي ڇڏيندس.“

## خداوند جي طلب رکڻ

2 1 اي بي‌شرم قوم! توبهه ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيو، پاڻ ۾ گڏ ٿيو.
2 انهيءَ کان اڳ جو خدا جو سخت قهر اوهان کي اچي وڪوڙي،
۽ اوهان کي ٻُهه وانگر اڏائي ڇڏي.
هائو، انهيءَ کان اڳ جو
خداوند جي غضب جو اهو ڏينهن اوهان تي اچي ڪڙڪي.
3 اي ملڪ جا سڀ حليم رهاڪؤ!
جيڪي سندس حڪم تي هلندڙ آهيو،
سي خداوند جا طالبو رهو.
هائو، اوهين سچائيءَ ۽ عاجزيءَ جا طلبگار رهو،
تڏهن ٿي سگهي ٿو خداوند جي ڪاوڙ واري ڏينهن تي
اوهان کي پناهه ملي.

## يهوداه ملڪ جي آس‌پاس وارين قومن جي بربادي
(15–4:2)

(فلستين جي بربادي)

4 غزه شهر ۾ ڪوبه ڪونه بچندو،
۽ اسقلون شهر کي ويران ڪيو ويندو.
اشدود شهر وران کي منجهند ٽيڻ کان اڳ تڙي ڪڍيو ويندو،
۽ عقرون شهر وارن جي پاڙ پٽي ويندي.
5 ويل آهي توهان لاءِ، اي سمنڊ جي ڪناري رهندڙ فلستي!
خداوند جو ڪلام اوهان جي خلاف آهي.
اي ڪنعان، فلستين جا ملڪ! هو تو کي تباهه ڪري ڇڏيندو،
ايستائين جو تو ۾ ڪوبه رهڻ وارو نه هوندو.
6 اي فلستي! جنهن سمنڊ جي ڪناري تي اوهين رهو ٿا،
سو رڳو ريڍارن ۽ رڍن جو ماڳ ٿي ويندو.
7 بلڪ اهو علائقو يهوداه جي باقي بچي ويلن جي ملڪيت ٿيندو.
اتي هو پنهنجا ڌڻ چاريندا،
۽ اسقلون شهر جي ويران گهرن ۾ اچي ٽڪندا.
بيشڪ خداوند سندن خدا انهن جي سار سنڀال لهندو،

7–4:2 يس 29:14–31، ير 47:1–7، حز 25:15–17، يوا 3:4–8، عا 1:6–8، زڪ 9:5–7

۽ هنن کي ڀيهر خوشحال ڪندو.

(*موآب ۽ عمون وارن جي بربادي)

8 خداوند فرمائي ٿو تہ
”بني موآب ۽ بني عمون جا طعنا ۽ بي‌عزتيون
جيڪي هو منهنجي قوم جون ڪن ٿا،
بلڪ منهنجي قوم جي ملڪ تي قبضو ڪرڻ جون ڀٽاڪون
جيڪي هو هڻن ٿا،
سو سڀ ڪجهہ مون ٻڌو آهي.
9 تنهنڪري، آءٌ قادرمطلق خداوند،
بني اسرائيل جو جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ
پڪ ئي پڪ آءٌ موآب ۽ عمون ملڪن کي
سدوم ۽ عموراه وانگر ويران ڪري ڇڏيندس.
هائو، اتي ڪنڊا ڪانڊيرا اڀري ايندا،
۽ اتان جي زمين ڪلراٺي ۽ کڏون کوٻا ٿي
هميشہ جي لاءِ ويران ٿي ويندي.
پوءِ منهنجي قوم جا باقي بچيل ماڻهو
سندن ملڪن تي قبضو ڪندا.“

10 اهو سڀ ڪجهہ سندن مغروريءَ جي ڪري ئي ٿيندو،
ڇالاءِجو هنن قادرمطلق خداوند جي قوم جي بي‌عزتي ڪئي،
۽ ساڻن مغروريءَ سان هليا.
11 خداوند هنن کي هيبت ۾ وجهندو،
بلڪ ڌرتيءَ جي سڀني معبودن کي هيٺو ڪري ڇڏيندو.
پوءِ سڀيئي قومون سندس بندگي ڪنديون.
هائو، سڀيئي ماڻهو پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾
خداوند جي ئي عبادت ڪندا.

(†سوڊانين جي بربادي)

12 اي سوڊان جا رهاڪؤ!
خداوند اوهان کي بہ جنگين ۾ قتل ڪرائي ڇڏيندو.

(اشور ملڪ جي بربادي)

13 خداوند اتر طرف پنهنجو هٿ کڻي
اشور کي ناس ڪري ڇڏيندو.
جڏهن تہ هو ان جي گاديءَ واري شهر نينوه کي
ويران ۽ بيابان جهڙو خشڪ ڪري ڇڏيندو.
14 نينوه هر قسم جي چوپائي مال،
۽ جهنگلي جانورن جي جوءِ ٿيندو.
ان جي ٿنڀن جي چوٽين تي ڳجهون ۽ چبرا اچي آکيرا ٺاهيندا.
درين مان انهن جو آواز پيو گونجندو،
۽ چائنٺن تي ڪانوَ اچي ڪانگيرا ڪندا.
عمارتن جو اندريون ديال وارو ڪاٺ ڪڍي ڪنيو ويندو.
15 اهو حال انهيءَ خوشين واري شهر جو ٿيندو،
جيڪو هاڻي بي‌فڪر رهي پيو.
انهيءَ شهر جا رهاڪو هاڻي پنهنجي دل ۾ چون ٿا تہ
”جيڪي آهي سو اسان جو شهر ئي آهي،
اسان جي شهر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪينهي.“
پر اهو ڪيئن نہ ويران ڪيو ويندو،
۽ جانورن جي جوءِ بڻجي ويندو.
جيڪي بہ اتان لنگهندا سي دهلجي ويندا ۽ حيرت وٺي ويندن.

## يروشلم وارن جي بڇڙائي

3 1 ويل آهي يروشلم شهر لاءِ!
جيڪو فساد، پليتي ۽ ظلم سان ٽمٽار آهي.
2 انهيءَ شهر جا رهاڪو خداوند جو ڪلام ڪونہ ٿا ٻڌن،
نہ ڪو سڌارو ئي قبول ڪن ٿا.
هو خداوند تي ڀروسو ڪونہ ٿا رکن،
نڪي هو پنهنجي خدا جي ويجهو ئي اچن ٿا.
3 انهيءَ شهر جا عملدار چيريندڙ ڦاڙيندڙ شينهن آهن،
۽ قاضي بکايل بگهڙ آهن،
جيڪي صبح تائين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڇڏين.
4 هن شهر جا نبي سڏائيندڙ غيرذميوار ۽ ڪوڙا آهن.
اتان جي ڪاهنن مخصوص شين کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي،
۽ شريعت جي ڳالهين کي توڙي مروڙي ڇڏيو اٿن.
5 پر خداوند اجا شهر ۾ آهي،
هو ئي سچار آهي ۽ ڪڏهن بہ بي‌انصافي نہ ڪندو آهي.
هو هر روز انصاف ڪندو آهي،
۽ ڪڏهن بہ هن ڪم کان نہ ٿو ڦري.
تنهن هوندي بہ بي‌انصاف ماڻهوءَ کي شرم ئي ڪونہ ٿو اچي.

6 خداوند فرمائي ٿو تہ

---

*موآب ۽ عمون: انهن قومن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر طرف هئا.

†سوڊانين: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوشي“ لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

11–8:2 يس 15:1–14:16، 25:10–12، ير 48:1–49:6، حز 21:28–32، 25:1–11، عا 1:13–15   9:2 پيد 19:24   12:2 يس 18:1–7

15–13:2 يس 10:5–34، 14:24–27، ناح 1:1–3:19

”مون قومن کي ناس ڪري ڇڏيو آهي،
۽ انهن جا ڪوٽ ڊاهي ڇڏيا اٿم.
مون هنن جون گهٽيون اجڙيون ويران ڪري ڇڏيون آهن،
جو اتان ڪوبہ ڪونہ ٿو لنگهي.
هائو، انهن جا شهر اجڙيا اجڙي ويا آهن،
جو منجهن ڪوبہ ماڻهو رهڻ وارو ڪونهي.
7 پوءِ مون سوچيو تہ
يقيناً يروشلم وارا اهو ڏسي منهنجو خوف رکندا
۽ پنهنجو سڌارو قبول ڪندا.
تڏهن منهنجون سزائون هنن تي اچي نہ پونديون،
نڪي سندن آبادي ختم ڪئي ويندي.
تنهن هوندي بہ هنن کي اجا شوق آهي
تہ هو بڇڙا ڪم ڪندا رهن، جيئن اڳي ڪيا اٿائون.“

8 تنهنڪري خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي يروشلم وارؤ!
اوهين منهنجي انهيءَ ڏينهن جو انتظار ڪريو،
جڏهن آءٌ اٿي قومن کي ڏوهاري ٺهرائيندس.
مون سيني قومن ۽ بادشاهتن کي عدالت ۾ آڻي
مٿن پنهنجو سمورو غضب نازل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.
هائو، منهنجي غيرت جي باهہ
سڄيءَ دنيا کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي.“

## بني اسرائيل ۽ ٻين قومن جي بحالي

9 تنهن هوندي بہ خداوند فرمائي ٿو تہ
”پوءِ آءٌ قومن کي ڦيرائي ٻتن جي نالن کڻڻ کان پاڪ ڪندس،
تہ جيئن هو سڀ جو سڀ مون خداوند کان دعا گهرن،
۽ ڪلهو ڪلهي سان ملائي منهنجي ئي عبادت ڪن.
10 سوڊان جي ندين جي پرينءَ پر تائين،
منهنجا عبادتگذار جيڪي ٽڙيل پکڙيل آهن،
سي بہ منهنجي لاءِ قربانيون آڻيندا.

11 اي يروشلم وارؤ!
انهيءَ ڏينهن اوهين ڪنهن بہ اهڙي ڪم جي ڪري،
جنهن جي ڪرڻ سان اوهان منهنجا گنهگار بڻيا هوندا
وري خوار خراب نہ ٿيندا،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان جي شهر منجهان
انهن سيني کي تڙي ڪڍندس،
جيڪي مغروريءَ وچان فخر ڪن ٿا.
منهنجي پاڪ جبل *صيئون تي
وري ڪڏهن بہ مغروري ڏسڻ ۾ نہ ايندي.
12 پر آءٌ اوهان مان رڳو حليم ۽ نماڻن ماڻهن کي بچائيندس،
جن مون خداوند وٽ پناهہ ورتي هوندي.
13 اهي باقي بچيل بني اسرائيل بڇڙا ڪم نہ ڪندا،
هو ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندا،
نہ وري هو ڪنهن سان ڪا ٺڳي ڪندا.
هو سڪون سان کائيندا پيئندا ۽ ننڊون ڪندا،
۽ ڪوبہ کين نہ ڊيڄاريندو.“

## خوشيءَ جو گيت

14 اي بني اسرائيل!
توهين گيت ڳايو ۽ خوشيءَ وچان نعرا هڻو.
اي يروشلم وارؤ!
پنهنجي پوريءَ دل سان خوشيون ڪريو ۽ سرها ٿيو.
15 خداوند توهان تان سزائون هٽائي ڇڏيون آهن،
هن اوهان جي دشمنن جو رخ ڦيري ڇڏيو آهي.
خداوند، بني اسرائيل جو بادشاهہ اوهان ساڻ آهي،
وري ڪڏهن بہ اوهين مصيبت جو منهن نہ ڏسندا.
16 انهيءَ ڏينهن يروشلم کي چيو ويندو تہ
”اي صيئون تي اڏيل شهر! تون ڪوبہ خوف نہ ڪر.
تون پنهنجي همت نہ هار.
17 خداوند تنهنجو خدا تو ساڻ آهي،
هو سوڀ ڏيڻ جي وڏي سگهہ رکي ٿو.
هو تو مان گهڻو شادمان ۽ خوش ٿيندو،
هو پنهنجي محبت وچان تو کي وري بحال ڪندو،
۽ تو تي خوش ٿي ڳائيندو.“

18 خداوند فرمائي ٿو تہ
”يروشلم جي مصيبت ۽ خواريءَ جي ڪري،
جيڪو ڏک اوهين مقرر عيدن تي محسوس ٿا ڪريو
تنهن کي آءٌ اوهان مان مٽائي ڇڏيندس.
19 ڏسو، انهيءَ ڏينهن آءٌ انهن سيني کي سزا ڏيندس،
جن اوهان کي آزاريو آهي.
جيڪي منڊڪائيندڙ رڍ جيان لاچار آهن، تن کي آءٌ ڇڏائيندس،
۽ جيڪي رڍن وانگر ڪٿو ڪٿو ڪيا ويا آهن،
تن کي آءٌ وري گڏ ڪندس.

*صيئون: يعني اهو جبل جنهن تي خداوند جو مقدس هيڪل اڏيل هو.

13:3 مڪا 5:14

هر انهيءَ ملڪ ۾ جتي هو خوار خراب ڪيا ويا هئا،
اتي آءٌ ڪين عزت وارو بڻائي سندن تعريف ڪرائيندس.
20 ڏسو، انهيءَ وقت آءٌ اوهان کي غير قومن منجهان موٽائي
پنهنجي پنهنجي گهر آڻيندس ۽ اوهان کي گڏ ڪندس.
آءٌ اوهان کي ٻيهر خوشحال ڪندس
۽ اوهين عزت ۽ تعريف جوڳا ٿي ويندا،
بلڪ اوهين سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي ويندا.
اهو سڀ ڪجهه اوهان جي اکين اڳيان ٿيندو.“
اهو خداوند جو فرمان آهي.

# حجي

## حجي نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”حجي“ نالي هي مقدس ڪتاب انهن مختصر پيغامن جو مجموعو آهي، جيڪي خداوند سن 520 قبل مسيح ۾ حجي نبيءَ جي معرفت ڏنا. ماڻهو جلاوطنيءَ کان پوءِ موٽي آيا هئا ۽ ڪجهہ سالن کان يروشلم ۾ آباد هئا، پر هيڪل اڃا تائين تباهہ حال هو. هن ڪتاب ۾ پيغامن ذريعي قوم جي اڳواڻن تي زور ڀريو ويو آهي تہ اهي هيڪل جي وري اڏاوت ڪن. خداوند آئينده جي لاءِ انهن توبهہ‌تائب ٿيل ماڻهن جي خوشحالي ۽ امن وَ سلامتيءَ جو بہ واعدو ٿو ڪري.

سِٽاءُ


هيڪل جي نئين سر اڏاوت جي شروعات 1:1–15
امن وَ سلامتي ۽ اميد جا پيغام 2:1–23


---

### هيڪل جي نئين سر اڏاوت لاءِ حڪم

1 ①فارس جي شهنشاه دارا جي حڪومت جي ٻئي سال، ڇهين
مهيني جي پهرين تاريخ تي خداوند حجي نبيءَ جي معرفت
*يهوداہ صوبي جي گورنر زربابل ولد سالتي‌ايل ۽ سردار ڪاهن يشوع
ولد يوصدق ڏانهن پيغام موڪليو.
②قادرِمطلق خداوند حجيءَ کي فرمايو تہ ”هيءَ قوم صحيح نہ
ٿي چوي تہ اڃا منهنجي هيڪل جي نئين سر اڏاوت جو وقت نہ
آيو آهي. ③سو تون ماڻهن کي منهنجو هي فرمان ٻڌاءِ تہ ④ ’اي
منهنجي قوم! ڇا اهو مناسب آهي جو اوهين تہ هن وقت عاليشان
گهرن ۾ رهو ٿا، جڏهن تہ منهنجو هيڪل اڃا مٽيءَ جا ڍڙا لڳو پيو
آهي؟ ⑤سو آءٌ خداوند چوان ٿو تہ اوهين پنهنجي حال تي غور ڪريو.
⑥اوهين پوکيو تہ گهڻو ئي ٿا پر حاصل ٿورو ٿا ڪريو. اوهين کاڌو
کائو تہ گهڻو ٿا پر اوهان جو ڍءُ نہ ٿو ٿئي. اوهين مئي پيئو تہ گهڻي
ٿا پر اوهان جي اڃ نہ ٿي لهي. اوهين ڪپڙا تہ گهڻا ئي پايو ٿا پر
اوهين سرديءَ کان بچي نہ ٿا سگهو. اوهين مزدوريءَ مان ڪمايو تہ
گهڻو ئي ٿا پر اها ڪمائي اوهان جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون
نہ ٿي ڪري سگهي. ⑦سو اوهين انهن ڳالهين تي غور ڪريو تہ
ائين ڇو ٿو ٿئي. ⑧هاڻي منهنجو هي فرمان آهي تہ اوهين جابلو
علائقي ۾ وڃو ۽ اتان ڪاٺ آڻي منهنجي هيڪل جي نئين سر اڏاوت
ڪريو. تڏهن آءٌ خداوند ائين ڪرڻ سان خوش ٿيندس، ڇالاءِجو اتي
بندگي ڪرڻ سان منهنجو شان وَ شوڪت ظاهر ٿيندو.
⑨اوهان پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ مان گهڻو ڪجهہ حاصل
ڪرڻ جي اميد رکي پر اوهان کي مليو ٿورو. اوهان اها ڪمائي
پنهنجي گهر تہ آندي، پر مون ڦوڪ ڏيئي اها سڀ اڏائي ڇڏي. مون
خداوند ائين ڇو ڪيو؟ مون ائين انهيءَ لاءِ ڪيو جو منهنجو هيڪل
ويران لڳو پيو آهي، جڏهن تہ اوهان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي
گهر جي ڪم ۾ مصروف آهي ۽ منهنجي گهر ڏانهن ڌيان نہ ٿا ڏيو.
⑩اهو ئي سبب آهي جو آسمان مان برسات پوڻ بند ٿي ويئي آهي
۽ زمين پنهنجي پيداوار ڏيڻ ڇڏي ڏني آهي. ⑪منهنجي حڪم سان
ئي اوهان جي ملڪ ۾ خشڪ سالي آئي آهي. هائو، اوهان جي جبلن
مان، پوک وارين ٻنين مان، انگورن ۽ زيتون جي باغن مان، زمين
جي هر فصل ۽ پيداوار مان، انسانن توڙي جانورن مان، اوهان جي
هر پورهئي مان، بلڪ هر شيءِ مان برڪت کسي ويئي آهي.‘“

### قوم جو خداوند جي حڪم تي عمل ڪرڻ

⑫تڏهن گورنر زربابل، سردار ڪاهن يشوع ۽ ٻيا اهي سڀ ماڻهو
جيڪي بابل جي جلاوطنيءَ کان موٽي آيا هئا، تن سڀني اهو ئي
ڪجهہ ڪيو جنهن جو خداوند سندن خدا کين حڪم ڏنو هو. هنن
خداوند جو خوف رکندي حجيءَ جي معرفت مليل پيغام تي عمل

---

*يهوداہ صوبي جو گورنر زربابل: فارس جي شهنشاہ دارا جي حڪومت جي ڏينهن ۾ يهوداہ ملڪ فارس جي شهنشاهت جو هڪ صوبو هو ۽ يهوياڪين بادشاهہ جو پوٽو زربابل انهيءَ جو گورنر مقرر ٿيل هو.

1:1 عز 4:24–5:2، 6:14

کيو. 13تنھن کان پوءِ حجي نبيءَ ماڻھن کي خداوند جو ھيءُ پيغام
ٻڌايو تہ ”آءٌ اوھان سان گڏ آھيان، اھو مون خداوند جو واعدو آھي.“
14خداوند ھر ڪنھن جي دل ۾ پنھنجي ھيڪل جي ڪم لاءِ جذبو
جاڳايو. سو يھوداہ جو گورنر زربابل، سردار ڪاھن يشوع ۽ اھي
ماڻھو جيڪي جلاوطنيءَ کان موٽي آيا ھئا، تن سڀني قادرِمطلق
خداوند پنھنجي خدا جي ھيڪل تي ڪم شروع ڪيو. 15اھو ڪم
شھنشاھہ دارا جي حڪمرانيءَ جي ساڳئي سال، ساڳئي مھيني جي
چوويھين تاريخ کان شروع ڪيو ويو.

## نئين اڏيل ھيڪل جو شان وَ شوڪت

2 1ساڳئي سال ستين مھيني جي ايڪيھين تاريخ تي خداوند حجي
نبيءَ کي وري فرمايو تہ 2”تون يھوداہ جي گورنر زربابل،
سردار ڪاھن يشوع ۽ ٻين سڀني ماڻھن کي منھنجو ھي پيغام ٻڌاءِ تہ
3‘چا اوھان منجھہ ڪي اھڙا ماڻھو آھن جن اصلي ھيڪل جو شان
وَ شوڪت ڏٺو ھجي؟ اوھان انھن کان پڇو تہ ڪين ھاڻوڪو ھيڪل
ڪيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ ڇا سگھي ٿو تہ انھن جي خيال ۾ اڳئين
جي مقابلي ۾ ھي ھيڪل ڪجھہ بہ نہ آھي. 4مگر اي زربابل! اي
سردار ڪاھن يشوع! ۽ اي ملڪ جا سڀ رھاڪؤ! آءٌ خداوند چوان ٿو
تہ اوھين دلجاءِ ڪري ڪم ڪندا رھو، ڇالاءِ جو آءٌ قادرِمطلق اوھان
سان گڏ آھيان. 5جڏھن آءٌ اوھان جي وڏن کي مصر مان ڪڍي آيو
ھوس، تڏھن مون انھن سان عھد ڪيو ھو تہ آءٌ انھن سان ھميشہ گڏ
ھوندس. ھاڻي آءٌ اوھان سان بہ گڏ آھيان سو اوھين ھمت نہ ھاريو.
6آءٌ قادرِمطلق جلد ھڪ دفعو وري زمين وَ آسمان کي ۽ بر وَ
بحر کي لوڏي ڇڏيندس. 7آءٌ سڀني قومن کي لوڏو ڏيئي شڪست
ڏيندس ۽ سندن خزانا ھتي يروشلم ۾ آڻي ھن ھيڪل جي شان وَ
شوڪت ۾ وڏو اضافو ڪري ڇڏيندس. 8ڇالاءِ جو سڄيءَ دنيا جي
چاندي توڙي سون مون قادرِمطلق خداوند جو آھي. 9اھڙيءَ طرح
ھيءُ نئون ھيڪل اڳئين ھيڪل کان وڌيڪ شاندار نظر ايندو. ھتي آءٌ
پنھنجي قوم کي خوشحالي ۽ امن وَ سلامتي بخشيندس. اھو مون
خداوند قادرِمطلق جو فرمان آھي.‘“

## حجي نبيءَ جو ڪاھنن سان مشورو

10شھنشاھہ دارا جي حڪمرانيءَ جي ٻئي سال، نائين مھيني
جي چوويھين تاريخ تي قادرِمطلق خداوند حجي نبيءَ کي فرمايو تہ
11”تون شريعت جي ھن سوال بابت ڪاھنن کان راءِ وٺ. 12جيڪڏھن
ڪو ماڻھو قرباني ڪيل گوشت مان ڪو ٽڪرو پنھنجي لباس جي
دامن ۾ وجھي کنيو وڃي ۽ سندس دامن ڪنھن ماني، ڀاڄي، مئي،
زيتون جي تيل يا ڪنھن بہ قسم جي کاڌي واري شيءِ کي لڳي پوي
تہ پوءِ ڇا اھا شيءِ بہ پاڪ ٿي پوندي؟“ جڏھن حجيءَ اھو سوال
ڪاھنن کان پڇيو تہ ھنن وراڻيو تہ ”نہ.“
13پوءِ حجيءَ وري ڪائنن پڇيو تہ ”فرض ڪريو تہ ڪو ماڻھو
ڪنھن مڙدي کي ڇھڻ سان ناپاڪ ٿي پيو ھجي تہ پوءِ جيڪڏھن ھو
کاڌي وارين انھن شين کي ڇھي تہ ڇا اھي ناپاڪ ٿي پونديون؟“
ڪاھنن وراڻيو تہ ”ھائو، اھي ناپاڪ ٿي پونديون.“
14تڏھن حجيءَ ڪين خداوند جو ھي پيغام ٻڌايو تہ ”ساڳي ئي
نموني منھنجي اڳيان بہ ھي ساري قوم ناپاڪ آھي. سو سندن ھر
پورھيو، بلڪ جيڪي ڪجھہ اھي قربان‌گاھہ تي پيش ٿا ڪن سو بہ
ناپاڪ آھي.
15سو ھاڻي اوھين اڄ کان وٺي اڳتي لاءِ اُنھيءَ وقت کي ڌيان ۾
رکو، جڏھن اڃا منھنجي ھيڪل جي نئين سر اڏاوت شروع ئي ڪين
ٿي ھئي. 16ياد ڪريو، اُنھيءَ وقت اوھان جو ڇا حال ھو؟ جڏھن
اوھين اھو آسرو رکي اناج جي ڪوڙ تي ٿي ويا تہ اھو ٻہ سؤ ڪلوگرام
ھوندو، پر اھو ھڪ سؤ ٿي نڪتو. ھائو، جڏھن اوھين انگورن جي
چيچڙي جي حوض تي اھو آسرو رکي ٿي ويا تہ انھيءَ مان اوھان
کي ھڪ سؤ ليٽر رس ملندي، پر اوھان رڳو چاليھہ ليٽر ٿي حاصل
ڪئي. 17اھو انھيءَ ڪري ھو جو مون جھولي، سينوَر ۽ ڳڙن موڪلڻ
سان اوھان جي سڄي پيداوار کي برباد ڪري ٿي ڇڏيو. تنھن ھوندي
بہ اوھين مون خداوند آڏو توبھہ‌تائب نہ ٿيا.
18اڄ نائين مھيني جي چوويھين تاريخ آھي ۽ اڄوڪي ڏينھن اوھان
ھيڪل جو بنياد رکي چڪا آھيو سو ھاڻي کان اوھين غور ڪري ڏسجو تہ
ايندڙ وقت ۾ اوھان کي ڇا ٿو ملي. 19جيئن تہ اوھان اڃا ھاڻي اناج جا ٻج
پاندن مان ڪڍي پوکيا آھن، ۽ جيتوڻيڪ انگورن جي ول ۽ انجير، ڏاڙھون
۽ زيتون جي وڻن اڃا ڦر ئي نہ جھليو آھي، تڏھن بہ دلجاءِ ڪريو تہ اڄ کان
وٺي آءٌ اوھان کي برڪتون عطا ڪندو رھندس.“

## زربابل سان خداوند جو واعدو

20ھوڏانھن ساڳي ئي ڏينھن خداوند حجيءَ کي فرمايو تہ 21”تون
يھوداہ جي گورنر زربابل کي منھنجو ھي پيغام ڏي تہ آءٌ زمين وَ
آسمان کي لوڏي ڇڏيندس. 22آءٌ غير قومن جي سڀني حڪومتن ۽
سندن طاقتن کي ختم ڪري ڇڏيندس. ھائو، آءٌ انھن جي جنگي
گھوڙي گاڏين کي سوارن سميت اونڌو ڪري ڇڏيندس ۽ گھوڙن ۽
سندن سوارن کي بہ مارائي ڇڏيندس. ايتري قدر جو اھي لشڪر
خونريزي وجھي ھڪ ٻئي کي ماري ڇڏيندا. 23اي منھنجا ٻانھا
زربابل، سالتيايل جا پٽ! اھو رڳو تون ئي آھين جنھن کي مون
چونڊيو آھي. ھائو، انھيءَ ڏينھن آءٌ خداوند تو کي پنھنجي شاھي
منڊيءَ جي نشانيءَ طور اختياري ڏيئي حڪمران مقرر ڪندس. اھو
مون خداوند قادرِمطلق جو فرمان آھي.“

3:2 عز 12:3   5:2 خر 45:29–46   6:2 عبر 26:12   13:2 ڳا 11:19–22   23:2 ير 24:22

# زڪرياه

## زڪرياه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”زڪرياه“ نالي هن مقدس ڪتاب جا ٻہ واضح حصا آهن.

1. باب 1 کان 8 تائين زڪرياه نبيءَ جا پيغام بيان ڪيل آهن، جيڪي سن 520 کان 518 قبل مسيح تائين مختلف وقتن تي ڏنا ويا. اهي پيغام اڪثر ڪري رويائن جي صورت ۾ آهن ۽ يروشلم شهر جي بحاليءَ، هيڪل جي نئين سر اڏاوت، خدا جي ماڻهن جي پاڪائي ۽ صفائيءَ ۽ برڪتن جي واعدي بابت آهن.

2. ڪن سالن کان پوءِ ٻيا پيغام بہ ڏنا ويا، جيڪي باب 9 کان 14 تائين لکيل آهن. اهي پيغام اچڻ واري بچائيندڙ بادشاهہ ۽ آخري عدالت جي باري ۾ آهن.

### سِٽاءُ

تنبيهہ ۽ اميد جا پيغام 1:1–23:8
يهوداه ملڪ جي آس‌پاس وارين قومن خلاف پيغام 1:9–8
آئينده لاءِ خوشحالي ۽ امن وَ سلامتيءَ جو پيغام 9:9–21:14

---

### خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿيڻ جو سڏ

1 ① فارس جي بادشاهہ دارا جي شهنشاهيءَ جي ٻئي سال، اٺين
مهيني ۾ مون زڪرياه ولد برڪياه ولد عدو کي خداوند فرمايو
تہ ② ”آءٌ خداوند بني اسرائيل جي ابن ڏاڏن تي سخت ناراض رهيو
هوس. ③ تنهنڪري اي زڪرياه! تون بني اسرائيل کي مون قادرمطلق
خداوند جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’اوهين مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيو تہ آءٌ
قادرمطلق خداوند بہ اوهان تي وري مهربان ٿيندس. ④ اوهين پنهنجن
ابن ڏاڏن جهڙا نہ ٿيو، جن کي اڳين نبين پڪاري مون قادرمطلق
خداوند جو هي فرمان ٻڌايو هو تہ هو پنهنجن بڇڙن افعالن ۽ طور
طريقن کان باز اچن. پر هنن مون خداوند جو فرمان ٻڌو اڻٻڌو ڪري
ڇڏيو. ⑤ اوهان جا ابا ڏاڏا ۽ اهي نبي ڇا هاڻي تائين جيئرا آهن؟
⑥ پر ڏسو، منهنجا اهي حڪم ۽ قاعدا قانون جيڪي مون پنهنجن
ٻانهن نبين جي معرفت ڇيا هئا، سي اڄ بہ قائم آهن. انهن مطابق
ئي مون ڪين سزا ڏني. آخرڪار هو توبهہ‌تائب ٿيا ۽ مڃيائون تہ مون
قادرمطلق ساڻن اهڙو ئي سلوڪ ڪيو، جنهن جي هو لائق هئا ۽
جنهن جو مون ارادو ڪري ڇڏيو هو.‘“

### چئن گهوڙن واري رويا

⑦ دارا بادشاهہ جي شهنشاهيءَ جي ٻئي سال، سباط نالي يارهين
مهيني جي چوويهين تاريخ تي مون زڪرياه تي خداوند جو ڪلام نازل
ٿيو. ⑧ مون رات جو رويا ۾ ڏٺو تہ منهنجي اڳيان هيٺاهين ماٿريءَ ۾
مينديءَ جا وڻ آهن، تڏهن ڇا ڏسان تہ ڳاڙهي گهوڙي تي سوار هڪڙو
ملائڪ انهن مينديءَ جي وڻن جي وچ ۾ مون آڏو اچي بيٺو. هن جي
پٺيان ڳاڙهي، ابلق ۽ اڇي رنگ وارن گهوڙن تي ڪي ٻيا بہ سوار هئا.
⑨ تڏهن رويا سمجهائڻ وارو ملائڪ جيڪو مون سان گڏ بيٺو هو
تنهن کان پڇيم تہ ”اي منهنجا سائين! هنن گهوڙن ۽ سندن سوارن
جو ڇا مطلب آهي؟“ انهيءَ ملائڪ وراڻيو تہ ”آءٌ تو کي ڏيکاريندس
تہ هي ڇا آهي.“
⑩ پوءِ جيڪو ملائڪ مينديءَ جي وڻن ۾ بيٺو هو، تنهن سمجهاڻي
ڏيندي چيو تہ ”هي گهوڙا ۽ سندن سوار اُهي آهن جن کي خداوند
سڄيءَ دنيا جي حالات کي جاچڻ لاءِ موڪليو آهي.“
⑪ ان وقت انهن گهوڙي سوارن مينديءَ جي وڻن ۾ بيٺل انهيءَ
ملائڪ کي خبر ڏني تہ ”اسين سڄيءَ دنيا ۾ جاچ ڪري آيا آهيون
۽ ڏٺو اٿئون تہ ماڻهو هر هنڌ مجبور ۽ لاچار آهن.“ ⑫ تڏهن انهيءَ
ملائڪ خدا کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”اي قادرمطلق خداوند!

---

1:1 عز 4:24–5:1، 6:14    8:1 مڪا 6:2–8

ڪيستائين تون يروشلم بلڪ يهوداہ جي سيني شهرن تي رحم نہ
ڪندين، جن ڪان تون ستر سالن ڪان ناراض آهين؟“
13 تڏهن رويا سمجهائڻ واري ملائڪ کي خداوند ڀاجهہ ۽ تسلي
ڀريا لفظ چيا. 14 پوءِ انهيءَ ملائڪ مون کي چيو تہ قادرمطلق خداوند
جا اهي لفظ آءٌ اعلان ڪري ٻڌايان تہ ”مون خداوند کي يروشلم ۽
پنهنجي پاڪ جبل *صيئون جي لاءِ تمام گهڻي غيرت آهي. 15 پر آءٌ
انهن قومن ڪان سخت ناراض آهيان، جيڪي پاڻ تہ امن ۽ سلامتيءَ
۾ ٽيون رهن پر منهنجي قوم لاءِ مصيبتون وڌائي ڇڏيون اٿائون،
جڏهن تہ آءٌ پنهنجي قوم تي ايترو ناراض ڪونہ هوس. 16 تنهنڪري
آءٌ خداوند موٽي يروشلم تي رحم ڪندس. تڏهن اتي منهنجو هيڪل
وري تعمير ڪيو ويندو ۽ يروشلم وري موٽي پنهنجي اڳين حالت ۾
ايندو. اهو مون قادرمطلق خداوند جو فرمان آهي.“
17 پوءِ انهيءَ ملائڪ مون کي قادرِمطلق خداوند جي هن پيغام
جو پڻ اعلان ڪرڻ لاءِ چيو تہ ”تڏهن مون خداوند جا شهر وري
خوشحاليءَ سان ٽمٽار ٿيندا ۽ آءٌ ٻيهر صيئون کي امن ۽ سلامتي
عطا ڪندس، چوتہ سڄي يروشلم کي آءٌ وري پنهنجو شهر ڪري
قبول ڪندس.“

## چئن سڱن واري رويا

18 هڪڙي ٻي رويا ۾ مون پنهنجي اڳيان چار سڱ ڏٺا. 19 تڏهن
مون رويا سمجهائڻ واري ملائڪ کان پڇيو تہ ”هنن سڱن مان ڇا
مراد آهي؟“ هن ورندي ڏيئي چيو تہ ”هي سڱ اُهي بادشاهتون آهن
جن اسرائيل وارن ۽ يروشلم جي رهاڪن سميت سڄي يهوداہ وارن
کي ڇيپاٽي ڇڏيو آهي.“
20 پوءِ خداوند مون کي چار ڪاريگر ڏيکاريا. 21 تڏهن مون ملائڪ
کان پڇيو تہ ”هي ڪهڙو ڪم ڪرڻ آيا آهن؟“ هن وراڻيو تہ ”جن
سڱن مثل بادشاهتن يهوداہ وارن کي ايترو تہ ڇيپاٽي ڇڏيو هو جو
ڪوبہ پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيو، تن بادشاهتن کي ڊيڄارڻ
۽ سندن طاقت کي ڪچلڻ لاءِ اهي ڪاريگر آيا آهن، ڇالاءِجو وڏي
زورآوري ڏيکاري هنن يهوداہ وارن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو هو.“

## ماپ ڪندڙ جي رويا

2 1 مون وري هڪڙي ٻي رويا ڏٺي، جنهن ۾ مون هڪڙي شخص
کي پنهنجي اڳيان لنگهندي ڏٺو. سندس هٿ ۾ ماپ واري
ڏوري هئي. 2 مون ڪانئس پڇيو تہ ”تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ هن
مون کي وراڻيو تہ ”يروشلم کي ماپڻ ٿو وڃان، ڏسان تہ ان جي
ڊيگهہ ۽ ويڪر ڪيتري آهي.“

3 تڏهن رويا سمجهائڻ وارو ملائڪ مون کان اڳتي وڌيو تہ هڪڙو
ٻيو ملائڪ ساڻس اچي مليو. 4 هن اچي کيس چيو تہ ”ڊوڙ ۽ انهيءَ
شخص کي وڃي ٻڌاءِ تہ يروشلم شهر ۾ انسان توڙي جانور ايترا تہ
گهڻا ٿي ويندا جو ڪوٽ جي حد ۾ نہ ماپندا، بلڪ ان کان ٻاهر بہ
سندن آبادي وڌي ويندي. 5 ڇالاءِجو خداوند ٿو فرمائي تہ ’آءٌ پاڻ
انهيءَ جي حفاظت لاءِ ان جي چوڌاري باهہ جي پٽ وانگر ٿيندس ۽
آءٌ ئي منجهس رهي ان جو شان ۽ شوڪت وڌائيندس.‘“

## جلاوطن ٿيلن کي وطن ڏانهن سڏڻ

6-7 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ ”اي صيئون وارؤ!
مون ئي اوهان کي دنيا جي چئني طرفن ڏانهن ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيو
هو. پر هاڻي اوهين موٽي اچو، اتر وارن ملڪن مان ڀڄي اچو. هائو،
اوهين بابل جي بادشاهتن مان ڀڄي نڪرو.“
8 اي يهوداہ وارؤ! قادرمطلق خداوند پنهنجي جلال کي ظاهر ڪرڻ
بعد مون زڪرياہ کي پيغام ڏيئي انهن قومن ۾ موڪليو، جن اوهان
کي ڦري لٽي ڇڏيو آهي. هو اوهان بابت ڪين فرمائي ٿو تہ ”جيڪو
منهنجي قوم تي هٿ کڻي ٿو، سو ڄڻ تہ منهنجي اک جي ماڻڪيءَ
کي ٿو ڇهي. 9 سو آءٌ ضرور اوهان جي خلاف پنهنجو هٿ کڻندس تہ
جيئن بدلي ۾ اوهان جا ئي غلام اوهان کي لٽين ڦرين.“ اهو سڀ ٿيڻ
تي اوهين ڄاڻي وٺندا تہ قادرمطلق خداوند ئي مون کي موڪليو آهي.
10 خداوند ٿو فرمائي تہ ”اي صيئون وارؤ! گيت ڳايو ۽ خوشيون
ملهايو، ڇالاءِجو آءٌ ايندس ۽ اوهان منجهہ اچي رهندس.“ 11 انهيءَ
ڏينهن گهڻيون ئي قومون خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿينديون ۽ سندس
قوم بڻبيون. سو جڏهن خداوند اوهان يهوداہ وارن جي وچ ۾ اچي
رهندو، تڏهن اوهان کي خبر پوندي تہ انهيءَ قادرمطلق خداوند ئي
مون کي موڪليو آهي. 12 انهيءَ ڏينهن خداوند پنهنجي پاڪ ملڪ
مان وري بني يهوداہ واري حصي کي پنهنجي ميراث ٺهرائيندو ۽
يروشلم کي وري پنهنجو شهر ڪري قبول فرمائيندو.
13 اي بني آدم! خداوند اسان وٽ اچڻ لاءِ پنهنجي عرش عظيم
تان اٿيو آهي. سو اوهين سندس حضور ۾ ماٺ رهو.

## سردار ڪاهن جي ڪپڙن واري رويا

3 1 رويا ۾ خداوند مون کي سردار ڪاهن يشوع ڏيکاريو، جيڪو
خداوند جي ملائڪ جي اڳيان بيٺو هو ۽ †شيطان يشوع جي
ساڄي پاسي کان بيٺو هو انهيءَ لاءِ تہ مٿس الزام مڙهي. 2 تڏهن
خداوند جي ملائڪ شيطان کي چيو تہ ”اي شيطان! شل خداوند جي تو
تي ملامت هجي! هائو، اهو خداوند جنهن يروشلم کي پنهنجو شهر

*صيئون: خداوند جو مقدس هيڪل انهيءَ صيئون جبل تي يروشلم شهر ۾ ئي اڏيل هو.

†شيطان: خدا جي مخلوق مان اهو جيڪو انسانذات تي الزام هڻندو آهي. عبراني ٻوليءَ ۾ شيطان لفظ جي معنيٰ آهي ”الزام هڻندڙ“.

1:3 عز 2:5، مڪا 10:12   2:3 يهو 9

ڪري چونڊيو، سو شل هميشہ تو تي ملامت ڪندو رهي! چالاءِ جو
ڏس، هن شخص کي خداوند انهيءَ ڪاٺيءَ جيان بچايو آهي، جيڪا
باهہ مان ڇڪي ڪڍي ويئي هجي.“
3 انهيءَ وقت ملائڪ جي اڳيان بيٺل يشوع کي ميرا ڪپڙا پهريل
هئا. 4 سو ملائڪ پنهنجي سامهون بيٺلن کي چيو تہ ”هن جا ميرا
ڪپڙا لاهيو.“ پوءِ هن يشوع کي چيو تہ ”ڏس، انهيءَ مان مراد آهي
تہ تو تان تنهنجا گناهہ لاٿا ويا آهن ۽ هاڻ آءٌ تو کي عمدا ڪپڙا
ڍڪائيندس.“
5 ملائڪ سامهون بيٺلن کي چيو تہ ”هن جي مٿي تي ڊوتل پڳ
ٻڌو.“ سو هنن ڪيس ڊوتل پڳ مٿي تي ٻڌي ۽ ڪپڙا پهرايائونس،
جڏهن تہ خداوند جو ملائڪ پرسان بيٺو رهيو.
6 خداوند جي ملائڪ يشوع کي تاڪيد ڪندي چيو تہ
7 ”قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ’جيڪڏهن تون منهنجي واٽن تي
هلندين ۽ وفاداريءَ سان منهنجي هيڪل جي قاعدن قانونن تي هلي
خدمت ڪندين تہ پوءِ تون منهنجي انهيءَ هيڪل ۽ منهنجي بارگاهن
جو نگران ٿيندين ۽ منهنجي حضور ۾ هنن بيٺلن وانگر تنهنجي بہ
دعا ٻڌي ويندي.
8 هاڻي اي سردار ڪاهن يشوع! تون ۽ تنهنجا ماتحت ڪاهن،
جيڪي تنهنجي نگرانيءَ ۾ خدمت ڪندا آهن سي ٻڌو. اوهان جي
ڪاهن طور بحالي اچڻ وارين برڪتن جي نشاني آهي تہ آءٌ پنهنجي
چونڊيل هڪڙي ٻانهي کي بادشاهہ بڻائڻ وارو آهيان جنهن کي نئون
ڦٽندڙ سلو سڏيو ويندو. 9 اي يشوع! ڏس، مون تنهنجي اڳيان جيڪو
پٿر لڳايو آهي، تنهن کي ست ڪنڊون آهن ۽ انهيءَ تي آءٌ هيءَ ڳالهہ
نقش ڪري ڇڏيندس تہ آءٌ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ هن ملڪ جا گناهہ
مٽائي ڇڏيندس. 10 انهيءَ ڏينهن اوهان يهوداه وارن مان هر ڪو هڪ
ٻئي کي دعوت ڏيئي پنهنجي پنهنجي انگورن ۽ انجيرن جي باغن
۾ امن ۽ سلامتيءَ سان آٽي ويهاريندو.‘ اهو مون خداوند جو فرمان
آهي.“

## سوني شمعدان ۽ زيتون جي ٻن وڻن واري رويا

4 1 پوءِ رويا سمجهائڻ وارو اهو ملائڪ وري مون وٽ آيو ۽ مون
کي ائين اچي جاڳايائين جيئن ڪنهن کي ننڊ مان اُٿاربو آهي.
2 هن مون کان پڇيو تہ ”تون ڇا ٿو ڏسين؟“ مون ڪيس ورندي ڏيئي
چيو تہ ”آءٌ ڏسان ٿو تہ هڪڙو سونو شمعدان آهي، جنهن جي مٿان
هڪڙو تيل جو پيالو رکيل آهي. شمعدان تي ست ڏيئا پڻ رکيل آهن ۽
هر هڪ ڏيئي ۾ وٽن لاءِ ست ست ڏندا ٺهيل آهن. 3 انهيءَ شمعدان
جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي بہ زيتون جا وڻ بيٺل آهن.“ 4 تڏهن مون
انهيءَ ملائڪ کان پڇيو تہ ”اي منهنجا سائين! هن مان ڇا مراد
آهي؟“ 5 هن وراڻيو تہ ”ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ هن جو مطلب ڇا
آهي؟“ مون ورندي ڏني تہ ”منهنجا سائين! نہ.“
6 تڏهن انهيءَ ملائڪ مون کي *يهوداه جي گورنر زربابل لاءِ
قادرمطلق خداوند جو هي پيغام ٻڌايو تہ ”اي زربابل! تون ڪامياب
ٿيندين، نہ لشڪر جي زور سان، نہ انساني طاقت سان پر فقط
منهنجي روح سان. 7 جبل جيڏيون رڪاوٽون بہ تنهنجي اڳيان پٽ
پڌر ٿي وينديون. تون هيڪل ٺهرائيندين ۽ جڏهن تون هيڪل جي
چوٽيءَ تي آخري پٿر آڻي رکندين، تڏهن ماڻهو نعرا هڻي چوندا تہ
’خدا جو شڪر آهي! خدا جو شڪر آهي!‘“
8 خداوند زربابل بابت وڌيڪ مون کي فرمايو تہ 9 ”زربابل جي
هٿن منهنجي گهر جو نئين سر بنياد وڌو آهي ۽ انهيءَ جا هٿ ئي
ان کي مڪمل ڪندا.“ اهو ڏسي اوهين يهوداه وارا ڄاڻي وٺندا تہ
قادرمطلق خداوند ئي مون کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي. 10 هاڻي تہ
ماڻهو هيڪل جي تعمير جي گهٽ رفتار ڏسي مايوس ٿا ٿين، پر جڏهن
اهي زربابل جي تعمير جي جذبي کي ڏسندا تڏهن بيحد خوش ٿيندا.
تڏهن ملائڪ شمعدان واري رويا جي ڳالهہ جاري رکندي چيو تہ
”شمعدان جا اهي ست ڏيئا خداوند جي ستن اکين مثل آهن، جيڪي
سڄيءَ دنيا کي ڏسن پيون.“ 11 پوءِ مون انهيءَ ملائڪ کان وري پڇيو
تہ ”زيتون جا بہ وڻ جيڪي شمعدان جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي آهن تن
مان ڇا مراد آهي؟ 12 ان کان علاوه زيتون جي ٻنهي پاسن وارن وڻن
جي شاخن مان سونين نلين جي وسيلي جيڪو سونهري تيل نڪري ٿو،
تنهن مان پڻ ڇا مراد آهي؟“ 13 هن وراڻيو تہ ”ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ
انهيءَ جو ڇا مطلب آهي؟“ مون چيو تہ ”اي منهنجا سائين! نہ.“
14 تڏهن هن ٻڌايو تہ ”هي انهن ٻن شخصن ڏانهن اشارو آهي، جن
کي رب العالمين جي خاص خدمت لاءِ مسح ڪري چونڊيو ويو آهي.“

## ڇمڙي جي اڏامندڙ ويڙهوٽي واري رويا

5 1 مون وري رويا ڏٺي، جنهن ۾ ڇمڙي جو هڪڙو ويڙهوٽو
اڏامندي ڏٺم. 2 رويا سمجهائڻ واري ملائڪ مون کان پڇيو تہ
”تون ڇا ٿو ڏسين؟“ مون وراڻيو تہ ”آءٌ ڇمڙي جو هڪڙو ويڙهوٽو
اڏامندي ڏسان ٿو، جنهن جي ڊيگهہ نَوَ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا چار ميٽر
آهي.“
3 تڏهن هن مون کي سمجهايو تہ ”انهيءَ ويڙهوٽي ۾ لعنت لکيل
آهي، جيڪا بني اسرائيل جي سڄي ملڪ ۾ پکڙجڻ واري آهي. ان
ويڙهوٽي جي هڪ پاسي تي لکيل آهي تہ هر چور کي تڙي ڪڍيو
ويندو، جڏهن تہ ان جي ٻئي پاسي تي لکيل آهي تہ ڪوڙ تي قسم

*يهوداه جو گورنر زربابل: فارس جي شهنشاه دارا جي حڪومت جي ڏينهن ۾ يهوداه ملڪ فارس جي شهنشاهت جو هڪ صوبو هو ۽ يهوياڪين بادشاهہ جو پوٽو زربابل انهيءَ جو گورنر مقرر ٿيل هو.

8:3 ير 23:5، 15:33، زڪ 12:6 — 10:3 ميڪ 4:4 — 3:4 مڪا 4:11 — 6:4 عز 2:5 — 10:4 مڪا 6:5 — 11:4 مڪا 4:11

کٹڻ وارو هر هڪ ماڻهو تڙيو ويندو. 4 قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو
تہ ’آءٌ اهو ويڙهوٽو انهيءَ لاءِ ٿو موڪليان تہ اها لعنت چور توڙي
منهنجي نالي تي ڪوڙو قسم کڻندڙ جي گهرن ۾ گهڙي. اها انهن
جي گهرن ۾ رهندي ۽ سندن گهرن کي اهڙيءَ طرح تہ ناس ڪري
ڇڏيندي جو انهن ۾ ڪاٺيون توڙي پٿر بہ سلامت نہ رهندا.‘“

## گُندڙي ۾ عورت واري رويا

5 تڏهن رويا سمجهائڻ واري انهيءَ ملائڪ اڳتي وڌي اچي مون
کي چيو تہ ”نهاري ڏس تہ هي جيڪا شيءِ اچي رهي آهي سا ڇا
آهي.“ 6 مون پڇيو تہ ”اهو ڇا آهي؟“ هن وراڻيو تہ ”اهو گُندڙو
آهي، جنهن ۾ سڄي ملڪ جي ماڻهن جي ڪيل بڇڙائي پيل آهي.“
7 پوءِ جڏهن انهيءَ گُندڙي جو شيهي وارو ڍڪ مٿي کنيو ويو تہ ڇا
ڏسان تہ انهيءَ ۾ هڪڙي عورت ويٺي آهي. 8 ملائڪ چيو تہ ”اها
ئي بڇڙائي آهي.“ پوءِ هن انهيءَ عورت کي گُندڙي ۾ هيٺ ڌڪي
شيهي جو ڍڪ مٿان ڏيئي ڇڏيو.
9 وري جو نهاريان تہ ڇا ڏسان تہ ٻہ عورتون آهن، جن کي لقلق
پکيءَ جهڙا پر آهن. اهي هوا ۾ اڏامنديون اچي رهيون هيون. پوءِ مون
ڏٺو تہ اهي انهيءَ گُندڙي کي کڻي هوا ۾ اڏامي هليون ويون. 10 تڏهن
مون انهيءَ ملائڪ کان پڇيو تہ ”انهيءَ گُندڙي کي هو ڪيڏانهن کڻي
ٿيون وڃن؟“ 11 هن وراڻيو تہ ”هو انهيءَ گُندڙي کي بابل ملڪ ڏانهن
کڻي ٿيون وڃن، جتي هڪڙو پوڄا گهر ٺاهي انهيءَ ۾ هڪڙي ڍڪيءَ
تي اهو گُندڙو رکيو ويندو، انهيءَ لاءِ تہ ان جي پوڄا ڪئي وڃي.“

## ڇئن جنگي گهوڙي گاڏين واري رويا

6 1 مون وري رويا ڏٺي، جنهن ۾ مون پتل جي ٻن جبلن منجهان
چار جنگي گهوڙي گاڏيون نڪرنديون ڏٺم. 2 پهرين گاڏيءَ جا
گهوڙا ڳاڙهي رنگ جا هئا ۽ ٻيءَ جا گهوڙا ڪاري رنگ جا هئا.
3 ٽين گاڏيءَ جا گهوڙا اڇي رنگ جا هئا ۽ چوٿين گاڏيءَ جا گهوڙا
ابلق هئا. اهي سڀ طاقتور هئا. 4 مون رويا سمجهائڻ واري انهيءَ
ملائڪ کان پڇيو تہ ”اي منهنجا سائين! هن مان ڇا مراد آهي؟“ 5 ان
ملائڪ مون کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”اهي چار آسماني هوائون آهن،
جيڪي رب العالمين جي حضوريءَ مان نڪتيون ٿيون اچن. 6 جنهن
گاڏيءَ ۾ ڪارا گهوڙا آهن سا اتر طرف بابل ملڪ ڏانهن ٿي وڃي،
اڇن گهوڙن واري گاڏي اولاهين ملڪ ڏانهن ۽ ابلق گهوڙن واري
گاڏي ڏاکڻي ملڪ ڏانهن ٿي وڃي. 7 انهن سيني طاقتور گهوڙن
وارين گاڏين تي سوار ٽيل پرجوش نموني سان دنيا جي حالات کي
جاچڻ لاءِ نڪتا آهن.“
تڏهن انهيءَ ملائڪ انهن گهوڙي سوارن کي حڪم ڏنو تہ ”وڃو،
سڄي دنيا جي حالات کي جاچي اچو.“ سو هو انهيءَ مقصد لاءِ
روانا ٿي ويا. 8 تڏهن هن مون کي وڏي واڪي چيو تہ ”ڏس، اهي
جيڪي اتر طرف بابل ملڪ ڏانهن وڃن ٿا، سي انهيءَ ملڪ ۾ پهچي
اهڙا تہ ڪم ڏيکاريندا جو خداوند جي ڪاوڙ ڍري ٿي ويندي.“

## سردار ڪاهن يشوع لاءِ تاج

9 مون تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو تہ 10 ”اي زڪرياه! تون اڄ
ئي يوسياه ولد صفنياه جي گهر وڃ، جتي بابل جي جلاوطنيءَ کان
تازو موٽي آيلن مان خلدي، طوبياه ۽ يدعياه تو کي سون ۽ چاندي
ڏيندا. 11 اهو سون ۽ چاندي کڻي وڃي تون انهن مان هڪڙو تاج ٺهراءِ
۽ اهو تاج سردار ڪاهن يشوع ولد يهوصدق جي مٿي تي وڃي رک.
12 پوءِ مون قادرمطلق خداوند جو هي فرمان کيس ٻڌاءِ تہ ’هڪڙو
شخص، جنهن کي مون ”نئون ڦٽندڙ سلو“ جو نالو ڏنو آهي، سو
وڏي ڦلدار ٿيندو ۽ مون خداوند جي هيڪل کي نئين سر تعمير ڪندو.
13 هائو، اهو ئي مون خداوند جو هيڪل تعمير ڪندو. سندس شان وَ
شوڪت وڌي ويندو ۽ اهو پنهنجي تخت تي ويهي حڪمراني ڪندو.
درٻار ۾ هو پنهنجي ساڄي هٿ تي ڪاهن کي ويهاريندو ۽ اهي ٻيئي
پاڻ ۾ اتفاق سان صلاح مصلحت ڪندا.‘
14 اهو تاج خلدي، طوبياه، يدعياه ۽ يوسياه ولد صفنياه جي يادگار
طور خداوند جي هيڪل ۾ رهندو.“
15 اي يهوداه وارؤ! ڏسو، پري پري رهڻ وارا بہ اچي خداوند جي
هيڪل ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا، تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ قادرمطلق
خداوند ئي مون کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي. جيڪڏهن اوهين دل
سان خداوند پنهنجي خدا جا فرمانبردار رهندا تہ پوءِ اهي ڳالهيون
پوريون ٿينديون.

## پراڻو توڙي نئون خداوند جو ساڳيو ئي پيغام

7 1 دارا بادشاهہ جي شهنشاهيءَ جي چوٿين سال، ڪِسليوِ نالي
نائين مهيني جي چوٿين تاريخ تي خداوند جو ڪلام مون زڪرياه
تي نازل ٿيو. 2 ڇالاءِجو بيت‌ايل جي ماڻهن شراضر ۽ رجم‌ملڪ کي
سندن ماڻهن سميت موڪليو هو تہ هو اچي خداوند جي هيڪل ۾
دعا گهرن، 3 ۽ ڪاهنن ۽ نبين کان پڇن تہ ”ڇا اسين پنجين مهيني
۾ روزو رکي اڃا بہ هيڪل جي تباهيءَ جو سوڳ ڪريون، جيئن هر
سال ڪندا آيا آهيون؟“
4-5 تڏهن قادرمطلق خداوند مون کي انهيءَ لاءِ موڪليو تہ جيئن
آءٌ ملڪ جي سيني ماڻهن ۽ ڪاهنن کي سندس اهو ڪلام وڃي ٻڌايان
تہ ”جڏهن اوهان پنجين توڙي ستين مهيني ۾ ستر سالن تائين روزا
رکيا ۽ رنا رڙيا تہ ڇا اهو سڀ ڪجهہ اوهان خاص منهنجي خاطر
ڪيو؟ 6 وري جڏهن اوهان کاڌو پيتو پئي تہ ڇا اهو سڀ پنهنجن
مزن ماڻڻ لاءِ نہ پئي ڪيوَ؟ 7 سو اوهان لاءِ منهنجو اهو ساڳيو ئي

2:6 مڪا 4:6–5   3:6 مڪا 2:6   5:6 مڪا 1:7   12:6 ير 5:23، 15:33، زڪ 8:3

پيغام آهي جيڪو مون پنهنجن نبين جي ذريعي موڪليو هو، جڏهن
يروشلم اجا آباد ۽ خوشحال هو ۽ سندس چوڌاري شهر توڙي ڏکڻ ۽
اولهہ وارا هيٺاهان هنڌ آباد هئا.
8-9 اهو ئي پيغام آءٌ قادرمطلق خداوند وري اوهان کي ٻڌايان ٿو
تہ ’سچائيءَ سان انصاف ڪندا رهو ۽ هڪ ٻئي تي رحم ۽ قياس
ڪريو. 10 اوهين رنزال، يتيم ۽ اوهان منجهہ رهندڙ ڌاريي، يعني
جيڪو بہ مسڪين هجي، تنهن تي ظلم نہ ڪريو، نڪي دل ۾ هڪ
ٻئي خلاف برائي سوچيو.‘ 11 اهو ئي پيغام هو جيڪو اوهان جي ابن
ڏاڏن ٻڌڻ کان انڪار ڪيو. هنن هٺ ڪري مون کان منهن موڙي
ڇڏيو ۽ پنهنجن ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏيائون. 12 هنن پنهنجون
دليون پٿر جهڙيون سخت ڪري ڇڏيون ۽ شريعت ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ
ڏنائون ۽ نہ وري انهيءَ ڪلام کي مڃيائون، جيڪو مون قادرمطلق
خداوند اڳين نبين جي معرفت پنهنجي روح وسيلي نازل ڪيو هو.
انهيءَ ڪري مون وٽان مٿن سخت قهر اچي نازل ٿيو. 13 تڏهن مون
قادرمطلق خداوند ڪين چيو تہ ’جڏهن مون اوهان کي سڏيو تہ اوهان
نہ ٻڌو، سو جڏهن اوهان مون کي سڏيندا تہ آءٌ بہ اوهان جو سڏ نہ
ورنائيندس.‘ 14 انهيءَ ڪري مون ڪين واچوڙي وانگر اڏائي سيني
قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو. جتي هو ڌارين وانگر ٿي ويا. انهيءَ
ڪان پوءِ سندن وڻندڙ ملڪ اهڙو تہ ويران ٿي ويو جو اتي ڪنهن جي
بہ اچ وڃ نہ هئي.“

## يروشلم کي برڪت ڏيڻ جو واعدو

8 1 مون زڪرياه تي قادرمطلق خداوند جو ڪلام وري نازل ٿيو تہ
2 ”مون کي يروشلم لاءِ ڏاڍي غيرت آهي. انهيءَ غيرت جي
ڪري آءٌ سندس دشمنن تي سخت ڪاوڙيل آهيان. 3 سو آءٌ يروشلم
۾ موٽي ايندس ۽ پنهنجي جبل صيئون تي اچي رهندس. پوءِ يروشلم
وفادارن جو شهر سڏبو ۽ مون قادرمطلق خداوند جو جبل صيئون،
پاڪ جبل سڏبو. 4 تڏهن يروشلم ۾ امن وَ سلامتي هوندي ۽ شهر
جي هر گهٽيءَ ۾ جهُور پوڙها مرد ۽ عورتون پنهنجي ٻڍاپي جي
ڪري پنهنجي لٺ تي ٽيڪ ڏيو گهمندا ڦرندا ۽ ويٺا ڏسڻ ۾ ايندا،
5 ۽ شهر جا رستا راند ڪندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان ڀريل هوندا.
6 ٿي سگهي ٿو تہ اها ڳالهہ قوم جي باقي بچيلن کي انهن
ڏينهن ۾ عجيب لڳي، پر ڇا اها مون خداوند لاءِ عجيب هوندي؟
7 آءٌ پنهنجي قوم کي اڀرندي توڙي الهندي جي ملڪن کان ڇڏائي
آڻيندس. 8 آءٌ هنن کي موٽائي آڻيندس تہ جيئن هو وري يروشلم ۾
رهن. اهي منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ وفا ۽ سچائيءَ سان سندن خدا
هوندس.“
9 قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي بني اسرائيل وارؤ! دلجاءِ
ڪريو ۽ همت نہ هاريو. هن وقت اوهين اهو ساڳيو ئي ڪلام ٻڌو ٿا،
جيڪو نبين انهن ڏينهن ۾ ٻڌايو هو جڏهن نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ
منهنجي هيڪل جو بنياد وڌو ٿي ويو. 10 انهن ڏينهن کان اڳ ڪنهن
وٽ ايترو پيسو نہ هوندو هو جو ڪو مزدور کي ڪم تي رکي سگهي
يا وري ڪنهن جانور لاءِ ڪرايو ادا ڪري سگهي، نہ ئي وري ان وقت
ڪو دشمنن کان سلامت رهي ٿي سگهيو، ڇالاءِجو مون خداوند پاڻ
هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڪري ڇڏيو هو. 11 پر هاڻي اوهين
جيڪي باقي بچيل آهيو، تن سان آءٌ اهڙو سلوڪ نہ ڪندس، جهڙو
اڳين ڏينهن ۾ ڪيو هوم. اهو مون قادرمطلق خداوند جو فرمان آهي.
12 اڳتي امن وَ سلامتيءَ سان پوک ڪئي ويندي، انگورن جون
وليون پنهنجو ڦر جهلينديون، زمينن ۾ فصل ٿيندا ۽ آسمان مان
برسات پوندي. آءٌ اوهان باقي بچيلن کي اهي سڀ شيون ورثي طور
عطا ڪندس. 13 اي يهوداه توڙي اسرائيل وارؤ! جهڙيءَ طرح اوهين
ٻين قومن جي نظر ۾ لعنتي بڻيا آهيو، تهڙيءَ طرح هاڻي آءٌ اوهان
کي اهڙي خوشحالي عطا ڪندس جو اوهين برڪت جو باعث بڻبا.
سو اوهين دلجاءِ ڪريو ۽ همت نہ هاريو. 14 ڇالاءِجو جڏهن اوهان
جي ابن ڏاڏن مون کي ڪاوڙايو هو، تڏهن مون مٿن مصيبت آڻڻ جو
خيال ڪيو هو ۽ جهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي انهيءَ ارادي تي قائم رهيو
هوس، 15 تهڙيءَ طرح ئي مون قادرمطلق خداوند هاڻي پڪو ارادو
ڪيو آهي تہ اوهان سيني يهوداه وارن سان ڀلائي ڪريان. سو اوهين
همت نہ هاريو.
16 هاڻي اوهان کي رڳو اهو ڪرڻو آهي جو هڪ ٻئي سان سچ
ڳالهايو ۽ پنهنجن عدالتن ۾ حق ۽ سچ وارا فيصلا ڪريو تہ جيئن
امن وَ سلامتي قائم رهي. 17 ڪوبہ پنهنجي دل ۾ هڪ ٻئي لاءِ برا
منصوبا نہ جوڙي، نہ وري ڪو ڪوڙو قسم ئي کڻي، ڇالاءِجو مون
خداوند کي انهن سيني ڳالهين کان نفرت آهي.“

## روزي رکڻ بابت خداوند جو جواب

18 قادرمطلق خداوند اوهان لاءِ مون کي هي پيغام ڏنو تہ
19 ”چوٿين، پنجين، ستين توڙي ڏهين مهيني ۾ روزن رکڻ جي بدران
هاڻي انهن ڏينهن تي اوهين يهوداه وارا خوشي، مسرت ۽ شادمانيءَ
جون عيدون ملهائيندا رهو. اوهين رڳو سچ ۽ امن سان محبت ڪندڙ
ٿيو.“
20 قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”اهو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن
هر قوم توڙي هر شهر جا رهاڪو يروشلم ۾ پيا ايندا. 21 هائو، هڪڙي
شهر جا رهاڪو چاهہ وچان ٻئي شهر جي ماڻهن کي وڃي چوندا
تہ ’هلو تہ اسين يروشلم هلي قادرمطلق خداوند جي عبادت ڪريون
۽ ڪانئس دعا گهرون. هلو، اسين بہ هلون ٿا.‘ 22 بيشڪ گهڻيون
ئي قومون ۽ زبردست حڪومتون مون قادرمطلق خداوند جي عبادت
لاءِ يروشلم ۾ اينديون ۽ مون کان دعا گهرنديون. 23 انهن ڏينهن ۾

---

16:8 اف 25:4

مختلف قومن توڙي ٻولين وارا ڏهہ ماڻهو اچي هڪڙي يهوداہ واري
جو دامن پڪڙي ڪيس چوندا تہ ’اسين تو ساڻ آهيون، ڇالاءِجو اسان
ٻڌو آهي تہ خدا تو سان گڏ آهي.‘“

## آسپاس جي ملڪن لاءِ خدا جو فيصلو

9 1 هي خداوند جو پيغام آهي.
خداوند، جيڪو نہ رڳو بني اسرائيل کي،
بلڪ پوري بني آدم کي نظر ۾ رکي ٿو،
سو حدراڪ ملڪ توڙي دمشق شهر کي سزا ٻڌائي ٿو.
2 هو حمات علائقي کي بہ نظر ۾ رکي ٿو،
جنهن جي سرحد حدراڪ سان ملي ٿي.
صور ۽ صيدا شهر بہ سندس نظر کان ٻچيل نہ آهن،
توڙي جو سندن رهاڪو ٻين جي ڀيٽ ۾ ڏاڍا هنرمند آهن.
3 صور وارن پنهنجي حفاظت لاءِ مضبوط قلعو ٺاهيو آهي،
۽ رستن جي ڌوڙ وانگر سون ۽ چانديءَ جا ڍير لڳايا اٿائون.
4 پر رب العالمين هنن جو سڄو مال ملڪيت اڏائي ڇڏيندو.
هائو، هو سندن طاقت سمنڊ ۾ اڇلائي وجهندو،
۽ سندن شهر کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندو.

5 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي فلستيؤ!
اوهان جي شهر اسقلون جا رهاڪو اهو سڀ ڏسي ڊڄي ويندا،
غزه توڙي عقرون شهر وارن کي اهو ڏسي دهشت وٺي ويندي،
اهڙيءَ طرح سندن اميد خاڪ ۾ ملي ويندي.
غزه شهر جي بادشاهيءَ جو خاتمو ٿيندو،
جڏهن تہ اسقلون شهر ويران ٿي ويندو،
6 ۽ اشدود شهر تي حرامي اولاد قبضو ڪري وٺندو.
ياد رکو، آءٌ اوهان فلستين جو غرور ٽوڙي ڇڏيندس.
7 آءٌ اوهان کي اهڙي سيکت ڏيندس،
جو اڳتي اوهين ڪو حرام کاڌو نہ کائيندا،
هائو، نہ رت لڳل گوشت ۽ نہ وري ڪو منع ڪيل کاڌو.
منهنجي ڏنل سيکت کان پوءِ جيڪي بچي ويندا،
سي مون خداوند جا هوندا،
۽ انهن کي بہ يهوداہ وارن جهڙا حق حاصل هوندا.
هائو، عقرون شهر وارا بہ *يبوسين وانگر
منهنجي قوم جا سمجهيا ويندا.
8 آءٌ پنهنجي ملڪ تي نظرداري ڪري رهيو آهيان،
سو اڳتي ڪوبہ ڦورو ٽولو ان کي نقصان پهچائي نہ سگهندو،
نڪي وري ڪو ظالم منهنجي قوم کي لتاڙي سگهندو.“

## بني اسرائيل جو سچار بادشاهہ

9 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي صيئون جا رهاڪؤ! ڏاڍا سرها ٿيو،
هائو، اي يروشلم جا رهاڪؤ! خوشيءَ وچان نعرا هڻو.
ڏسو، توهان جو بادشاهہ توهان وٽ اچي ٿو،
جيڪو سچار ۽ فاتح آهي.
انهيءَ هوندي بہ هو ايترو تہ حليم آهي،
جو گڏهہ جي ٻچڙي يعني کودڙي تي سوار آهي.
10 آءٌ اسرائيل ۽ يهوداہ مان جنگ ختم ڪري ڇڏيندس.
هائو، اتان آءٌ جنگي گهوڙا ۽ گهوڙي گاڏيون هٽائي ڇڏيندس،
۽ جنگي هٿيار ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس.
اوهان جو اهو بادشاهہ قومن منجهہ امن وَ سلامتي آڻيندو.
اولهہ کان اوڀر تائين توڙي اتر کان ڏکڻ تائين،
هن جي ئي حڪومت پيئي هلندي.
11 اوهان ۽ منهنجي وچ ۾ رت سان قائم عهد اقرار سبب،
آءٌ اوهان جي جلاوطن ٿيلن کي
ڄڻ انڌي کوهہ مان ٻاهر ڪڍي آڻيندس.“

## خدا جي قوم جي بحالي

12 سو خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي جلاوطنؤ! اوهين، جيڪي مون تي آسرو ڪيو ويٺا آهيو،
هاڻي پنهنجي قلعي واري شهر يروشلم ۾ موٽي اچو.
هاڻي ئي ٻڌي ڇڏيو تہ آءٌ اوهان کي ٻيڻو اجورو عطا ڪندس.
13 انهيءَ لاءِ آءٌ اوهان يهوداہ وارن توڙي اسرائيل وارن کي
پنهنجي تيرڪمان جيان جنگ ۾ استعمال ڪندس.
هائو، اي صيئون وارؤ!
آءٌ اوهان جي جنگي جوڌن کي اٿاري ڪڙو ڪندس،
۽ يونان جي لشڪر خلاف پنهنجي تلوار جيان استعمال ڪندس.

14 آءٌ خداوند جڏهن جنگ جي نفيل وڄائيندس،
تڏهن ڏکڻ جي طوفان جيان اچي ڪڙڪندس،
۽ پنهنجا تير کنوڻ جي صورت ۾ دشمنن تي ڪيرائيندس.

*يبوسين: هي يروشلم جا اصلي رهاڪو هئا، جيڪي دائود جي يروشلم تي قبضي بعد اتي ئي رهي دائود جي قوم ۾ شامل ٿي ويا. ڏسو 2.سموئيل 5:6–7.

1:9 يس 17:1–3، ير 49:23–27، حز 26:1–28:26، يوا 3:4–8، عا 1:9–10، مت 21:11–22، لو 10:13–14
9:1–4 يس 23:1–18، عا 1:3–5
9:5–7 يس 14:29–31، ير 47:1–7، حز 25:15–17، يوا 3:4–8، عا 1:6–8، صف 2:4–7
9:9 مت 21:5، يو 12:15
9:10 زب 72:8
9:11 خر 24:8

اهڙيءَ طرح آءٌ خداوند پنهنجي قوم تي پاڻ کي ظاهر ڪندس.
15 آءٌ قادرمطلق خداوند پنهنجي قوم جي حفاظت ڪندس.
پوءِ هو پنهنجي دشمنن ۾ تباهي مچائي مٿن غالب ايندا.
هائو، هو مئي پيئندڙن وانگر مست ٿي جنگ ۾ گجندا وتندا.
جيئن قربانگاهه تي قربانيءَ جي جانور جي وهندڙ رت مان
ٿانءُ پرجي ٽمٽار ٿي ويندو آهي،
تيئن هو دشمنن جو رت وهائيندا.
16 انهيءَ ڏينهن آءٌ خداوند خدا
پنهنجي قوم کي ائين بچائي وٺندس،
جيئن ڪو ريڍار پنهنجي ڌڻ کي خطري مان بچائي ٿو وٺي.
اهي منهنجي ملڪ ۾ ائين چمڪندا،
جيئن هيرا جواهر تاج ۾ چمڪندا آهن.
17 هنن جا نوجوان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون
جهجهي اناج ۽ مئي سان پلجي وڏا ٿيندا.
هائو، اهي ڪيڏا نه خوشحال ۽ صحتمند هوندا!"

## خداوند پنهنجي قوم جو بچائيندڙ

10 1 بهار جي مند ۾ مينهن لاءِ
خداوند کان ئي دعا گهرو ته اهو مينهن وسائي.
هائو، اهو جيڪو ڪنوڻ جا چمڪاٽ ٿو ڪري،
جيڪو هر ڪنهن کي جهجهو مينهن ٿو ڏئي،
۽ جيڪو هر ٻنيءَ مان گاهه ٿو اپاري،
سو ئي اهو خداوند آهي.
2 بوتا نڪِيءَ جو ناهه آهن،
۽ فالون وجهندڙ ڪوڙيون رويائون ٿا ڏسن.
هو ڪوڙا خواب ٻڌائي ماڻهن کي دلداري ٿا ڏين،
جڏهن ته هنن جي اها دلداري اجائي آهي.
سو ماڻهو بنا ريڍار جي رڍن وانگر رلي ويا آهن،
هائو، کين ستايو وڃي ٿو،
ڇوته سندن ڪوبه ڌڻي سائين ڪونهي.

3 تنهنڪري خداوند فرمائي ٿو ته
"انهن ڏارين حڪمرانن تي منهنجي ڪاوڙ پڙڪي اٿي آهي،
جيڪي منهنجي قوم تي حڪمراني ڪن ٿا،
سو آءٌ انهن کي سزا ڏيندس.
هاڻ آءٌ قادرمطلق خداوند پاڻ پنهنجي قوم،
يعني يهوداه وارن جي سنڀال لهندس.
آءٌ انهن کي زورآور جنگي گهوڙي جهڙو ڪندس.
4 انهن منجهان ئي سندن حاڪم بڻايا ويندا،
جيڪي بنياد جي پٿر، تنبوءَ جي ڪليءَ،
۽ جنگي تيرڪمان مثل هوندا.
5 سپيئي يهوداه وارا اهڙا ته جنگي جوڌا ٿيندا،
جو لڙائيءَ ۾ پنهنجي دشمنن کي
رستي جي گپ وانگر لتاڙي ڇڏيندا.
جيئن ته آءٌ خداوند انهن سان گڏ آهيان،
تنهنڪري هو وڙهندا،
۽ گهوڙي سوارن کي اونڌي منهن ڪيرائي ڇڏيندا.

6 آءٌ يهوداه وارن توڙي اسرائيل وارن کي مضبوط ڪندس،
هائو، آءٌ انهن کي فتحياب ڪندس.
آءٌ انهن کي موٽائي سندن وطن ۾ وري آباد ڪندس،
ڇاڪاڻته مون کي انهن تي رحم اچي ويو آهي.
آءٌ انهن جا حالات اهڙا ته بدلائي ڇڏيندس،
جو ڄڻ ته مون ڪڏهن کين رد ئي نه ڪيو هو،
ڇالاءِجو آءٌ خداوند سندن خدا آهيان ۽ آءٌ انهن جي ٻڌندس.
7 اسرائيل وارا جنگي جوڌا ٿيندا،
۽ انهن جون دليون مئي پيئندڙن وانگر خوش هونديون.
اهي ڳالهيون ياد ڪري سندن اولاد به سرهو ٿيندو،
۽ سندن دليون به مون خداوند جا هئڻ ڪري خوش هونديون.
8 آءٌ کين جلاوطنيءَ مان ڇڏائي
اشاري سان سڏي آڻي سندن وطن ۾ گڏ ڪندس.
پوءِ هو جيئن اڳي تعداد ۾ گهڻا هئا تيئن ئي وڌي گهڻا ٿيندا.
9 جيتوڻيڪ مون کين غير قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو آهي،
ته به هو ڏورانهن ملڪن ۾ مون کي ياد ڪندا.
هو پنهنجي اولاد سميت زنده رهندا ۽ وطن موٽي ايندا.
10 آءٌ کين مصر توڙي اشور ملڪ مان موٽائي آڻيندس،
۽ کين سندن وطن ۾ آڻي آباد ڪندس،
بلڪ کين گلعاد ۽ لبنان جي سرزمين ۾ به آڻي گڏ ڪندس.
اتي هو ايترا ته وڌي ويندا جو سڄو ملڪ ساڻن ڀرجي ويندو.
11 هو مصيبت جي سمنڊ مان لنگهي پار پوندا،
ڇالاءِجو آءٌ گجندڙ سمنڊ کي ڌڪ هڻي ماٺو ڪري ڇڏيندس،
۽ مصر جي نيل نديءَ کي تري تائين سڪائي ڇڏيندس.
هائو، مغرور اشور ڪنڌ ڀر ڪري پوندو،
۽ طاقتور مصر جي شاهي لٺ ڀڄي پوندي.
12 آءٌ کين پنهنجي طاقت بخشيندس،
۽ هو منهنجو نالو وٺي پيا هلندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

## ظالم حڪمرانن جو زوال

11 (1) اي لبنان! تون پنهنجون سرحدون کولي ڇڏ،
تہ جيئن باهہ تنهنجي ديال جي *وڻن کي هڙپ ڪري وڃي.
(2) اي صنوبر جا وڻ! تون بہ پنهنجو منهن مٿو پٽ،
ڇوتہ ديال جا ڳاهوڪا وڻ تباهہ ٿي ويا آهن،
۽ وڏي شان وارن جو شان مٽيءَ ۾ ملي ويو آهي.
هائو، اي ٻسن وارا شاهبلوط جا وڻ! تون بہ واءِويلا ڪر،
ڇوتہ گهاٽا ٻيلا پٽ پڌر ٿي ويا آهن.
(3) ظالم حڪمرانن جي روڄ راڙي جو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي،
ڇالاءِجو سندن شان وَ شوڪت تباهہ ٿي ويو آهي.
هائو، انهن شينهن جي ڏڪ ڀريو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي،
ڇالاءِجو اردن جي جن ٻيلن تي هو فخر ڪندا هئا،
سي ناس ٿي ويا آهن.

## ٻن ريڍارن جا مثال

(4) خداوند منهنجي خدا مون کي فرمايو تہ ”اي زڪرياه! تون ڪسڻ
واري †ڌڻ کي هڪ ريڍار وانگر چار. (5) انهن ڌڻن جا خريدار انهن
کي ڪهن ٿا پر ڪين ڪابہ سزا ڪانہ ٿي ملي. هوڏانهن انهن ڌڻن
کي وڪرو ڪندڙ ريڍار چون ٿا تہ ’خداوند جو شڪر آهي جو اسين
دولتمند ٿي ويا آهيون.‘ ائين انهن ڌڻن جا پنهنجا ريڍار بہ مٿن ترس
نہ ٿا کائين. (6) اي زڪرياه! مون انهيءَ ڪري تو کي اهو ڌڻ چارڻ لاءِ
چيو جو آءٌ خداوند هن ملڪ جي سڀني ماڻهن تي انهيءَ ڪسڻ واري
ڌڻ وانگر ڪوبہ رحم نہ ڪندس. ڏس، آءٌ هر ڪنهن کي سندس
همقوم حڪمران جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيڪو انهن تي ظلم
ڪندو. آءٌ انهن کي سندس هٿان نہ ڇڏائيندس.“
(7) سو آءٌ انهيءَ ڌڻ کي رڍن جي واپارين لاءِ چارڻ لڳس، جيڪو
ڪُس لاءِ مقرر هو. تڏهن مون بہ لٺيون ڪنيون جن مان هڪڙيءَ کي
”مهرباني“ ۽ ٻيءَ کي ”اتحاد“ سڏيم. اهڙيءَ طرح آءٌ ڌڻ کي چارڻ
لڳس.
(8) هڪڙي ئي مهيني ۾ مون ٽن ريڍارن کي پيچائي ڪڍيو، ڇالاءِجو
انهن مون کان نفرت ٿي ڪئي، آءٌ بہ انهن مان بيزار ٿي پيس. (9) آءٌ
ڌڻ مان بہ بيزار ٿي پيس ۽ ان کي چيم تہ ”آءٌ هاڻ وڌيڪ تنهنجو
ريڍار نہ ٿيندس. جيڪو مري ٿو سو ڀلي مري ۽ جيڪو ناس ٿو ٿئي
سو ڀلي تہ ناس ٿئي. باقي جيڪي بچي وڃن سي ڀلي تہ هڪ ٻئي
جون ٻوٽيون کائين.“
(10) پوءِ مون اها لٺ ڀڃي ڇڏي جنهن جو نالو ”مهرباني“ هو، ڇڻ
تہ ان عهد کي منسوخ ڪري ڇڏيم جيڪو خداوند قومن سان ڪيو
هو. (11) سو اهو عهد ان ڏينهن تي ئي منسوخ ٿي ويو. تڏهن رڍن جي
واپارين اهو سڀ ڏسي سمجهي ورتو تہ هي خداوند جو پيغام آهي.
(12) مون کين چيو تہ ”جيڪڏهن اوهين بهتر سمجهو ٿا تہ مون کي
منهنجي مزوري ڏيو، نہ تہ نہ ڏيو.“ سو هنن مون کي مزوريءَ طور
جيڪا چاندي توري ڏني سا رڳو ٽيهہ سڪا هئي.
(13) پوءِ خداوند مون کي حڪم ڏنو تہ ”اهي سڪا هيڪل جي خزاني
۾ ڏيئي ڇڏ.“ سو چانديءَ جا اهي ٽيهہ سڪا، جيڪي هنن مون کي
منهنجي پوري مهيني جي مزوريءَ لاءِ هڪ وڏي رقم سمجهي ڏني
هئي، سا مون خداوند جي گهر جي خزاني ۾ ڏيئي ڇڏي.
(14) تڏهن مون پنهنجي ٻي لٺ بہ ڀڃي ڇڏي جنهن جو نالو ”اتحاد“
هو. ائين ڪرڻ سان ڄڻ مون يهوداه وارن ۽ اسرائيل وارن جي برادريءَ
کي ٽوڙي ڇڏيو.
(15) پوءِ خداوند مون کي فرمايو تہ ”تون هاڻي وري ريڍارن
وارو سامان پاڻ سان کڻ. هن دفعي تون بيوقوف ريڍار ٿيندين.
(16) ڇالاءِجو ڏس، آءٌ پنهنجي قوم جي سار سنڀال لاءِ هڪ اڳواڻ ڪڙو
ڪرڻ وارو آهيان، جيڪو اهڙي ريڍار وانگر هوندو جيڪو نہ ناس ٿي
ويل رڍن جي ڪا خبرچار لهي ٿو، نہ ڪٿو ڪٿو ٿي ويلن جي ڳولها
ٿو ڪري، نڪي زخمين جو علاج ٿو ڪري ۽ نہ وري صحتمندن جي
پرورش ٿو ڪري، بلڪ هو رڳو ٿلهين متارين رڍن جو گوشت ٿو کائي
۽ انهن جا کُر ڇني ٿو اڇلائي.

(17) ويل آهي انهيءَ نالائق ريڍار لاءِ!
جيڪو ڌڻ کي ڇڏي ٿو وڃي.
هن جي ٻانهن سڪي ويندي،
۽ سندس ساڄي اک صفا انڌي ٿي پوندي.
هائو، ويل آهي انهيءَ نالائق حڪمران لاءِ!
جنگ ۾ سندس طاقت بلڪل ختم ٿيندي.“

## غير قومن کان يروشلم جو بچاءُ

12 (1) بني اسرائيل بابت خداوند جو هي پيغام آهي. اهو خداوند،
جنهن آسمان کي پکيڙيو آهي، زمين جو بنياد وڌو اٿس ۽
انسان جي اندر روح ڦوڪيو اٿس، سو فرمائي ٿو تہ (2)-(3) ”دنيا جون
سڀ قومون يروشلم شهر آڏو اچي گڏ ٿينديون ۽ شهر سميت سڄي
يهوداه کي گهيري هيٺ آڻي ڇڏينديون. پر ڏسو، انهيءَ ڏينهن آءٌ
يروشلم کي انهن گڏ ٿيل سڀني قومن کي سزا ڏيڻ لاءِ مٽي جي اهڙي

*وڻن: هنن آيتن ۾ وڻن مان مراد ظالم حڪمرانن جي طاقت ۽ شان وَ شوڪت آهي.

†ڌڻ ۽ ريڍار: هنن آيتن ۾ ريڍار لفظ حڪمرانن ۽ اڳواڻن ڏانهن اشارو آهي، جڏهن تہ ڌڻن مان مراد سندن رعيت آهي.

12:11 مت 15:26 13–12:11 مت 27:9–10

پيالي مثل بڻائيندس، جنهن مان پيئڻ وارو ٿاٻڙجي ڪري ٿو. هائو،
آءٌ يروشلم کي سڀني قومن لاءِ اهڙو ڳرو پٿر بڻائيندس جو جيڪو به
ان کي کڻڻ جي ڪوشش ڪندو سو پاڻ کي ڦٽي وجهندو.
4 انهيءَ ڏينهن آءٌ خداوند انهن قومن جي هر گهوڙي کي ڏاهه
ڏيندس ۽ انهن جي سوارن کي ديوانو ڪري ڇڏيندس. آءٌ يهوداه وارن
جي نگهباني ڪندس، پر سندن دشمن جي سڀني گهوڙن کي انڌو
ڪري ڇڏيندس. 5 تڏهن يهوداه جا اڳواڻ پنهنجي دل ۾ چوندا ته
'يروشلم جا رهاڪو قادرمطلق خداوند پنهنجي خدا جي ڪري اسان
جي طاقت آهن.'
6 انهيءَ ڏينهن آءٌ يهوداه جي اڳواڻن کي ايڏو طاقتور بڻائيندس
جو هو پنهنجي آس‌پاس وارين سڀني قومن کي ڳڙڪائي ويندا. هائو،
اهي اڳواڻ دشمنن لاءِ ڪاٺين جي ڪوڙ ۾ ٻرندڙ شعلي وانگر ۽ اناج
جي ول جي ڳڍن ۾ باهه لڳائيندڙ مشعل وانگر ٿيندا. جڏهن ته
يروشلم پنهنجي جاءِ تي جيئن جو تيئن قائم رهندو.
7 پر آءٌ خداوند پهريائين يروشلم کان اڳ ۾ سڄي يهوداه جي
آس‌پاس وارن کي فتح بخشيندس، انهيءَ لاءِ ته دائود جي گهراڻي
۽ يروشلم جي رهاڪن جو شان باقي يهوداه وارن کان وڌي نه وڃي.
8 پوءِ آءٌ خداوند يروشلم جي رهاڪن جي به حفاظت ڪندس، انهيءَ
لاءِ ته انهن مان ضعيف ترين ماڻهو به دائود وانگر طاقتور ٿين ۽ دائود
جو گهراڻو وڏيءَ عظمت وارو ٿئي، ايتري قدر جو اهي منهنجي قوم
جي اهڙيءَ طرح اڳواڻي ڪن جو ڄڻ ته آءٌ خداوند پنهنجي فرشتي
جي وسيلي سندن اڳواڻي ٿو ڪريان. 9 انهيءَ ڏينهن آءٌ يروشلم تي
ڪاهي ايندڙ سڀني قومن کي برباد ڪري ڇڏيندس."
10 خداوند فرمائي ٿو ته "آءٌ دائود جي گهراڻي ۽ يروشلم جي
رهاڪن تي اهڙو روح نازل ڪندس جو اهي رحمدل ۽ دعا گهرندڙ
ٿي پوندا. تڏهن هو انهيءَ تي نگاهه ڪندا، جنهن کي هنن زخم
رسائي ماريو هوندو. هو انهيءَ جي لاءِ ائين روج راڙو ڪندا، جيئن
ڪو پنهنجي سڪيلڌي ٻار لاءِ ڪندو آهي. هو انهيءَ لاءِ ڏاڍو ڏک
ڪندا، جيئن ڪو پنهنجي پهريتي ٻار لاءِ ڪندو آهي. 11 انهيءَ ڏينهن
يروشلم ۾ ايڏو ته وڏو سوڳ ڪيو ويندو، جهڙيءَ طرح مگدون جي
ماٿريءَ ۾ *هدد رمون جي لاءِ سوڳ ڪيو ويندو آهي. 12–14 سڄي
ملڪ جو هر ڪو گهراڻو جدا جدا سوڳ ڪندو، يعني دائود جو
گهراڻو، ناتن جو گهراڻو، لاويءَ جو گهراڻو، سمعي جو گهراڻو ۽
باقي ٻيا سڀ گهراڻا. هر گهراڻي جا مرد جدا پيا روئندا رڙندا ته
عورتون جدا پيون روئنديون رڙنديون."

## گناهن کان پاڪ صاف ٿيڻ

13 1 انهيءَ ڏينهن دائود جي گهراڻي ۽ يروشلم جي رهاڪن
کي سندن گناهن ۽ ناپاڪائيءَ کان ڌوئي پاڪ صاف ڪرڻ
لاءِ هڪڙو چشمو جاري ٿيندو.
2 قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو ته "انهيءَ ڏينهن آءٌ سڄي ملڪ
مان سڀني بتن جو نالو نشان مٽائي ڇڏيندس ۽ اڳتي انهن کي ڪوبه
ياد نه ڪندو. آءٌ نبي سڏائيندڙن کي به ملڪ مان ڪڍي ڇڏيندس
۽ ماڻهن جي دلين مان ناپاڪ خواهشن کي ختم ڪري ڇڏيندس.
3 اڃا به جيڪڏهن ڪو منهنجي نالي سان ڪوڙو پيغام ڏيندو، ته
پوءِ سندس ماءُپيءُ جن کيس ڄڻيو آهي، سي پاڻ سندس موت جي
فتويٰ ڏيندا، ڇاڪاڻ‌ته هو مون خداوند جو نالو وٺي ڪوڙ ٿو ڳالهائي.
سو جڏهن هو پيغام ٻڌائيندو تڏهن سندس پنهنجا ماءُپيءُ ئي کيس
خنجر هڻي ماري ڇڏيندا.
4 انهيءَ ڏينهن نبي سڏائيندڙ پنهنجي پيغام ٻڌائڻ کان شرمندا
ٿيندا. پوءِ اهي ماڻهن کي ٺڳڻ لاءِ وري نبين جي پائڻ وارا خسيس
جبا نه پائيندا. 5 اٽلندو انهن مان هر ڪو چوندو ته 'آءٌ نبي ناهيان.
آءٌ ته هڪ هاري آهيان ۽ ننڍپڻ کان وٺي منهنجو گذارو زمين تي
آهي.' 6 جيڪڏهن ڪو کانئس پڇندو ته 'تنهنجي جسم تي نبين
جهڙا هي زخم ڇا جا آهن؟' ته هو جواب ڏيندو ته 'هي اُهي زخم
آهن جيڪي مون کي پنهنجي دوستن جي گهر ۾ رسيا آهن.'"

## خداوند جو ريڍار کي ڏک هڻڻ جو حڪم

7 قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو ته
"آءٌ قوم جي †ريڍار کي تلوار هڻي ڪيندس،
۽ پوءِ سندس رڍون ڇڙوڇڙ ٿي وينديون.
هائو، آءٌ سندس سڄي ڌڻ جي خلاف پنهنجو هٿ کڻندس.
سو اي تلوار! منهنجي ريڍار خلاف اُٿي کڙي ٿيءُ،
يعني انهيءَ جي خلاف جيڪو منهنجو خاص ٻانهو آهي.
8 تڏهن سڄي ملڪ مان ماڻهن جا ٻه حصا مارجي ويندا،
۽ رڳو ٽيون حصو وڃي بچندا.
9 آءٌ انهيءَ ٽئين حصي کي پاڪ صاف ڪندس،
هائو، ڪين سون ۽ چانديءَ وانگر باهه ۾ تپائي صاف ڪندس.
پوءِ هو منهنجو نالو وٺي پڪاريندا ۽ آءٌ کين ورندي ڏيندس.
هو چوندا ته 'خداوند ئي اسان جو خدا آهي،'
۽ آءٌ چوندس ته 'هيءَ منهنجي قوم آهي.'"

---

*هدد رمون: گهڻو ڪري هي بعل ديوتا جو هڪڙو نالو آهي، جنهن کي ڪنعان ۽ شام جي علائقن ۾ ساوڪ جو ديوتا ڪري مڃيو ويندو هو. هر سال جڏهن ساوڪ سڪي ويندي هئي، تڏهن سندس پوڄاري سمجهندا هئا ته سندن ديوتا مري ويو آهي. سو هو ان لاءِ وڏو سوڳ ڪندا هئا.

† ريڍار: ڏسو زڪرياه 11:4.

12:10 يو 19:37، مڪا 1:7 — 12:10–14 مت 24:30، مڪا 1:7 — 13:7 مت 26:31، مر 14:27

## يروشلم ۾ خداوند جو راڄ

14 1 اي يروشلم وارؤ! ڏسو، خداوند جو فيصلي وارو ڏينهن
اچي ٿو. انهيءَ ڏينهن چا ٿيندو جو اوهان جا دشمن اوهان
مان مال لٽي ڦري اوهان جي روبرو پاڻ ۾ ورهائيندا. 2 ياد رکو،
انهيءَ ڏينهن خداوند سڀني قومن کي يروشلم وٽ گڏ ڪندو، تان‌ته
اهي اوهان سان جنگ جوٽين. اوهان جي شهر تي قبضو ڪيو ويندو،
گهر لٽيا ويندا ۽ عورتن جي بي‌حرمتي ڪئي ويندي. شهر جا اڌ ماڻهو
جلاوطن ڪيا ويندا، باقي جيڪي بچيل هوندا سي شهر ۾ ئي رهندا.
3 پر پوءِ خداوند نڪري اوهان جي دشمن قومن سان وڙهندو، جيئن
هو اڳ اوهان جي طرفان وڙهندو رهيو آهي. 4 انهيءَ ڏينهن يروشلم
جي سامهون اوڀر ۾ هو زيتون جي ٽڪر تي اچي بيهندو ۽ انهيءَ
ٽڪر کي اولهه کان اوڀر تائين ٻن حصن ۾ چيري ڇڏيندو. اهڙيءَ
طرح هڪڙي وڏي ماٿري ٺهي پوندي، ڇو جو اڌ ٽڪر اتر ڏانهن ۽ اڌ
ڏکڻ ڏانهن هٽي ويندو. 5 تڏهن اوهان انهيءَ پوري ماٿريءَ منجهان
لنگهي ٻاهر ڀڄي ويندا، جيڪا آضل ڳوٺ تائين وڃي نڪرندي. اوهين
اتان ائين ڀڄي نڪرندا، جيئن يهوداه جي بادشاهه عُزياه جي زماني
۾ اوهان جا ابا ڏاڏا زلزلي کان ڀڄي نڪتا هئا. تڏهن خداوند منهنجو
خدا ايندو ۽ سندس سڀ پاڪ هستيون به ساڻس گڏ هونديون.
6 انهيءَ وقت پاري جهڙي ٿڌ نه هوندي، بلڪ نه گرمي هوندي،
نڪي ٿڌ هوندي. 7 اُنهيءَ وقت لڳاتار روشني هوندي ۽ رات ڏينهن
جو چڪر ختم ٿي ويندو، ڇالاءِجو رات جي وقت به اها روشني ختم
نه ٿيندي. ان وقت بابت خدا ئي ڄاڻي ٿو.
8 انهيءَ ڏينهن يروشلم مان آبِ‌حيات جو چشمو وهي نڪرندو،
جنهن جو اڌ اڀرندي پاسي کاري سمنڊ ڏانهن وهندو ۽ اڌ الهندي
پاسي پونوچ سمنڊ ڏانهن. اهو چشمو اونهاري توڙي سياري وهندو
رهندو. 9 سڄيءَ دنيا تي خداوند جي ئي بادشاهي هوندي. ان ڏينهن
رڳو خداوند کي ئي معبود مڃيو ويندو ۽ رڳو سندس ئي عبادت
ڪئي ويندي.
10 اتر ۾ گبع کان وٺي ويندي ڏکڻ ۾ رمون تائين سڄو ملڪ سنئون
سڌو ميدان ٿي پوندو، جڏهن ته يروشلم شهر بلنديءَ تي هوندو. هي
شهر بنيامين دروازي کان ڪنڊ نالي پراڻي دروازي تائين ۽ حنن‌ايل
ٽُلهه کان انگورن جي شاهي چيچڙن تائين پکڙجي ويندو. 11 يروشلم
تي وري ڪڏهن به تباهي نه ايندي، بلڪ اهو هميشه آباد ۽ سلامت
رهندو.
12 جيڪي به قومون يروشلم تي حملا ٿيون ڪن تن تي خداوند
هي آفتون آڻيندو، جو بيٺي بيٺي سندن ماڻهن جو ماس ڳري ويندو،
سندن اکيون سندن کانچن ۾ ڳري ونديون ۽ سندن زبانون سندن واتن
۾ ڳري سڙي ونديون. 13 انهيءَ ڏينهن خداوند ماڻهن ۾ ايڏي ته
افراتفري وجهي ڇڏيندو، جو هر ماڻهوءَ کي جيڪو به ٻيو ماڻهو هٿ
ايندو تنهن تي هو حملو ڪري ڏيندو. 14 يهوداه وارا به يروشلم جي
طرفان وڙهندا ۽ آس‌پاس وارن ملڪن جي دولت يعني سون، چاندي ۽
ڪپڙا وڏي مقدار ۾ گڏ ڪندا. 15 جيڪا آفت يروشلم تي حملو ڪندڙ
ماڻهن تي آئي هئي، اها ساڳي ئي آفت گهوڙن، خچرن، اٺن ۽ گڏهن
توڙي دشمنن جي لشڪرگاهن ۾ موجود سڀني جانورن تي نازل ٿيندي.
16 جيڪي قومون يروشلم سان وڙهڻ لاءِ آيون هونديون، تن سڀني
مان جيڪي بچي ويا هوندا، سي بعد ۾ قادرمطلق خداوند کي
بادشاهه مڃيندي سندس عبادت ڪرڻ ۽ تنبن واري عيد ملهائڻ لاءِ
هر سال يروشلم ۾ ايندا رهندا. 17 دنيا جي قومن مان جيڪڏهن ڪابه
قوم قادرمطلق خداوند کي بادشاهه مڃيندي سندس عبادت ڪرڻ
لاءِ يروشلم ۾ نه ايندي ته پوءِ اها مِينهن کان محروم رهندي.
18 جيڪڏهن مصري قوم به عبادت لاءِ نه ايندي ته اها به مِينهن کان
محروم رهندي. هائو، انهن تي به اها مصيبت نازل ٿيندي، جيڪا
تنبن واري عيد ملهائڻ لاءِ نه ايندڙ قومن تي خداوند نازل ڪندو.
19 مصر بلڪ انهن سڀني قومن لاءِ اها ئي سزا هوندي، جيڪي تنبن
واري عيد ملهائڻ نه ايندا.
20 انهيءَ ڏينهن گهوڙن جي گهُنگهرن تي لکيل هوندو ته ”خداوند
جي لاءِ مخصوص“. خداوند جي گهر جا سمورا ٿانوَ قربان‌گاهه جي
پيالن وانگر رڳو خداوند لاءِ مخصوص هوندا. 21 يروشلم بلڪ سڄي
يهوداه جو هر هڪ ٿانوُ قادرمطلق خداوند جي لاءِ مخصوص ٿيندو ۽
جيڪي ماڻهو قربانيون ڪرڻ لاءِ ايندا سي سڀ اُهي ٿانوَ ڪٽي انهن
۾ قربانيءَ وارو گوشت رڌيندا پچائيندا. سو انهيءَ ڏينهن قادرمطلق
خداوند جي گهر ۾ ڪوبه انهن مخصوص ٿانون جو واپار نه ڪندو.

---

8:14 حز 1:47، يو 38:7، مڪا 1:22 11:14 مڪا 3:22 16:14 لاو 39:23–43

# ملاڪي

## ملاڪي نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”ملاڪي“ نالي هي مقدس ڪتاب پنجين صدي قبل مسيح ۾ انهيءَ وقت لکيو ويو، جڏهن يروشلم ۾ هيڪل نئين سر اڏيو ويو هو. ملاڪي نبيءَ جو گهڻو زور انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ ڪاهن ۽ ٻيا ماڻهو خدا سان ڪيل عهد سان وفادار رهڻ جي تجديد ڪن. اهو صاف ظاهر آهي تہ خدا جي ماڻهن ۾ خدا جي عبادت ڪرڻ ۾ ڪاهلي هئي ۽ سچائي ڪانہ هئي. ملاڪي نبيءَ ڪاهنن ۽ ٻين ماڻهن کي چتاءُ ڏنو تہ خدا کي نذرانا پيش نہ ڪري ڪيس خسيس ٿا سمجهن، جيڪي ڪين ڪنهن بہ صورت ۾ ڏيڻا هئا. ان کان علاوه هو پنهنجي خدا جي حڪمن موجب زندگي ڪين گذاري رهيا هئا. سو حضرت ملاڪيءَ پيغام ڏنو تہ خدا ايندو ۽ پنهنجي ماڻهن سان انصاف ڪري ڪين پاڪ صاف ڪندو. پنهنجي اچڻ کان اڳ هو پنهنجو پيغمبر موڪليندو تہ جيئن هو سندس لاءِ راهہ هموار ڪري ۽ هن جي عهد جي تبليغ ڪري.

سِٽاءُ

بني اسرائيل جا گناهہ 16:2–1:1
خدا جي عدالت ۽ سندس رحم 6:4–17:2

---

### بني اسرائيل لاءِ خداوند جي محبت

1 ① هي پيغام خداوند جي طرفان، ملاڪي نبيءَ جي معرفت بني
اسرائيل ڏانهن آهي. ② خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو
تہ ”مون اوهان سان محبت رکي.“ پر اهي چون ٿا تہ ”تو ڪهڙيءَ
ڳالهہ ۾ اسان سان محبت ظاهر ڪئي آهي؟“ خداوند وراڻي ٿو ڏئي
تہ ”عيسو ۽ يعقوب پاڻ ۾ ڀائر هئا، تڏهن بہ مون يعقوب سان ۽
سندس نسل سان محبت رکي ③ ۽ عيسوءَ ۽ سندس نسل سان نہ.
سندن جبلن کي ويران ڪري ڇڏيم ۽ سندن ملڪ جهنگلي گدڙن
جي حوالي ڪري ڇڏيم.“ ④ هاڻي جڏهن عيسوءَ جو اولاد *ادومي
چوي تہ ”اسين برباد تہ ٿي ويا آهيون، پر انهن کنڊرات کي وري
اڏينداسين،“ تڏهن قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”جيڪڏهن
هو اڏيندا تہ بہ آءٌ اهي ڊاهي ڇڏيندس. ماڻهو انهن جي ملڪ کي
بڇڙائيءَ جو ملڪ ۽ ڪين اهڙي قوم سڏيندا جنهن تي هميشہ مون
خداوند جو قهر هجي.“ ⑤ بني اسرائيل پنهنجين اکين سان اهو ڏسندي
ڏسندا ۽ پوءِ مڃيندا تہ ”خداوند جي عظمت اسرائيل ملڪ جي سرحد
کان ٻاهر بہ ظاهر آهي.“

### ڪاهنن کي خداوند جو چتاءُ

⑥ قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي منهنجي نالي کي خسيس
ڄاڻيندڙ ڪاهنؤ! جڏهن تہ پٽ پنهنجي پيءُ جي ۽ نوڪر پنهنجي مالڪ
جي عزت ٿو ڪري، سو جيئن تہ آءٌ پيءُ آهيان تہ پوءِ منهنجي عزت
ڇو نہ ٿا ڪريو؟ جڏهن تہ آءٌ مالڪ آهيان تہ پوءِ منهنجو خوف ڇو نہ
ٿا ڪريو؟ وري ائين بہ ٿا چئو تہ ’اسان ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ تنهنجي
نالي کي خسيس ڄاتو آهي؟‘ ⑦ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ اوهين
منهنجي قربانگاهہ تي ناپاڪ نذرانا ٿا پيش ڪريو. تنهن هوندي بہ
اوهين چئو ٿا تہ ’اسان ڪهڙيءَ طرح تنهنجي گستاخي ڪئي آهي؟‘
اوهين مون خداوند جي قربانگاهہ کي حقير ڄاڻي منهنجي بيادبي
ٿا ڪريو. ⑧ جڏهن اوهين انڌن جانورن جي قرباني ٿا ڪريو تہ ڇا
اها بڇڙائي ناهي؟ جڏهن اوهين منڊن ۽ بيمار جانورن جي قرباني ٿا
ڪريو تہ ڇا اها ڪا خرابي ڪانهي؟ هاڻي اهڙي قسم جون قربانيون
جيڪڏهن اوهين پنهنجي گورنر کي ڏيو، تہ ڇا اهو اوهان مان راضي
ٿيندو ۽ اوهان تي مهربان ٿيندو؟“

---

*ادومي: انهن جو علائقو اسرائيل ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

3–2:1 رو 13:9    5–2:1 يس 34:5–17، 63:1–6، ير 49:7–22، حز 25:12–14، 35:1–15، عا 1:11–12، عبد 1–14    8:1 شر 21:15

(9) قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”هاڻي اي ڪاهنؤ! اوهين
جيڪڏهن اهڙيءَ طرح مون خدا کان مهرباني گهرندا رهندا تہ ڇا آءٌ
اوهان تي رحم ڪندس ۽ اوهان جي هٿن جي اهڙين قربانين سان ڇا
آءٌ اوهان سان راضي ٿيندس؟ (10) جيڪر اوهان منجهہ ڪو اهڙو هجي
جيڪو منهنجي عبادت‌گاهہ جا دروازا بند ڪري ڇڏي، تہ جيئن
اوهين منهنجي قربان‌گاهہ تي اهڙي اجائي نموني قربانيون نہ ساڙي
سگهو. آءٌ اوهان مان راضي نہ آهيان، نہ ئي آءٌ اوهان جي هٿان نذرانا
قبول ڪندس. (11) دنيا جي هڪڙيءَ ڪنڊ کان وٺي ٻيءَ ڪنڊ تائين
ٻين قومن ۾ منهنجي واکاڻ پئي ٿئي. هر هنڌ منهنجي لاءِ لوبان پيا
ٻارين ۽ پاڪ نذرانا پيا پيش ڪن. درحقيقت انهن قومن ۾ منهنجو
نالو ساراهيو وڃي ٿو. (12) پر اوهين هي سوچيندي منهنجي نالي جي
بي‌ادبي ٿا ڪريو تہ ’خداوند جي قربان‌گاهہ ناپاڪ آهي ۽ انهيءَ تي
پيش ڪيل نذرانو نفرت جوڳو آهي.‘ (13) اوهين ائين بہ ٿا سوچيو تہ
’هيءَ ڪهڙي نہ اسان سان جٽ آهي،‘ سو اوهين انهيءَ تي منهن ۾
گهنج ٿا وجهو. اوهين زوريءَ کسيل، منڊا ۽ بيمار جانور قربانيءَ لاءِ
آڻيو ٿا، ڇا آءٌ اهي اوهان جي هٿان قبول ڪندس؟ (14) سو لعنت آهي
اهڙي دغاباز تي جنهن جي ڌڻ ۾ باسيل بي‌عيب نر موجود تہ آهي،
پر تنهن هوندي بہ هو مون پروردگار لاءِ عيب وارو جانور قربان ٿو
ڪري. آءٌ وڏو بادشاهہ آهيان ۽ دنيا جون سڀ قومون منهنجو ادب
ڪن ٿيون.“

2 (1) قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي ڪاهنؤ! اوهان جي لاءِ
هي حڪم آهي، (2) تہ جيڪڏهن اوهين منهنجي ڳالهين تي ڌيان
نہ ڏيندا ۽ منهنجي نالي جي تعظيم جي پرواهہ نہ ڪندا، تہ پوءِ
آءٌ اوهان تي لعنت موڪليندس ۽ اوهان کي جيڪي فضيلتون ڏنيون
اٿم، تن تي بہ لعنت وجهندس. سچ‌پچ تہ مون اڳي ئي انهن تي
لعنت وجهي ڇڏي آهي، ڇالاءِجو اوهين منهنجي ڳالهين تي ڌيان نہ
ٿا ڏيو. (3) ياد رکو، منهنجي اها لعنت اوهان جي نسلن تائين اوهان
تي پوندي رهندي. آءٌ اوهان جي قربان ڪيل جانورن جو اوجهہ اوهان
جي منهن تي ملي ڇڏيندس. اوهين انهيءَ ڇيڻي سان گڏ منهنجي
حضور کان ٻاهر گند ڪچري واري جاءِ ۾ اڇلايا ويندا. (4) پوءِ اوهين
ڄاڻي وٺندا تہ مون اهو حڪم اوهان کي انهيءَ لاءِ ڏنو هو تہ اوهين
منهنجي ڳالهين تي ڌيان ڏيو تہ جيئن منهنجو عهد اوهان *لاويءَ
جي گهراڻي وارن سان قائم رهي.

(5) شروعات ۾ مون پنهنجي عهد ۾ اوهان جي وڏن جون زندگيءَ
جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ سلامتي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ۽
اهي مون کين انهيءَ لاءِ عطا ڪيون تہ جيئن اهي شڪرگذاريءَ سان
منهنجي بندگي ڪندا رهن. سچ‌پچ تہ هنن ائين ئي ڪيو ۽ منهنجي
تعظيم بہ ڪيائون. (6) سچائيءَ جي تعليم سندن زبان تي هئي ۽
سندن چپن تي ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ آيو. هو منهنجي واٽن تي صلح
۽ سچائيءَ سان هليا ۽ ماڻهن کي بڇڙائيءَ جي راهہ کان ڦيرائي
آندائون. (7) بيشڪ ڪاهن جو اهو ئي فرض آهي تہ ڪيس مون خدا
بابت صحيح ڄاڻ هجي، تہ جيئن ماڻهو ڪائنس شريعت جي تعليم
حاصل ڪن، ڇوتہ ڪاهن مون قادرِمطلق خداوند جو پيغام ڏيندڙ
آهي.“

(8) قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”پر اي ڪاهنؤ! اوهين هاڻ
صحيح راهہ کان هٽي ويا آهيو. اوهان جي تعليم سان ماڻهو گمراهہ
ٿي ويا آهن. اوهان انهيءَ عهد کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، جيڪو مون
اوهان جي لاوي گهراڻي سان ڪيو هو. (9) تنهنڪري آءٌ بہ اوهان کي
سڀني ماڻهن جي نظر ۾ ذليل ۽ حقير ٿو ڪريان، انهيءَ لاءِ جو اوهين
منهنجي راهہ تي قائم نہ رهيا آهيو ۽ شرعي معاملن جي پاسخاطري
نہ ڪئي اٿوَ.“

## خدا سان بي‌اعتقادي

(10) ڇا مون ملاڪيءَ جو ۽ اوهان جو هڪڙو ئي پيءُ ناهي؟ ڇا
هڪڙي ئي خدا اسان سڀني کي پيدا نہ ڪيو آهي؟ پوءِ ڇو اسين هڪ
ٻئي سان دغا ڪري پنهنجي ابن ڏاڏن جي عهد جي بي‌حرمتي ٿا
ڪريون؟ (11) اوهان يهوداہ وارن خداوند سان بي‌وفائي ڪندي يروشلم
۾ ڪڏو ڪم ڪيو آهي. هائو، اوهان غير معبودن سان تعلق جوڙي
خداوند جي پاڪ ۽ پياري گهر جي بي‌حرمتي ڪئي آهي. (12) خداوند
چاهي ٿو تہ هو هر انهيءَ ماڻهوءَ کي پنهنجي عهد مان خارج ڪري
ڇڏي، جيڪو اهڙو ڪم ڪري، پوءِ اهو ڪٽي ڪير بہ هجي، توڙي
اهو جيڪو قادرِمطلق خداوند لاءِ نذرانو پيش ڪري ٿو.

(13) ٻي ڳالهہ اوهين هيءَ بہ ٿا ڪريو جو قربان‌گاهہ وٽ ڏاڍو روئو
رڙو ٿا ۽ آهون دانهون ٿا ڪريو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جي نذرانن
جو لحاظ نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي وري هو انهن مان راضي ٿو ٿئي.
(14) اوهين پڇو ٿا تہ هو راضي ڇو نہ ٿو ٿئي؟ اهو انهيءَ ڪري جو
خداوند ڏسي ٿو تہ اوهان †پنهنجي زال سان بي‌وفائي ڪئي آهي،
جنهن سان اوهان نوجوانيءَ ۾ شادي ڪئي هئي. هوءَ اوهان جي
ساٿي آهي جنهن سان خدا اڳيئي ڪيل وفاداريءَ واري واعدي کي اوهان
ٽوڙي ڇڏيو آهي. (15) ڇا خدا اوهان ٻنهي کي انهيءَ واعدي موجب
گڏجي هڪ بدن ۽ هڪ روح ٿيڻ لاءِ نہ چيو آهي؟ خدا اهو انهيءَ
لاءِ ڪيو تہ جيئن اوهان مان اهڙا ٻار پيدا ٿين جيڪي خدا جا هجن.
سو اوهان کي انهيءَ واعدي جي سنڀال ڪرڻي آهي. (16) خداوند، بني
اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ”آءٌ طلاق کان نفرت ٿو ڪريان، جنهن

---

*لاويءَ جي گهراڻي وارن: يعني ڪاهنن سان، ڇوتہ ڪاهن لاوي قبيلي مان ئي هوندا هئا.

†پنهنجي زال سان بي‌وفائي: هن سڄي حصي ۾ گهڻو ڪري خداوند سان ڪيل انهيءَ عهد ڏانهن اشارو ڪيل آهي، جنهن عهد جي بني اسرائيل پڄڪڙي ڪئي هئي.

4:2 ڳا 3:11–13  5:2 ڳا 12:25

جي ذريعي اوهين پنهنجي زال سان ظلم ٿا ڪريو. سو اوهان لاءِ
اهو ضروري آهي تہ اوهين پنهنجي زال سان ڪيل وفاداريءَ واري
واعدي تي قائم رهو.“

## عدالت جو ڏينهن

17 اوهان پنهنجين ڳالهين سان خداوند کي بيزار ڪري ڇڏيو آهي.
پوءِ بہ چئو ٿا تہ ”اسان ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ ڪيس بيزار ڪيو آهي؟“
اوهان خداوند کي انهيءَ ڳالهہ ۾ بيزار ڪيو آهي جو چئو ٿا تہ
”برائي ڪندڙ هر ماڻهو خدا جي نظر ۾ چڱو آهي ۽ خدا انهيءَ مان
خوش آهي.“ ٻيو هن ڳالهہ جي ڪري جو چئو ٿا تہ ”اهو خدا ڪٿي
آهي جنهن کي عادل خدا سمجهيو ويندو آهي؟“

3 1 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”آءٌ پنهنجو هڪ پيغمبر
موڪلڻ وارو آهيان، جيڪو منهنجي لاءِ راهہ تيار ڪندو. اهو
پيغمبر جنهن جي اوهان کي آرزو آهي، سو اچي اوهان کي مون سان
ڪيل عهد ياد ڏياريندو. پوءِ آءٌ خداوند جنهن جي اوهين عبادت
ڪريو ٿا، سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندس.“ 2 جڏهن اهو پيغمبر
ظاهر ٿيندو تڏهن ڪوبہ سندس اڳيان بيهي نہ سگهندو، ڇالاءِجو
هو سوناري جي باهہ ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ وانگر آهي. 3 هو سوناري
وانگر ويهي ڪاهنن کي سون ۽ چانديءَ وانگر پاڪ صاف ڪندو،
تہ جيئن هو سچائيءَ سان خداوند جي حضور ۾ نذرانا آڻين. 4 پوءِ
يروشلم بلڪ سڄي يهوداه وارن جا نذرانا خداوند وٽ قبول پوندا،
جهڙيءَ طرح اڳين ڏينهن ۾ قبول پوندا هئا.

5 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”آءٌ اوهان وٽ ايندس ۽
جادوگرن، زناڪارن، ڪوڙا قسم کڻندڙن، پورهيت کي پوري مزوري
نہ ڏيندڙن، رنن‌زالن ۽ يتيمن تي ظلم ڪندڙن ۽ اوهان منجهہ رهندڙ
ڌارين سان ناحق ڪندڙن، انهن سڀني جو آءٌ تڪڙو فيصلو ڪندس
ڇوتہ هو اهي ڪم ڪندي مون کان ڪين ٿا ڊڄن.“

## خدا سان ٺڳي ڪرڻ

6 خداوند فرمائي ٿو تہ ”آءٌ خداوند پنهنجي واعدي تان نہ ڦرندو
آهيان، انهيءَ ڪري اي يعقوب جو اولاد! اوهين پوريءَ طرح برباد
نہ ٿيا آهيو. 7 اوهين پنهنجي ابن ڏاڏن جي زماني کان وٺي منهنجي
شريعت جي اصولن کي نہ مڃيندي انهن جي پيڇڪڙي ڪندا آيا آهيو.
اوهين مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيو تہ آءٌ بہ وري اوهان تي مهربان ٿيان.
پر اوهين چئو ٿا تہ ’اسين ڪهڙيءَ ڳالهہ لاءِ توبهہ‌تائب ٿيون؟‘
8 ڀلا ڪو انسان مون خدا سان بہ ٺڳي ڪندو؟ پر اوهين مون سان
ٺڳي ٿا ڪريو ۽ وري پڇو بہ ٿا تہ ’ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ اسين تو
سان ٺڳي ٿا ڪريون؟‘ اوهين ڪمائيءَ جي ڏهين حصي ۽ نذرانن
ڏيڻ ۾ مون سان ٺڳي ٿا ڪريو. 9 انهيءَ ڪري اوهين سخت لعنتي
آهيو، ڇوجو اوهان، بلڪ اوهان جي سڄي قوم مون سان ٺڳي ٿي
ڪري. 10 اوهين ڪمائيءَ جو پورو ڏهون حصو هيڪل جي گودام
۾ آڻيو، انهيءَ لاءِ تہ منهنجي گهر ۾ کاڌو پيتو هجي. ائين ڪرڻ
سان اوهين ڏسندا تہ آءٌ ڪيئن نہ آسمان جون دريون کولي اوهان تي
برڪت وسايان ٿو يا نہ، اهڙي برڪت جو انهيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ
جاءِ ڪونہ بچندي. 11 آءٌ اوهان جي خاطر ماکڙ کي اوهان جي زمين
جي پيدائش برباد ڪرڻ نہ ڏيندس، نڪي وري اوهان جي انگورن جو
ڦر ڪچو زمين تي ڪرندو. 12 سموريون قومون اوهان کي نيڪ‌بخت
سڏينديون، ڇالاءِجو آءٌ خداوند چوان ٿو تہ اوهان جو ملڪ هڪڙو
وڻندڙ ملڪ ٿيندو.“

## جزا ۽ سزا

13 خداوند ٿو فرمائي تہ ”اوهين منهنجي خلاف بڪواس ڪريو
ٿا، تڏهن بہ چئو ٿا تہ ’اسان تنهنجي خلاف ڪهڙي بڪواس ڪئي
آهي؟‘ 14 ڇا اوهان اهو نہ چيو آهي تہ ’خداوند جي فرمانبرداري
ڪرڻ اجائي آهي. سو قادرِمطلق خداوند جا حڪم مڃڻ ۽ سندس
اڳيان سوڳ واريءَ حالت ۾ رهڻ مان ڪهڙو فائدو؟‘ 15 اوهين هي
بہ چئو ٿا تہ ’ڪافر ماڻهو نيڪ‌بخت آهن، بدڪار ماڻهو وڌن ويجهن
ٿا ۽ انحرافي ڪرڻ کان پوءِ بہ سزا کان بچي ٿا وڃن.‘“

16 تڏهن جيڪي خداوند کان ڊپ رکڻ وارا هئا تن پاڻ ۾ گفتگو
ڪيو، جيڪو خداوند ٻڌي ورتو. پوءِ خداوند جي حضور ۾ انهن
جي يادگيريءَ لاءِ ڪتاب لکيو ويو جنهن ۾ انهن خداوند جو خوف
رکندڙن ۽ ڪيس تعظيم ڏيندڙن جا نالا هئا. 17 قادرِمطلق خداوند ٿو
فرمائي تہ ”منهنجي مقرر ڪيل ڏينهن تي اهي منهنجي قوم، بلڪ
منهنجي خاص ملڪيت ٿيندا ۽ آءٌ مٿن اهڙو مهربان ٿيندس جهڙو
پيءُ پنهنجي خدمتگار پٽ تي ٿيندو آهي. 18 اي بني اسرائيل! تنهن
کان پوءِ اوهين سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ سچار ۽ بدڪار جي وچ ۾ ۽
مون خداوند جي عبادت ڪندڙ ۽ نہ ڪندڙ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق
آهي.“

## خداوند جو ڏينهن

4 1 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”جڏهن اهو ڏينهن ايندو
تڏهن سڀ مغرور ۽ برا ڪم ڪندڙ ٻُهہ وانگر ساڙيا ويندا. اهو
ڏينهن ڪوري وانگر ساڙيندڙ هوندو ۽ ڪين ساڙي رک ڪري ڇڏيندو.
اهو سندن پاڙن ۽ ٽارين کي بہ ساڙي ڇڏيندو. 2 پر اوهين جيڪي
منهنجو خوف ٿا رکو تن جي لاءِ ان ڏينهن منهنجو بچائڻ سج جي
روشنيءَ وانگر هوندو، جنهن جو نتيجو چڱائي ۽ ڀلائي هوندو. اوهين
انهيءَ ڏينهن تي ائين نچندا ٽپندا جيئن وڇاڻن مان ڳابا ڇٽي نڪرڻ
مهل نچندا ٽپندا آهن. 3 جنهن ڏينهن آءٌ ائين ڪندس تنهن ڏينهن

---

1:3 مت 10:11، مر 1:2، لو 76:1، 27:7    2:3 يوا 2:11، مڪا 17:6    10:3 لاو 30:27، ڳا 18:21–24، شر 12:6، 14:22–29، نحم 12:13

بدڪار اوهان جي پيرن هيٺان لتاڙبا ۽ اوهان جي پيرن جي خاڪ بڻجي
ويندا.
4 مون پنهنجي ٻانهي موسيٰ کي شريعت يعني اهي حڪم ۽ قاعدا
قانون جيڪي سينا جبل تي بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن لاءِ ڏنا
هئا، تن سڀني تي اوهين عمل ڪريو.
5 پر منهنجي عظيم ۽ ڀيانڪ ڏينهن اچڻ کان اڳ ۾ آءٌ اوهان
وٽ الياس نبي موڪليندس. 6 هو پيءُ ۽ پٽ جون دليون ڦيرائي ڪين
هڪ ڪندو تہ جيئن آءٌ اچي اوهان جو ملڪ برباد نہ ڪريان.“

5:4 مت 11:14، 17:10-13، مر 9:11-13، لو 1:17، يو 1:21

# انجيل شريف يعني عيسىٰ مسيح جي نئين عهدنامي جو تعارف

## (الڳ ڇپيل)

بائيبل مقدس جي هن کان الڳ ڇپيل ٻئي حصي يعني انجيل شريف جي مجموعي ۾ ستاويهہ خط ۽ ڪتاب شامل آهن. لفظ "انجيل" جي معنيٰ آهي "خوشخبري". عيسىٰ مسيح خدا جي پيغام کي انهيءَ نالي سان سڏيو، جنهن جي هن تبليغ بہ ڪئي ۽ جنهن کي پنهنجي زندگيءَ مان ظاهر بہ ڪيائين. عيسىٰ مسيح جي آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان پوءِ سندس شاگردن جن کي رسول ڪري سڏيو ويو، تن مسيح جي زندگيءَ ۽ تعليم بابت خط ۽ ڪتاب لکيا. نئين عهدنامي جي انهن خطن ۽ ڪتابن جا اصلي مسودا يوناني ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن. انهن جي ترتيب کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ انهن خطن ۽ ڪتابن کي هيٺين پنجن عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. خوشخبريءَ جا ڪتاب: نئين عهدنامي جي پهرين چئن ڪتابن يعني متي، مرقس، لوقا ۽ يوحنا ۾ عيسىٰ مسيح جي خوشخبري ڏنل آهي. انهن ڪتابن ۾ عيسىٰ مسيح جي زندگيءَ جو احوال، سندس تعليم ۽ معجزا بيان ڪيا ويا آهن. انهيءَ کان علاوه سندس موت ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ جو ذڪر پڻ شامل آهي.

2. رسولن جا ڪم: هن نالي واري تواريخي ڪتاب ۾ عيسىٰ مسيح جي جيئري ٿي اٿڻ کان پوءِ واريون ڳالهيون شامل آهن. انهن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ عيسىٰ مسيح جي چونڊيل رسولن ۽ ٻين شاگردن جي وسيلي سندس خوشخبري ڪهڙيءَ طرح مختلف علائقن ۾ ڦهلجي ويئي ۽ ڪيئن ماڻهن هن تي ايمان آندو.

3. پولس رسول جا خط: هنن خطن جا نالا انهن شهرن ۽ ماڻهن جي نالن پٺيان ڏنا ويا آهن، جن ڏانهن پولس رسول اهي خط لکيا هئا، توڙي جو گلتيا گهڻن شهرن وارو هڪ علائقو هو. جيڪي خط مختلف شهرن جي ڪليسيائن ڏانهن لکيا ويا سي هي آهن: رومين، 1 ۽ 2 ڪرنٿين، گلتين، افسين، فلپين، ڪلسين، 1 ۽ 2 ٿسلونيڪين. پولس رسول پنهنجي شاگردن تيمٿيس ڏانهن بہ خط ۽ طيطس ڏانهن هڪ خط کان علاوه مسيح تي ايمان آڻيندڙ هڪ شخص فليمون ڏانهن پڻ هڪ خط لکيو.

4. ٻين رسولن جا خط: هنن خطن ۾ عبرانين ڏانهن خط کان سواءِ جيڪي ٻيا خط لکيا ويا، تن جا نالا انهن خطن جي ليکڪن جي نالن پٺيان ڏنا ويا آهن، يعني يعقوب، 1 ۽ 2 پطرس، 1، 2 ۽ 3 يوحنا ۽ يهوداه.

5. مڪاشفو: هن نالي واري ڪتاب ۾ يوحنا رسول کي خداوند عيسىٰ مسيح جي طرفان ڏيکاريل رويائن جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪي اشارتي زبان ۾ بيان ڪيون ويون آهن. انهن مان عيسىٰ مسيح جو شان وَ شوڪت ۽ سندس آخري فتح ظاهر ٿئي ٿي.

# بني اسرائيل جي مرڪزي عبادتگاهہ



## مقدس خيمو

مقدس خيمو، جنهن جي بناوت جو تفصيل خروج 25–27 ۽ 36–38 بابن ۾ مليل ٿو، تنهن کي ”خدا سان ملاقات وارو خيمو“ ۽ ”عهد وارو خيمو“ پڻ سڏيو وڃي ٿو. اهو مقدس خيمو بني اسرائيل جي مصر مان نڪري اچڻ واري وقت کان وٺندي بيابان ۾ رلندي رهڻ تائين سندن عبادت جو مرڪز ۽ محور هو، جيڪو خيميگاهہ جي وچ ۾ لڳايو ويندو هو. مقدس خيمو حقيقت ۾ ”مقدس جاءِ“ ۽ ”مقدس ترين جاءِ“ تي مشتمل هو. تنهن هوندي بہ ان جي چوڌاري واري اڱڻ کي بہ اڪثر مقدس خيمي جي حصي طور بيان ڪيو وڃي ٿو.

مقدس خيمي جي پهرين ڪمري کي ”مقدس جاءِ“ سڏيو ويندو هو، جنهن ۾ ڪاهن روزانو وڃي ستن ڏيئن وارو شمعدان ٻاريندا هئا، نذراني وارا روٽ ميز تي رکندا هئا ۽ سوني پٽ چڙهيل قربانگاهہ تي لوبان ساڙيندا هئا.

مقدس خيمي جي اندرين ڪمري کي ”مقدس ترين جاءِ“ سڏيو ويندو هو. اتي ئي عهد واري صندوق رکيل هئي. انهيءَ مقدس ترين جاءِ ۾ رڳو سردار ڪاهن ئي وڃي سگهندو هو. هو سال ۾ رڳو هڪڙو دفعو ڪفاري ادا ڪرڻ واري ڏينهن تي اندر ويندو هو.

نقشي ۾ ڄاڻايل ڪجهہ انگ مقدس خيمي اندر مختلف شين جي نشاندهي ڪن ٿا، جن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.



1. عهد واري صندوق: هن صندوق جي مٿان رکيل پوش کي ”رحمت جو پوش“ سڏيو ويندو هو، جنهن جي مٿان پردار آسماني مخلوق جا ٻه مجسما ٺهيل هئا. انهن جي وچ واري جاءِ ۾ خدا جي موجودگي تصور ڪئي ويندي هئي. عهد واري انهيءَ صندوق ۾ پٿر جون ٻه تختيون رکيل هيون، جن تي ڏهه حڪم لکيل هئا (ڏسو خروج باب 20)، جيڪي خدا سان عهد جو بنياد هئا. انهيءَ صندوق ۾ هارون جي لٺ، جنهن مکڙيون جهليون هيون ۽ آسماني خوراڪ مَنَ سان ڀريل ٽانءُ پڻ رکيل هئا. اها صندوق مقدس ترين جاءِ ۾ رکيل هوندي هئي، جنهن ڪان علاوه اتي ٻي ڪابه شيءِ رکيل ڪانه هوندي هئي.

2. لوبان ساڙڻ واري قربانگاهه: اها قربانگاهه ٻٻر جي ڪاٺ مان ٺهيل هئي، جنهن تي سون جو پٽ چڙهيل هو. مقدس جاءِ ۽ مقدس ترين جاءِ جي وچ ۾ هڪ پردو لڳل هوندو هو. ان پردي جي پٺيان، يعني مقدس ترين جاءِ ۾ عهد واري صندوق رکيل هوندي هئي ۽ پردي جي اڳيان، يعني مقدس جاءِ ۾ لوبان ساڙڻ واري قربانگاهه رکيل هوندي هئي. عهد واري صندوق ۽ لوبان ساڙڻ واري قربانگاهه بلڪل هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هيون، رڳو پردو انهن جي وچ ۾ هو.



3. شمعدان: هن شمعدان ۾ ست ڏياٽيون ٺهيل هيون، جن تي ست ڏيئا رکيا ويندا هئا. هي شمعدان مقدس جاءِ ۾ ڏکڻ طرف رکيل هوندو هو.



4. نذراني واري ميز: اها ميز مقدس جاءِ ۾ اتر طرف رکيل هوندي هئي، جنهن تي نذراني وارا روٽ رکيا ويندا هئا.



5. حوض: هي حوض مقدس خيمي جي اڱڻ ۾ قربانگاهه ۽ مقدس جاءِ جي وچ ۾ رکيل هو. ڪاهن مقدس جاءِ ۾ وڃڻ کان اڳ پاڪ صاف ٿيڻ لاءِ انهيءَ مان وضو ڪندا هئا.

6. ساڙڻ وارين قربانين جي قربانگاهه: اها قربانگاهه ٻاهرين دروازي جي پردي جي سامهون مقدس خيمي جي اڱڻ ۾ رکيل هئي، جنهن تي قربانيون ۽ نذرانا ساڙيا ويندا هئا.



## مقدس هيڪل

جڏهن بني اسرائيل واعدي ڪيل ملڪ ڪنعان يعني اسرائيل ۾ اچي آباد ٿيا، تڏهن بادشاهن جي دور ۾ حضرت سليمان بادشاهه مقدس خيمي جي نموني تي نائين صدي قبل مسيح ۾ پهريون ڀيرو پٿر سان هڪ شاندار عمارت هيڪل جي نالي تي اڏائي. صيئون جبل



سليمان بادشاهه جو ٺهرايل مقدس هيڪل



هيروديس اعظم جو نئين سر اڏايل مقدس هيڪل

جنهن کي خدا پنهنجي رهڻ لاءِ مخصوص ڪيو هو، تنهن تي اڏايل شهر يروشلم اندر اهو هيڪل تعمير ڪيو ويو. جيئن مقدس خيمو مرڪزي عبادت‌گاهہ هو، تيئن ئي هي هيڪل ڪيترين ئي صدين تائين بني اسرائيل جي مرڪزي عبادت‌گاهہ رهيو. ڪڏهن ڪڏهن مختلف بت‌پرست بادشاهہ پنهنجن معبودن جو سامان بہ انهيءَ هيڪل ۾ آڻي رکندا هئا. پوءِ بادشاهہ يوسياه جي دور اٽڪل 640 قبل مسيح ۾ هيڪل جي مرمت ڪرائي اهو وري خداوند جي عبادت لاءِ ئي مخصوص ڪيو ويو. ان بعد 586 قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر اسرائيل تي حملو ڪري انهيءَ هيڪل کي ڊاهي ڇڏيو ۽ هيڪل جو گهڻو سامان لٽي ڦري پاڻ سان گڏ بابل کڻي ويو.

اڳتي هلي بابلين کي فارس وارن شڪست ڏيئي سندن ملڪ تي قبضو ڪيو. تڏهن جلاوطنيءَ کان موٽي آيل يهودين فارس جي شهنشاهہ خورس جي حڪم سان هيڪل جو باقي بچيل سامان کڻائي وري يروشلم ۾ آندو. جڏهن تہ پهرين هيڪل جي جاءِ تي ٻيهر نئين سر هيڪل اڏايو ويو، جيڪو حضرت سليمان جي اڏايل هيڪل کان سادو هو، تنهن ۾ اهو سامان رکيو ويو.

اهو هيڪل وري ٽيون ڀيرو بہ اڏايو ويو هو، جنهن جي تعمير روم جي شهنشاهت واري دور ۾ بادشاهہ هيروديس اعظم مسيح جي پيدائش کان اڳ 19 قبل مسيح ۾ شروع ڪرائي. هي اهو ئي هيڪل هو جنهن جو ذڪر نئين عهدنامي ۾ ڪيل آهي. انهيءَ جي تعمير سن 64ع ۾ پوري ٿي، جڏهن تہ سن 70ع ۾ رومي فوج جي هٿان اهو هيڪل وري تباهہ وَ برباد ڪيو ويو ۽ هيڪل جو گهڻو سامان روم شهر ڏانهن ڪڇي ويو. اهو عيسيٰ مسيح جي موت ۽ وري جيئري ٿيڻ کان اٽڪل چاليهہ سال پوءِ ٿيو. انهيءَ کان پوءِ هيڪل وري ٻيهر تعمير نہ ٿيو. مسيح جي دور واري هيڪل جو نقشو پڻ آخري صفحن ۾ ٻين نقشن سان گڏ ڏنل آهي.

# خاص لفظن جي سمجهاڻي

**آدم:** عبراني ۽ عربي ٻوليءَ ۾ ”آدم“ لفظ جو مطلب آهي ”انسان“. هي لفظ گهڻو ڪري انهيءَ عبراني لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي ”ڳاڙهو“، جيڪو ”ڳاڙهي مٽي“ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هي خدا جو پهريون خلقيل انسان هو، جنهن جي نسبت سان انساني نسل لاءِ لفظ ”بني آدم“ استعمال ڪيو ويندو آهي.

**آسماني پيءُ:** نئين عهدنامي ۾ هي لقب عيسيٰ مسيح خدا جي لاءِ استعمال ڪيو آهي، جنهن مان مراد جسماني پيءُ نہ آهي، بلڪ انهيءَ مان مراد خدا جو ساڻس خاص لاڳاپو ظاهر ڪرڻ آهي. عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻيندڙ پڻ خدا سان خاص لاڳاپي لاءِ اهو لفظ استعمال ڪن ٿا. عيسيٰ مسيح خود پنهنجي پوئلڳن کي سيکاريو هو تہ خدا کي ”اسان جا بابا“ ڪري سڏيو وڃي (ڏسو متي 6:9).

**آمين:** هي عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ائين آهي“ يا ”شل ائين ٿئي“.

**ابيب:** ڏسو ”نيسان“.

**ابراهيم:** ”ابراهيم“ عبراني ٻوليءَ جو هڪ نالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”گهڻين قومن جو پيءُ“. حضرت ابراهيم بني اسرائيل قوم جو وڏو هو، جنهن کان يهودي پنهنجي مذهب جي شروعات سمجهندا آهن. هو حضرت اسحاق ۽ حضرت اسماعيل جو پيءُ ۽ حضرت يعقوب جو ڏاڏو هو. انجيل شريف ۾ کيس نہ رڳو يهودين جو بلڪ انهن سڀني جو وڏو پڻ سمجهيو وڃي ٿو، جيڪي خدا تي ايمان آڻين ٿا (ڏسو رومين 11:4).

**ابن‌آدم:** هر انسان ”ابن آدم“ يعني آدم جو اولاد آهي. پر پراڻي عهدنامي ۾ ان کي خاص لقب طور پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اها اميد ڏيکاري ويئي آهي تہ آخري وقت ۾ خدا ”ابن‌آدم“ کي موڪليندو، جيڪو دنيا جو انصاف ڪندو ۽ مٿس حڪومت ڪندو. هن ترجمي ۾ دانيال نبيءَ جي ڪتاب 7:13 ۾ ”آدمزاد جهڙو هڪ شخص“ لکيل آهي، جنهن مان ابن‌آدم جو مطلب نڪري ٿو.

عيسيٰ مسيح اهو لقب پنهنجي لاءِ استعمال ڪندو هو، تہ جيئن ماڻهن کي خبر پوي تہ هو اهو ئي آهي جنهن کي خدا موڪليو آهي ۽ هو ئي آخري وقت ۾ دنيا جو انصاف ڪندو ۽ مٿس حڪومت ڪندو. جيئن تہ هي لفظ انجيل شريف ۾ خاص لقب طور استعمال ڪيو وڃي ٿو ان ڪري اهو گڏي لکيو ويو آهي.

**ابن دائود:** انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي ”دائود جو اولاد“. هي لفظ بني اسرائيل جي انهن بادشاهن لاءِ لقب طور استعمال ڪيو ويندو هو، جيڪي دائود جي گهراڻي مان هئا. يهودين کي اهو يقين هو تہ انهيءَ پيڙهيءَ مان ئي واعدي ڪيل مسيح ٿيندو، جيڪو خدا جي مرضيءَ مطابق انصاف سان حڪومت ڪندو. انهيءَ اميد جي ڪري ماڻهو عيسيٰ مسيح کي ”ابن دائود“ ڪري سڏيندا هئا.

**ادار:** عبرانين جي سال جو ٻارهون ۽ آخري مهينو، جيڪو بهار جي موسم ۾ ايندو آهي. اهو انگريزي مهيني فبروريءَ جي اڌ کان وٺي مارچ جي وچ تائين هوندو آهي.

**ادوم:** ادوم ملڪ اسرائيل ملڪ جي اوڀر طرف هو، جنهن جو شروعاتي نالو سعير هو. انهيءَ ملڪ جا ادومي رهاڪو حضرت يعقوب جي ڀاءُ عيسوءَ جو اولاد هئا.

**اسرائيل:** هن لفظ جو تفصيل هيٺئين طرح سان آهي:

1. ”اسرائيل“ حضرت يعقوب جو نالو آهي، جيڪو خداوند پنهنجي ملائڪ جي وسيلي مٿس رکيو هو (ڏسو پيدائش 28:32). هي نالو انهيءَ عبراني لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”هو خدا سان ملهہ وڙهي ٿو“ يا ”خدا ملهہ وڙهي ٿو“.
2. هن ترجمي ۾ يعقوب جي اولاد لاءِ پوريءَ قوم جي حيثيت سان رڳو ”اسرائيل“ استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي. هنن لاءِ ”بني اسرائيل“ عام طور گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي.
3. ڪلام مقدس ۾ بني اسرائيل قوم جي مصر مان نڪري اچڻ بعد فلستين جي ملڪ ڪنعان کي فتح ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ کي ”اسرائيل“ سڏيو ويو. سليمان بادشاهہ کان پوءِ اسرائيل ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو، جنهن ۾ اتر واري بادشاهت کي ”اسرائيل“ ۽ ڏکڻ واري بادشاهت کي ”يهوداہ“ سڏيو ويو. اتر واري بادشاهت جي رهاڪن کي هن ترجمي ۾ ”اسرائيل وارا“ سڏيو ويو آهي ۽ ڏکڻ واري بادشاهت جي رهاڪن کي ”يهوداہ وارا“ سڏيو وڃي ٿو.

**الول:** عبرانين جي سال جو ڇهون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني آگسٽ جي اڌ کان وٺي سيپٽمبر جي وچ تائين هوندو آهي.

**الياس نبي:** حضرت الياس بني اسرائيل ۾ هڪ وڏو نبي ٿي گذريو آهي، جنهن بت‌پرست ڪاهنن ۽ سندن رسم وَ رواج جي خلاف جدوجهد ڪئي (ڏسو 1.بادشاهہ 18:16–40). هو جيئري ئي آسمان ڏانهن کڄي ويو هو ۽ عيسيٰ مسيح جي زماني ۾ سندس باري ۾ يهودين اها اميد ٿي ڪئي تہ هو موٽي ايندو ۽ ماڻهن کي توبهہ‌تائب ٿيڻ لاءِ سڏيندو، تہ جيئن هو خدا جي عدالت ۽ دنيا تي سندس حڪومت لاءِ پاڻ کي تيار ڪن.

**انجير جو وڻ:** هي هڪ ڊگهو وڻ آهي، جيڪو نرم ميوو جهليندو آهي ۽ ان جو ميوو کاڌو وڃي ٿو. انهيءَ جي گهاٽن پنن ۽ مفيد ميوي کي عيسيٰ مسيح جي زماني ۾ امن ۽ ڪاميابيءَ جي

نشاني سمجهيو ويندو هو. اهو اڪثر ڪري آڪاڻين ۾ نصيحتن ۾ هڪ مثال طور استعمال ڪيو ويندو هو.



**انگورن جو چيچڙو:** هي هڪڙو حوض هو، جنهن ۾ انگور وجهي انهن کي لتاڙيو ويندو هو ته انهن مان رس نڪري ايندي هئي ۽ ناليءَ وسيلي وهي اها ٻئي حوض ۾ اچي گڏ ٿيندي هئي. پوءِ ان رس مان مئي ناهي ويندي هئي.



**اُوريم ۽ ٺُميم:** هي پٿر جهڙيون ٻه ننڍڙيون شيون هيون، جيڪي بني اسرائيل جي سردار ڪاهن جي سينابند ۾ لڳل هونديون هيون. انهن سان هو خدا جي مرضي معلوم ڪندو هو، پر خبر ناهي ته انهيءَ مقصد لاءِ انهن کي ڪيئن استعمال ڪيو ويندو هو.

**ايتانيم:** عبرانين جي سال جو ستون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني سيپٽمبر جي اڌ کان وٺي آڪٽوبر جي وچ تائين هوندو آهي. بعد ۾ انهيءَ کي ٻيو نالو تِشري ڏنو ويو.

**بپتسما:** انهيءَ لفظ جي ادبي يا تشبيهي معنيٰ "ٻُبي ڏيارڻ" آهي. ڪي يهودي فرقا نومريدن کي پاڻيءَ ۾ ٻُبي ڏياري بپتسما ڏيندا هئا، انهيءَ لاءِ ته اهي پاڪ صاف ٿي نجات حاصل ڪري سندن جماعت ۾ داخل ٿين. ساڳيءَ طرح حضرت يحيٰ مسيح جي اچڻ لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ واسطي اها رسم پڻ سرانجام ڏني. انهيءَ مطابق عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻيندڙن جي جماعت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اها نشاني مقرر ٿي. انهيءَ مان مراد گناهن کان توبهہ‌تائب ٿيڻ، خدا کان معافي ملڻ ۽ خدا جي بخشش يعني پاڪ روح جو ملڻ آهي. رومين باب 6 ۾ پولس رسول جي سمجهاڻيءَ مان خبر پوي ٿي ته بپتسما دوران پاڻيءَ ۾ وڃڻ مسيح سان گڏ مرڻ جو نشان آهي ۽ پاڻيءَ مان نڪرڻ نئين زندگيءَ جي شروعات جو نشان آهي.

**بعل ديوتا:** ڪنعاني پنهنجي معبود جي پوڄا ۾ "بعل" نالو عام طور گهڻو استعمال ڪندا هئا. هن نالي جي معنيٰ آهي ڌڻي، جڏهن ته "يسيره" ڪي ڏياڻي سمجهيو ويندو هو. بني اسرائيل جي پوري تواريخ ۾، سندن واعدي ڪيل ملڪ ۾ داخل ٿيڻ کان وٺي ويندي سندن جلاوطن ٿيڻ تائين اهي پڻ وقت بہ وقت پنهنجي خداوند خدا کي ڇڏي انهن ٻنهي معبودن جي پوڄا ڪندا هئا.

**بعل‌زبول:** نئين عهدنامي جي دور ۾ بعل‌زبول جو لقب شيطان لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، جنهن کي ڀوتن جو سردار سڏيو وڃي ٿو (ڏسو متي 24:12).

**بُول:** عبرانين جي سال جو اٺون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني آڪٽوبر جي اڌ کان وٺي نومبر جي وچ تائين هوندو آهي.

**بي‌خميري مانيءَ جي عيد:** مصر جي غلاميءَ مان آزاد ٿيڻ جي يادگيريءَ لاءِ بني اسرائيل وارا پهرين مهيني نيسان جي پندرهين تاريخ کان پوري هڪ هفتي تائين بي‌خميري مانيءَ جي عيد ملهائيندا هئا. هن عيد جو واسطو عيد فصح سان آهي، جيڪا انهيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ملهائبي هئي. انهيءَ عرصي دوران جيڪا ماني کاڌي ويندي هئي تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هوندو هو. عيد جا ست ئي ڏينهن خداوند لاءِ ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪئي ويندي هئي ۽ پهرين ۽ ستين ڏينهن تي پوريءَ قوم کي عبادت لاءِ گڏ ٿيڻو هوندو هو (ڏسو لاوي سرشتو 5:23–8).

**ڀوت:** اهو بدروح جيڪو انسان جي جسم ۽ دماغ تي قبضو ڪري کيس تڪليف رسائي، تنهن کي ڀوت سڏجي ٿو. ڀوتن کي شيطان جا ڪارندا ڪري سمجهيو ويندو هو.

**تنبن واري عيد:** هيءَ عيد يهودين يعني بني اسرائيل جي ٽن وڏين عيدن مان هڪ هئي. اها عيد ملهائڻ لاءِ هو ستن ڏينهن تائين تنبن ۾ ئي رهندا هئا، انهيءَ لاءِ ته هو خدا جي انهيءَ مهربانيءَ جي يادگيري ملهائين، جڏهن خدا کين مصر جي غلاميءَ مان ڪڍي آيو هو ۽ چاليهن سالن تائين بيابان ۾ سندن سار سنڀال لڌي هئائين، جڏهن اهي تنبن ۾ رهندا هئا.

**توتارو:** ڏاتوءَ جو ٺهيل هڪ ساز، جيڪو جنگ جي موقعي تي يا بني اسرائيل قوم کي گڏجاڻيءَ لاءِ سڏڻ وقت يا عبادت جي ڪن خاص موقعن تي وڄايو ويندو هو (ڏسو ڳاڻاڻو 1:10–10).



**پاڪ:** عبراني ٻوليءَ جي جنهن لفظ جي جاءِ تي هن ترجمي ۾ ڪڏهن ڪڏهن "پاڪ" لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو، تنهن جون گهڻيون ئي مختلف معنائون آهن. هن جو اصلي مطلب هي آهي ته خدا جي حيثيت انسان کان بلڪل ئي جدا آهي. انسان سان هن جي ڪابه ڀيٽ نه هئڻ لاءِ هي لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ نسبت سان هن لفظ جون باقي معنائون هن طرح نڪرن ٿيون:

1. خدا جو گناهن کان بلڪل مٿاهون هجڻ ۽ منجهس گناهه جو ڪوبه تصور ئي نه هجڻ کي بيان ڪرڻ لاءِ پڻ هي لفظ استعمال ٿئي ٿو.
2. حلال جانورن کي بيان ڪرڻ لاءِ پڻ هي لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو.
3. مذهبي طور پليتي لاهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً، همبستري ڪرڻ کان پوءِ وهنجڻ ۽ ڪاهنن جو مقدس خيمي ۾ اچڻ کان اڳ وضو ڪرڻ وغيره.
4. هي لفظ خداپرستن ۽ خاص طور چونڊيل ماڻهن کي بيان ڪرڻ لاءِ به استعمال ڪيو وڃي ٿو.
5. خدا سان لاڳاپو رکندڙ ڪنهن به شيءِ کي احترام سان بيان ڪرڻ لاءِ هي لفظ استعمال ڪجي ٿو.

ڏسو "مقدس" پڻ.

**پاڪ روح:** پاڪ روح جو بيان هن طرح ڪيو وڃي ٿو ته خدا پنهنجي قدرت کي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ظاهر ڪري ٿو ۽ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو (ڏسو خروج 3:31). نبي ۽ بني اسرائيل جا بادشاهه پاڪ روح جي وسيلي رهنمائي حاصل ڪندا هئا. عيسيٰ مسيح جي زندگيءَ ۾ سندس هر واقعو ۽ هر عمل پاڪ روح جي رهنمائيءَ ۽ طاقت وسيلي ٿيو. عيسيٰ مسيح جي آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان پوءِ سندس پوئلڳن لاءِ پاڪ روح ئي خدا جي خاص بخشش بڻيو (ڏسو يوحنا 16:14-17، ۽ رسولن جا ڪم باب 2).

**پاڪ لکتون:** انجيل شريف ۾ هي اصطلاح يهودين جي پاڪ ڪتابن جي باري ۾ استعمال ڪيل آهي، جيئن توريت، زبور ۽ نبين جا صحيفا. اڄڪلهه انهن کي پراڻو عهدنامو به سڏيو وڃي ٿو. انجيل يعني نئون عهدنامو پڻ پاڪ لکتن ۾ شامل آهي، جيڪو عيسيٰ مسيح جي شاگردن جي وسيلي لکيو ويو هو.

**پطرس:** پطرس عيسيٰ مسيح جي ٻارهن شاگردن مان سڀني کان مشهور شاگرد آهي. سندس اصل نالو شمعون هو. پر عيسيٰ مسيح کيس پطرس يعني "ٽڪر" جي نالي سان سڏيندو هو. ٽڪر کي يوناني ٻوليءَ ۾ پطرس، ۽ عبراني ٻوليءَ ۾ ڪيفا سڏبو آهي.

**پلاطس:** پنطيس پلاطس 26ع کان 36ع تائين رومي شهنشاهت ۾ يهوديه صوبي جو حاڪم هو. هن جي حڪمرانيءَ جي زماني ۾ يهودين هن کي تڪليفون ڏنيون. هن يهودين جي خواهشن جو گهڻو خيال رکيو، انهيءَ لاءِ ته جيئن هو ڪو فساد نه ڪن ۽ سندس حڪمرانيءَ کي لوڏو نه اچي. اهو عيسيٰ مسيح جي مقدمي مان ظاهر ٿيو، جڏهن هن يهودين جي خواهش تي کيس صليب تي چاڙهايو.

**پنتيڪُست جي عيد:** هيءَ يهودين جي هڪ عيد آهي، جيڪا هو جَوَن جي لاباري پوري ٿيڻ تي ملهائيندا هئا. انهيءَ عيد کي "هفتن واري عيد" به سڏيو ويندو هو. اها عيد فصح کان پنجاهين ڏينهن تي ايندي هئي.

عيسيٰ مسيح جي زماني ۾ انهيءَ کي موسيٰ جي شريعت جي ملڻ جي يادگيريءَ طور ملهايو ويندو هو ۽ ان موقعي تي هر يهودي مرد جو يروشلم شهر ۾ حاضر ٿيڻ ضروري هو. عيسيٰ مسيح جي آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان پوءِ انهيءَ عيد ملهائڻ دوران عيسيٰ مسيح جي واعدي موجب سندس پوئلڳن تي پاڪ روح زور سان نازل ٿيو (ڏسو رسولن جا ڪم باب 2).

**خدا جو فرزند:** عيسيٰ مسيح جو هڪڙو لقب "خداوند جو فرزند" پڻ آهي. عبراني ٻوليءَ ۾ "جو فرزند" هڪ اصطلاح طور ڪم اچي ٿو، جيڪو ڪن محاورن جهڙوڪ "امن جو فرزند"، "تسليءَ جو فرزند" يا "گجگوڙ جو فرزند" ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. انهيءَ مان مراد اهو شخص آهي جنهن ۾ محاوري واريون اهي خاصيتون موجود هجن. مقدس ڪتابن ۾ "خدا جا فرزند" خدا جي ماڻهن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، ڇوته انهن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ اهي صفتون هونديون آهن جيڪي خدا ۾ آهن.

"خدا جو فرزند" بني اسرائيل جي انهيءَ بادشاهه جي باري ۾ پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ خدا واري انصاف سان حڪومت ڪرڻ جي صفت موجود هجي.

بني اسرائيل کي پڻ "خدا جا ٻار" سمجهيو ويندو هو، جسماني طور نه، بلڪ انهيءَ ڪري جو خدا سندن ابن ڏاڏن کي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياري پنهنجي ئي قوم بڻايو هو.

عيسيٰ مسيح جيڪو دائود جي شاهي نسل مان ليکيو وڃي ٿو، تنهن کي به "خدا جو فرزند" سڏيو وڃي ٿو (يوحنا 17:3). انهيءَ محاوري ۾ جسماني يا رت جي رشتي جو ڪو مفهوم نه آهي. عيسيٰ مسيح جي لاءِ انهيءَ لقب جي استعمال ڪرڻ جي معنيٰ آهي ته عيسيٰ مسيح ۾ خدا واريون صفتون پوريءَ ۽ مڪمل طرح موجود هيون، جن مان خدا سان لاڳاپو ڏٺو ٿي ويو. مسيح جي ڪردار مان خدا واريون ڪامل صفتون پوريءَ طرح ظاهر ٿين ٿيون (ڪلسين 15:1).

**خدا جي بادشاهت يا آسمان واري بادشاهت:** انهيءَ مان مراد خدا جي بادشاهي، حڪومت ۽ اختياري آهي. نئين عهدنامي ۾ خدا جي بادشاهت ۽ آسمان واري بادشاهت ٻئي هڪڙي ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. خدا جي بادشاهت تڏهن ظاهر ٿئي ٿي، جڏهن ماڻهو خدا جي مرضيءَ موجب سندس فرمانبرداري ڪندي پاڻ کي خدا جي اختيار ۾ ڏين ٿا. مسيح پنهنجي موت ۽ وري جيئري ٿي اٿڻ سان خدا جي بادشاهت کي قائم ڪري ڇڏيو آهي. اها بادشاهت مستقبل جي هڪڙي اميد پڻ آهي، جڏهن خدا جي حڪمراني مڪمل طور قبول ڪئي ويندي.

**خدا سان ملاقات وارو خيمو:** خدا سان ملاقات واري خيمي کي "مقدس خيمو" به چئجي ٿو. هن ڪتاب جي آخري صفحن ۾ انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

**خداوند:** خداوند لفظ جي معنيٰ آهي "مختيارِ اعليٰ" يا "مالڪ". پاڪ لکتن ۾ مالڪ يا ڌڻيءَ کي خداوند سڏيو وڃي ٿو، يعني اهو جيڪو اختياري هلائيندو هجي. هي وڏي رتبي ۽ شان وَ شوڪت وارو خاص لقب آهي، جيڪو نئين عهدنامي ۾ رڳو خدا ۽ عيسيٰ مسيح جي لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

پراڻي عهدنامي ۾ جڏهن حضرت موسيٰ خدا کان سندس نالو پڇيو هو، تڏهن هن کيس پنهنجو نالو "آءٌ جيڪو حاضر آهيان، سو ئي آهيان" ٻڌايو هو. عبراني ٻوليءَ ۾ هي خدا جو پاڪ نالو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ بائيبل جي هن سنڌي ترجمي ۾ اڪثر ڪري لفظ "خداوند" استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جو واسطو ڪنهن ٻئي عبراني لفظ سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "آءٌ آهيان". سو انهيءَ پاڪ نالي جو مطلب گهڻو ڪري هي آهي ته "آءٌ آهيان ئي آهيان" يا "آءٌ هوندس ئي هوندس" يا "آءٌ اهو آهيان جيڪو هر شيءِ کي وجود ۾ آڻيان ٿو."

**خداوند جو ڏينهن:** ڏسو "قيامت".

**خوشخبري:** عيسيٰ مسيح جي شروعاتي تبليغ ۽ پوءِ سندس موت ۽ وري جيئري ٿي اٿڻ جي پيغام کي خوشخبري سڏجي ٿو، ڇالاءِجو انهيءَ ۾ خدا وٽ قبول پوڻ جي مڪمل اميد آهي. اها خوشخبري نئين عهدنامي ۾ هن طرح ڏني ٿي وڃي ته گناهن کان توبهه ڪرڻ ۽ مسيح تي ايمان آڻڻ جي وسيلي ئي انسان خدا ڏانهن سچار ٻڌجي ٿو ۽ سندس ٻار جي حيثيت سان سندس بادشاهت ۾ داخل ٿئي ٿو.

**دائمي زندگي:** دائمي زندگيءَ جو مطلب آهي موت ۽ گناهه کان بچاءُ ۽ خدا آڏو مڪمل طور جيئرو رهڻ. عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻي سندس پيروي ڪندڙن سان خدا دائمي زندگيءَ جو واعدو ڪري ٿو (ڏسو يوحنا 3:16). اها زندگي هاڻي شروع ٿئي ٿي ۽ موت کان پوءِ به هميشه لاءِ رهندي.

**دنيا يا جهان:** مقدس ڪلام ۾ دنيا يا جهان جون ٽي مختلف معنائون سمجهيون وڃن ٿيون:

1. خلقيل جهان
2. پوري انسانذات
3. اهي بڇڙا ماڻهو يا معاشري جون اهي ڳالهيون جيڪي خدا جي شريعت جي خلاف آهن.

**ڏهون حصو:** بني اسرائيل جي چوپائي مال توڙي زمين جي سموري پيداوار جو ڏهون حصو هر سال مرڪزي عبادتگاهه يعني هيڪل واري شهر يروشلم ۾ آندو ويندو هو، انهيءَ لاءِ ته اهو هيڪل جي ڪاهنن ۽ ٻين لاوين ۾ ورهائجي (ڏسو ڳاڻاڻو 18:21–29 ۽ شريعت جو دور 14:22–29). انهيءَ ڏهين حصي مان ڪسو اڌ بني اسرائيل عيد جي پهرين ڏينهن تي کائيندا هئا ۽ پڪو اڌ ڪاهن ۽ ٻيا لاوي کڻندا هئا. هر ٽئين سال وارو ڏهون حصو مختلف شهرن ۾ گڏ ڪيو ويندو هو ته جيئن اهو شهر ۾ رهندڙ لاوين، ڌارين، يتيمن ۽ رنن‌زالن ۾ ورهايو وڃي (ڏسو شريعت جو دور 26:12). لاوي پنهنجي مليل حصي مان ڏهون حصو خداوند جي حضور ۾ پيش ڪندا هئا.

**رسول:** هن سنڌي ترجمي ۾ "رسول" لفظ عيسيٰ مسيح جي انهن شاگردن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جن کي هن خاص طور تي پاڻ سان گڏ رهڻ لاءِ چونڊيو ۽ خدمت ڪرڻ جو اختيار ڏيئي کين خوشخبري ڦهلائڻ لاءِ موڪليو (ڏسو مرقس 3:13–19). نئون عهدنامو يعني انجيل شريف انهن مان ڪن رسولن جي معرفت لکيو ويو.

**روزو رکڻ:** يهودين ۾ کاڌي کان مڪمل پرهيز، يعني روزي کي دينداريءَ جي هڪ نشاني سمجهيو ويندو هو. حضرت موسيٰ جي شريعت ۾ رڳو ڪفاري جي ڏينهن تي، سال ۾ هڪ دفعو روزو رکڻ ضروري هو. بعد ۾ پراڻي عهدنامي جي آخري دور ۾ جڏهن بني اسرائيل جلاوطنيءَ کان موٽي آيا، تڏهن روزي رکڻ جا ٻيا ڏينهن پڻ مقرر ٿي ويا (ڏسو عزرا 8:21–23، نحمياه 9:1، آستر 4:16 ۽ زڪرياه 8:19).

نئين عهدنامي جي دور ۾ روزي رکڻ جو واسطو دعا گهرڻ سان هوندو هو. يهودين جي فريسي نالي هڪ فرقي هفتي ۾ ٻه ڏينهن روزو رکڻ جو رواج وڌو. عيسيٰ مسيح خود چاليهن ڏينهن جو روزو رکيو هو، جنهن بعد شيطان کيس آزمائڻ آيو هو (ڏسو لوقا 4:2).

**رويا:** خدا پنهنجي خاص ٻانهن تي ڪڏهن ڪڏهن سندن جاڳندي، پر خواب جي ڪيفيت ۾ پنهنجو پيغام نازل ڪندو آهي، جنهن کي رويا سڏجي ٿو. يسعياه نبي جڏهن هيڪل ۾ عبادت ڪري رهيو هو، تڏهن هن کي رويا ۾ خدا جو جلال نظر آيو (ڏسو يسعياه باب 6). نئين عهدنامي ۾ پطرس رسول کي پڻ رويا ڏيکاري ويئي، جنهن ۾ کيس اهو پيغام ڏنو ويو ته غير يهودين کي به مسيح جي وسيلي نجات حاصل ٿيندي (ڏسو رسولن جا ڪم

16–6:10). يوحنا رسول کي رويا ۾ خدا ايندڙ وقت جو نظارو ڏيکاريو، جيڪو هن مڪاشفي نالي ڪتاب جي صورت ۾ لکيو.

**رهبرَ:** رهبرَ نالي مقدس ڪتاب جو نالو ٻين ترجمن ۾ اڪثر ڪري ”قاضي“ استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته لفظ ”قاضي“ مان مراد منصف يا عدالت ڪندڙ ورتي وڃي ٿي. پر هن ڪتاب ۾ جن ماڻهن جو ذڪر ٿيل آهي، جن جي وسيلي خدا پنهنجي قوم کي دشمنن کان ڇڏائيندو هو، سي اڪثر ڪري فوجي سالار ۽ جنگي جوڌا هئا. اهي خدا جي طرفان قوم جا وڏا اڳواڻ يا رهبرَ تسليم ڪيا ويندا هئا.

**زيتون:** ڪلام مقدس ۾ بيان ڪيل ”زيتون“ پاڪستان ۾ ٿيندڙ زيتون کان مختلف آهي. ان زيتون جا وڻ ڏگھي عرصي تائين ساوا رهندا آهن. فلستين ۾ ڪي زيتون جا وڻ ته هڪ هزار سالن کان به وڌيڪ پراڻا آهن. ان زيتون جي وڻ جو ڪچو ميوو سائو ۽ پڪو ميوو گھرو واڱڻائي ٿيندو آهي ۽ اهو ننڍڙي ٻير جي شڪل ۽ ماپ جيترو ٿيندو آهي. انهيءَ زماني ۾ زيتون جي وڻ جي تمام گھڻي اهميت هئي، اهو وڻ خوشحاليءَ جي علامت ۽ خدا جي برڪت سمجھيو ويندو هو. زيتون جي وڻ جي خاص پيداوار ان جي ميوي مان نڪتل تيل هو، جنهن کي بني اسرائيل رڌپچاءَ، ڏيئن ٻارڻ ۽ مسح ڪرڻ ۾ استعمال ڪندا هئا. مقدس خيمي ۽ هيڪل جي خدمت ۾ هي تيل پڻ استعمال ڪيو ويندو هو.



**زيو:** عبرانين جي سال جو ٻيو مهينو، جيڪو انگريزي مهيني اپريل جي اڌکل وچ کان وٺي مئي جي وچ تائين هوندو آهي.

**سامري:** سليمان بادشاهه جي دور کان پوءِ بني اسرائيل جي اتر وارن ڏهن قبيلن يهوداه کان جدا ٿي اسرائيل نالي سان پنهنجو هڪ الڳ ملڪ ٺاهيو، جنهن جي گاديءَ جي شهر ۽ ان جي آسپاس واري علائقي جو نالو سامريه هو. نئين عهدنامي جي دور ۾ سامريه علائقي جي رهاڪن کي ”سامري“ سڏيو ويندو هو. سندن علائقو يهوديه ۽ گليل جي وچ ۾ هو. سامري ماڻهو حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب کي پنهنجا ابا ڏاڏا سمجھندا هئا ۽ حضرت موسيٰ کي خدا جو نبي ڪري مڃيندا هئا. اهي رڳو توريت شريف کي ئي خدا جو پاڪ ڪتاب ڪري مڃيندا هئا ۽ مسيح جي اچڻ جي اميد ۾ هئا. جيتوڻيڪ سندن اهي عقيدا يهودين سان لاڳاپو رکندڙ هئا، تنهن هوندي به يهودي انهن سامرين کي بني اسرائيل قوم مان نه سمجھندا هئا، ڇاڪاڻ‌ته انهن غير يهودين مان شاديون ڪيون هيون. تنهنڪري انهن کي سچي مذهب سان ڪوڙن عقيدن ۽ عملن جي ملاوت ڪندڙ سمجھيو ويندو هو. يهودين جي خيال مطابق انهن جي وڏي غلطي اها هئي ته هنن سامريه ۾ پنهنجي الڳ مرڪزي عبادت‌گاهه ناهي هئي ۽ ان کي يروشلم واري مقدس هيڪل کان وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا. هو هيڪل جي بدران انهيءَ جاءِ تي پنهنجون قربانيون پيش ڪندا هئا.

**سباط:** عبرانين جي سال جو يارهون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني جنوريءَ جي اڌکل وچ کان وٺي فبروريءَ جي وچ تائين هوندو آهي.

**سبت:** هفتي جي ستن ڏينهن مان يهودين جو اهو هڪ خاص ڏينهن هو، جيڪو جمع جي شام کان وٺي ڇنڇر جي شام تائين هوندو هو. حضرت موسيٰ جي شريعت مطابق انهيءَ ڏينهن تي ڪوبه ڪم نه ڪيو ويندو هو، ڇاڪاڻ‌ته اهو ڏينهن رڳو عبادت ۽ آرام لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو (ڏسو پيدائش 12:31–17).

خداوند عيسيٰ مسيح جي دور کان اڳ فريسي نالي يهودين جي هڪ فرقي سبت جي ڏينهن جي پابندين بابت پنهنجون گھڻيون ئي وضاحتون پيش ڪيون، جن اڳتي هلي قانون جي حيثيت اختيار ڪئي هئي. جڏهن ته عيسيٰ مسيح جو سبت بابت فريسين سان گھڻو بحث ٿيو (ڏسو مرقس 23:2–28).

**سردار ڪاهن:** مقدس خيمي ۽ پوءِ مقدس هيڪل ۾ خدمت لاءِ مقرر ڪاهن جيڪي لاوي قبيلي مان رڳو حضرت موسيٰ جي ڀاءُ هارون جي گھراڻي مان هوندا هئا، تن جي اڳواڻ کي ”سردار ڪاهن“ سڏيو ويندو هو. بني اسرائيل قوم جي مذهبي فرائض سرانجام ڏيڻ جي پوري ذميواري سردار ڪاهن مٿان هوندي هئي. حضرت موسيٰ جو ڀاءُ حضرت هارون پهريون سردار ڪاهن هو. سردار ڪاهن کي سال ۾ هڪ دفعو مقدس ترين جاءِ ۾ داخل ٿيڻو پوندو هو، جتي هن کي پنهنجي واسطي ۽ قوم جي گناهن واسطي قرباني پيش ڪرڻي پوندي هئي.

عيسيٰ مسيح جي دور ۾ هڪ کان وڌيڪ سردار ڪاهن هئا، جن کي مذهبي اهميت کان علاوه سياسي اثر رسوخ پڻ حاصل هو. انهن جي هڪ ڪائونسل هوندي هئي، جنهن جي صدر کي ”وڏو سردار ڪاهن“ ڪري سڏيو ويندو هو. اها ڪائونسل رومي حڪمرانن جي ماتحت يهوديه پرڳڻي ۾ انتظام هلائڻ

جي ذميوار هئي. اها يهودين جي اعليٰ مذهبي اختيارين واري ڪائونسل هئي.

**سينا جبل:** سينا جبل، جنهن کي عبرانيءَ ۾ حورب جبل جي نالي سان به ڄاتو وڃي ٿو، سو مصر ملڪ جي اتر اوڀر واري اُپيٽ ۾ واقع آهي. هيءَ اها ئي جاءِ آهي جتي موسيٰ پرندڙ ٻوڙو ڏٺو هو ۽ جڏهن هو بني اسرائيل قوم سميت مصر کان نڪري آيو هو، تڏهن اتي ئي ڪيس خدا کان ڏهه حڪم مليا هئا (ڏسو خروج 3:1-6، 20:1-21).

**سَيوان:** عبرانين جي سال جو ٽيون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني مئي جي اٽڪل وچ کان وٺي جون جي وچ تائين هوندو آهي.

**شاگرد:** انجيل شريف ۾ لفظ "شاگرد" انهن پوئلڳن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪنهن اڳواڻ جي پيروي ڪن ۽ انهيءَ جي نقشِ‌قدم تي هلن. عيسيٰ مسيح پنهنجي پوئلڳن مان ٻارهن شاگرد چونڊيا جن کي رسول ڪري سڏيو ويندو هو. ڏسو "رسول" پڻ.

**شريعت:** حضرت موسيٰ جي معرفت خدا جي طرفان ڏنل قاعدن قانونن کي شريعت سڏيو وڃي ٿو. بائيبل مقدس جي پهرين پنجن ڪتابن يعني توريت شريف ۾ اها بيان ڪئي وئي آهي. جڏهن ته انجيل شريف ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ پوري پراڻي عهدنامي کي پڻ شريعت سڏيو ويو آهي.

**شريعت جا عالم:** "شريعت جا عالم" انهن يهودي استادن کي سڏيو ويندو هو، جيڪي حضرت موسيٰ جي معرفت ڏنل شريعت سيکاريندا هئا. تنهن هوندي به هو پوري پراڻي عهدنامي جي تشريح پڻ ڪندا هئا. رومي شهنشاهت يهوديه تي پنهنجي حڪمرانيءَ دوران ڪين سندن قوم مٿان ڪجهه اختيار ۽ عهدا ڏنا هئا.

**صدوقي:** يهودين جي مذهبي فرقن مان "صدوقي" هڪڙو اثرائتو فرقو هو. اهي خداوند عيسيٰ مسيح ۽ ابتدائي ڪليسيا جي زماني دوران موجود هئا. هو فريسي فرقي کان مختلف عقيدا رکندا هئا، خاص طور مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿي اٿڻ ۽ موت کان پوءِ واري زندگيءَ واري نظريي جا مخالف هئا. انهن مان گهڻا ڪاهن هئا ۽ کين گهڻي سياسي طاقت حاصل هئي.

**صليب:** رومي حڪومت ۾ ڦاسي ڏيڻ جو هڪ طريقو صليب تي چاڙهڻ هو. صليب ڪاٺ مان ٺاهيو ويندو هو، جنهن ۾ ڪاٺ جو هڪ ٿنڀو زمين تي اُڀو کوڙيو ويندو هو، ان جي چوٽيءَ کان ٿورو هيٺ هڪڙو ٻيو ڪاٺ جو ٽڪرو سنئون ڳنڍيل هوندو هو. جنهن ماڻهوءَ کي موت جي سزا ڏيڻي هوندي هئي تنهن کي انهيءَ اُڀي ٿنڀي تي بيهاري سندس پيرن ۾ ڪوڪا هنيا ويندا هئا ۽ سنئين ڳنڍيل ڪاٺ جي ٽڪري تي ٻنهي پاسن سندس هٿ سڌا ڪري منجهن ڪوڪا هنيا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح انهيءَ ماڻهوءَ جو موت ٿي ويندو هو، جنهن کي صليبي موت سڏبو هو. عيسيٰ مسيح کي پڻ صليبي موت وسيلي قتل ڪيو ويو.

**صيئون:** صيئون هڪ جبل جو نالو هو، جنهن تي ڳڏيل اسرائيل ملڪ جي گاديءَ وارو شهر يروشلم اڏيل هو. انهيءَ شهر ۾ خداوند جو مقدس هيڪل هو، جنهن جو خاص مطلب اهو هو ته خداوند اتي رهي ٿو. سو انهيءَ هيڪل جو قائم رهڻ بني اسرائيل لاءِ خدا ۾ انهيءَ اميد جي علامت هو ته هو سندن بخت ۽ خوشحالي وري موٽائي آڻي ٿو. تنهنڪري صيئون جو خاص اشارو بني اسرائيل جي انهيءَ مذهبي مرڪز ڏانهن هوندو هو، جڏهن ته اهو نالو يروشلم شهر لاءِ پڻ استعمال ٿيندو هو. سو بائيبل مقدس ۾ اهي ٻئي نالا انهيءَ هڪڙي شهر لاءِ استعمال ٿيا آهن.

**طيبت:** عبرانين جي سال جو ڏهون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني ڊسمبر جي اٽڪل وچ کان وٺي جنوريءَ جي وچ تائين هوندو آهي.

**عبادت‌خانو:** نيئن عهدنامي ۾ يهودين جي عبادت‌خانن جو ذڪر ٿيل آهي. يهودين جي رهائشي علائقن ۾ عبادت‌خانن جون اهڙيون ڪيتريون ئي جايون هونديون هيون، جن ۾ هو پنهنجي مذهبي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪلام پڙهندا هئا ۽ خدا جي عبادت پڻ ڪندا هئا. انهن عبادت‌خانن ۾ ڪا به قرباني پيش نه ڪئي ويندي هئي، بلڪ هر قسم جون قربانيون مقدس هيڪل ۾ ئي پيش ڪيون وينديون هيون جيڪو يروشلم شهر ۾ هو.

**عبادت‌گاهه جو سڪو:** هي سڪو بني اسرائيل قوم جي لاءِ سرڪاري پيماني طور رائج هو. انهيءَ جو وزن عبادت‌گاهه ۾ مقرر ڪيل هو، جيڪو اڄ جي حساب مطابق لڳ‌ڀڳ ٻارهن گرام هو.

**عبراني:** حضرت ابراهيم کي "عبراني" سڏيو ويندو هو (ڏسو پيدائش 14:13)، تنهنڪري بني اسرائيل پڻ عبراني قوم جي نالي سان ڄاتا وڃن ٿا. بني اسرائيل جي مادري ٻولي ۽ پراڻي عهدنامي جي اصلي ٻولي، جنهن ۾ اهو لکيل آهي سا پڻ عبراني ٻولي آهي.

**عهد:** بائيبل مقدس ۾ عهد هڪ اقرارنامو آهي، جيڪو ٻن انسانن جي وچ ۾ يا خدا ۽ ماڻهوءَ يا قوم جي وچ ۾ ڪيل آهي. خدا حضرت نوح توڙي حضرت ابراهيم سان پڻ عهد ڪيو، جڏهن ته "پراڻو عهدنامو" جي لقب جو لاڳاپو انهيءَ خاص عهد سان آهي، جيڪو حضرت موسيٰ جي ڏينهن ۾ خدا بني اسرائيل قوم سان ڪيو. هن عهد جو بنياد انهيءَ شريعت جي پوري ڪرڻ تي ٻڌل هو، جيڪا خدا پٿر جي ٻن تختين تي لکي حضرت موسيٰ کي ڏني هئي، جن کي "عهد واريون تختيون" سڏيو ٿي ويو. انهن تختين کي عهد واري صندوق ۾ رکيو ويو ۽ اها صندوق حضرت موسيٰ جي زماني ۾ عهد واري خيمي يعني مقدس خيمي ۾ رکي وئي (ڏسو خروج 1:24-8، 25:10-22). بعد ۾ اها مقدس هيڪل جي مقدس ترين جاءِ ۾ رکي وئي.

نئين عهدنامي ۾ عيسيٰ مسيح انسانذات لاءِ هڪ نئون عهد ٻڌو. هن پنهنجي موت جي وسيلي خدا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ نئون عهد قائم ڪيو، جيڪي مسيح جي انهيءَ قربانيءَ جي نتيجي ۾ خدا جي قوم بڻجن ٿا (ڏسو لوقا 22:20). ٿن ڏينهن کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ جي وسيلي عيسيٰ مسيح انهيءَ عهد جي تصديق ڪئي (ڏسو لوقا 24:45–49).

**عهد واري صندوق:** بني اسرائيل جي مصر مان نڪري اچڻ بعد خدا جي ڏنل هدايتن موجب موسيٰ ڪاٺ جي هيءَ صندوق ٺهرائي، جنهن تي سون جو پٽ چاڙهايائين. موسيٰ پٿر جون اهي ٻئي تختيون انهيءَ صندوق ۾ رکي ڇڏيون جن تي ڏهه حڪم لکيل هئا، جن جي پوري ڪرڻ تي ساڻن خدا جو ڪيل عهد ٻڌل هو. صندوق جي مٿان رحمت جو پوش رکيل هو، جيڪو خدا جي موجودگيءَ جو اظهار هو. عهد واري اها صندوق مقدس خيمي ۽ حضرت سليمان جي دور کان وٺي مقدس هيڪل جي مقدس ترين جاءِ ۾ رکيل هئي (ڏسو خروج 25:10–22). بابلين جي هٿان سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم ۽ هيڪل جي تباهيءَ کان پوءِ عهد واري صندوق جي ڪابه ڄاڻ نہ ٿي ملي. سو ايندڙ وقتن ۾ جڏهن هيڪل کي بہ پيرا وري اڏايو ويو هو، تڏهن هيڪل جي مقدس ترين جاءِ انهيءَ عهد واري صندوق کان خالي رهندي آئي.

**عيسيٰ:** ”عيسيٰ“ عبراني ٻوليءَ جي نالي ”يشوع“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”خداوند بچائيندڙ“. عيسيٰ مسيح تي اهو نالو ملائڪ جي هدايت موجب رکيو ويو، جنهن اڳڪٿي ڪندي چيو تہ ”هو پنهنجيءَ قوم کي سندن گناهن کان ڇوٽڪارو ڏيندو.“ (ڏسو متي 1:21).

**غير قومون:** پاڪ ڪلام ۾ بني اسرائيل کان علاوه جيڪي بہ قومون آهن، تن کي غير قومون يا غير يهودي سڏيو ويو آهي.

**فرعون:** بائيبل مقدس ۾ مصر جي هر حڪمران کي عام طور تي ”فرعون“ جي لقب سان سڏيو ويو آهي، جڏهن تہ انهن حڪمرانن جا ذاتي نالا مختلف هئا. مصر جي تواريخ ۾ اهڙن 26 خاندانن جي مختلف فرعونن جو تفصيل ملي ٿو.

**فريسي:** يهودين جي مذهبي فرقن مان ”فريسي“ هڪڙو فرقو هو. اهي موسيٰ جي معرفت ڏنل شريعت تي سختيءَ سان عمل ڪندا هئا. هو مذهبي طور صفائيءَ ۽ پاڪائيءَ جي قاعدن تي خاص ڌيان ڏيندا هئا ۽ انهن ماڻهن کان پاڻ کي پري رکندا هئا، جيڪي سندن عقيدي موجب شريعت جي رسمن ۽ رواجن تي باقاعدي عمل نہ ڪندا هئا. انهن جا عقيدا صدوقي فرقي وارن کان مختلف هئا، جهڙوڪ: مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ، ملائڪن جو وجود ۽ دائود جي بادشاهيءَ کي بحال ڪرڻ لاءِ مسيح جو اچڻ. جيئن تہ عيسيٰ مسيح سندن تعليم جي ڪن ڳالهين جي مخالفت ٿي ڪئي ۽ سندن رياڪاريءَ کي ظاهر ٿي ڪيائين، تنهنڪري هو بہ سندس مخالفت لڳا ۽ ڪيس مسيح طور نہ مڃيائون.

**فصح جي عيد:** اها هڪ ساليانی عيد آهي، جيڪا يهودي انهيءَ واقعي جي يادگار طور ملهائيندا آهن، جڏهن خدا جي موت واري فرشتي سندن وڏن يعني بني اسرائيل جي مصر مان نڪرڻ وقت سندن گهرن کان ٽپي مصرين جي گهرن ۾ وڃي سندن پهريتن کي ماريو هو (ڏسو خروج 12:1–14). انهيءَ وقت کان وٺي اها عيد ملهائيندي بني اسرائيل خدا سان پنهنجي عهد جي تجديد ڪندا آهن. هن عيد جو واسطو بي‌خميري مانيءَ جي عيد سان آهي، جيڪا عيد فصح کان ٻئي ڏينهن ستين ڏينهن تائين ملهائبي آهي.

نئين عهدنامي جي دور ۾ ٽن وڏين عيدن يعني عيد فصح، عيد پنتيڪُست ۽ ٽنبن واري عيد تي هر مرد لاءِ ضروري هو تہ هو يروشلم شهر ۾ حاضر ٿي اهي عيدون ملهائي.

**فلستي:** هي ماڻهو حضرت ابراهيم کان اڳ جي دور وارين قومن جي هڪ شاخ هئا. هو لبنان جي پوري ضلعي ۽ اردن جي ماٿريءَ ۾ پکڙجي ويا ۽ ڪي وري يونوچ سمنڊ تائين پکڙجي ويا. حضرت ابراهيم جي زماني ۾ اهي ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اولهه ۾ رهندا هئا. پراڻي عهدنامي ۾ توريت شريف کان وٺي اها قوم انهيءَ علائقي جي رهاڪو ڄاڻايل آهي، جيڪو يهوداه علائقي ۽ مصر جي وچ ۾ هو (ڏسو خروج 13:17، 15:14، 15، يشوع 13:3، 1.سموئيل 4:1). فلستين ۽ بني اسرائيل جي وچ ۾ اڪثر ڪري جنگ رهي. فلستي قوم جي ڪري سڄو ڪنعان ملڪ فلستين جي نالي سان سڏجڻ لڳو. عيسيٰ مسيح جي زماني ۾ اهو رومين جي ماتحت هو ۽ يهودين جو اباڻو وطن سمجهيو ويندو هو.

**قربانيون ۽ نذرانا:** يهودي مذهب ۾ خدا وٽ قربانين ۽ نذرانن پيش ڪرڻ کي گهڻي اهميت حاصل آهي. قربانيءَ جو خيال ساري ڪلام مقدس ۾ ڇانيل آهي ۽ انهيءَ جي آغاز جو پتو توريت جي پهرين ڪتاب پيدائش کان وٺي ملي ٿو، جنهن ۾ هابيل پنهنجي ڌڻ مان قرباني پيش ڪئي (پيدائش 4:4). اهو ساڳيو ئي عمل بني اسرائيل جي بزرگن تائين جاري رهندو آيو. پراڻي عهدنامي ۾ خدا جي طرفان موسيٰ جي معرفت انهن مختلف قربانين متعلق ٺوس قاعدا قانون ڏنا ويا آهن، جيڪي خدا آڏو پيش ڪرڻيون هيون.

ساڙڻ واريون قربانيون گناهن جي ڪفاري، شڪرگذاريءَ ۽ پاڪ ٿيڻ واسطي پيش ڪيون وينديون هيون. بنا رت واريون قربانيون خاص طور اهي غريب ماڻهو پيش ڪندا هئا جن وٽ ساڙڻ وارين قربانين لاءِ جانور ڪين هوندا هئا. ان کان علاوه ڪي ساڙڻ وارين قربانين سان گڏ بنا رت واريون قربانيون پڻ پيش ڪندا هئا.

بنا رت وارا نذرانا، جهڙوڪ:
1. پهرين پيداوار ۽ ڏهان حصا
2. اناج ۽ اوٽڻ واريون قربانيون
3. خوشبوءِ جي لاءِ لوبان ساڙڻ
رت واريون قربانيون، جهڙوڪ:
1. ساڙڻ واري قرباني
2. سلامتيءَ واري قرباني
3. پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني

**قيامت يا خداوند جو ڏينهن:** پراڻي عهدنامي ۾ "خداوند جو ڏينهن" مان مراد آهي ته هڪ ڏينهن ٿيندو جڏهن خدا انصاف ڪندو. جيتوڻيڪ ان ڏينهن تي گنهگارن کي سزا ڏني ويندي ۽ سچارن کي سچائيءَ جو بدلو ڏنو ويندو، پر ان مان وڌيڪ زوردار مراد اها آهي ته خدا هن دنيا کي گنهگارن توڙي گناهن کان پاڪ صاف ڪرڻ لاءِ ايندو.

نئين عهدنامي جي دور ۾ ڪيترن ئي يهودين جو اهو عقيدو هو ته سچار ماڻهو جيڪي مري ويا آهن، تن کي خدا دائمي زندگيءَ لاءِ ٻيهر جيئرو ڪندو. انجيل شريف ۾ لکيل آهي ته خدا عيسيٰ مسيح کي مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ڪري اٿاريو. عيسيٰ مسيح جو وري جيئرو ٿيڻ سندس پوئلڳن جي عقيدي جو بنيادي نقطو آهي. اهو خدا جي انهيءَ طاقت جو مظهر آهي ته خدا ماڻهن کي گناهه ۽ موت کان آزاد ڪري کين دائمي زندگي ڏئي ٿو. انجيل شريف جي تعليم اها به آهي ته قيامت جي ڏينهن سڀني ماڻهن کي اٿاريو ويندو ۽ انصاف سان سندن فيصلو ڪيو ويندو. قيامت جي اختياريءَ بابت عيسيٰ مسيح جي اها دعويٰ آهي ته "آءٌ قيامت ۽ زندگي آهيان" (ڏسو يوحنا 11:25).

**قيصر:** رومي شهنشاهت جي هر حڪمران کي "قيصر" جي لقب سان سڏيو ويندو هو، جڏهن ته انهن حڪمرانن جا ذاتي نالا مختلف هئا. نئين عهدنامي جي دور ۾ اسرائيل ملڪ کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ملڪ رومي شهنشاهت جي ماتحت هئا.

**ڪاهن:** بني اسرائيل جي مذهبي اڳواڻن کي "ڪاهن" سڏيو ويندو هو. هر ڪاهن لاوي قبيلي مان رڳو حضرت موسيٰ جي ڀاءُ هارون جي گهراڻي مان چونڊيو ويندو هو. شروع ۾ مقدس خيمي ۽ بعد ۾ مقدس هيڪل جو سمورو انتظام انهن جي حوالي هوندو هو ۽ هو مذهبي فرضن جي ادائگي به ڪندا هئا، خاص طور ماڻهن لاءِ مختلف قسم جون قربانيون پيش ڪندا هئا. انهن ڪاهنن مان هڪڙو سردار ڪاهن چونڊيو ويندو هو. ڏسو "سردار ڪاهن" پڻ.

**ڪائونسل:** هيءَ يهودين جي اعليٰ اختياراتي ڪائونسل هئي، جنهن ۾ ستر وڏا بزرگ هوندا هئا ۽ وڏو سردار ڪاهن انهيءَ ڪائونسل جو سربراهه هوندو هو. رومن شهنشاهت ۾ اها يهوديه صوبي جي اندروني حڪومت لاءِ ذميوار هوندي هئي ۽ يهودين جي تمام وڏي مذهبي اختياري مڃي ويندي هئي.

**ڪِسليو:** عبرانين جي سال جو نائون مهينو، جيڪو انگريزي مهيني نومبر جي اڌ کان وٺي ڊسمبر جي وچ تائين هوندو آهي.

**ڪليسيا:** عيسيٰ مسيح جي پوئلڳ جماعت کي ۽ گهڻو ڪري جماعت جي هر انهيءَ ٽولي کي، جيڪو باقاعدي گڏجي عبادت ڪري ٿو ڪليسيا سڏيو وڃي ٿو.

**ڪنعان:** ڏسو "اسرائيل".

**ڪوڙهه جهڙي بيماري:** اها چمڙيءَ جي بيماري آهي، جنهن کي قديم زماني ۾ وچڙندڙ بيماري سمجهي ماڻهو ڊڄندا هئا. اهو هڪ لاعلاج مرض سمجهيو ويندو هو. انهيءَ بيماريءَ جي مريض کي مذهبي طور ناپاڪ سمجهيو ويندو هو ۽ کيس ٻين ماڻهن کان ڌار رکيو ويندو هو. انهيءَ کي رڳو ان صورت ۾ عام معاشري ۾ بحال ڪيو ويندو هو جڏهن ڪاهن موسيٰ جي شريعت جي قاعدن مطابق انهيءَ جي چڪاس ڪري کيس شفاياب قرار ڏيندو هو ۽ انهيءَ بعد کيس قرباني پيش ڪرڻي پوندي هئي. پوءِ هو پنهنجي ماڻهن ۾ وري شموليت اختيار ڪري سگهندو هو.

**ڪٿو ڍڪڻ:** پراڻي عهدنامي جي زماني ۾ ڏک ۽ ارمان جي اظهار لاءِ هڪڙي رسم هئي، جنهن ۾ سوڳ طور يا گناهه کان توبهه‌تائب ٿيڻ وقت ماڻهو ڪٿو ڍڪي خدا آڏو عاجزي ڪندا هئا.

**گليل:** يروشلم شهر ۽ سامريه جي اتر طرف گليل نالي هڪڙو علائقو هو، جيڪو گليل ڍنڍ جي اولهه ۾ هو. اتي جي رهاڪن کي گليلي سڏيو ويندو هو. انهيءَ علائقي ۾ ئي عيسيٰ مسيح جو اباڻو شهر پڻ هو. هي علائقو ڪنهن وقت رومي شهنشاهت جو هڪ پرڳڻو پڻ هو ۽ عيسيٰ مسيح جي صليب تي چاڙهيو وڃڻ ۽ سندس وري جيئري ٿي اٿڻ واري دور ۾ ان جو حاڪم هيروديس انتپاس هو.

**لاوي:** حضرت يعقوب جي پٽ لاويءَ جي اولاد کي "لاوي" ڪري سڏيو ويندو هو. حضرت هارون به هن قبيلي مان هو، جيڪو پهريون ڪاهن هو ۽ سندس نسل ئي ڪاهن طور مخصوص ڪيو ويو. رڳو انهيءَ ئي قبيلي جا ماڻهو ڪاهن يا ڪاهنن جي مددگارن جي حيثيت سان هيڪل ۾ خدمت ڪندا هئا.

**لوبان:** هي خوشبودار مصالحو آهي، جنهن کي ساڙڻ سان وڻندڙ خوشبوءِ ايندي آهي. ڪاهن انهيءَ کي مقدس خيمي ۽ هيڪل ۾ عبادت ڪرڻ وقت استعمال ڪندا هئا.

**محصول اُڳاڙيندڙ:** عيسيٰ مسيح جي زماني ۾ رومي حاڪم ڪن يهودين کي سندن قوم وارن کان محصول اُڳاڙڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. انهن محصول اُڳاڙيندڙن کي سندن قوم وارا نفرت جي نگاهه سان ڏسندا هئا، ڇاڪاڻ‌ته اهي ڌارين حاڪمن لاءِ ڪم ڪندا هئا. عام تاثر اهو به هو ته اهي اڪثر رشوتي آهن ۽

پنهنجي قوم وارن کي ڦريندا آهن. ڪن عالمن موجب يهودي مذهبي اڳواڻ انهن محصول اُڳاڙيندڙن کي پليت ۽ پنهنجي قوم جا غدار ڪري سمجهندا هئا ڇالاءِجو اهي غير قوم وارن سان لاڳاپا رکندا هئا.

**مسح ڪرڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿي تي زيتون جو تيل اوتڻ يا هٿ سان هڻڻ واري رسم کي ”مسح ڪرڻ“ چئجي ٿو، جنهن جو مطلب آهي ان ماڻهوءَ جي وڏي عزت ڪرڻ يا ڪنهن خاص ڪم لاءِ کيس مقرر ڪرڻ. خاص طور تي بني اسرائيل جي بادشاهن کي مسح ڪيو ويندو هو، جيڪا انهيءَ ڳالهه جي نشاني هئي ته خدا انهن کي چونڊيو آهي. انهيءَ ئي سبب بادشاهه کي ”مسح ڪيل“ پڻ سڏيو ويندو هو.

**مسيح:** اهو هڪ لقب آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا جو مسح ڪيل“. پراڻي عهدنامي ۾ بادشاهن کي نبي مسح ڪندا هئا، ۽ اها هڪ اهڙي نشاني هئي جنهن مان مراد هئي ته خدا هن کي بادشاهه ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي. عيسيٰ مسيح جي ڏينهن ۾ يهودي اهو لفظ انهيءَ بادشاهه لاءِ استعمال ڪندا هئا جنهن لاءِ کين اميد هئي ته خدا انهيءَ بادشاهه کي موڪليندو، جيڪو کين رومي حڪومت کان ڇڏائيندو ۽ يهودي بادشاهت کي وري پيهر قائم ڪندو. نئين عهدنامي جي تعليم مطابق خداوند عيسيٰ ئي اهو مسيح آهي (ڏسو متي 16:16، 17) جنهن جي اچڻ جون اڳڪٿيون پراڻي عهدنامي ۾ لکيل آهن، پر يهودين جي مذهبي اڳواڻن ۽ عوامن جي سوچ کان مختلف انداز ۾. خداوند عيسيٰ پنهنجي موت ۽ وري جيئري ٿي اٿڻ جي وسيلي ماڻهن کي خدا ڏانهن سچار بڻائيندي خدا جي بادشاهت قائم ڪري ٿو (ڏسو لوقا 24:25–26، رومين 5:6–11).

**مقدس:** هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”پاڪ“. پر هن سنڌي ترجمي ۾ هي لفظ رڳو انهن جاين لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيڪي خدا جي عبادت لاءِ مخصوص ٿيل هيون. خاص طور مقدس خيمي ۽ مقدس هيڪل ۾ ٻه جايون هيون، جن مان هڪ کي مقدس جاءِ ۽ ٻيءَ کي مقدس ترين جاءِ سڏيو ويندو هو.

**مقدس خيمو:** جڏهن بني اسرائيل قوم مصر مان نڪري آئي، تڏهن هنن بيابان ۾ خدا جي هدايت موجب هڪ عبادت‌گاهه ٺاهي هئي، جيڪا خيمي جي صورت ۾ هئي. هن ڪتاب جي آخري صفحن ۾ انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

**مَنَ:** هي هڪ خاص قسم جو کاڌو هو، جيڪو بني اسرائيل جي مصر مان نڪري اچڻ بعد بيابان ۾ سفر ڪندي چاليهن سالن تائين خدا کين مهيا ڪيو. اهو اڇي رنگ جو ڌاڻن جي ٻج جهڙو هو ۽ کائڻ ۾ لذيذ هو. اهو آسمان مان نازل ڪيو ويندو هو.

**موسيٰ:** حضرت موسيٰ کي يهودي تمام گهڻي اهميت ڏيندا آهن. هن ئي سندن وڏن جي ان وقت اڳواڻي ڪئي، جڏهن خدا کين مصر جي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو. توريت شريف هن جي ئي معرفت لکيو ويو هو، جنهن ۾ اها شريعت موجود آهي جيڪا خدا کيس سينا جبل تي ڏني هئي.

**مولڪ ديوتا:** مولڪ هڪ معبود هو، جنهن جي ڪنعان جا قديم ماڻهو پوڄا ڪندا هئا. ان جي پوڄا ۾ هو نهايت بيدرديءَ سان پنهنجي ٻارن کي قربان ڪندا هئا. مولڪ ديوتا جي پوڄا ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي بني اسرائيل به حصو وٺندا هئا.

**مئي:** بائيبل مقدس جي زماني ۾ تمام عام مشروبات مان ”مئي“ هڪ هو، جيڪو بنيادي طور انگورن مان ٺاهيو ويندو هو. مئي جي ڇيچڙن (ڏسو ”انگورن جو ڇيچڙو“) مان انگورن جو رس حاصل ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي مئي بنائڻ لاءِ خميرو ويندو هو. حضرت نوح پهريون شخص ٻڌايو وڃي ٿو جنهن مئي ٺاهي (پيدائش 20:8). مئي گهڻو ڪري نشيدار پيئڻ واري شيءِ هوندي آهي ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ جي استعمال جي منع ناهي، پر ان جي بداستعمالي سان نشئي ٿي وڃڻ کي ڪلام مقدس ۾ سختيءَ سان ننديو ويو آهي. ان جي برعڪس اڄڪلهه ڪجهه طبقن ۾ مئي استعمال ڪرڻ سماجي عيب آهي. پر بائيبل مقدس واري دور ۾ سڀيئي ماڻهو مذهبي رسمن ۾ توڙي عام رواج طور پيئڻ لاءِ اڪثر مئي استعمال ڪندا هئا ۽ ان کي ڪوبه عيب نه سمجهيو ويندو هو.

**ناذير:** ”ناذير“ جي لفظي معنيٰ آهي خدا لاءِ وقف ٿيل. ڪوبه شخص جيڪو خدا جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ چاهيندو هو ته ان کي قسم کڻي هنن ڪمن کان پرهيز ڪرڻي پوندي هئي ته هو شراب نه پيئندو، نڪي ڪا ٻي نشيدار شيءِ استعمال ڪندو، نڪي هو پنهنجا وار ڪوڙائيندو ۽ نه ڪنهن لاش کي ڇهندو (ڳاڻاڻو 1:6–21). اهڙو قسم وقت جي ڪنهن خاص مدي لاءِ کنيو ويندو هو، پر ڪجهه شخصن کي ڄمندي ئي ناذير ڪيو ويندو هو.

**ناصري:** گليل جي علائقي واري ڳوٺ ناصرت جي رهاڪن کي ”ناصري“ سڏيو ويندو هو. خداوند عيسيٰ مسيح پڻ ناصرت شهر جو رهاڪو هو.

**نبي:** خدا جي طرفان اهو چونڊيل ٻانهو، جيڪو خدا جو پيغام ٻڌائيندو هو، تنهن کي ”نبي“ چئبو هو. بني اسرائيل جي پاڪ ڪتابن ۾ اهي نبي بادشاهن ۽ عام ماڻهن کي خدا جو پيغام ٻڌائيندا هئا. ڪڏهن ته اهي خدا طرفان نصيحت يا سزا جا پيغام هوندا هئا، ڪڏهن وري اهي چوتڪاري ۽ اميد جا پيغام هوندا هئا.

**نبي سڏائيندڙ:** هن ترجمي ۾ هي لفظ انهن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيل آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي نبي سڏائيندا هئا، جڏهن ته حقيقت ۾ اهي نبي نه هئا، نڪي اهي خدا جي طرفان موڪليل هئا.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو انهن جون ڳالهيون مڃيندا هئا، جيتوڻيڪ اهي ڪوڙ ڳالهائيندا هئا.

**نذرانا:** ڏسو ”قربانيون“.

**نفيل:** جانور جي سنگ مان ٺهيل ڦوڪڻ وارو ساز.



**نيسان:** عبرانين جي سال جو پهريون مهينو، جيڪو بهار جي موسم ۾ ايندو آهي. اهو انگريزي مهيني مارچ جي اڌکل وچ کان وٺي اپريل جي وچ تائين هوندو آهي. انهيءَ جو ٻيو نالو ابيب پڻ آهي. انهيءَ مهيني ۾ عيد فصح ۽ بيخميري مانين جي عيد ملهائي ويندي آهي.

**ويڙهوڻو:** چمڙي جو هڪڙو ڊگهو ٽڪرو جنهن تي مواد لکيل هوندو هو ۽ انهيءَ کي ويڙهيو ويندو هو. اهو ڪتاب ۽ ڪاغذ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ استعمال ٿيندو هو.



**هيروديس:** انجيل شريف ۾ ٽن شخصن کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويو آهي، جيڪي رومي شهنشاهت جي دور ۾ حاڪم هئا. پهرين هيروديس کي ”هيروديس اعظم“ سڏيو ويو آهي، جيڪو 37 قبل مسيح کان 4 قبل مسيح تائين يهوديہ پرڳڻي کان وٺي شام جي علائقي تائين حڪمراني ڪندو هو، جنهن ۾ سامريہ ۽ گليل جا علائقا بہ شامل هئا (ڏسو متي 2:1).

ٻيو هيروديس وري هيروديس اعظم جو پٽ انتپاس هو، جيڪو 4 قبل مسيح کان سن 39ع تائين گليل پرڳڻي جو حاڪم هو.

ٽيون هيروديس وري هيروديس اعظم جي ٻئي پٽ مان ڄاول پوٽو اگرپا هو، جنهن رسولن کي ستايو ۽ جنهن جو موت انجيل شريف ۾ خداوند طرفان سندس سزا لکيو ويو آهي (ڏسو رسولن جا ڪم باب 12).

**هيڪل:** بني اسرائيل قوم جي عبادت ڪرڻ جي مرڪزي ۽ مکيہ جاءِ، جيڪا يروشلم شهر ۾ اڏائي ويئي هئي تنهن کي ”هيڪل“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ڪتاب جي آخري صفحن ۾ انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

**يروشلم:** دائود بادشاهہ جي دور ۾ هن شهر کي بني اسرائيل جي گاديءَ جو شهر بڻايو ويو، جيڪو يهوداه قبيلي جي علائقي ۾ هو. هن شهر ۾ دائود جي گهراڻي جو تخت قائم هو ۽ حضرت سليمان جي دور ۾ بني اسرائيل جو مرڪزي عبادتگاهہ يعني مقدس هيڪل پڻ هتي تعمير ڪيو ويو هو. ڏسو ”صيئون“ پڻ.

**يهوداه:** هن لفظ جو تفصيل هيٺئين طرح سان آهي:

1. يهوداه حضرت يعقوب جي هڪڙي پٽ جو نالو هو، جيڪو شاهي خاندان واري يهوداه قبيلي جو ابو ڏاڏو هو.
2. سليمان بادشاهہ جي دور کان پوءِ اسرائيل ملڪ جو صوبو يهوداه هڪ جدا ملڪ بڻيو. يهودين جي جلاوطن ٿيڻ وقت توڙي جلاوطنيءَ کان موٽي اچڻ بعد جيتوڻيڪ يهوداه تي ٻين بادشاهتن قبضو ڪيو تہ بہ هن جو ساڳيو ئي نالو برقرار رهيو.
3. يهوديہ فلستين جي ڏکڻ ۾ رومي سلطنت تحت هڪ پرڳڻو هو، جيڪو يهوداه ملڪ کان ننڍو هو پر منجهس اڳوڻي يهوداه ملڪ جا وڏا شهر شامل هئا. يهوديہ جو ذڪر پراڻي عهدنامي ۾ ناهي، بلڪ نئين عهدنامي ۾ آهي.

**يهودي:** نئين عهدنامي جي دور ۾ ”يهودي“ لفظ انهن سڀني لاءِ استعمال ٿيو، جيڪي يهودي مذهب جا پوئلڳ هئا. هي بني اسرائيل جا اهي ماڻهو هئا جيڪي يهوداه ملڪ جا رهاڪو هئا ۽ بابل ملڪ مان جلاوطنيءَ بعد واپس آيا هئا. ان کان پوءِ ئي اهي يهودي نالي سان سڃڻ لڳا.

**يهوديہ:** ڏسو ”يهوداه“.

**يسيره ديوي:** ڏسو ”بعل ديوتا“.

# خاص لفظن جا چونڊيل حوالا

هتي بائبل مقدس جا ڪي خاص لفظ ڏنا ويا آهن، جن سان گڏ ڪجهہ چونڊيل حوالا لکيل آهن. مقدس ڪلام جا مضمون جهڙوڪ: محبت، ايمان ۽ بپتسما وغيره، مختلف مقدس لکتن ۾ بيان ڪيل آهن. هتي ڏنل حوالن جي مدد سان پڙهندڙ انهن مضمونن بابت بائيبل مقدس جي مختلف ڪتابن مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا.

## ا

### آدم

پيد 15:2 خداوند خدا **آدم** کي عدن جي باغ ۾ رکيو
پيد 22:2 پاسريءَ مان هڪ عورت ٺاهي ۽ کيس **آدم** وٽ وٺي آيو
پيد 10:3 **آدم** جواب ڏنو تہ ”مون باغ ۾ تنهنجو آواز ٻڌو
پيد 20:3 **آدم** پنهنجيءَ زال جو نالو حوا رکيو
زب 4:11 سندس نگاهہ بني **آدم** تي آهي
رو 15:5 خدا جي بخشش کي **آدم** جي ڏوهہ سان ڀيٽي نہ ٿو
1.ڪر 45:15 پويون **آدم** زندگي بخشيندڙ روح آهي

### آسمان

پيد 1:1 شروعات ۾ خدا زمين ۽ **آسمان** کي پيدا ڪيو
پيد 24:19 سدوم ۽ عموراه تي **آسمان** مان گندرف جي باهہ وسائي
خر 13:32 اوهان جو اولاد **آسمان** جي تارن جيترو وڌائيندس
زب 6:50 **آسمان** خدا جي سچائيءَ کي بيان ٿا ڪن
مت 45:5 اوهان جو پيءُ، جيڪو **آسمان** ۾ آهي
يو 41:6 آءٌ اها ماني آهيان، جيڪا **آسمان** مان نازل ٿي آهي
رس 9:1 هو انهن جي ڏسندي ئي **آسمان** ڏانهن کڄي ويو
عبر 1:8 جيڪو **آسمان** تي قادرِمطلق جي تخت جي ساڄي پاسي وڃي

### آسمان واري بادشاهت

مت 2:3 توبهہ ڪريو جو **آسمان واري بادشاهت** ويجهي آئي آهي
مت 21:7 سيڪو **آسمان واري بادشاهت** ۾ داخل ٿي نہ سگهندو
مت 19:16 آءٌ تو کي **آسمان واري بادشاهت** جون ڪنجيون ڏيندس
مت 1:25 انهيءَ ڏينهن **آسمان واري بادشاهت** ڏهن ڪنوارين چوڪرين

### آمين

شر 15:27 پوءِ سڀ ماڻهو ورندي ڏيئي چون ’**آمين**.‘
1.توا 36:16 پوءِ سڀني ماڻهن ”**آمين**“ چيو ۽ خدا جي واکاڻ ڪيائون
ير 6:28 **آمين**! شل خداوند ائين ئي ڪري!
2.ڪر 20:1 اسان کان ”**آمين**“ بہ ٿي، تہ جيئن خدا جو جلال ظاهر ٿئي
فل 25:1 عيسيٰ مسيح جو فضل اوهان سڀني تي هجي. **آمين**
مڪا 20:22 آءٌ جلد اچڻ وارو آهيان.“ **آمين**. اي خداوند عيسيٰ! اچ

### ابراهيم

پيد 9:17 خدا **ابراهيم** کي چيو تہ ”تون ۽ تنهنجو اولاد
پيد 17:18 **ابراهيم** جو اولاد هڪ وڏي ۽ طاقتور قوم ٿيندو
پيد 13:22 **ابراهيم** وڃي اهو گهيٽو پڪڙيو ۽ آڻي پنهنجي پٽ
خر 1:33 مون **ابراهيم**، اسحاق ۽ **يعقوب** سان قسم ڪنيو
يو 58:8 **ابراهيم** جي ڄمڻ کان اڳي بہ آءٌ آهيان
گل 14:3 **ابراهيم** کي مليل برڪت عيسيٰ مسيح جي وسيلي
عبر 9:11 سي بہ **ابراهيم** وانگر تنبن ۾ رهندا هئا
عبر 17:11 **ابراهيم** اسحاق کي نذراني طور قربان ڪيو

### ابن آدم

مت 20:8 **ابن آدم** کي اها جاءِ بہ ڪانهي جتي مٿو لڪائي
مت 8:12 **ابن آدم** تہ سبت جو بہ مالڪ آهي
مت 64:26 اوهين **ابن آدم** کي خدا تعاليٰ جي ساڄي پاسي تي ويٺل
مر 10:2 **ابن آدم** کي دنيا ۾ ماڻهن جا گناهہ معاف ڪرڻ جي اختياري
مر 26:13 **ابن آدم** ڪڪرن ۾ وڏيءَ قدرت ۽ جلوي سان ايندي

### اختيار

2.توا 8:25 فتح يا شڪست خدا جي ئي **اختيار** ۾ آهي
چوڻ 24:20 انسان جو هر قدم خداوند جي **اختيار** ۾ آهي
وا 1:4 مٿن ظلم ڪرڻ وارا وڏي **اختيار** وارا هئا
ير 10:1 اڄ مون تو کي قومن ۽ حڪومتن تي **اختيار** ڏنو آهي
لو 32:4 هن جو ڪلام ائين هو جيئن ڪو **اختيار** وارو ڳالهائي
ڪل 10:2 هو هر حڪومت ۽ **اختيار** جو سر آهي
2.تس 12:3 اسين خداوند عيسيٰ مسيح جي **اختيار** سان اهڙن ماڻهن

### ارام، ارامي

پيد 22:10 سِم جي پٽن جا نالا هي هئا: عيلام، ...، لود ۽ **ارام**
پيد 10:24 **ارام** جي علائقي ۾ انهيءَ شهر ڏانهن روانو ٿيو
2.با 26:18 مهرباني ڪري اسان سان **ارامي** ٻوليءَ ۾ ڳالهايو
شر 5:26 منهنجو پيءُ اسرائيل هڪڙو بي‌ماڳو **ارامي** ماڻهو هو

### اردن

پيد 11:13 لوط پنهنجي لاءِ **اردن** ماٿريءَ جو سارو ميدان چونڊيو
ڳا 3:26 **اردن** درياءَ جي ڪناري تي پوريءَ قوم کي گڏ ڪيو
شر 29:2 اسين **اردن** درياءَ مان لنگهي انهيءَ ملڪ ۾ وڃون
يش 16:3 سڄي قوم **اردن** درياءَ منجهان سڪيءَ زمين تان لنگهي پار
مت 6:3 هن ڪين **اردن** درياءَ ۾ بپتسما تي ڏني
لو 1:4 عيسيٰ **اردن** مان پاڪ روح سان ڀرجي موٽيو

### اسحاق

پيد 3:21 ابراهيم سندس نالو **اسحاق** رکيو
پيد 9:22 پنهنجي پٽ **اسحاق** کي ٻڌي قربان‌گاهه تي
ڳا 11:32 جنهن بابت مون ابراهيم، **اسحاق** ۽ يعقوب سان قسم کنيو
رو 7:9 **اسحاق** مان ئي تنهنجو نسل سڏيو ويندو
گل 28:4 اسين **اسحاق** وانگر خدا جي واعدي موجب پيدا ٿيل اولاد

### اسرائيل

پيد 10:35 اڳتي تنهنجو نالو يعقوب نه پر **اسرائيل** سڏبو
پيد 27:47 بني **اسرائيل** مصر ملڪ جي گُشن علائقي ۾ رهي پيا
خر 20:1 بني **اسرائيل** جي قوم وڌندي ۽ تمام گهڻي ٿيندي رهي
خر 23:2 بني **اسرائيل** اجا تائين غلاميءَ جي ڪري آهون ڀريندا
خر 40:12 بني **اسرائيل** کي مصر ۾ رهندي چار سؤ ٽيهه سال گذري
خر 19:15 بني **اسرائيل** سمنڊ جي وچ مان سڪيءَ زمين تان لنگهي
شر 10:33 بني **اسرائيل** کي تنهنجي شريعت جا حڪم سيکارين
يش 32:24 يوسف جا هڏا جيڪي بني **اسرائيل** مصر مان آندا هئا
مت 42:27 ڇا هي بني **اسرائيل** جو بادشاهه آهي
رو 26:11 اهڙيءَ طرح سڀ بني **اسرائيل** ڇوٽڪارو حاصل ڪندا

### اسماعيل

پيد 15:16 هڪ پٽ ڄائو ۽ ابرام انهيءَ جو نالو **اسماعيل** رکيو
پيد 20:17 باقي **اسماعيل** بابت مون تنهنجو عرض قبول ڪيو
پيد 1:39 **اسماعيل** قبيلي وارا يوسف کي مصر ۾ وٺي آيا
ير 14:41 خبر ناهي ته **اسماعيل** ولد نتنياه نالي هڪ ماڻهوءَ کي

### اطمينان

خر 23:18 هي سڀ ماڻهو به **اطمينان** سان پنهنجي پنهنجي گهر هليا
ايو 18:11 اميد سان ڀرپور ۽ **اطمينان** واري زندگي گذاريندين
وا 9:6 پيٽ کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان **اطمينان** نه ٿو ملي
فل 9:4 پوءِ **اطمينان** بخشيندڙ خدا اوهان سان رهندو
کل 15:3 مسيح جو **اطمينان**، جنهن لاءِ اوهين هڪ بدن ڪري
مڪا 4:1 شال اوهان تي انهيءَ جو فضل ۽ **اطمينان** هجي

### الهام

2.با 10:8 خداوند مون کي **الهام** ڪيو آهي ته هو ضرور مرندو
1.توا 15:17 سڄي **الهام** جون سڀيئي ڳالهيون ناتن نبيءَ دائود کي
گل 2:2 خدا مون تي **الهام** ڪيو ته تو کي وڃڻ گهرجي
اف 3:3 خدا پنهنجو هي راز **الهام** جي ذريعي مون کي ٻڌايو

### الهامي

ڳا 7:23 تڏهن بلعام پنهنجو **الهامي** گفتو شروع ڪندي چوڻ لڳو
ڳا 15:24 آءٌ بعور جو پٽ بلعام هي **الهامي** گفتو چوان ٿو
2.تم 16:3 هر ڪا پاڪ لکت **الهامي** آهي ۽ اها تعليم ڏيڻ

### الياس

1.با 1:17 **الياس** تشبي جيڪو گلعاد علائقي جو رهاڪو هو
1.با 36:18 قرباني پيش ڪرڻ وقت **الياس** نبي قربان‌گاهه جي
2.با 17:10 **الياس** نبيءَ سان خداوند جو ڪيل ڪلام سچو ثابت ٿيو
مت 12:17 آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته **الياس** اچي چڪو
يو 25:1 جيڪڏهن تون نه مسيح آهين، نه **الياس** نبي آهين

### امت

لاو 7:9 پوءِ تون **امت** واسطي به قربانيون پيش ڪر
ڳا 17:11 پوءِ **امت** جو بار کڻڻ ۾ اهي تنهنجي مدد ڪندا
طيط 14:2 پنهنجي لاءِ هڪ اهڙي خاص **امت** بڻائي
عبر 12:13 جيئن پنهنجي رت جي وسيلي پنهنجيءَ **امت** کي پاڪ

### انسان

پيد 27:1 خدا **انسان** کي پاڻ وانگر ٺاهي پنهنجيءَ صورت تي پيدا
پيد 7:2 زندگيءَ جو ساهه ڦوڪيائين ته هو جيئرو **انسان** ٿي پيو
شر 24:5 خدا **انسان** سان ڳالهايو ته به **انسان** جيئرو رهيو
1.با 46:8 اهڙو **انسان** ڪونهي جيڪو گناهه نه ٿو ڪري
ايو 21:34 خدا جون اکيون **انسان** جي عملن تي لڳل آهن
زب 29:22 دنيا جو هر فاني **انسان** رڳو ڪيس ئي سجدو ڪندو
وا 15:5 **انسان** هن دنيا ۾ خالي هٿين اچي ٿو ۽ مرڻ کان پوءِ به
اف 13:4 مٿس ايمان رکڻ ۾ هڪ ٿي ڪامل **انسان** بڻجون
عبر 8:2 خدا سڀ شيون **انسان** جي تابع ڪيون آهن

### انگورن جو باغ

شر 6:20 جنهن ماڻهوءَ **انگورن جو باغ** لڳايو هجي
را 12:8 منهنجو **انگورن جو باغ** ته رڳو منهنجو ئي آهي
مت 33:21 هڪڙي زميندار **انگورن جو باغ** لڳايو
مر 9:12 **انگورن جو باغ** ٻين باغائين جي حوالي ڪندو

## اُوريم ۽ ٺُميم

خر 30:28 تون سينابند ۾ **اُوريم ۽ ٺُميم** وجهائي ڇڏج
ڳا 21:27 **اُوريم ۽ ٺُميم** جي ذريعي منهنجي مرضي معلوم ڪندو
نحم 65:7 **اُوريم ۽ ٺُميم** سان خدمت ڪندڙ ڪو ڪاهن هجي جيڪو

## اوندهه

پيد 5:1 روشنيءَ جو نالو ”ڏينهن“ رکيائين ۽ **اوندهه** جو ”رات.“
خر 10:22 ٽن ڏينهن تائين تمام گهاٽي **اوندهه** ڇانيل رهي
مت 45:27 منجهند جو سڄي ملڪ ۾ **اوندهه** ڇانئجي ويئي
1.يو 6:1 خدا سان صحبت آهي ۽ هلون وري **اوندهه** ۾

## ايمان

ڳا 11:14 هي ڪيستائين مون تي **ايمان** نه آڻيندا
2.توا 20:20 اوهان جو **ايمان** خداوند پنهنجي خدا تي قائم رهي
زب 12:106 بني اسرائيل خدا جي واعدن تي **ايمان** آندو
مت 29:9 ائين ئي ٿئي جيئن توهان جو **ايمان** آهي
مت 15:18 ڄڻ اوهان هڪ هم**ايمان** کي موٽائي آندو
مر 34:5 ڌيءَ! تنهنجي **ايمان** تو کي ڇٽايو آهي
مر 42:9 هي ننڍڙا ٻار جن جو مون تي **ايمان** آهي، تن مان
مر 16:16 جيڪو به **ايمان** آڻيندو ۽ بپتسما وٺندو سو ڇوٽڪارو
لو 9:7 مون ايڏو **ايمان** بني اسرائيل ۾ به ڪونه ڏٺو
لو 25:8 ”اوهان جو **ايمان** ڪٿي آهي؟“
لو 6:17 سرنهن جي داڻي جيترو به **ايمان** هوندو
لو 8:18 جڏهن ابن‌آدم ايندو تڏهن الائجي ماڻهن ۾ **ايمان** ڏسندو
يو 12:1 جن به کيس قبول ڪيو يعني مٿس **ايمان** آندو
يو 16:3 جيڪو به مٿس **ايمان** آڻي سو برباد نه ٿئي
يو 35:6 جيڪو مون تي **ايمان** آڻي ٿو، تنهن کي ڪڏهن به اڃ
يو 26:11 مون تي **ايمان** ٿو آڻي سو ڪڏهن به نه مرندو
يو 40:11 جيڪڏهن تون **ايمان** آڻيندينءَ ته خدا جو جلوو ڏسندينءَ
يو 12:14 جيڪو مون تي **ايمان** آڻيندو سو به اهڙا ئي ڪم ڪندو
يو 29:20 سڀاڳا آهن اهي جيڪي ڏسڻ کان سواءِ ئي **ايمان**
رس 16:3 مٿس **ايمان** ئي آهي جنهن هن منڊي ماڻهوءَ کي
رس 43:10 جيڪو به مٿس **ايمان** آڻيندو، تنهن جا گناهه
رس 39:13 جيڪو به هن تي **ايمان** آڻي ٿو سو خدا ڏانهن سچار
رس 2:19 اوهان **ايمان** آندو هو ته اوهان کي پاڪ روح مليو
رو 22:3 مسيح تي **ايمان** آڻڻ جي ئي وسيلي پاڻ ڏانهن سچار
رو 3:4 ابراهيم خدا تي **ايمان** آندو ۽ انهيءَ ڪري خدا
رو 9:10 دل ۾ **ايمان** آڻين ته ”خدا کيس مئلن مان
1.ڪر 13:13 مطلب ته **ايمان**، اميد ۽ محبت
2.ڪر 7:5 جيڪا زندگي گذاري رهيا آهيون سا **ايمان** جي وسيلي
گل 16:2 شريعت تي عمل ڪرڻ سبب نه، پر مسيح تي **ايمان** آڻڻ
گل 11:3 جيڪو **ايمان** جي وسيلي سچار ٿو ڀانجي
اف 8:2 اوهان کي **ايمان** جي وسيلي ڇوٽڪارو مليو آهي
اف 5:4 هڪڙو ئي خداوند، هڪڙو ئي **ايمان** ۽ هڪڙي ئي بپتسما
اف 16:6 **ايمان** جي ڍال کڻو
اف 18:6 سڀني **ايمان** وارن لاءِ هميشه دعا گهرندا رهو
1.تم 12:6 **ايمان** جي لڙائي چڱيءَ طرح وڙهه
2.تم 7:4 آءٌ پنهنجي **ايمان** تي قائم رهيو آهيان
عبر 1:11 **ايمان** مان مراد آهي انهن شين جي ملڻ
عبر 2:12 جيڪو اسان جي **ايمان** جو باني ۽ ڪامل ڪندڙ
يع 26:2 عمل کان سواءِ **ايمان** به مئل آهي
1.يو 4:5 دنيا کي فتح ڪيو آهي سا آهي اسان جو **ايمان**

## ايماندار

1.سم 35:2 آءٌ پنهنجي لاءِ هڪڙو پيو **ايماندار** ڪاهن مقرر ڪندس
زب 6:101 منهنجون اکيون ملڪ جي **ايماندار** ماڻهن تي ڪتل آهن
چوڻ 6:28 **ايماندار** غريب ماڻهو بي‌ايمان دولتمند کان بهتر آهي
مت 21:25 تون ٿوري ۾ **ايماندار** رهيو آهين، تنهنڪري
لو 10:16 جيڪو ٿوري ۾ **ايماندار** آهي سو گهڻي ۾ به
1.ڪر 2:4 سونپي ويندي آهي تن جو فرض آهي ته **ايماندار** رهن

## ايمانداري

پيد 33:30 چڪاس تي ايندا ته منهنجي **ايمانداري** ظاهر ٿيندي
چوڻ 11:16 تور ۽ ماپ ۾ **ايمانداريءَ** کي خداوند پسند ٿو ڪري
چوڻ 1:19 ڀلي غربت هجي، پر **ايمانداري** هجي
مت 23:23 يعني انصاف، رحم ۽ **ايمانداري**، تن کي ڇڏي ڏنو اٿوَ
طيط 7:2 تنهنجي تعليم ڏيڻ مان **ايمانداري** ۽ سنجيدگي ظاهر ٿئي

## ايوب

ايو 8:1 تو منهنجي ٻانهي **ايوب** جي حال تي به ڪو غور ڪيو؟
ايو 7:2 **ايوب** کي پيرن جي ترين کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين
ايو 21:22 هاڻ، اي **ايوب**! خدا وٽ پيش پئُه ته سلامت رهين
ايو 2:40 اي **ايوب**! ڇا مون قادرِمطلق سان اجا تڪرار ڪندو رهندين
ايو 10:42 هن **ايوب** کي انهيءَ کان به ٻيڻو ڏنو جيڪي اڳ ڏنو
يع 11:5 اوهان **ايوب** جي صبر جو حال ته ٻڌو آهي

# ب

## بابل

پيد 9:11 ان شهر جو نالو **بابل** پئجي ويو، ڇوته اتي خداوند
2.با 4:25 **بابل** وارن هڪڙي هنڌان شهر جي ڀت ڀڃي

عز 7:1 خداوند جي گهر جا اهي ٿانوَ جيڪي **بابل** جو بادشاهه
نحم 6:7 **بابل** پرڳڻي جا ماڻهو جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا
يس 5:14 خداوند **بابل** جي حاڪمن جي شاهي لٺ ڀڃي ڇڏي
مت 11:1 بني اسرائيل جا ماڻهو قيد ٿي **بابل** ڏانهن جلاوطن ٿي ويا
مڪا 8:14 ڪري پيو، اهو وڏو شهر **بابل** ڪري پيو

**بادشاهه**

پيد 16:12 انهيءَ عورت جي ڪري **بادشاهه** ابرام سان سٺو سلوڪ
پيد 1:41 مصر جي **بادشاهه** فرعون هڪ خواب لڌو
1.سمـ 19:8 اسان کي ضرور پنهنجي مٿان **بادشاهه** گهرجي
1.با 1:9 **بادشاهه** سليمان هيڪل ۽ شاهي محل جوڙائي پورو ڪيو
زب 6:20 تون پنهنجي مسح ڪري چونڊيل **بادشاهه** کي بچائيندين
زب 8:24 اهو جلال وارو **بادشاهه** ڪير آهي؟
مت 1:2 شهنشاهه قيصر کيس ”يهودين جو **بادشاهه** “ جو لقب ڏنو
مڪا 16:19 بادشاهن جو **بادشاهه** ۽ خداوندن جو خداوند
1.تمـ 15:6 اهو ئي **بادشاهن** جو **بادشاهه** ۽ خداوندن جو

**بادشاهت**

ڳا 7:24 سندس **بادشاهت** تمام بلنديءَ تي وڃي پهچندي
1.سمـ 25:10 سموئيل ماڻهن کي **بادشاهت** جا قاعدا قانون بيان ڪري
2.توا 1:1 سليمان ولد دائود جا هٿ **بادشاهت** تي مضبوط ٿي ويا
دان 44:2 اهڙي **بادشاهت** قائم ڪندو، جيڪا ڪڏهن به ناس نه ٿيندي
لو 5:4 هڪ پل ۾ دنيا جون مڙيئي **بادشاهتون** ڏيکاريائينس
لو 18:11 جيڪڏهن شيطان جي **بادشاهت** ۾ ڏڦيڙ پوي ته اها ڪيئن
جٽاءُ ڪندي؟

**بادشاهي**

مت 2:3 توبهه ڪريو جو آسمان واري **بادشاهي** ويجهي آئي آهي
مت 10:6 شل تنهنجو نالو پاڪ مڃيو وڃي ۽ تنهنجي **بادشاهي** اچي
مت 33:6 پهريائين آسمان واري **بادشاهي** ۽ سندس سچائيءَ کي
مت 34:25 پيءُ جي طرفان سڀاڳا آهيو، اچو ۽ **بادشاهي** وٺو
مر 24:10 خدا جي **بادشاهيءَ** ۾ داخل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي
لو 21:17 حقيقت ۾ خدا جي **بادشاهيءَ** اوهان ۾ ئي آهي
يو 36:18 منهنجي **بادشاهي** هن دنيا جي نه آهي
رس 22:14 خدا جي **بادشاهيءَ** ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيترين ئي مصيبتن
1.ڪر 20:4 خدا جي **بادشاهي** ڳالهين تي نه، پر طاقت تي مدار رکي
1.ڪر 50:15 خاڪي جسم وارو خدا جي **بادشاهيءَ** جو وارث نه ٿي
1.پط 11:4 سندس وڏائي ۽ **بادشاهي** هميشه هميشه تائين قائم رهـ
2.پط 11:1 مسيح جي دائمي **بادشاهيءَ** ۾ پوريءَ طرح داخل ڪيا
مڪا 4:20 مسيح سان گڏ هزار سالن تائين **بادشاهي** ڪندا رهيا

**باسون**

ايو 27:22 تون پنهنجون باسيل **باسون** پوريون ڪندو رهندين
زب 14:50 خدا تعاليٰ آڏو اوهين پنهنجون **باسون** پوريون ڪريو
يس 21:19 هو خداوند جي حضور ۾ **باسون** باسيندا
ناح 15:1 يلي پنهنجون عيدون ملهايو ۽ **باسون** پوريون ڪريو

**بت**

پيد 19:31 راخل پنهنجي پيءُ جي گهر جا **بت** چوري ڪري ڪٽي
لاو 1:26 پنهنجي ملڪ ۾ پوڄا لاءِ نه **بت** ٺاهجو، نه ڪو مجسمو
1.توا 26:16 ٻين قومن جا سڀ معبود رڳو بي‌جان **بت** آهن
رس 26:19 ماڻهن جا ٺاهيل هي **بت** خدا هرگز نه آهن
1.ڪر 1:8 جيڪو کاڌو **بتن** جي اڳيان نذر ڪجي ٿو
1.يو 21:5 **بتن** يعني ڪوڙن معبودن کان پاڻ کي بچائجو

**بت‌پرست**

اف 5:5 يا لالچي ماڻهو جيڪو حقيقت ۾ **بت‌پرست** آهي
مڪا 21:8 جادوگر، **بت‌پرست** ۽ ڪوڙا آهن، تن سڀني جي جاءِ

**بت‌پرستي**

1.ڪر 14:10 اي عزيزؤ! **بت‌پرستيءَ** کان بچو
ڪل 5:3 بريون خواهشون ۽ لالچ، جيڪا **بت‌پرستيءَ** جي برابر

**بپتسما**

مت 11:3 آءٌ اوهان کي پاڻيءَ سان **بپتسما** ٿو ڏيان
مت 8:14 يحيٰ **بپتسما** ڏيڻ واري جي سسي ٿالهه ۾ هتي گهرائي ڏيو
مر 8:1 اهو اوهان کي پاڪ روح سان **بپتسما** ڏيندو
رو 3:6 جيڪي به **بپتسما** وٺي عيسيٰ مسيح سان گڏجي
ڪل 12:2 اوهين **بپتسما** جي وسيلي مسيح سان گڏ دفن ٿيا
1.پط 21:3 **بپتسما** مان مراد اها ناهي ته بدن جي ميراڻ

**بڇڙائي**

پيد 5:6 هر ماڻهو **بڇڙائي** ڪرڻ ۾ وڌي ويو آهي
زب 5:51 پنهنجيءَ پيدائش کان وٺي **بڇڙائيءَ** ۾ ورتل هيس
مت 39:5 جيڪو اوهان سان **بڇڙائي** ڪري ان کان بدلو نه وٺو
مت 13:6 پر اسان کي **بڇڙائيءَ** کان بچاءِ
رو 9:12 **بڇڙائيءَ** کان نفرت ڪريو ۽ نيڪيءَ سان
يع 13:1 خدا **بڇڙائيءَ** سان نه پاڻ آزمائجي ٿو سگهي

**بڇڙو**

زب 5:1 بيشڪ **بڇڙا** ماڻهو عدالت ۾ بيهي ڪين سگهندا

چوڻ 3:15 هو چگهن توڙي **ٻچڙن** سيني تي نظر رکي ٿو
مت 3:5 هو نيڪن ۽ **ٻچڙن** تي پنهنجو سج هڪجهڙو اُڀاري ٿو
مت 35:12 **ٻچڙو** ماڻهو پنهنجي دل جي **ٻچڙي** خزاني مان
مت 18:22 عيسيٰ انهن جي **ٻچڙي** نيت کي ڄاڻي ورتو
لو 26:11 هو وجي ست ٻيا پاڻ کان به **ٻچڙا** ڀوت وٺي اچي ٿو
رس 40:2 پاڻ کي هن **ٻچڙي** زماني کان بچايو
رو 28:1 خدا به کين **ٻچڙن** ڪمن ۾ ڇڏي ڏنو

**بحال**

عز 9:9 جيئن اسين وري **بحال** ٿي تنهنجي گهر جي تعمير ڪريون
آس 31:9 روزا رکڻ ۽ سوڳ جا ڏينهن ملهائڻ متعلق نهراءُ **بحال** ڪيو
يس 9:60 هن تو يروشلم جو شان وَ شوڪت **بحال** ڪيو آهي
حز 23:36 اوهان کي وري **بحال** ڪري پنهنجي پاڪيزگي ظاهر ڪندس
مر 25:8 غور سان ڏسڻ لڳو ۽ سندس نظر **بحال** ٿي ويئي

**بخشش**

ڳا 6:18 بني اسرائيل مان **بخشش** طور اوهان جي لاءِ چونڊي ڪنيو
چوڻ 6:19 **بخشش** ڏيڻ واري جو هر ڪو دوست بڻجيو وڃي
يو 10:4 جيڪڏهن تو کي خدا جي **بخشش** جي خبر هجي ها
رس 38:2 اوهان کي خدا جي **بخشش** يعني پاڪ روح ملي
رو 15:5 ماڻهن کي خدا جو فضل ۽ **بخشش** جهجهي انداز ۾ ملي
اف 8:2 ڪوشش جي ڪري نه آهي، بلڪ خدا جي **بخشش** آهي
يع 17:1 هر چڱي **بخشش** ۽ هر ڪامل انعام مٿان ٿو اچي

**بدڪار**

پيد 13:13 ماڻهو خداوند جي نظر ۾ **بدڪار** ۽ وڏا گنهگار هئا
زب 9:37 مگر **بدڪار** ماڻهن کي برباد ڪيو ويندو
چوڻ 21:11 يقيناً **بدڪار** ماڻهو سزا کان بچي نه سگهندا
1.ڪر 9:6 **بدڪار** خدا جي بادشاهت ۾ داخل نه ٿيندا
اف 16:6 انهيءَ **بدڪار** يعني شيطان جا سڀ ٻرندڙ تير اُجهائي

**بدلو**

پيد 15:50 اسان هن سان ڪئي هئي تنهن جو اسان کان **بدلو** وٺندو
1.سم 23:26 پنهنجي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جو **بدلو** ڏيندو
زب 12:9 ظالمن کان مظلومن جو **بدلو** وٺڻ بلڪل نه ٿو وساري
عبر 30:10 وير وٺڻ منهنجو ڪم آهي، آءٌ ئي **بدلو** وٺندس
مڪا 12:22 جيئن هر ڪنهن کي سندس ڪم مطابق **بدلو** ڏيان

**برڪت**

پيد 3:2 هن ستين ڏينهن کي **برڪت** ڏني ۽ انهيءَ کي پاڪ ڏينهن
پيد 3:12 دنيا جي سيني قومن کي تنهنجي وسيلي **برڪت** ملندي

خر 25:23 آءٌ اوهان جي کاڌي پيتي ۾ **برڪت** وجهندس
مر 6:8 هن ستن مانين کي ڪٽي خدا کان انهن ۾ **برڪت** گهُري
گل 14:3 ابراهيم کي مليل **برڪت** عيسيٰ مسيح جي وسيلي
1.پط 9:3 اوهين انهيءَ لاءِ سڏيا ويا آهيو ته **برڪت** جا وارث ٿيو

**بزرگ**

1.با 33:13 پوڄا گهرن ۾ عام ماڻهن مان مذهبي **بزرگ** مقرر ڪيا
حز 26:7 نڪي **بزرگ** صلاح مصلحت ڏيڻ جي لائق رهندا
مت 23:21 سردار ڪاهن ۽ يهودين جا **بزرگ** وٽس آيا
لو 32:1 هو **بزرگ** ٿيندو ۽ خدا تعاليٰ جو فرزند ڪري سڏبو
رس 23:14 هنن هر هڪ ڪليسيا لاءِ **بزرگ** مقرر ڪيا
طيط 6:1 هر **بزرگ** بي‌عيب هجي ۽ هڪڙيءَ زال جو مڙس هجي

**بعل**

ڳا 3:25 موآبين جي پعور واري **بعل** معبود جي پوڄا ڪرڻ لڳا
رهہ 13:24 خداوند کي ڇڏي **بعل** ديوتائن ۽ عستارات ديوين جي پوڄا
1.با 25:18 الياس **بعل** ديوتا جي نبي سڏائيندڙن کي چيو
رو 4:11 جن **بعل** ديوتا جي اڳيان سجدو نه ڪيو آهي

**بنيامين**

پيد 4:42 يوسف جي سڳي ڀاءُ **بنيامين** کي انهن سان گڏ نه موڪليو
پيد 14:45 يوسف پنهنجي ڀاءُ **بنيامين** کي ڀاڪر پائي رنو
رهہ 35:20 خداوند بني **بنيامين** کي بني اسرائيل جي هٿان شڪست
1.سم 21:9 اسرائيل جي سڀ کان ننڍي قبيلي **بنيامين** جو ناهيان؟
فل 5:3 آءٌ بني اسرائيل جي قوم ۽ **بنيامين** جي قبيلي ۾ پيدا ٿيس
مڪ 8:7 **بنيامين** جي قبيلي مان ٻارهن هزارن تي مُهر لڳي

**بيت‌ايل**

پيد 13:31 آءٌ **بيت‌ايل** جو خدا آهيان، جتي تو يادگار طور کوڙيل پٿر
رهہ 22:1 بني افرائيم ۽ بني منسيءَ به **بيت‌ايل** تي ڪاهه ڪئي
رهہ 18:20 بني اسرائيل **بيت‌ايل** شهر ۾ مقدس هنڌ تي ويا
هوس 5:10 **بيت‌ايل** جي سوني ڳابي جي وڃائجڻ ڪري هو ماتم پيا
هوس 4:12 مون خداوند **بيت‌ايل** ۾ اچي يعقوب سان ڳالهايو هو

**بيت‌لحم**

پيد 7:48 اِفرات کي بعد ۾ **بيت‌لحم** سڏيو ويو
رهہ 9:17 آءٌ يهوداه واري **بيت‌لحم** شهر جو لاوي آهيان
1.توا 3:4 حور جي اولاد **بيت‌لحم** شهر جو بنياد وڌو
مت 1:2 عيسيٰ يهوديه جي **بيت‌لحم** شهر ۾ پيدا ٿيو
يو 42:7 دائود جي نسل مان هوندو ۽ **بيت‌لحم** ڳوٺ ۾ پيدا ٿيندو

### بيحرمتي

لاو 21:18 21 پنهنجي خدا جي نالي جي **بيحرمتي** نہ ڪجو
يس 12:1 منهنجي مقدس هيڪل جي **بيحرمتي** نہ ڪريو
ير 27:17 منهنجي پاڪ سبت جي ڏينهن جي **بيحرمتي** ڪندا، تہ پوءِ
زڪ 2:14 گهر لٽيا ويندا ۽ عورتن جي **بيحرمتي** ڪئي ويندي
رو 23:2 شريعت جا حڪم ڀڃي خدا جي **بيحرمتي** ڇو ٿو ڪرين
يهو 8:1 عظيم آسماني هستين جي **بيحرمتي** ٿا ڪن

### بيلشضر

دان 1:5 **بيلشضر** بادشاهہ پنهنجي هڪ هزار اميرن جي وڏي دعوت
دان 1:7 بابل جي بادشاهہ **بيلشضر** جي شهنشاهيءَ جي پهرين سال

## ب

### پيڙو

پيد 14:6 ديال جي ڪاٺ مان پنهنجي لاءِ هڪ **پيڙو** ٺاهج
پيد 17:7 پاڻي ويو چڙهندو، تان جو **پيڙو** مٿي ڪچي ترڻ لڳو
1.با 26:9 سليمان سامونڊي جهازن جو **پيڙو** پڻ عصيون‌جابر شهر ۾
لو 27:17 جيستائين اهو ڏينهن ٿيو جو نوح **پيڙي** ۾ گهڙيو
1.پط 20:3 خدا صبر ڪري انتظار ٿي ڪيو ۽ **پيڙو** تيار پئي ٿيو

### پيڙي

مت 22:4 اهي بہ هڪدم **پيڙيءَ** ۽ پنهنجي پيءُ کي ڇڏي
مت 24:8 زبردست طوفان آيو جو سندن **پيڙي** ڇولين ۾ ٻڏڻ لڳي
مت 2:13 ايترا ماڻهو اچي مڙيا جو پاڻ وڃي هڪڙي **پيڙيءَ** ۾ چڙهي
مت 29:14 سو پطرس **پيڙيءَ** مان لٿو ۽ پاڻيءَ تي گهمندو
يو 21:6 **پيڙي** هڪدم انهيءَ هنڌ وڃي پهتي جتي
يو 6:21 پنهنجو ڄار **پيڙيءَ** جي ساڄي پاسي وجهو

## پ

### پوٽ

مت 22:7 اسان تنهنجي نالي تي **پوٽ** نہ ڪڍيا ڇا؟
مت 31:8 **پوٽن** عيسيٰ کي منٿ ڪئي تہ ”جيڪڏهن
مت 24:12 بعل‌زبول جي مدد سان **پوٽ** ڪڍي ٿو
مت 19:17 اسين هن **پوٽ** کي ڇو نہ ڪڍي سگهياسون؟
مر 27:1 هو **پوٽن** تي بہ اختياريءَ سان حڪم هلائي ٿو
مر 13:5 **پوٽ** ماڻهوءَ مان نڪري سوئرن ۾ گهڙي ويا
لو 20:10 خوش نہ ٿيو تہ **پوٽ** اوهان جي تابع ٿيا آهن
لو 14:11 جڏهن منجهانئس **پوٽ** نڪتو تہ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو
رس 18:16 ايڏو تہ رنج ٿيو جو هن ڦري **پوٽ** کي چيو
رس 16:19 جنهن **شخص** ۾ **پوٽ** هو، تنهن ٽپو ڏيئي وجي
1.ڪر 21:10 اوهين خداوند جي پيالي ۽ **پوٽن** جي پيالي ٻنهي مان

## ت

### تابعدار

خر 7:24 سو سڀ اسين ڪنداسين ۽ **تابعدار** رهنداسين
ميڪ 17:7 تو خداوند اسان جي خدا جا اڇي **تابعدار** ٿيندا
مت 5:5 سياڳا آهن اهي جيڪي **تابعدار** آهن
1.پط 13:2 خداوند جي خاطر هر انساني اختياريءَ جا **تابعدار** رهو
1.پط 1:3 ساڳيءَ طرح اوهين بہ پنهنجن مڙسن جون **تابعدار** رهو

### تابعداري

ڳا 11:32 جيئن تہ هنن پوري دل سان منهنجي **تابعداري** نہ ڪئي
زب 21:25 آءٌ دل جي سچائيءَ سان تنهنجي **تابعداري** ٿو ڪريان
رو 16:6 اوهين گناهہ جي **تابعداري** ڪندا تہ ان جو نتيجو موت آهي
2.ڪر 13:9 مسيح جي خوشخبريءَ جو اقرار ڪندي **تابعداري** ڪري
عبر 9:12 پنهنجي روحاني پيءُ جي ڇو نہ وڌيڪ **تابعداري** ڪريون

### تبليغ

مت 1:3 يحيٰ بپتسما ڏيڻ وارو يهوديہ جي رڻپٽ ۾ **تبليغ** ڪندو
مر 9:14 منهنجي خوشخبريءَ جي سڄيءَ دنيا ۾ **تبليغ** ڪئي ويندي
لو 1:1 عيسيٰ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ **تبليغ** ڪندو ۽ خدا جي
گل 16:1 آءٌ غير قومن ۾ مسيح جي خوشخبريءَ جي **تبليغ** ڪريان

### تسلي

ايو 11:2 هلي ايوب سان ڏک ونڊين ۽ کيس **تسلي** ڏين
يس 13:49 خداوند پنهنجي قوم کي **تسلي** بخشي ٿو
رو 5:15 صبر ۽ **تسلي** ڏيڻ وارو خدا شل اوهان کي هيءَ توفيق ڏئي
2.ڪر 6:7 خدا، جيڪو دلگيرن کي **تسلي** ڏيندڙ آهي
1.يو 17:4 جيئن عدالت جي ڏينهن اسان کي **تسلي** هجي

### تعبير

پيد 8:40 خوابن جي **تعبير** جو علم خدا جي طرفان آهي
رهہ 15:7 جڏهن اهو خواب ۽ انهيءَ جو **تعبير** ٻڌو تڏهن سجدي ۾
دان 24:4 اي بادشاهہ! انهيءَ جو **تعبير** ۽ خدا تعاليٰ جو اهو فيصلو
دان 12:5 منجهس خوابن جو **تعبير** ڪرڻ جو علم ۽ سمجهہ

### تعريف

پيد 20:14 سڀ **تعريف** انهيءَ خدا تعاليٰ جي آهي

1.توا 4:16 بني اسرائيل جي خدا جو ذڪر، شڪر ۽ **تعريف** ڪئي وڃي
دان 37:4 عرش واري بادشاهه جي واکاڻ ۽ **تعريف** هجي
2.ڪر 18:10 جيڪو پنهنجي **تعريف** پاڻ تو ڪري سو قبول نہ ٿو پوي
مڪا 13:5 جيڪو تخت تي وينو آهي، تنهن جي ۽ گهيٽي جي **تعريف**

### تعظيم

لاو 3:19 هر ڪو ماڻهو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي **تعظيم** ڪندو رهي
1.با 28:3 فيصلو ٻڌو تڏهن هو سندس بيحد **تعظيم** ڪرڻ لڳا
1.توا 25:16 سڀني معبودن جي ڀيٽ ۾ خدا ئي **تعظيم** جي لائق آهي
زب 3:40 گهڻا ئي خداوند جي **تعظيم** ڪندا ۽ مٿس توڪل رکندا
2.تس 10:1 جن ايمان آندو آهي سي سڀ سندس واکاڻ ۽ **تعظيم** ڪندا
مڪا 11:4 خداوند ۽ خدا! تون **تعظيم**، عزت ۽ قدرت جي لائق آهين

### تعليم

شر 5:1 موسيٰ خدا جي شريعت ۽ **تعليم** بيان ڪرڻ شروع ڪئي
يس 5:2 خداوند جي ڏنل روشن **تعليم** مطابق زندگي گذاريون
ميڪ 11:3 اوهان جا ڪاهن پيسن جي لالچ ۾ شريعت جي **تعليم** تا ڏين
لو 47:19 عيسيٰ هر روز هيڪل ۾ وڃي **تعليم** ڏيندو هو
يو 16:7 جيڪا **تعليم** آءٌ ڏيئي رهيو آهيان، سا منهنجي نہ آهي
1.تم 7:2 غير قومن کي ايمان ۽ سچائيءَ جي **تعليم** ڏيندڙ مقرر ٿيس
2.تم 16:3 پاڪ لکت الهامي آهي ۽ اها **تعليم** ڏيڻ، تنبيهہ ڪرڻ
عبر 9:13 جدا جدا قسمن جي عجيب **تعليم** تي لڳي گمراهہ نہ ٿيو

### تنبو

پيد 25:31 يعقوب گلعاد جبل تي پنهنجو **تنبو** کوڙيو هو
خر 33:7 انهيءَ **تنبوءَ** جو نالو "خدا سان ملاقات وارو **تنبو**" رکيو
ڳا 53:1 لاوي پنهنجا **تنبو** مقدس خيمي جي چوڌاري هڻن
مت 4:17 اوهان جي مرضي هجي تہ آءٌ هتي ٽي **تنبو** کڻي کوڙيان

### تنبيهہ

2.توا 19:24 نبين کين **تنبيهہ** ڪئي پر هنن سندن هڪ بہ نہ ٻڌي
چوڻ 23:1 منهنجي **تنبيهہ** تي ڌيان ڏيو
چوڻ 10:15 جيڪو **تنبيهہ** کي ڌڪاري ٿو سو ضرور مرندو
2.تس 15:3 ايمان وارو سمجهي کيس **تنبيهہ** ڪريو
2.تم 16:3 پاڪ لکت الهامي آهي ۽ اها تعليم ڏيڻ، **تنبيهہ** ڪرڻ
عبر 5:12 جڏهن هو تو کي **تنبيهہ** ڪري، تڏهن همت نہ هار
مڪا 19:3 آءٌ جن سان پيار ڪندو آهيان تن کي **تنبيهہ** ۽ سيکت

### توبهہ

ايو 6:42 بلڪ مٽي ۽ رک مٽي ۾ وجهي **توبهہ** ٿو ڪريان
يون 5:3 هنن **توبهہ** ڪندي هڪڙي روزي رکڻ جو اعلان ڪيو
مر 4:1 پنهنجن گناهن کان **توبهہ** ڪريو ۽ بپتسما وٺو
لو 32:5 آءٌ نيڪن کي نہ، پر گنهگارن کي **توبهہ** جي طرف سڏڻ
لو 10:15 ملائڪن ۾ بہ خوشي ٿئي ٿي جڏهن هڪ گنهگار **توبهہ**
رس 21:20 اهي پنهنجن گناهن کان **توبهہ** ڪري خدا ڏانهن ڦرن
2.ڪر 10:7 اهڙي **توبهہ** جنهن جو نتيجو ڇوٽڪارو آهي

### توبهہ‌تائب

شر 30:4 اوهين خداوند پنهنجي خدا آڏو **توبهہ‌تائب** ٿيندا
زب 13:51 تہ جيئن اهي گنهگار تو آڏو **توبهہ‌تائب** ٿين
يس 14:57 اها **توبهہ‌تائب** ٿي مون ڏانهن موٽي اچي
ير 3:5 هنن هوڏ ڪئي ۽ **توبهہ‌تائب** ٿيڻ کان انڪار ڪيائون
حز 32:18 گناهن کان **توبهہ‌تائب** ٿيو تہ جيئن جيئرا رهي سگهو
رس 27:28 **توبهہ‌تائب** ٿين تہ آءٌ کين چڱائي چڱو ڀلو ڪريان
مڪ 16:2 تنهنڪري **توبهہ‌تائب** ٿيو، نہ تہ آءٌ جلد اوهان وٽ ايندس

### توريت

مت 17:5 ائين نہ سمجهو تہ آءٌ **توريت** توڙي سڀني پاڪ ڪتابن کي
مت 5:12 ڇا اوهان **توريت** ۾ نہ پڙهيو آهي تہ هيڪل ۾ توڙي جو
لو 44:24 جيڪي بہ **توريت**، زبور توڙي ٻين نبين جي صحيفن ۾
رس 15:13 اتي **توريت** ۽ نبين جا صحيفا پڙهيا ويا

پ

### پاتال

ايو 5:26 خدا جي حشمت سبب **پاتال** منجهہ مري ويلن جا روح ڏڪن
زب 14:49 جسم هڪدم زائل ٿي ويندو ۽ **پاتال** سندن ٺڪاڻو ٿيندو
زب 20:71 تون ئي مون کي انهيءَ **پاتال** مان ڪڍي ٻاهر آڻيندين
چوڻ 20:27 قبر ۽ **پاتال** ڪڏهن بہ ڍاپجڻ جا ناهن
حز 14:31 سڀ بني آدم فاني آهن ۽ **پاتال** ۾ وڃي پوندا آهن
لو 15:10 هرگز نہ، بلڪ تون تہ **پاتال** ۾ ڦٽو ڪيو ويندين
رو 39:8 نہ **پاتال** ۽ نہ ٻي ڪا مخلوق اسان کي خدا جي انهيءَ پيار

### پاڃاري

ڳا 2:19 جنهن تي ڪڏهن بہ **پاڃاري** ڪانہ آئي هجي
1.با 10:12 اوهان جي پيءُ ڳري **پاڃاري** اسان تي رکي هئي
يس 27:10 سندن ظلم جي **پاڃاري** ڀڃي ٽڪرا ڪري ڇڏيندس
ير 8:30 سندن ڳچين مان غلاميءَ جي **پاڃاري** ڪڍي ڀڃي ڇڏيندس
مت 29:11 منهنجي **پاڃاري** پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهو
گل 1:5 پاڻ کي وري غلاميءَ جي **پاڃاريءَ** ۾ نہ جوٽيو

**پاڙيسري**

شر 20:5 اوهين پنهنجي **پاڙيسريءَ** تي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيو
يش 16:9 بني اسرائيل کي خبر پيئي تہ اهي تہ سندن **پاڙيسري** آهن
يس 2:19 پاڻُ پاڻُ سان وڙهندو ۽ **پاڙيسري پاڙيسريءَ** سان
ير 21:6 **پاڙيسري** ۽ دوست سڀ گڏ ناس ٿيندا
لو 29:10 عيسيٰ کي چيو تہ ”منهنجو **پاڙيسري** ڪير آهي؟
لو 36:10 تنهن جو هنن ٽنهي ڄڻن مان ڪير **پاڙيسري** ٿيو؟

**پاڪ**

پيد 26:4 انهيءَ وقت کان وٺي ماڻهو خداوند جو **پاڪ** نالو وٺڻ لڳا
لاو 14:8 پوءِ هن **پاڪ** ٿيڻ واسطي قربانيءَ وارو وهڙو آندو
شر 15:26 پنهنجي **پاڪ** مڪان، يعني عرش عظيم تان هيٺ نگاهہ ڪر
مت 5:11 ڪوڙهہ جهڙي مرض وارا **پاڪ** صاف ٿين ٿا
لو 35:1 انهيءَ ڪري تہ **پاڪ** ٻار خدا جو فرزند ڪري سڏبو
رس 30:4 پنهنجي **پاڪ** ٻانهي عيسيٰ جي نالي تي معجزا ۽ ڪرامتون
1.ڪر 17:3 خدا جو گهر **پاڪ** آهي ۽ اهو گهر اوهين ئي آهيو
اف 4:1 جيئن اسين خدا جي آڏو **پاڪ** ۽ بي‌عيب هجون
2.تم 9:1 خدا اسان کي ڇوٽڪارو ڏنو ۽ **پاڪ** زندگيءَ ڏانهن سڏيو

**پاڪ روح**

زب 11:51 مون کان پنهنجو **پاڪ روح** پري نہ ڪر
يس 15:32 خدا وري اسان تي پنهنجو **پاڪ روح** نازل ڪري
مت 18:1 ڪيس **پاڪ روح** جي قدرت سان پيٽ ٿيو آهي
مت 1:4 **پاڪ روح** عيسيٰ کي رڻپٽ ۾ وٺي آيو تہ جيئن شيطان ڪيس
مت 19:28 انهن کي پيءُ، فرزند ۽ **پاڪ روح** جي نالي تي بپتسما ڏيو
مر 10:1 **پاڪ روح** کي ڪبوتر وانگر پاڻ تي لهندو ڏٺائين
لو 16:3 اهو اوهان کي **پاڪ روح** ۽ باهہ سان بپتسما ڏيندو
لو 13:11 ڪيترو نہ وڌيڪ انهن کي **پاڪ روح** ڏيندو جيڪي ڪائنس
يو 26:14 مددگار يعني **پاڪ روح**، جنهن کي پيءُ منهنجي نالي
رس 4:2 سڀيئي **پاڪ روح** سان ڀرجي ويا ۽ انهيءَ جي قدرت سان
1.ڪر 19:6 اوهان جو بدن انهيءَ **پاڪ روح** جو گهر آهي
اف 4:4 هڪڙو ئي بدن آهي ۽ هڪڙو ئي **پاڪ روح**

**پاڪيزگي**

زب 9:19 خداوند جو خوف رکڻ ۾ **پاڪيزگي** رهي ٿي
حز 22:28 اوهان کي سزا ڏيئي پنهنجو جلال ۽ **پاڪيزگي** ظاهر ڪندس
حز 23:38 اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي عظمت ۽ **پاڪيزگي** ظاهر ڪندس
2.ڪر 6:6 تڏهن بہ **پاڪيزگي**، علم، بردباري، مهرباني، پاڪ روح

**پردار آسماني مخلوق**

خر 18:25 سون کي گهڙي **پردار آسماني مخلوق** جا بہ مجسما
يس 4:4 **پردار آسماني مخلوق** جي مجسمن جي وچ ۾ قادرِمطلق
2.سم 11:22 هو **پردار آسماني مخلوق** تي سوار ٿي اڏامندو آيو
حز 14:28 چونديل **پردار آسماني مخلوق** جي حفاظت ۾ رکيو

**پرديسي**

پيد 13:15 تنهنجو اولاد هڪ ڌاريئي ملڪ ۾ **پرديسي** ٿيندو
زب 12:105 جنهن ملڪ ڪنعان ۾ هو رهيا ٿي تنهن ۾ **پرديسي** هئا
مت 35:25 آءٌ **پرديسي** هوس تہ اوهان مون کي پنهنجي گهر ۾ ٽڪايو
اف 19:2 هاڻي ڌاريا ۽ **پرديسي** نہ رهيا آهيو، بلڪ خدا جي قوم

**پطرس**

مت 2:10 شمعون جنهن کي **پطرس** ڪري سڏيندا آهن
مت 75:26 تڏهن **پطرس** ٻاهر نڪري ويو ۽ زاروزار روئڻ لڳو
يو 6:20 شمعون **پطرس** بہ پهتو ۽ هو سڌو قبر ۾ گهڙي ويو
رس 25:8 شاهدي ڏيڻ کان پوءِ **پطرس** ۽ يوحنا يروشلم ڏانهن موٽيا
گل 7:2 يهودين کي خوشخبري ٻڌائڻ جو ڪم **پطرس** جي حوالي ڪيو

**پليت**

پيد 4:49 پيءُ جي هنڌ تي چڙهي ان کي **پليت** ڪيو آهي
يس 6:64 سڀ جو سڀ گناهہ ڪرڻ ڪري **پليت** ٿي پيا آهيون
ير 30:7 منهنجي نالي پنيان سڏجندڙ هيڪل ۾ رکي ان کي **پليت** ڪيو
حز 7:20 بتن جي پوڄا ڪرڻ سان پاڻ کي **پليت** نہ ڪريو
مت 11:15 جيڪا شيءِ وات مان نڪري ٿي سا ئي ماڻهوءَ کي **پليت**
رس 9:11 جنهن شيءِ کي خدا پاڪ ڪيو آهي تنهن کي **پليت** نہ چئُہ

**پناهہ‌گاهہ**

زب 6:14 خداوند خود انهن مسڪينن جي **پناهہ‌گاهہ** ٿو بڻجي
چوڻ 10:18 خداوند ئي هڪ مضبوط قلعو ۽ **پناهہ‌گاهہ** آهي
يس 15:28 اوهان ڪوڙ کي پنهنجي **پناهہ‌گاهہ** بڻايو آهي
دان 31:11 بني اسرائيل جي انهيءَ **پناهہ‌گاهہ** جي بي‌حرمتي ڪندو

**پنتيڪُست**

رس 1:2 عيد **پنتيڪُست** جو ڏينهن آيو تڏهن سڀيئي ايمان وارا
رس 16:20 سگهي تہ **پنتيڪُست** جو ڏينهن وجي يروشلم ۾ ملهائي

**پوڄا**

لاو 1:26 اوهين پنهنجي ملڪ ۾ **پوڄا** لاءِ نہ بت ٺاهجو
شر 14:28 غير معبودن جي پنيان لڳي سندن **پوڄا** نہ ڪندا

هوس 17:4 اسرائيل وارا بتن جي **پوڃا** گھرن ۾ ڦاسي ويا آهن
رو 18:16 خداوند جي خدمت نہ ٿا ڪن، پر پنهنجي پيٽ جي **پوڃا** ٿا
مڪا 20:9 پٿر ۽ ڪاٺ جي ٺهيل بتن جي **پوڃا** ڪرڻ کان نہ مڙيا

## پولس

رس 9:13 پوءِ سائول، جنهن کي **پولس** ڪري بہ سڏيندا آهن
رس 11:19 خدا **پولس** جي هٿان غير معمولي معجزا ڏيکاريندو هو
رس 9:28 جيڪي بہ بيمار هئا، تن کي **پولس** وٽ آندو ويو
گل 23:1 **پولس** جيڪو اڳي اسان کي ستائيندو هو، سو هاڻي انهيءَ
فل 9:1 آءٌ پيرسن **پولس** ۽ هاڻي عيسيٰ مسيح جي ڪري قيد ٿيل

## پوئلڳ

مت 21:19 خيرات ڪرڻ کان پوءِ اچي منهنجو **پوئلڳ** ٿيءُ
مت 40:25 منهنجي ڪنهن گهٽ کان گهٽ **پوئلڳ** سان بہ اهڙو
مر 10:4 سندس **پوئلڳن** ۽ ٻارهن شاگردن گڏجي مثالن بابت
1.تس 13:3 خداوند عيسيٰ پنهنجي سيني **پوئلڳن** سان اچي

## پهريتو

پيد 4:4 هابيل بہ پنهنجي رڍن جا **پهريتا** ڦر آڻي نذرانو ڏنا
پيد 34:25 عيسوءَ پنهنجي **پهريتي** هئڻ جي حق کي خسيس ڄاتو
خر 5:11 مصر جي ملڪ ۾ سڀ **پهريتا** پٽ مري ويندا
ڳا 12:3 مون مصر جي ملڪ ۾ سڀ **پهريتا** ٻار ماريا
شر 6:12 ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جا **پهريتا** ٻچا پيش ڪجو
لو 7:2 پنهنجو **پهريتو** پٽ ڄڻيو ۽ انهيءَ کي ٻنڊڻ ۾
عبر 6:1 جڏهن خدا پنهنجي **پهريتي** کي دنيا ۾ آڻي ٿو
عبر 23:12 انهن **پهريتن** جي جماعت، يعني ڪليسيا

## پيار

پيد 28:25 اسحاق عيسوءَ کي وڌيڪ **پيار** ڪندو هو
لاو 18:19 پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو **پيار** ڪجو
شر 16:30 خداوند پنهنجي خدا کي **پيار** ڪريو، سندس واٽن تي هلو
2.توا 11:2 خداوند کي پنهنجي قوم سان **پيار** آهي
وا 10:5 دولت سان **پيار** ڪندڙ کي دولت مان ڍءُ نہ ٿيندو
لو 35:6 پنهنجن دشمنن سان **پيار** ڪريو ۽ ساڻن ڀلائي ڪريو
يو 35:3 پيءُ فرزند سان **پيار** ڪري ٿو ۽ کيس سڀڪا اختياري ڏيئي
گل 22:5 پاڪ روح جو ڦل آهي **پيار**، خوشي، اطمينان، صبر
1.يو 7:4 جيڪو **پيار** ڪري ٿو، سو خدا جو ٻار آهي
1.يو 16:4 خدا **پيار** آهي، جيڪو **پيار** ۾ رهي ٿو سو خدا ۾
مڪا 19:3 آءٌ جن سان **پيار** ڪندو آهيان تن کي تنبيهہ ۽ سيکت بہ

## پيڙهہ جو پٿر

ايو 6:38 ڪنهن انهيءَ جي **پيڙهہ جو پٿر** رکيو
يس 16:28 صيئون ۾ بنياد رکڻ لاءِ هڪڙو مضبوط **پيڙهہ جو پٿر**
مت 42:21 جنهن پٿر کي رازن رد ڪري ڇڏيو، سو ئي **پيڙهہ جو پٿر** ٿيو
1.پط 7:2 رازن رد ڪري ڇڏيو، سو ئي **پيڙهہ جو پٿر** ٿيو

## پيڙهي

خر 15:3 سيني **پيڙهين** ۾ مون کي انهيءَ نالي سان ئي ياد ڪيو ويندو
خر 14:12 هر سال **پيڙهي** بہ **پيڙهي** انهيءَ ڏينهن تي عيد ڪندا رهن
خر 6:20 هزارين **پيڙهين** تائين آءٌ پنهنجي لافاني شفقت ڪندو آهيان
ڳا 15:15 تنهن جي لاءِ **پيڙهي** بہ **پيڙهي** اهو ساڳيو ئي قانون آهي
ڳا 14:32 گنهگارن جي نئين **پيڙهي** پنهنجن ابن ڏاڏن جي جاءِ تي
رهہ 10:2 جيڪا **پيڙهي** ساماٽي سا خداوند کان ۽ سندس انهن ڪمن
زب 4:89 **پيڙهي** بہ **پيڙهي** تنهنجو تخت قائم رهندو ٿيو
ير 29:7 اوهان جي موجوده **پيڙهي** خداوند جي ڪاوڙ هيٺ آهي
يوا 19:3 پر يروشلم **پيڙهي** بہ **پيڙهي** قائم رهندو
مت 34:24 ڳالهيون پوريون نہ ٿينديون، تيستائين هيءَ **پيڙهي** پوري
اف 21:3 عيسيٰ مسيح جي وسيلي **پيڙهي** بہ **پيڙهي** هميشہ تائين

## پيغام

خر 16:3 خدا تو کي ڏيکاري ڏيئي سندن لاءِ هي **پيغام** ڏنو آهي
زب 4:104 هوائن کي تون پنهنجو **پيغام** پهچائيندڙ ٿو بڻائين
ير 14:14 اهي نبي سڏائيندڙ منهنجي نالي تي ڪوڙو **پيغام** ڏين ٿا
حز 11:32 اي مصر جا بادشاهہ! هن **پيغام** جو مطلب سمجهي وٺ
مت 17:4 عيسيٰ پنهنجي **پيغام** جي تبليغ ڪرڻ لڳو تہ
لو 17:1 هو خدا جو **پيغام** الياس نبيءَ جي روح ۽ طاقت سان
لو 11:8 ٻج آهي خدا جي بادشاهيءَ جو **پيغام**
1.ڪر 23:1 مسيح جو **پيغام** ٿا ڏيون، جنهن کي صليب تي چاڙهيو ويو
ڪل 26:1 انهيءَ **پيغام** ۾ هڪ راز آهي، جيڪو زمانن ۽ پيڙهين کان

## پيءُ

پيد 24:2 مرد پنهنجي ماءُ**پيءُ** کي ڇڏي پنهنجيءَ زال سان گڏجي
پيد 5:17 آءٌ تو کي گهڻين ئي قومن جو **پيءُ** بڻايان ٿو
شر 5:26 منهنجو **پيءُ** اسرائيل هڪڙو بي‌ماڳو ارامي ماڻهو هو
مت 6:6 دروازا بند ڪري پنهنجي **پيءُ** کان دعا گهرو
مت 21:7 منهنجي آسمان واري **پيءُ** جي مرضيءَ موجب هلن ٿا
مت 19:19 پنهنجي ماءُ**پيءُ** جي عزت ڪر
مت 9:23 اوهان جو هڪڙو ئي **پيءُ** آهي جو آسمان ۾ آهي
مر 25:11 اوهان جو **پيءُ** جيڪو آسمان ۾ آهي سو بہ اوهان جا ڏوهہ
لو 22:10 **پيءُ** کان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي تہ پٽ ڪير آهي

لو 18:15 آءٌ پنهنجي **پيءُ** وٽ ويندس ۽ کيس چوندم تہ ”اي بابا!
يو 18:5 خدا کي پنهنجو **پيءُ** سڏي پاڻ کي خدا جي برابر ٿي ڪيائين
يو 42:8 خدا اوهان جو **پيءُ** هجي ها تہ اوهين مون سان پيار ڪريو ها
يو 30:10 آءٌ ۽ **پيءُ** هڪ آهيون
يو 9:14 جنهن بہ مون کي ڏٺو آهي تنهن **پيءُ** کي ڏٺو آهي
2.ڪر 31:11 عيسيٰ جو خدا ۽ **پيءُ**، جنهن جي هميشہ تائين واکاڻ

ج

## جان

لاو 18:24 اهو ئي اصول آهي تہ **جان** جي عيوض **جان**
شر 3:13 خدا کي پنهنجي پوري دل وَ **جان** سان پيار ڪريو
زب 15:106 هن سندن **جان** کي اڏوهيءَ جهڙو مرض بہ لڳايو
حز 4:18 جيڪا **جان** گناهہ ڪندي سا ئي موت جي سزا لوڙيندي
مت 39:10 منهنجي لاءِ پنهنجي **جان** وڃائيندو سو اُها حاصل ڪندو
مر 30:12 خدا کي پنهنجي سڄيءَ دل، پنهنجي سڄي **جان**، پنهنجي
لو 25:9 ماڻهو ڪٿي سڄي دنيا هٿ ڪري، پر پنهنجي **جان** وڃائي
يو 11:10 چڱو ريڍار رڍن لاءِ پنهنجي **جان** بہ ڏئي ٿو
1.يو 16:3 مسيح اسان جي خاطر پنهنجي **جان** ڏني

## جبرائيل

دان 16:8 اي **جبرائيل** ! هن شخص کي انهيءَ رويا جو مطلب
لو 19:1 آءٌ **جبرائيل** آهيان ۽ خدا جي حضور ۾ حاضر رهندو آهيان
لو 26:1 خدا **جبرائيل** ملائڪ کي گليل جي ڳوٺ ناصرت ۾ موڪليو

## جلال

خر 16:24 خداوند جو **جلال** سينا جبل تي اچي لٿو
ڳا 19:16 تڏهن اوچتو خداوند جو **جلال** سيني جي روبرو ظاهر ٿيو
زب 15:102 دنيا جا سمورا بادشاهہ سندس **جلال** کان ڏڄندا
مت 13:6 بادشاهت، قدرت ۽ **جلال** هميشہ تنهنجا ئي آهن
رس 13:3 وڏن جي خدا پنهنجي ٻانهي عيسيٰ کي **جلال** بخشيو
عبر 3:1 اهو فرزند خدا جي **جلال** جو تجلو ۽ سندس ذات جو پورو
1.پط 21:1 هن کي خدا مئلن مان جياري اٿاريو ۽ **جلال** بخشيائينس

## جلاوطن

لاو 34:26 اوهين پنهنجي دشمنن جي ملڪ ۾ **جلاوطن** ٿي رهندا
ير 3:1 پنجين مهيني ۾ يروشلم جا ماڻهو **جلاوطن** ڪيا ويا
مت 11:1 بني اسرائيل جا ماڻهو قيد ٿي بابل ڏانهن **جلاوطن** ٿي ويا
مت 17:1 بابل ڏانهن **جلاوطن** ٿي وڃڻ کان وٺي مسيح تائين وري بہ
1.پط 11:2 اوهان کي هن دنيا ۾ پرديسي ۽ **جلاوطن** سمجهي

## جلوو

خر 10:16 اوچتو ڪڪر ۾ کين خداوند جو **جلوو** ڏسڻ ۾ آيو
زب 3:80 پنهنجي رحمت جو **جلوو** ڏيکار تہ اسين بچي پونداسين
يو 28:12 اي بابا! تون پنهنجي نالي کي **جلوو** ڏي
يو 32:13 خدا جو **جلوو** ابن‌آدم جي معرفت ظاهر ٿيندو
رو 2:5 انهيءَ اميد تي خوشي ڪريون تہ خدا جو **جلوو** ماڻينداسين

چ

## چونڊيل

شر 20:14 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي **چونڊيل** قوم آهيو
1.سم 10:2 خداوند پنهنجي مسح ڪري **چونڊيل** بادشاهہ کي طاقت
1.با 13:11 پنهنجي **چونڊيل** شهر يروشلم جي خاطر تنهنجي پٽ
زب 3:89 مون پنهنجي **چونڊيل** ٻانهي سان عهد ڪيو آهي
مت 14:22 دعوتي تہ گهڻا هوندا آهن پر **چونڊيل** ٿورا
لو 35:9 هيءُ منهنجو **چونڊيل** فرزند آهي
1.پط 9:2 مخصوص قوم ۽ خدا جا اهڙا **چونڊيل** ماڻهو آهيو

ڇ

## ڇڏائڻ

خر 6:6 مصرين جي بار کان **ڇڏائيندس** ۽ سندن غلاميءَ کان آزاد
لاو 24:25 سڄي ملڪ ۾ وڪائل زمين کي **ڇڏائڻ** وارو حق قبول
2.با 13:5 خداوند اسرائيل وارن کي هڪڙو **ڇڏائڻ** وارو ڏنو
زب 12:72 انهيءَ غريب کي **ڇڏائي** ٿو جنهن جو ڪوبہ مددگار
زب 2:98 هو انصاف ڪرڻ ۽ **ڇڏائڻ** جي قدرت رکي ٿو
زب 21:106 هنن کي مصر جي غلاميءَ مان **ڇڏائڻ** لاءِ وڏا وڏا ڪم
مت 42:27 هي تہ ٻين کي پيو **ڇڏائي** پر هاڻي پاڻ کي نہ ٿو بچائي
لو 16:13 سبت جي ڏينهن انهيءَ بندي‌خاني کان **ڇڏائڻ** روا نہ هو ڇا؟
رو 24:3 خدا ڏانهن سچار بڻجن ٿا، جيڪو کين گناهن کان **ڇڏائي**
ڪل 13:1 اونداهيءَ جي چنبي مان **ڇڏائي** پنهنجي پياري فرزند جي

## ڇڏائيندڙ

زب 2:18 هو منهنجو **ڇڏائيندڙ** ۽ منهنجو قلعو آهي
زب 38:22 اي مون کي **ڇڏائيندڙ** ۽ نجات ڏيندڙ رب!
يس 41:14 آءٌ اوهان جو **ڇڏائيندڙ** ۽ پاڪ معبود آهيان

## ڇوٽڪارو

خر 8:15 فرعون ڏٺو تہ کيس ڏيڏرن کان **ڇوٽڪارو** ملي چڪو
زب 25:17 مون کي سيني مصيبتن کان **ڇوٽڪارو** عطا ڪر

مت 21:1 هو پنهنجيءَ قوم کي سندن گناهن کان **ڇوٽڪارو** ڏيندو
مر 16:16 ايمان آڻيندو ۽ بپتسما وٺندو سو **ڇوٽڪارو** حاصل ڪندو
لو 69:1 اسان لاءِ سگهارو **ڇوٽڪارو** ڏيندڙ موڪليو اٿس
2.تم 9:1 **خدا** اسان کي **ڇوٽڪارو** ڏنو ۽ پاڪ زندگيءَ ڏانهن سڏيو
مڪا 5:1 هن پنهنجو رت وهائي اسان کي گناهن کان **ڇوٽڪارو** ڏنو

﴿ ح ﴾

**حاڪم**

پيد 29:27 شل پنهنجن سيني ڀائرن جو **حاڪم** ٿئين
خر 21:18 ڏهن ڏهن ماڻهن جي مٿان **حاڪم** مقرر ڪر
زب 9:47 خدا ئي دنيا جي سيني حاڪمن جو **حاڪمِ** اعليٰ آهي
رس 10:7 فرعون يوسف کي مصر جو **حاڪم** ۽ پنهنجي محلات جو
1.تم 15:6 اهو خدا جيڪو سڳورو ۽ واحد **حاڪم** آهي

**حرام**

لاو 10:10 عام شين ۽ **حرام** ۽ حلال جي وچ ۾ فرق معلوم ڪري
لاو 27:27 جيڪڏهن اهو پهريتو ڦر **حرام** جانورن مان هجي ته
ير 34:50 اوهان بابل وارن جي ننڊ **حرام** ڪري ڇڏيندس
رس 8:11 ڪڏهن به ڪا **حرام** يا پليت شيءِ نه کاڌي آهي

**حقارت**

پيد 5:16 تنهنجو قصور آهي جو هاجره مون کي **حقارت** سان ٿي ڏسي
زب 24:22 ڏکويلن جي ڏک جي خداوند ڪڏهن **حقارت** نه ڪئي آهي
عا 21:5 اوهان جي پاڪ گڏجاڻين مان مون کي **حقارت** ٿي اچي
1.تم 12:4 ڪوبه ماڻهو تو کي جوانيءَ سبب **حقارت** جي نظر سان
طيط 15:2 ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي **حقارت** ڪرڻ نه ڏي

**حقير**

پيد 4:16 فخر ڪرڻ لڳي ۽ سارائيءَ کي **حقير** سمجهڻ لڳي
چوڻ 11:3 اوهين خداوند جي سيکت کي **حقير** نه ڄاڻو
چوڻ 8:12 بي‌عقل ماڻهوءَ کي **حقير** ڄاتو ويندو آهي
يس 15:5 وڏي مرتبي وارن کي بلڪل **حقير** ڪيو ويندو
2.ڪر 28:1 جن کي جهان خسيس، **حقير** بلڪ ڪجهه به نه ٿي
يهو 8:1 اختياريءَ کي **حقير** ٿا ڄاڻن ۽ عظيم آسماني هستين

**حڪمت**

خر 3:28 جن کي مون **حڪمت** جي روح سان ڀرپور ڪيو آهي
2.توا 22:9 سليمان دولت ۽ **حڪمت** ۾ دنيا جي سيني بادشاهن کان
ير 12:10 هن پنهنجي **حڪمت** سان دنيا خلقي آهي
لو 35:7 خدا جي **حڪمت** سياڻن مان ئي سچي ثابت ٿي ٿئي پيئي
اف 9:1 خدا پوريءَ **حڪمت** ۽ دانائيءَ سان پنهنجي مرضيءَ جو
مڪا 12:5 سو ئي قدرت، دولت، **حڪمت**،طاقت، عزت، جلال

**حوا**

پيد 20:3 آدم پنهنجيءَ زال جو نالو **حوا** رکيو
پيد 1:4 آدم پنهنجيءَ زال **حوا** وٽ ويو ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي
2.ڪر 3:11 نانگ پنهنجي مڪاريءَ سان **حوا** کي برغلايو
2.تم 13:2 پهريائين آدم جوڙيو ويو ۽ پوءِ **حوا**

﴿ خ ﴾

**خدا**

پيد 1:1 شروعات ۾ **خدا** زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو
لاو 12:26 آءٌ ئي اوهان جو **خدا** هوندس ۽ اوهين منهنجي قوم هوندا
1.توا 12:16 اوهين **خدا** جي انهن عجيب ڪمن کي ياد ڪريو
زب 20:68 موت کان بچائيندڙ رڳو خداوند **خدا** ئي آهي
يس 10:50 خداوند پنهنجي **خدا** تي پوري توڪل رکو
مت 9:3 **خدا** هنن پٿرن مان به ابراهيم لاءِ اولاد پيدا ڪري سگهي ٿو
لو 32:1 هو بزرگ ٿيندو ۽ **خدا تعاليٰ** جو فرزند ڪري سڏبو
لو 60:9 تون وڃي ماڻهن کي **خدا** جي بادشاهيءَ جي خبر ٻڌاءِ

**خداوند**

پيد 21:8 قربانيءَ جي خوشبوءِ پهچڻ سان **خداوند** ڏاڍو خوش ٿيو
خر 27:14 **خداوند** کين سمنڊ جي وچ ۾ ٻوڙي ڇڏيو
خر 5:34 **خداوند** ڪڪر ۾ هيٺ لهي آيو ۽ موسيٰ سان اچي گڏ بيٺو
شر 2:6 ٻارن سوڌو **خداوند** پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهو
مت 39:23 سڳورو آهي اهو جيڪو **خداوند** جي نالي تي ٿو اچي
لو 11:2 ڇوٽڪاري ڏيڻ وارو ڄائو آهي، جو مسيح **خداوند** آهي
رس 33:4 رسول وڏيءَ قدرت سان **خداوند** عيسيٰ جي وري جيئري ٿيڻ
مڪا 21:22 شل **خداوند** عيسيٰ جو فضل سيني تي ٿيندو رهي

**خداوند جو ڏينهن**

يس 9:13 ڏسو، **خداوند جو ڏينهن** اچڻ وارو آهي
يوا 15:1 آه! اهو **خداوند جو ڏينهن** ڪيڏو نه خوفناڪ آهي!
2.پط 10:3 **خداوند جو ڏينهن** چور وانگر اوچتو ايندو

**خدمت**

1.توا 13:23 سندس **خدمت** ڪن ۽ سندس نالي تي هميشه دعا ڏيندا
زب 11:72 سموريون قومون اچي سندس خدمت ڪنديون
مت 11:4 ملائڪ اچي پهتا ۽ عيسيٰ جي **خدمت** کي لڳي ويا
مت 28:20 ابن‌آدم به انهيءَ لاءِ نه آيو آهي ته ٻيا سندس **خدمت** ڪن

لو 13:16 ڪوبہ نوڪر پنهنجي مالڪن جي **خدمت** ڪري نہ ٿو سگهي
رس 24:20 جيڪا **خدمت** خداوند عيسيٰ کان مون کي ڪرڻ لاءِ ملي
رو 7:12 جيڪڏهن ڪنهن کي **خدمت** ڪرڻ جي نعمت ملي آهي
1.ڪر 35:7 اوهين يڪدلا ٿي خداوند جي **خدمت** ۾ مشغول رهو
اف 7:6 دل وَ جان سان **خدمت** ڪريو، ڇڻ تہ خداوند جي ٿا ڪريو
عبر 6:8 انهن ڪاهنن کان ايتري قدر بهتر **خدمت** ملي آهي، جيتري

**خمير**

خر 15:12 عيد جي پهرين ئي ڏينهن **خمير** پنهنجن گهرن مان ڪڍي
لاو 11:2 ساڙي ويندڙ قربانيءَ ۾ ڪڏهن بہ **خمير** يا ماکي نہ ملائجي
مت 33:13 آسمان واري بادشاهت **خمير** مثل آهي
مت 6:16 ڏسو، فريسين ۽ صدوقين جي **خمير** کان هوشيار ٿجو
گل 9:5 ٿورڙو ئي **خمير** سڄي ڳوهيل اٽي کي ڦنڊائي ڇڏيندو آهي

**خوشحال**

خر 33:3 ان آسودي ۽ **خوشحال** ملڪ ۾ اوهين داخل ٿي سگهو
زب 7:14 خداوند پنهنجي قوم کي وري **خوشحال** ڪندو
زب 41:107 هو محتاجن کي مصيبت مان ڇڏائي **خوشحال** بڻائي ٿو
چوڻ 25:28 جيڪو خداوند تي توڪل ٿو رکي سو **خوشحال** ٿو گذاري
دان 27:4 شايد انهيءَ ڪري توهين اڳتي **خوشحال** گذاريندا رهو

**خوشخبري**

1.سم 9:31 اهي سندن بتخانن ۾ ۽ ماڻهن کي اها **خوشخبري** ٻڌائين
يس 7:52 ٻڌو، اوهان لاءِ پلائيءَ جي **خوشخبري** آهي
لو 1:8 خدا جي بادشاهت جي **خوشخبري** ٻڌائيندو پئي گهميو
رس 20:11 غير قومن کي بہ خداوند عيسيٰ جي **خوشخبري** ٻڌائڻ لڳا
2.تم 8:2 مئلن مان جي اٿيو. اها ئي منهنجي **خوشخبري** آهي

**خوشي**

خر 5:35 نذرانو آڻي سو پنهنجي دل جي **خوشي** ۽ فراخدليءَ سان
زب 4:86 اي پروردگار! پنهنجي هن ٻانهي کي **خوشي** عطا ڪر
وا 26:2 تنهن کي هو ڏاهپ، علم ۽ **خوشي** عطا ڪري ٿو
رس 35:20 وٺڻ کان ڏيڻ ۾ وڌيڪ **خوشي** آهي
گل 22:5 پاڪ روح جو ڦل آهي پيار، **خوشي**، اطمينان، صبر
1.پط 13:4 مسيح جي ڏکن ۾ شريڪ ٿا ٿيو تيئن تيئن **خوشي** ڪريو

**خون**

پيد 26:37 ياءُ کي ماري ڇڏيون ۽ سندس **خون** لڪائي ڇڏيون
شر 13:19 بي‌گناهہ جو **خون** بني اسرائيل تان ٽاري ڇڏيندا
يس 21:26 تڏهن ڌرتي ڪنهن بہ **خون** کي نہ لڪائيندي
مت 6:27 هي پيسا **خون** جي بها آهي، تنهنڪري انهن پيسن کي
مڪا 10:6 زمين تي رهڻ وارن کان اسان جي **خون** جو بدلو

﴾ د ﴿

**دانيال**

دان 9:1 داروغي جي دل ۾ **دانيال** لاءِ رحم ۽ همدردي وجهي ڇڏي
دان 17:1 هن **دانيال** کي سپني رويائن ۽ خوابن جي سمجهہ پڻ عطا
دان 19:2 انهيءَ ئي رات رويا ۾ **دانيال** تي اهو راز کوليو ويو
دان 3:6 **دانيال** ۾ غير معمولي روحاني **نعمت** هئي
مت 15:24 جنهن بابت **دانيال** نبيءَ جي معرفت ٻڌايو ويو آهي

**دائمي زندگي**

مت 16:19 آءٌ ڪهڙو چڱو ڪم ڪريان جو **دائمي زندگي** ملي
مت 46:25 دائمي سزا ملندي، جڏهن تہ نيڪن کي **دائمي زندگي**
يو 15:3 متس ايمان آڻي تنهن کي **دائمي زندگي** ملي
يو 40:6 متس ايمان ٿو آڻي، تنهن کي **دائمي زندگي** ملي
يو 3:17 **دائمي زندگي** اها آهي تہ اهي تو هڪ سچي خدا کي
رو 23:6 خداوند عيسيٰ مسيح جي معرفت **دائمي زندگي** آهي

**دائود**

1.سم 13:16 خداوند جو روح **دائود** تي هميشہ نازل ٿيندو رهيو
2.سم 9:3 اسرائيل ۽ يهوداہ مٿان **دائود** کي بادشاهہ بڻائيندو
2.سم 16:6 عهد واري صندوق **دائود** جي شهر يروشلم ۾ آئي
1.با 12:2 سليمان پنهنجي پيءُ **دائود** جي تخت تي ويٺو
1.با 24:8 منهنجي پيءُ **دائود** سان ڪيل واعدو پورو ڪيو آهي
مت 22:15 اي سائين! اي ابن **دائود** ! مون تي رحم ڪريو
لو 44:20 **دائود** هن کي 'خداوند' ڪري ٿو سڏي
2.تم 8:2 عيسيٰ مسيح کي ياد رک، جيڪو **دائود** جي نسل مان آهي

**دعا**

پيد 21:25 خداوند هن جي **دعا** قبول ڪئي ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي
2.توا 14:7 عرش عظيم مان سندن **دعا** ٻڌي سندن گناهہ معاف
يع 27:22 خدا کان جيڪا بہ **دعا** گهرنديس سا هو قبول ڪندو
يس 7:56 منهنجو هيڪل سڀني قومن لاءِ **دعا** جو گهر سڏبو
مت 5:6 جڏهن اوهين **دعا** گهرو تڏهن رياڪارن وانگر نہ ٿيو
مر 29:9 اهڙي قسم جي ڀوت کي **دعا** کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ نموني
لو 1:11 اسان کي بہ **دعا** سيکاريو
لو 40:22 **دعا** گهرو تہ شل اوهين آزمائش ۾ نہ پئو
يو 9:17 انهن لاءِ **دعا** گهران ٿو. دنيا لاءِ آءٌ **دعا** نہ ٿو گهران
رو 26:8 خبر نہ آهي تہ ڇا جي لاءِ ۽ ڪهڙيءَ طرح **دعا** گهرون
اف 18:6 سڀني ايمان وارن لاءِ هميشہ **دعا** گهرندا رهو

1.تس 17:5 سدائين **دعا** گهرندا رهو
عبر 7:5 ادب واري تابعداريءَ جي ڪري سندس **دعائون** قبول پيون
يع 10:3 ساڳيءَ ئي وات مان **دعا** بہ ٿي نڪري ۽ پاراتو بہ
يع 160:5 سچار ماڻهوءَ جي **دعا** نهايت اثر واري ٿئي ٿي
1.پط 9:3 گار جي بدران گار نہ ڏيو، اٽلندو **دعا** ڪريو
1.پط 7:4 اوهين هوشيار رهو ۽ **دعا** گهرڻ لاءِ سجاڳ ٿيو
مڪا 3:8 سڀني قومن جي **دعائن** سان گڏ انهيءَ سوني قربانگاهہ

## دشمن

لاو 8:26 اوهان جا **دشمن** اوهان جي اڳيان شڪست کائي ويندا
ڳا 35:10 اي خداوند! اُٿ، تہ تنهنجا **دشمن** ڇڙوڇڙ ٿي وڃن
حز 27:39 بني اسرائيل کي غير قومن ۽ **دشمن** ملڪن مان موٽائي
مت 44:5 پنهنجن **دشمنن** سان پيار ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي ستائين
لو 43:20 جيستائين آءٌ تنهنجي **دشمنن** کي تنهنجي پيرن جي صندلي
رو 10:5 اڳي خدا جا **دشمن** هئاسين، پر سندس فرزند جي موت جي
رو 20:12 تنهنجو **دشمن** بکايل آهي تہ کيس کاراءِ
فل 18:3 اهي پنهنجي هلت چلت سان مسيح جي صليب جا **دشمن** آهن
1.پط 8:5 اوهان جو **دشمن** شيطان گجندڙ شينهن وانگر
1.يو 18:2 هاڻي مسيح جا ڪيترائي **دشمن** ظاهر ٿي چڪا آهن

## دل

پيد 5:6 انهن جي **دل** جا خيال هر وقت بڇڙائيءَ جي ڳالهين سان ڀريل
خر 20:10 خداوند فرعون جي **دل** کي سخت ڪيو ۽ هن بني اسرائيل کي
خر 5:35 نذرانو آڻي سو پنهنجي **دل** جي خوشي ۽ فراخدليءَ سان
1.سم 20:12 اوهين پنهنجي **دل** وَ جان سان خداوند جي عبادت ڪريو
مت 3:5 سياڻا آهن اهي جيڪي **دل** جا نماڻا آهن
مت 21:6 جتي اوهان جو خزانو هوندو تہ اوهان جي **دل** بہ اتي
مت 34:12 **دل** ڏيگڙو زبان ڏوئي، جو اندر ٻاهر ڪڍي سو ئي
مت 18:15 جيڪي شيون وات مان نڪرن ٿيون سي **دل** مان ٿيون اچن
مت 37:22 خدا کي پنهنجي ساريءَ **دل**، پنهنجي سڄي جان
مت 38:26 مون کي ايترو تہ ڏک آهي جو منهنجي **دل** ٽٽڻ تي آهي
لو 45:6 نيڪ ماڻهو پنهنجي **دل** جي چڱي خزاني مان جيڪو چڱو آهي
يو 2:13 يهوداہ اسڪريوتيءَ جي **دل** ۾ شيطان اها ڳالهہ وجهي
يو 1:14 پنهنجيءَ **دل** ۾ پريشان نہ ٿيو. خدا تي يقين رکو
رو 9:10 **دل** ۾ ايمان آڻين تہ "خدا کيس مئلن مان جيئرو ڪيو"
1.ڪر 39:14 ڪلام ٻڌائڻ ۾ **دل** لڳايو ۽ عجيب ٻوليون ڳالهائڻ
فل 27:1 هڪڙي ئي روح ۾ قائم آهيو ۽ هڪ **دل** ٿي ڪري گڏجي
عبر 22:10 اچو تہ سچيءَ **دل** سان ۽ پوري يقين سان خدا کي ويجها
1.پط 8:3 پاڻ ۾ هڪ **دل** ٿي گذاريو ۽ همدرد ٿيو
1.يو 21:3 جيڪڏهن اسان جون **دليون** اسان کي ملامت نہ ٿيون ڪن

## دمشق

1.با 24:11 رزون پنهنجي ماڻهن سان **دمشق** ڏانهن هليو ويو
2.توا 23:28 هن **دمشق** جي ديوتائن جي لاءِ قربانيون ڪيون
ير 27:49 آءٌ **دمشق** جي ڪوٽ ۾ اهڙي باهہ ڀڙڪائيندس
رس 27:96 سائول **دمشق** ۾ ڪيڏي نہ دليريءَ سان عيسيٰ جي

## دوزخ

يون 2:2 مون **دوزخ** جي پيٽ منجهان فرياد ڪيو آهي
لو 23:16 هو **دوزخ** جي عذابن ۾ مبتلا هو
يع 6:3 ڇالاءِجو کيس ئي **دوزخ** کان باهہ ٿي لڳي
2.پط 4:2 بلڪ کين **دوزخ** ۾ وڌائين ۽ اونداهين غارن ۾ بند ڪيائين

## ديوتا

خر 1:32 اسان جي لاءِ اهڙا **ديوتا** ٺاهہ جيڪي اسان جي رهبري ڪن
يس 1:19 منهنجي اچڻ تي مصر وارن جا **ديوتا** ڏڪڻ لڳندا
هوس 1:13 بعل **ديوتا** جي پوڄا ڪري اهي گنهگار ٿيا آهن
رس 40:7 اهڙا **ديوتا** ٺاهہ، جيڪي اسان جي اڳيان اڳيان هلن
رس 11:14 انسانن جي صورت ۾ **ديوتا** اسان وٽ لهي آيا آهن

## ديوي

شر 5:7 يسيره **ديويءَ** نالي وارا ٿنڀي جيان ڪوڙيل بت ڪيرائي ڇڏجو
1.با 5:11 هو صيدانين جي **ديوي** عستارات ۽ عمونين جي ڪراهت
2.توا 6:17 غير معبودن جا پوڄا گهر ۽ يسيره **ديويءَ** جا ٿنڀا ڊهرائي
رس 27:19 متان **مهاديوي** ارتميس جو مندر بہ ڪين جهڙو ليکجڻ ۾

ڌ

## ڌنار

پيد 32:46 اهي ماڻهو **ڌنار** آهن ۽ مال چاريندا آهن
يس 11:40 هو **ڌنار** وانگر پنهنجي ڌڻ جي سار سنڀال لهندو
حز 23:34 دائود جي گهراڻي مان هڪڙو **ڌنار** اوهان تي مقرر ڪندس
رس 28:20 جنهن لاءِ پاڪ روح اوهان کي **ڌنار** مقرر ڪيو آهي
عبر 20:13 خداوند عيسيٰ کي رڍن جو وڏو **ڌنار** ڪري مئلن مان

ڏ

## ڏوهہ

پيد 9:20 تو مون تي ۽ منهنجي بادشاهت تي ايڏو وڏو **ڏوهہ** آندو
2.سم 14:7 **ڏوهہ** ڪندو تہ آءٌ کيس ائين سزا ڏيندس جيئن ڪو پيءُ
مت 12:6 اسان جا **ڏوهہ** اسان کي ائين معاف ڪر

مت 14:6 آسمان وارو پيءُ به اوهان کي پنهنجا **ڏوهه** بخشي
مت 16:18 سچو **ڏوهه** ٻن يا ٽن شاهدن جي سامهون مٿس ثابت ٿئي
مت 21:18 منهنجو **ڏوهه** ڪندو رهي ته آءٌ ڪيس ڪيترا دفعا بخشي
يو 38:18 مون کي ته هن ۾ ڪوبه **ڏوهه** ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي
رو 7:4 سڀاڳا آهن اُهي، جن جا **ڏوهه** خدا معاف ڪيا
گل 1:6 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن **ڏوهه** ۾ ڦاسي پوي ته اوهين
ڪل 22:1 اوهان کي پاڪ، بي‌عيب ۽ بي‌**ڏوهه** بڻائي پنهنجي حضور

## ڏوهاري

خر 43:28 ائين نه ٿئي جو هو **ڏوهاري** ٺهرجن ۽ مري پون
ايو 18:4 پنهنجي فرشتن کي به جيڪڏهن هو **ڏوهاري** ٺهرائي ٿو
ايو 2:10 اي خدا! مون کي **ڏوهاري** نه ٺهراءِ
مر 29:3 اٿلندو اهو ابدي گناهه جو ڏوهاري ٿيندو
مر 16:16 جيڪو به ايمان نه آڻيندو سو **ڏوهاري** ٿيندو
لو 18:15 بابا! آءٌ خدا جو ۽ اوهان جو **ڏوهاري** آهيان
لو 33:23 عيسيٰ ۽ ٻنهي **ڏوهارين** کي صليب تي چاڙهي
يع 9:2 شريعت اوهان کي **ڏوهاري** ثابت ڪري ٿي

ر

## راڪاس

ڳا 33:13 اسان اتي **راڪاس** به ڏٺا جيڪي عناق جو اولاد هئا
شر 2:9 اتي جا ماڻهو ڊگها ۽ طاقتور يعني **راڪاس** جو اولاد آهن
2.سم 22:21 گات شهر جي **راڪاس** جهڙن طاقتور فلستين مان هئا
يس 14:34 رات جو **راڪاس** اتي پيو گهمندو

## رت

پيد 11:4 زمين تي تو پنهنجي ڀاءُ جو **رت** وهايو آهي
خر 17:7 درياءَ جو سمورو پاڻي بدلجي **رت** ٿي پوندو
خر 13:12 دروازن تي لڳل اهو **رت** هڪڙو نشان هوندو
لاو 17:3 بني اسرائيل جو ڪوبه ماڻهو **رت** ۽ چربي هرگز نه کائي
2.سم 12:19 اوهين ته بادشاهه جا پنهنجا ۽ سندس هڏ **رت** آهيو
لو 20:22 جيڪو منهنجي **رت** جي وسيلي قائم ڪيو وڃي ٿو
يو 34:19 عيسيٰ جي پاسي ۾ نيزو هنيو ته هڪدم **رت** ۽ پاڻي نڪري
1.ڪر 16:10 تڏهن مسيح جي **رت** ۾ شريڪ نه آهيون ڇا؟
اف 7:1 اسان کي مسيح جي **رت** جي وسيلي ڇوٽڪارو ملي ٿو
عبر 12:9 پنهنجي **رت** جي وسيلي داخل ٿي اسان جي لاءِ هميشه جو
عبر 12:13 جيئن پنهنجي **رت** جي وسيلي پنهنجيءَ امت کي پاڪ
1.پط 2:1 سندس **رت** ڇٽڪارڻ سان پاڪ صاف ڪيا وڃو
1.يو 7:1 فرزند عيسيٰ مسيح جو **رت** اسان کي سڀني گناهن کان
مڪا 14:7 پنهنجا پهراڻ ڌوتا ۽ گهيٽي جي **رت** ۾ پاڪ صاف ڪيا

## رحم

خر 19:33 جنهن تي **رحم** ڪرڻو هوندم تنهن تي **رحم**
2.با 10:3 موآب جي بادشاهه جي **رحم** وَ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي
2.توا 9:30 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا فضل ۽ **رحم** وارو آهي
نحم 11:1 بادشاهه جي دل ۾ منهنجي لاءِ **رحم** وجهه
زب 2:118 سندس **رحم** ابد تائين قائم آهي
مت 7:5 سڀاڳا آهن اهي جيڪي ٻين تي **رحم** ڪن ٿا
مت 33:18 تو کي به اهڙيءَ طرح پنهنجي ساٿي نوڪر تي **رحم** ڪرڻ
مر 47:10 اي عيسيٰ ابن دائود! مون تي **رحم** ڪريو
رو 8:12 جيڪڏهن اها نعمت **رحم** ڪرڻ جي هجي
1.تم 2:1 عيسيٰ مسيح جي طرفان فضل، **رحم** ۽ سلامتي هجي
طيط 5:3 سچائيءَ جي ڪمن ڪرڻ ڪري نه، بلڪ سندس **رحم** جي

## رسول

مر 14:3 ٻارهن ڄڻا چونڊيائين جن کي **رسول** ڪري به ڪوٺيائين
رس 33:4 **رسول** وڏيءَ قدرت سان خداوند عيسيٰ جي وري جيئري
رو 13:11 آءٌ غير قومن ڏانهن **رسول** ڪري موڪليو ويو آهيان
2.تم 1:1 عيسيٰ مسيح جي حڪم سان عيسيٰ مسيح جو **رسول** آهي
عبر 1:3 انهيءَ **رسول** ۽ وڏي سردار ڪاهن عيسيٰ تي غور ڪريو

## رنڙال

خر 22:22 اوهين ڪنهن **رنڙال** يا يتيم کي نه ڏکوئجو
شر 17:24 ناحق نه ڪجو، نڪي ڪنهن **رنڙال** جا ڪپڙا گروي رکجو
مت 24:22 بي‌اولاد مري وڃي ته هن جو ڀاءُ اها **رنڙال** پرڻجي
مر 43:12 غريب **رنڙال** چندي جي پيٽيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ وڌو
1.تم 9:5 **رنڙالن** جي ياداشت ۾ انهيءَ **رنڙال** جو نالو

## روح

پيد 2:1 پاڻيءَ جي مٿان خدا جي **روح** ڦيرا پئي ڪيا
ڳا 25:11 انهن ۾ **روح** آيو تڏهن هو نبين جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا
زب 18:34 جن جا **روح** ڇپياٽيل آهن تن کي هو بچائي ٿو
مت 20:10 اوهان جي پيءُ جو **روح** اوهان جي وسيلي ڳالهائيندو
لو 46:23 اي بابا! آءٌ پنهنجو **روح** تنهنجي هٿن ۾ ٿو سونپيان
رس 18:2 پنهنجو **روح** نازل ڪندس ۽ اهي منهنجو پيغام ٻڌائيندا
مڪا 10:19 عيسيٰ جي شاهدي ئي نبوت جو **روح** آهي

## روزو

رهم 26:20 هنن اهو سچو ڏينهن **روزو** رکيو
1.با 27:21 پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا، جسم تي کٿو ڍڪيائين ۽ **روزو** رکيائين
ير 9:36 خداوند جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ **روزو** رکيو

مت 16:6 **روزا** رکو تہ رياڪارن وانگر منهن لٽڪل نہ ٿيو

### روشني

پيد 3:1 خدا حڪم ڏنو تہ ”**روشني** ٿئي.“ سو **روشني** ٿي پيئي
خر 20:14 بني اسرائيل جي لاءِ رات جو **روشني** ڏيندڙ هو
زب 1:27 خداوند منهنجي **روشني** ۽ منهنجو بچاءُ آهي
حز 3:9 خدا جي موجودگيءَ واري تجليدار **روشني**، جيڪا مقدس ترين
مت 14:5 اوهين سڄي جهان لاءِ **روشنيءَ** مثل آهيو
يو 5:1 اوندهہ ڪڏهن بہ **روشنيءَ** تي غالب نہ آئي آهي
يو 19:3 ماڻهن اونداهيءَ کي **روشنيءَ** کان وڌيڪ پسند ڪيو
يو 12:8 آءٌ دنيا جي **روشني** آهيان. جيڪو بہ منهنجي پيروي ڪري
رس 3:9 اوچتو آسمان مان هڪڙي **روشني** اچي سندس چوڌاري چمڪڻ
2.ڪر 4:4 **جلال** جي باري ۾ خوشخبريءَ جي **روشني** انهن تي پوي

### رويا

پيد 2:46 خدا **يعقوب** سان رات جي وقت **رويا** ۾ ڳالهايو
ير 15:25 بني اسرائيل جي خدا مون کي هڪ **رويا** ڏيکاري
حز 24:12 بني اسرائيل قوم ۾ ڪا بہ ڪوڙي **رويا** نہ ڏٺي ويندي
لو 22:1 هن مقدس جاءِ ۾ **رويا** ڏٺي آهي
رس 17:2 جوان توڙي پوڙها سچا خواب ۽ **روياءُن** ڏسندا
رس 9:18 هڪڙيءَ رات پولس **رويا** ڏٺي جنهن ۾ خداوند کيس چيو
مڪا 3:17 اهو ملائڪ مون کي **رويا** جي حالت ۾ بيابان ڏانهن وٺي

### ريڍار

پيد 2:4 هابيل **ريڍار** ۽ قابيل هاري بڻيو
2.سم 8:7 **ريڍار** مان ڦيرائي پنهنجي قوم بني اسرائيل مٿان حاڪم
زب 1:23 اي خداوند! تون منهنجو **ريڍار** آهين
زڪ 2:10 سو ماڻهو بنا **ريڍار** جي رڍن وانگر رلي ويا آهن
مت 36:9 هو ائين ڏکويل ۽ بيسهارا هئا جيئن رڍون **ريڍار** کان سواءِ
مر 27:14 خدا **ريڍار** کي ماريندو ۽ رڍون ٽڙي پکڙي وينديون
لو 8:2 ڪن **ريڍارن** رات جو ٻنين ۾ پنهنجن ڌڻن جي سنڀال پئي ڪئي
يو 11:10 آءٌ چڱو **ريڍار** آهيان ۽ چڱو **ريڍار** رڍن لاءِ

﴿ ز ﴾

### زال

پيد 24:2 ماءُپيءُ کي ڇڏي پنهنجيءَ **زال** سان گڏجي رهندو
پيد 18:8 نوح پنهنجيءَ **زال**، پنهنجن پٽن ۽ انهن جي زالن کي
شر 21:5 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ جي **زال** جي لالچ نہ ڪريو
1.ڪر 3:7 هر مڙس کي پنهنجيءَ **زال** جو حق ادا ڪرڻ گهرجي
اف 23:5 مڙس **زال** جو سرآهي، جهڙيءَ طرح مسيح ڪليسيا

### زڪرياه

عز 1:5 حجي نبي ۽ **زڪرياه** نبي جيڪو عدوءَ جي اولاد مان هو
زڪ 3:1 اي **زڪرياه**! تون بني اسرائيل کي مون قادرمطلق خداوند جو
زڪ 6:11 اي **زڪرياه**! مون انهيءَ ڪري تو کي اهو ڌڻ چارڻ لاءِ

### زيتون

پيد 11:8 ان جي چهنب ۾ هڪڙو **زيتون** جو تازو ڇنل پن هو
خر 20:27 روشني ڪرڻ لاءِ ڪُٽيل **زيتون** جو نج تيل تو وٽ آڻين
شر 11:6 انگورن جا باغ ۽ **زيتون** جا وڻ، جيڪي اوهان نہ پوکيا
حز 23:11 اپرندي پاسي واري **زيتون** نالي جبل ڏانهن هلي ويئي
مر 3:13 عيسيٰ جڏهن **زيتون** جي ٽڪر تي هيڪل جي سامهون ويٺو
يع 14:5 انهيءَ بيمار کي **زيتون** جو تيل مکي مٿس دعا گهرن

﴿ س ﴾

### ساره

پيد 21:17 هن مند ۾ **ساره** جيڪو پٽ اسحاق تو کي ڄڻي ڏيندي
پيد 2:20 پنهنجيءَ زال **ساره** لاءِ چيو تہ ”اها منهنجي ڀيڻ آهي.“
پيد 31:49 اتي ڏاڏي ابراهيم ۽ ڏاڏيءَ **ساره** کي دفنايو ويو
عبر 11:11 جيتوڻيڪ هو تمام پيرسن هو ۽ **ساره** بہ سنڍ هئي

### سبت

خر 23:16 خاص آرام جو ڏينهن يعني خداوند جو پاڪ **سبت** آهي
خر 15:31 **سبت** جي ڏينهن ڪو ڪم ڪندو، سو ضرور ماريو ويندو
لاو 6:25 زمين جي انهيءَ **سبت** واري سال جي پيداوار اوهان سڀني
ير 21:17 خبردار ٿيو، متان **سبت** جي ڏينهن ڪو بار کڻيو اَتوَ
مت 12:12 تنهنڪري **سبت** جي ڏينهن تي چڱو ڪم ڪرڻ جائز آهي
لو 5:6 ابن‌آدم تہ **سبت** جو بہ مالڪ آهي
ڪل 16:2 **سبت** جي ڏينهن جي رسمن بابت اوهان تي تهمت نہ هڻي
عبر 9:4 تنهنڪري خدا جي ماڻهن لاءِ **سبت** جو آرام باقي رهيل آهي

### سياڻو

ايو 17:5 اهو ماڻهو **سياڻو** آهي، جنهن کي خدا تنبيهہ ڪري ٿو
زب 1:32 بيشڪ اهي **سياڻا** آهن جن جو گناهہ معاف ڪيو ويو آهي
چوڻ 21:14 جيڪي غريبن تي رحم ٿا ڪن سي **سياڻا** آهن
مت 10:5 **سياڻا** آهن اهي جيڪي سچائيءَ جي ڪري ستايا وڃن ٿا
لو 23:7 **سياڻو** آهي اهو جنهن کي مون بابت ڪوبہ شڪ نہ آهي
يو 29:20 پر **سياڻا** آهن اهي جيڪي ڏسڻ کان سواءِ ئي ايمان ٿا آڻين
رو 8:4 **سياڻو** آهي اُهو، جنهن جا گناهہ خداوند حساب ۾ ڪين آڻيندو
مڪا 7:22 **سياڻو** آهي اهو جيڪو هن ڪتاب جي پيشنگوئين کي مڃي

## سجدو

پيد 3:17 ابرام جهڪي **سجدو** ڪيو ۽ خدا ساڻس همڪلام ٿي چيو
خر 8:32 هڪڙو پلتيل ڳابو ٺاهي انهيءَ کي **سجدو** ڪيو آهي
رهه 12:2 هنن انهن کي **سجدو** ڪري خداوند کي ڪاوڙايو
زب 4:66 ساري ڌرتي تو کي **سجدو** ڪندي ۽ تنهنجا گيت ڳائيندي
مت 2:2 اوڀر ۾ ڏٺو آهي ۽ اسين هن کي **سجدو** ڪرڻ لاءِ آيا آهيون
لو 8:4 تون رڳو خداوند پنهنجي خدا کي **سجدو** ڪر
مڪا 4:15 سڀيئي قومون اچي تنهنجي اڳيان **سجدو** ڪنديون

## سچ

پيد 19:18 اهي منهنجي فرمانبرداري ڪن ۽ حق **سچ** تي هلن
چوڻ 19:12 مگر **سچ** هميشه تائين قائم ٿو رهي
يو 21:3 جيڪو **سچ** تي هلي ٿو سو روشنيءَ ڏانهن اچي ٿو
يو 6:14 عيسيٰ کيس وراڻيو ته ”رستو، **سچ** ۽ زندگي آءٌ آهيان
اف 14:6 تہ پوءِ ثابت‌قدم رهو، **سچ** جو سندرو چيلهه سان ٻڌو

## سچار

پيد 9:6 نوح پنهنجي زماني ۾ اڪيلو ئي **سچار** هو
ايو 17:4 ڇا ڪو فاني انسان خدا آڏو **سچار** ٿي سگهي ٿو
زب 11:97 **سچار** ماڻهن جي مٿان خدا جو نور نازل ٿئي ٿو
يس 26:1 يروشلم کي **سچار** ۽ وفادار شهر ڪري سڏيو ويندو
رو 24:3 اهي عيسيٰ مسيح جي وسيلي خدا ڏانهن **سچار** بڻجن ٿا
2.پط 18:3 اوهان جي گناهن جي ڪري مئو يعني **سچار** گنهگارن لاءِ

## سچائي

شر 13:24 اوهان جي خدا جي آڏو اوهان جي **سچائي** ليکي ويندي
زب 19:71 اي خدا! تنهنجي **سچائي** آسمان کان بہ بلند آهي
چوڻ 3:21 **سچائي** ۽ انصاف خداوند جي نظر ۾ قربانين کان وڌيڪ
يو 17:1 پر فضل ۽ **سچائي** عيسيٰ مسيح جي معرفت مليا
1.يو 10:3 جيڪو **سچائي** نہ ٿو ڪري سو خدا جو ٻار نہ آهي

## سدوم ۽ عموراه

پيد 10:13 خداوند جي **سدوم ۽ عموراه** کي برباد ڪرڻ کان اڳ
پيد 20:18 **سدوم ۽ عموراه** جي گناهن جي دانهن وڏي ويئي آهي
پيد 24:19 خداوند **سدوم ۽ عموراه** تي آسمان مان گندرف جي باهه
يس 9:1 جيڪر يروشلم بہ **سدوم ۽ عموراه** شهرن جيان برباد ٿي وڃي
2.پط 6:2 خدا **سدوم ۽ عموراه** جي شهرن کي بربادي‌ءَ جي سزا

## سردار ڪاهن

لاو 3:4 جيڪڏهن **سردار ڪاهن** ڪو اهڙو گناهه ڪري وجهي
لاو 32:16 پيءُ جي جاءِ تي **سردار ڪاهن** ٿيڻ لاءِ مخصوص ڪيو
مر 53:14 عيسيٰ کي وڏي **سردار ڪاهن** جي گهر وٺي آيا
عبر 14:4 وڏو **سردار ڪاهن** آهي، يعني خدا جو فرزند عيسيٰ
عبر 25:9 **سردار ڪاهن** هر سال مقدس ترين جاءِ ۾ پنهنجو نہ پر ٻئي

## سزا

پيد 15:4 ڪوبہ تو کي ماريندو تہ انهيءَ کي ستوڻي **سزا** ملندي
خر 20:3 جيڪي آءٌ ڪندس مصر ملڪ کي **سزا** ڏيندس
ڳا 18:14 ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي **سزا** آءٌ انهن جي اولاد کي
چوڻ 4:11 خدا جي **سزا** کان دولت نہ بچائي سگهندي
رو 19:12 وير وٺڻ منهنجو ڪم آهي ۽ آءٌ ئي **سزا** ڏيندس
عبر 4:13 خدا زناڪارن ۽ حرامڪارن کي **سزا** ڏيندو

## سڪيلڌو

پيد 2:22 تون پنهنجو پٽ يعني پنهنجو **سڪيلڌو** پٽ اسحاق
لو 38:9 منهنجي پٽ کي هلي ڏسو، ڇوتہ اهو منهنجو **سڪيلڌو** آهي
لو 13:23 پنهنجو **سڪيلڌو** پٽ ٿو موڪليان، شايد اهي هن جي عزت

## سڳورو

2.سم 29:7 تنهنجي ٻانهي جو گهراڻو هميشہ لاءِ **سڳورو** رهندو
زب 8:66 اي قومون! اسان جي خدا کي **سڳورو** چئو
زب 48:106 بني اسرائيل جو خدا، ازل کان ابد تائين **سڳورو** هجي
مر 61:14 ڇا تون مسيح، **سڳوري** خدا جو فرزند آهين؟
1.تم 11:1 اها تعليم، **سڳوري** خدا جي جلال جي خوشخبريءَ موجب

## سلامتي

لاو 6:26 آءٌ اوهان کي اوهان جي ملڪ ۾ **سلامتي** بخشيندس
1.توا 9:22 بني اسرائيل کي امن ۽ **سلامتي** ڏيندس
يس 7:45 آءٌ ئي **سلامتي** ڏيندڙ ۽ مصيبت اٽيندڙ آهيان
زڪ 17:1 آءٌ ٻيهر صيئون کي امن وَ **سلامتي** عطا ڪندس
لو 79:1 اسان لاءِ **سلامتيءَ** واري رستي جي رهنمائي ڪندي
يع 16:2 ڪو کيس چوي تہ ”**سلامتيءَ** سان وڃ، گرم ۽ ڍاول رهہ،“
1.تم 2:1 عيسيٰ مسيح جي طرفان فضل، رحم ۽ **سلامتي** هجي
يهو 2:1 شل اوهان تي رحم، **سلامتي** ۽ پيار جهجهي انداز ۾ هجي

## سليمان

2.سم 24:12 کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو هن **سليمان** رکيو
1.با 39:1 تيل ڪٽي **سليمان** کي بادشاهه ٿيڻ لاءِ مسح ڪيائين
1.با 1:9 بادشاهه **سليمان** هيڪل ۽ شاهي محل جوڙائي پورو ڪيو
2.توا 1:9 شبا جي راڻيءَ بادشاهه **سليمان** جي ڏاهپ جي هاڪ ٻڌي
مت 42:12 هتي هڪڙو اهڙو آهي جو **سليمان** کان بہ وڏو آهي

رس 47:7 خدا جي گهر جي اڏاوت دائود جي پٽ **سليمان** جي هٿان

## سمنڊ

پيد 10:1 پاڻي جيڪو گڏ ٿيو هو تنهن جو نالو ”**سمنڊ**“ رکيائين
ڳا 5:34 برساتي نهر کان ٿيندي پونوچ **سمنڊ** تي وڃي پوري ٿيندي
يش 16:3 کاري **سمنڊ** ڏانهن وهندڙ پاڻي ڇڇي ڏار تي پيو
زب 15:136 هن فرعون کي لشڪر سوڌو ڳاڙهي **سمنڊ** ۾ غرق ڪري
رو 27:9 **سمنڊ** جي ڪناري جي واريءَ جي ذرڙن جيترو هوندو
مڪا 8:8 باهه سان ٻرندڙ هڪڙو وڏو جبل **سمنڊ** ۾ اڇلايو ويو

## سيڪارڻ

لاو 11:10 اهي سڀ قانون **سيڪاريو** جيڪي مون موسيٰ جي معرفت
شر 9:4 اوهين اهي پنهنجن ٻارن ۽ ٻارن جي ٻارن کي به **سيڪاري**
ايو 23:36 ڪير آهي جيڪو خدا کي **سيڪاري** سگهي
زب 29:119 ٻاجهه سان مون کي پنهنجي شريعت تي هلڻ **سيڪار**
چوڻ 15:29 مار ڏيڻ ۽ چينبڻ ٻارن کي ڏاهپ ٿو **سيڪاري**
مت 19:4 آءٌ اوهان کي مڇين بدران ماڻهو هٿ ڪرڻ **سيڪاريان**
لو 1:11 يحيٰ پنهنجي شاگردن کي دعا **سيڪاري** هئي، تهڙيءَ طرح
1.ڪر 13:2 اهي ڳالهيون ماڻهن جي ڏاهپ جي **سيڪاريل** لفظن ۾ نه
ڪل 28:1 ڏاهپ سان هر ڪنهن کي نصيحت ڪريون ۽ **سيڪاريون** ٿا

## سينا جبل

خر 1:3 پرئين پاسي خدا جي **جبل سينا** وٽ اچي پهتو
خر 18:31 خداوند **سينا جبل** تي موسيٰ سان ڳالهائي بس ڪئي
شر 15:4 خداوند **سينا جبل** تي باهه جي وچ مان اوهان سان ڳالهايو
رس 30:7 ملائڪ **سينا جبل** جي ويجهو بيابان ۾ ڏيکاري ڏني
گل 25:4 اها هاجره عربستان جي **سينا جبل** جي مثل آهي

﴾ ش ﴿

## شادي

پيد 20:25 جڏهن اسحاق ربقه سان **شادي** ڪئي تڏهن سندس عمر
لاو 7:21 ڪاهن ڪنهن اهڙيءَ عورت سان **شادي** نه ڪري جيڪا
حز 22:44 بني اسرائيل جي نسل مان ڪنوارين ڇوڪرين سان **شادي**
مت 20:1 پنهنجي مڱينديءَ مريم سان **شادي** ڪرڻ کان نه گهٻراءِ
مت 9:19 ڪنهن ٻيءَ عورت سان **شادي** ٿو ڪري، ته ڇڻ زنا ڪيائين
مت 11:22 اهڙو ماڻهو ڏٺو جنهن کي **شاديءَ** جا ڪپڙا پيل ڪين هئا
مر 23:12 ڪنهن جي زال ٿيندي، ڇالاءِ جو ستن ئي هن سان **شادي**
لو 36:12 جڏهن سندن مالڪ **شاديءَ** جي دعوت تان موٽي اچي در
لو 8:14 تو کي **شاديءَ** جي دعوت ڏئي ته مٿاهينءَ جاءِ تي نه ويهه
يو 1:2 قانا ۾ ڪا **شادي** هئي ۽ عيسيٰ جي ماءُ به اتي آيل هئي
1.ڪر 28:7 جيڪڏهن تون **شادي** ڪندين ته ڪو ڏوهه ڪونه ڪندين
عبر 4:13 سڀني ماڻهن جي نظر ۾ **شادي** عزت جي ڳالهه هئڻ کپي
مڪا 7:19 ڇالاءِ جو گهيٽي جي **شاديءَ** جو ڏينهن اچي پهتو آهي

## شاگرد

مت 14:9 يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جا **شاگرد** آيا
مت 24:10 **شاگرد** پنهنجي استاد کان مٿي نه هوندو آهي
مت 2:12 اوهان جا **شاگرد** اهو ڪم ڪن ٿا جيڪو سبت جي
مت 17:20 پنهنجي ٻارهن **شاگردن** کي هڪ پاسي نويڪلائيءَ ۾
مر 10:4 سندس پوئلڳن ۽ ٻارهن **شاگردن** گڏجي مثالن بابت
لو 37:9 عيسيٰ پنهنجي ٽنهي **شاگردن** سان گڏ جبل تان لٿو

## شان

خر 9:10 اسان کي خداوند جي **شان** ۾ عيد ملهائڻي آهي
1.با 13:21 نابوت خدا ۽ بادشاهه جي **شان** ۾ گستاخي ڪئي آهي
زب 7:62 منهنجو **شان** وَ شوڪت خدا جي طرفان ئي آهي
لو 38:19 عرش عظيم تي **شان** وارو خدا آهي
رو 10:2 چڱا ڪم ڪن ٿا تن کي خدا **شان**، عزت ۽ سلامتي ڏيندو

## شاهه‌بلوط

پيد 4:35 يعقوب اهي سڀ **شاهه‌بلوط** جي وڻ هيٺ پوري ڇڏيا
رهه 6:9 سڪم ۾ **شاهه‌بلوط** وڻ جي پر واري مذهبي ٿنڀي وٽ
2.سم 9:18 ابي‌سلوم جو مٿو **شاهه‌بلوط** ۾ ڦاسي پيو
يس 29:1 اوهان **شاهه‌بلوط** وڻن کي خوشيءَ سان پئي پوڄيو آهي
زڪ 2:11 اي بسن وارا **شاهه‌بلوط** جا وڻ! تون به واءِويلا ڪر

## شراب

چوڻ 1:20 **شراب** يا مئي جي زيادتي طعنن جو سبب بڻجي ٿي
ير 39:51 سزا جو **شراب** پيئاري پيئاري ڪين مست ڪندس
يوا 3:3 **شراب** خوريءَ جي عيوض وڪڻي ڇڏيو آهي
لو 15:1 هو نه مئي پيئندو ۽ نڪو **شراب** واپرائيندو

## شريعت

خر 12:24 انهن تختين تي اها **شريعت** ۽ اُهي حڪم لکيا اٿم
شر 29:29 اسين هن **شريعت** جي سڀني ڳالهين تي عمل ڪريون
زب 129:119 خداوند! تنهنجي **شريعت** ڪيڏي نه عظيم ترين آهي
دان 11:9 بني اسرائيل وارن تنهنجي **شريعت** جي حد پڳي آهي
مت 18:5 **شريعت** جو هڪڙو اکر يا ان جو ڪو نقطو به منسوخ نه ٿيندو
مت 35:22 هڪڙي **شريعت** جي عالم عيسيٰ کي ڦاسائڻ جي ڪوشش
رو 15:6 اسين **شريعت** جي نه پر خدا جي فضل جي تابع آهيون
گل 13:3 مسيح اسان کي خريد ڪري **شريعت** جي لعنت کان ڇڏايو

**شفقت**

پيد 27:24 مالڪ تان پنهنجي لافاني **شفقت** ۽ وفا ڪين هٽائي
نحم 5:1 پنهنجو عهد قائم رکندي ساڻن لافاني **شفقت** ٿو ڪرين
زب 5:33 ساري ڌرتي خداوند جي لافاني **شفقت** سان ڀرپور آهي
يوا 13:2 هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ **شفقت** ڪرڻ ۾ تکڙو آهي
ميڪ 20:7 وفا ۽ دائمي **شفقت** جو واعدو فرمايو هو

**شڪر**

يش 33:22 بني اسرائيل مطمئن ٿيا ۽ خدا جو **شڪر** ڪيائون
1.توا 8:16 اوهين خداوند جو **شڪر** ڪريو ۽ سندس نالو پڪاريو
زب 19:118 هيڪل ۾ داخل ٿي آءٌ خداوند جو **شڪر** ادا ڪريان
مت 26:26 عيسيٰ ماني کڻي **شڪر** ڪري ڀڃي ۽ شاگردن کي ڏيئي
يو 11:6 عيسيٰ مانيون کڻي خدا جو **شڪر** ادا ڪيو ۽ ويٺل ماڻهن ۾
2.ڪر 14:2 خدا جو **شڪر** آهي، جيڪو اسان کي مسيح سان گڏجي

**شڪرگذار**

يو 41:11 اي بابا! آءٌ تنهنجو **شڪرگذار** آهيان جو تو منهنجي ٻڌي آهي
رو 21:1 نڪي سندس **شڪرگذار** ڪيائون، بلڪ پنهنجن اجاين خيالن
ڪل 15:3 دلين تي حڪومت ڪري ۽ اوهين **شڪرگذار** رهو

**شڪرگذاري**

2.توا 6:7 انهيءَ مهل ساز وڄائي دائود جو **شڪرگذاريءَ** وارو هي
ير 3:7 منهن ڀر سجدو ڪيو ۽ خداوند جي **شڪرگذاري** ادا ڪندي
ير 26:17 اناج جون قربانيون، **شڪرگذاريءَ** جون قربانيون ۽ لوبان
ير 19:30 ماڻهو **شڪرگذاري** ڪندا ۽ خوشيون ملهائيندا
2.ڪر 11:9 جيڪا اسان جي معرفت خدا جي **شڪرگذاريءَ** جو سبب
اف 4:5 نالائقيءَ جهڙيون ڳالهيون آهن، پر اٿلندو **شڪرگذاري** ڪرڻ
فل 6:4 عرض، دعا ۽ منٿ جي وسيلي **شڪرگذاري** ڪرڻ
1.تس 18:5 هر حالت ۾ **شڪرگذاري** ڪريو، ڇالاءِ جو عيسيٰ
1.تم 2:1 منٿون، دعائون، گذارشون ۽ **شڪرگذارين** سيني ماڻهن لاءِ
مڪا 9:4 انهيءَ جي **تعظيم**، عزت ۽ **شڪرگذاريءَ** جا گيت ڳائين ٿا

**شيطان**

1.توا 1:21 **شيطان** بني اسرائيل جي خلاف ڪڙو ٿي دائود جي دل ۾
ايو 2:1 **شيطان** به ساڻن گڏجي خداوند آڏو اچي حاضر ٿيو
مت 5:4 پوءِ **شيطان** عيسيٰ کي پاڪ شهر يروشلم ۾ وٺي ويو
يو 2:13 يهوداه اسڪريوتيءَ جي دل ۾ **شيطان** اها ڳالهه وجهي ڇڏي
1.پط 8:5 اوهان جو دشمن **شيطان** گجندڙ شينهن وانگر
1.يو 8:3 جيڪو گناهه ڪري ٿو سو **شيطان** مان آهي
مڪا 2:20 يعني قديمي نانگ جنهن جا نالا **شيطان** ۽ ابليس آهن

﴿ ص ﴾

**صبر**

زب 1:40 مون **صبر** ڪندي خداوند تي پنهنجي آس رکي
چوڻ 29:14 **صبر** وارو انسان نهايت عقلمند ٿئي ٿو
رو 12:12 مصيبت ۾ **صبر** ڪريو ۽ دعا گهرڻ ۾ هميشه مشغول رهو
1.ڪر 4:13 محبت **صبر** ڪرڻ واري ۽ مهربان آهي
گل 22:5 پاڪ روح جو ڦل آهي پيار، خوشي، اطمينان، **صبر**، مهرباني
2.تس 5:3 اوهين خدا جي محبت ۽ مسيح جو **صبر** حاصل ڪريو
يع 11:5 **صبر** ڪرڻ وارن کي سڀاڳو ٿا سڏيون. اوهان ايوب جي **صبر**
1.پط 20:3 نوح جي زماني ۾ خدا **صبر** ڪري انتظار ٿي ڪيو
2.پط 6:1 پرهيزگاريءَ سان **صبر** ۽ **صبر** سان دينداريءَ
مڪا 9:1 عيسيٰ جي مصيبت، بادشاهت ۽ **صبر** ۾ اوهان سان شريڪ

**صحيفا**

رس 42:7 ستارن جي پوڄا ڪن، جيئن نبين جي **صحيفن** ۾ هڪڙي هنڌ
رو 25:9 جيئن خدا هوسيع نبيءَ جي **صحيفي** ۾ فرمائي ٿو ته

**صدوقي**

مت 3:7 ڪيئي فريسي ۽ **صدوقي** بپتسما وٺڻ لاءِ اچي
مت 1:16 فريسي ۽ **صدوقي** آيا. ڪيس آزمائڻ لاءِ چيائون
لو 27:20 **صدوقي**، جن جو عقيدو آهي ته موت کان پوءِ ماڻهو
رس 7:23 اهي لفظ چيا ته فريسي ۽ **صدوقي** پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ

**صلح**

ڳا 12:25 آءٌ ساڻس پنهنجو **صلح** جو عهد ٿو ڪريان
2.سم 19:20 ساري بني اسرائيل ۾ **صلح** پسند ۽ ديانتدار آهيون
زب 14:34 اوهين **صلح** جا طالبو ٿيو
وا 8:3 جنگ ڪرڻ جو وقت هجي توڙي **صلح** ڪرڻ جو
مت 9:5 سڀاڳا آهن اهي جيڪي ماڻهن ۾ **صلح** ڪرائين ٿا
لو 51:12 اوهان کي ٻڌايان ٿو ته **صلح** نه پر جدائي ڪرائڻ لاءِ آيو
2.تم 22:2 گڏجي سچائي، ايمان، محبت ۽ **صلح** جو طلبگار ٿيءُ

**صليب**

مت 38:10 جيڪو پنهنجو **صليب** کڻي منهنجي پٺيان نه ٿو هلي
مت 24:16 خوديءَ کي ماري ۽ پنهنجو **صليب** کڻي منهنجي پٺيان
مر 21:15 هنن زور ڀريو ته هو عيسيٰ جو **صليب** کڻي هلي
مر 27:15 ٻه ٻيا به ماڻهو **صليب** تي چاڙهيا جيڪي ڌاڙيل
لو 7:24 گنهگارن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ **صليب** تي چاڙهيو وڃي
يو 19:19 پلاطس هڪ سرنامو لکائي **صليب** تي هٽائي ڇڏيو

رس 23:2 گنهگار ماڻهن جي هٿان **صليب** تي چاڙهي ڪوڪا هڻائي
1.ڪر 17:1 متان مسيح جو **صليب** تي چڙهي جان ڏيڻ بي‌اثر ٿئي
گل 20:2 آءٌ مسيح سان گڏ **صليب** تي چاڙهيو ويو آهيان
اف 16:2 مسيح پنهنجي **صليبي** موت جي وسيلي انهن جي دشمني
فل 18:3 اهي پنهنجي هلت چلت سان مسيح جي **صليب** جا دشمن آهن
ڪل 1:20 خدا چاهيو ٿي ته مسيح جي **صليبي** تي وهايل رت

## صور

1.با 11:9 **صور** جي بادشاهه حيرام سليمان کي ديال ۽ صنوبر
1.توا 30:8 سندس پيا پٽ هي هئا: **صور**، قيس، بعل، ندب
حز 18:26 هاڻي اهو شهر **صور** تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي
لو 14:10 آخرت جي ڏينهن **صور** ۽ صيدا ڪان وڌيڪ اوهين پوڳيندا
1.ڪر 52:15 اک چنڀ ۾، آخري **صور** جي ڦوڪڻ سان ئي

## صيئون

زب 6:2 پنهنجي پاڪ جبل **صيئون** تي، پنهنجو ئي بادشاهه مقرر
يس 3:4 **صيئون** جبل جي شهر يروشلم ۾ خداوند جن ماڻهن کي
زار 4:2 هن سچي پياري **صيئون** کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو
رو 26:11 **صيئون** مان ڇوٽڪارو ڏيندڙ ايندو
عبر 22:12 **صيئون** جبل تي زنده خدا جي شهر، يعني آسماني يروشلم

﴿ ط ﴾

## طلاق

لاو 7:21 بي‌عزت ٿي هجي يا جنهن کي **طلاق** ڏني ويئي هجي
مر 2:10 ماڻهوءَ کي پنهنجي زال کي **طلاق** ڏيڻ جائز آهي يا نه؟
مر 11:10 جيڪو ماڻهو پنهنجي زال کي **طلاق** ڏيئي ٻي زال پرڻجي
1.ڪر 11:7 پرچي وڃي ۽ مڙس به پنهنجي زال کي **طلاق** نه ڏئي
